هيٽن هٿان ڏاڍن کي شڪست

(جنگ جي نظريي ۽ عمل جو جائزو)

جاويد راڇپر



روشني

هيٽن هٿان ڏاڍن کي شڪست

(جنگ جي نظريي ۽ عمل جو جائزو)

جاويد راڄپر

روشني پبليڪيشن
ڪنڊيارو
2012ع

Roshni Book No. 575

ڪتاب جو نالو: هيٺن هٿان ڏاڍن کي شڪست

ليکڪ: جاويد راڄپر

ڇاپو ڦهريون: © روشني 2012ع

ڪمپوزنگ: رفيق حسين ڪولاچي

روشني ڪمپوزرس، حيدرآباد

ڇپيندڙ: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد

ڇپرائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو سنڌ

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

قيمت: -/250 رپيا

HEENAN HATHAN DADHAN KHY SHIKAST

by: **Jawed Rajper**

Composed by: Rafique Hussain Kolachi
Roshni Composers & Printers Hyder Chowk, Hyderabad
Printed: Fine Communication, Hyderabad, Sindh.
Published by: Roshni Publication, Kandiaro
Fist Edition © Roshni 2012

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

استاڪست

شاهه لطيف ڪتاب گهر، گاڏي ڪاتي حيدرآباد. پتائي بوڪ هائوس اوريئنٽ سينٽر حيدرآباد
ڪائياواڙ اسٽوں اردو بازار ڪراچي. حسين عامر نيوز ايجنسي مين بس اسٽاپ، سجاول.
رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو + رهبر بڪ اڪيڈمي، رابعه سينٽر، لاڙڪاڻو
مدني بڪ ڊپو لاڙڪاڻو + نيشنل بوڪ ڊپو بندر روڊ، لاڙڪاڻو + نوراني بوڪ ڊپو بندر روڊ، لاڙڪاڻو
اشرف بوڪ اسٽال مسجد روڊ، نوابشاهه. سڪندري بوڪ ڊپو ڪپرو + حافظ ڪتب خاني ڪپرو
المهراڻ ادبي ڪتاب گهر، سانگهڙ. المزيز ڪتاب گهر، عمرڪوٽ + ٽر ڪتاب گهر عمرڪوٽ
سليم نيوز ايجنسي، نيو بس اسٽينڊ، دادو + جنيد بوڪ ڊپو دادو
مرچو لال بوڪ ڊپو بدين + رحيم بوڪ ڊپو بدين + سوڃهرو ڪتاب گهر، بدين. ٽر ڪتاب گهر، ميٽي
ڪتاب مرڪز فريئر روڊ، سکر + عزيز ڪتاب گهر، بشراج روڊ سکر + الفتح نيوز ايجنسي مهراڻ مرڪز سکر
گل ڪتاب گهر، لک در، شڪارپور. تهذيب نيوز ايجنسي، خيرپور ميرس + نيشنل بڪ [illegible] پنج گلو چوڪ، خيرپور ميرس
مڪتبه عزيزيه ڪهڙا + سچل ڪتاب گهر، درازا قاسميه لائبريري، استان روڊ ڪنڊيارو.

ارپنا

انهن گمنام هيروز جي نالي
جن سمجهه ۽ سورهيائيءَ سان،
پاڻ جهڙن ٻين مظلومن،
پنهنجن وطنن،
امن، برابري ۽ آزاديءَ لاءِ
دشمنن سان مقابلا ڪيا.

بهترين جنگ اُها آهي جيڪا ڪڏهن به نه وڙهي وئي هجي.
ٻين بهترين اُها آهي جنهن کي ٽاريو ويو هجي.
ٽين اها آهي جيڪا بغير خونريزي جي کٽي وڃي

ع

خراب جنگ اُها آهي جنهن ۾ گِرو نقصان ٿيو هجي
بدترين اُها آهي جيڪا هر پيري وري ورجائي وئي هجي.

"سڀني لڙائين ۾ (دشمن سان) وڙهڻ ۽ فتح ڪرڻ
وڏي ۽ اعليٰ فضيلت ناهي،
پر دشمن جي مزاحمت کي، وڙهڻ کانسواءِ، ٽوڙڻ اعليٰ
فضيلت آهي."

سن زو

"هڪ مظلوم طبقو، جيڪڏهن هٿيار حاصل ڪرڻ ۽ مسلح ٿيڻ جي سکيا
ونڊ لاءِ ڪوشش نه ٿو ڪري، تہ ان سان غلامن جهڙو ورتاءُ ٿيڻ واجبي
هوندو."

لينن

فهرست

		صفحو نمبر
مهاڳ	راشد دائودپوٽو	07
تعارف	جاويد راڇپر	11
جنگ جو علم ڇو پڙهجي؟	.....	15
جنگ جو مقصد	.....	25
جنگي سائنس ۽ فن ۽ واڌارا		
يوريشيا: جنگ جو ميدان	.....	34
ايشيا: چين: سن زو ۽ "جنگ جو فن"	.....	39
هندستان: چندرگپتا، چانڪيا ۽ ارٿ شاسترا	.....	47
عربستان: عظيم جنرل محمد (صلعم)	.....	56
منگول ۽ ترڪ: ايوبي، چنگيز ۽ سبوتائي	.....	69
عثمانيہ سلطنت	.....	75
يورپ		
يونان، اسپارٽا ۽ سڪندر	.....	79
روم ۽ ڪارٿيج	.....	87
هيني بال، سپيو آفريڪانس ۽ جوليس سيزر	.....	88
جنگي نظريدان ۽ تاريخ نويس	.....	100
نئين سجاڳي، ميڪياولي، گستاوس ادولفس	.....	104
صنعت ۽ جنگ	.....	113
فرينچ انقلاب ۽ نيپولين بوناپارٽ	.....	114
هينري جومني ۽ ڪلازيوٽز	.....	127
مارڪس ۽ جنرل اينگلس	.....	138

ويهين صدي

پهرين عالمي جنگ 145

روسي آڪٽوبر انقلاب ۽ لينن 148

جي ايف سي فلر، لڊل هارٽ، هينز گدرين 157

بي عالمي جنگ ۽ حڪمت عمليون 166

جديد ايشيا ۾ جنگ جوفن 189

جاپان، "زرد پولڙا" ۽ خودڪش حملي آور 190

چين ۽ مائوزيتنگ 194

جنرل جياپ، ويت ڪانگ ۽ "سرنگهن وارا ڪُٽا" 204

سرد جنگ ۽ جنگ جو مستقبل 210

جنگ جي سائنس ۽ هٿيارن جي ٽيڪنالوجي 219

ڪمزورن هٿان طاقتورن کي شڪستون 231

مهاڳ

جنگ ۽ ويڑھ جي عمل کي انسان پنهنجي ارتقا واري شروعاتي ترقي واري دور کان کٽي آيو آهي، ويڑھ جو عمل زندگيءَ جي جانورن واري ڏاکي تي چٽو ملي ٿو. هڪ جاندار جو پنهنجي جسماني گهرجن کي پورو ڪرڻ لاءِ ٻي جاندار جو شڪار ڪرڻ يا ٻين حملي آورن کان بچڻ لاءِ رنگ مٽائڻ، ڪڏن ۾ لڪي وڃڻ، ڏَٽُ هٽڻ ۽ گوهي ڏئي وڃڻ، مختلف آواز ڪڍڻ ۽ طرحين طرحين جو اٽڪلون ڪرڻ سڀ ويڑھ جو حصو رهيون آهن.

انسان جو ابتدائي دور ته مسلسل حالتِ جنگ جو دور هو، انسان ماحول سان، خون خوار جانورن سان ۽ ٻين قبيلن سان مسلسل جنگ ۾ مصروف رهيو آهي. جيڪڏهن ڪجهه ڏينهن جو اناج ڪنهن قبيلي ذخيرو ڪيو، يا ڪجهه پالتو جانور گڏ ڪيا، ته ٻيا مفت خور قبيلا انهن تي نظر رکيو وينا هوندا هئا، اوچتو حملو ڪري، انهن جو سڀ ڪجهه کٽي ويندا هئا، جيڪڏهن مزاحمت ٿِي ٿي، ته ڦورو قبيلي ٻي قبيلي جا سڀ فرد ئي قتل ٿي ڪري ڇڏيا. انسان کي رڳو ماحول، خونخوار جانورن مان خطرو نه هو، پر سڀ کان وڌيڪ ته ڪيس پاڻ جهڙن ٻين انسانن مان ئي خطرو هو. ڪجهه اناج جو ذخيرو، ڪجهه پالتو جانورن ۾ اضافو پنهنجي پاڻ سان گڏ خطري جا گهِنڊَ کٽي ٿي آيو، ۽ ڦورو قبيلا مرڻ مارڻ لاءِ تيار.

اڄتي هلي ڪجهه قبيلا ته مڪمل ڦورو ٿي پيا، جن جو ڏنڏو ئي ٻين جي مال تي قبضو، ڦرلٽ، ماراماري ڪرڻ هو. اهو سڀ ڪجهه انهن جي روز جو معمول هو. ان سڃي صورتحال ۾ ويڑھ جي اهميت سڀ کان اهر هئي. پنهنجي تحفظ لاءِ، پنهنجي قبيلي جي حفاظت لاءِ ضروري ٿي پيو، ته ٻي جا سر قلم ڪرڻ لاءِ هميشه تيار رهجي.

انسان جي ٿي هزار سالن جي تاريخ کي پڙهي ڏسبو ته اها فقط هڪڙن علائقن جي ٻين علائقن مٿان حملن، لڙاين، جنگين سان ڀري پئي آهي، نه جاڻ ڪيترا دفعا هن ڌرتيءَ کي رت سان وهنجاريو ويو آهي. هن ڌرتي جي چپي چپي تي رت وهايل

آهي. ڪانوي ڊبليو هينبرسن پنهنجي ڪتاب "عالمي قانون جي جاڙ" ۾ لکي ٿو، ته هيستائين قومن جي وچ ۾ ساڍا چوڏانهن هزار جنگيون وڙهيون ويون آهن.
ڪجهه عمل اهڙا آهن، جن جي ٿيڻ يا نه ٿيڻ جو گهٽو تڻو دارومدار ماڻهو، قبيلي، قوم ۽ سماج جي ذاتي خواهش، شوق، ارادي يا فيصلي تي ٿئي ٿو. پر جنگ انهن عملن مان هڪ آهي، جنهن جو دارومدار نه فقط پاڙ پر سامهون واري جي مفاد، خواهش، ارادي يا فيصلي تي ٿيئي ٿو. جڏهن ته صلاحيت ان ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي.
مثال طور ڇا فلسطين جي ماڻهن جي خواهش هئي ته سندن مٽان جنگ مڙهي وجي؟ ڇا عراق ۽ افغانستان جي عوام جنگ جي گهر ڪئي هئي؟ ڇا آفريڪا جي ٻنهي ڪنڊن جي اڌ ڪان وڌيڪ حصي خواهش ظاهر ڪئي هئي، ته سندن سماج کي ايترو پوئتي موٽايو وجي، جو هڪ قبيلو ٻي قبيلي جي ماڻهن جا جسم گولين، راڪيٽن ۽ ٻين جديد هٿيارن سان پروڙ ڪرڻ لاءِ تيار هجي؟ سڌ جيڪا پنهنجي مزاج ۾ امن پسند آهي، ڇا ان جي ڪڏهن خواهش هئي ته سندس وجود کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪيون وجن، ڪين اقليت ۾ تبديل ڪيو وجي، سندس وسيلن تي قبضو ڪيو وجي. سندس اتر ۾ قبيلائي ۽ ذاتي جهيڙا ڪرايا وجن، ۽ ڏکڻ ۾ موجود گادي جي هنڌ کي دهشتگردن جي حوالي ڪيو وجي؟
جنگ جنهن جودارومدار ذات جي بجاءِ دشمن جي خواهش تي آهي؛ جنگ جنهن تاريخ ۾ انسان ذات تي تمام هاڃيڪار اثر وڌا آهن، جنگ جنهن ترقي يافته قومن ۽ علائقن کي پوئتي ڌڪي ڇڏيو، ان اهم معاملي کي انسانذات فقط بادشاهن، حڪمرانن ۽ جرنيلن جي رحم ڪرم تي ڇڏي ڏنو آهي. انسانذات جي تمام وڏي گهٽائي جنگ جي الف بي کان به واقف نه آهي. ان ڪڏهن به جنگ کي هڪ علم جي حيثيت نه ڏني آهي. جنگ کي عام ماڻهو پڙهي به سگهي ٿو، اها سوچ به عجيب ڳالهه لڳي ٿي. ٻي طرف رڳو امن جي گهر ڪرڻ تي زور لڳايو وجي ٿو. پر ساحر لڌيانوي امن جي گهر کي بهتر انداز ۾ پيش ڪيو آهي.

هر امن چاهتي هين مگر ظلم کي خلاف.
گر جنگ لازمي هي تو پهر جنگ هي سهي.

فطرت جو بنيادي قانون "ابتڙن جي وچ ۾ ڇڪتاڻ ۽ ايڪو" آهي؛ اهو عمل هر هنڌ ۽ هر جاءَ جاري آهي، هميشہ نئين ۽ پراڻي جي وچ جي وچ ۾ ٽڪراءَ آهي، هميشہ سست ۽ تيز جي وچ ۾ ٽڪراءَ آهي، نئين ۽ پراڻي جي ويڑھ هميشہ صحت مند ۽ ديرپا کي ڪاميابي ڏياري ٿي. اها ڇڪتاڻ/ويڑھ/جنگ فطرت، سماج ۽ انسان ۾ جاري آهي. جيڪي قومون فطرت جي ان قانون "ابتڙن جي وچ ۾ ڇڪتاڻ ۽ ايڪو" تي عمل ڪندڙ هونديون، اهي بهتر انداز سان پنهنجو وجود بچائي سگهنديون ۽ ترقي ڪري سگهنديون.

اسان عام طرح چوندا آهيون تہ ويڑھ ڪجي تہ سڌي، مڙس مري پر ڳالھہ نہ مري. پڇڙ ڪر وريام جو، شال مَ وجي شان وغيره پر جڏهن جنگ جي موضوع کي پڙهجي ٿو تہ خبر پوي ٿي تہ انسان جي تمام آڳاٽي وقت ۾ سڌي ويڑھ کي سازش شڪست ڏئي ڇڏي. اڄ جي جنگ جا اهم اوزار آهن، سازشون، حرفتون، انڪلون، دوکا ۽ فريب.

جنگ ۾ ڪڏهن فقط ويڑھو، بهادر جوان شامل هوندا هئا، پوءِ انهن جي جاءَ قبيلن ورتي، جڏهن رياست وجود ۾ آئي، تہ قبيلن جي جاءَ رياست ورتي. ۽ هڪ ڏاڪي تي مالِ غنميت تي پلجندڙ هڪ فوج جنم ورتو، جنهن هڪ ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ تائين ڪاهون ڪيون ۽ فتحون حاصل ڪيون. اها مال غنيمت تي پلجندڙ مان ڦري تاريخ جي هڪ موڙ تي پگهاردار فوج ۾ تبديل ٿي ويئي. ابتدائي جنگ ۾ استعمال ٿيندڙ اوزارن لٺن، ڪهاڑين، پالن، تير ڪمانين ۽ نيزن جي جاءَ ترقي ڪري اڄ رائفلن، راڪيٽن، جهازن، فضائي خودڪار ميزائيلن، ائٽمي ۽ ڪيميائي هٿيارن، خلائي هٿيارن، لهرياتي هٿيارن ورتي آهي. ڪڏهن جنگ فقط زمين جي وڏن ميدانن ۽ قعلن تي ٿيندي هئي، اڄ انهن جو ميدان نفسيات، خلا، موسمون، ماحوليات ۽ نہ ڄاڻ ڇا ڇا آهي. تنهن ڪري ئي تہ آئنسٽائين چيو، تہ "مونکي خبر نہ آهي تہ ٽين عالمي جنگ ڇا سان وڙهي ويندي پر مونکي خبر آهي تہ چوٿين عالمي جنگ لٺين ۽ پٿرن سان وڙهي ويندي."

جنگ جهڙو اهم مسئلو حڪمرانن جي ڪوششن ۽ بندوبستن ڪري عام ماڻهن جي پهچ کان پري آهي. عام ماڻهو سمجهي ٿو تہ اهو مسئلو فقط فوج ۽ رياست جي حوالي هجڻ گهرجي. جتي سڄي دنيا جي ماڻهن جو اهو رويو

هجي اتي اسان سنڌي جن کي تعليم کان کوهين ڏور رکڻ لاءِ پيچدار سازشون ڪيو ويون آهن. اهي ڪيئن ان کي اهميت ڏيندا. اهڙي صورتحال ۾ سنڌ ۾ ڪنهن نوجوان جو ان موضوع کي سنجيدگيءَ سان پڙهڻ جي ڪوشش ڪرڻ به حيرت جهڙي ڳالهه آهي. محترم جاويد راڄپر صاحب ته اهڙي موضوع تي همٿ ڪندي "بي عالمي جنگ؛ سوشلزم ۽ فاشزم ۽ لڙائي" جي عنوان سان گذريل سال ڪتاب شايع ڪرايو ۽ هن 2011 جي پڇاڙ ۾ جنگ جي موضوع تي "ڪمزورن هٿان طاقتورن کي شڪستون" جي عنوان هيٺ هي ٻيو ڪتاب لکيو آهي. جاويد صاحب ڪوشش ڪئي آهي ته هن ڪتاب ۾ سمنڊ کي کوزي ۾ بند ڪري. هن ڪتاب ۾ نه فقط عام جنگ جي سائنس ۽ فن ۾ کيل واڌارن جو ذڪر ڪيو آهي پر پورهيت طبقي ۽ مظلوم قومن لاءِ جنگ جو علم سکڻ ڇو ضروري آهي، ان جي ڇگي طرح وضاحت پڻ ڪئي آهي.

هن ڪتاب کي پڙهڻ کانپوءِ خبر پوي ٿي ته، اسان جو جنگ بابت عام تصور کهڙو نه ٻاراڻو آهي، جنگ رڳو دوبدو وڙهڻ جو نالو نه آهي. پر سڀ کان بهترين جنگ ته اها آهي جيڪا وڙهي ئي نه وڃي ۽ وڙهڻ بغير ئي ان جا سبب ختم ٿي وڃن. هن ڪتاب ۾ سن زو کان وٺي ڪلازيوٽز تائين جي سڀني اهم جنگي ماهرن جي نظرين، کيل واڌارن ۽ ڏنل حڪمت عملين جو ذڪر ڪيو ويو آهي. جنگ جو لفظ جيترو اسان لاءِ عام آهي، اوترو ئي جنگ جو علم اسان لاءِ اوپرو آهي. ان اوپرائپ کي نظر ۾ رکندي ليڪڪ هن ڪتاب کي دلچسپ بنائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته جيئن پڙهندڙ بور نه ٿيئي. ڪتاب جي مضمونن جا عنوان اهڙا آهن جو هڪڙو عنوان پڙهجي ٿو ته دل چوي ٿي ته ان کي ئي پڙهجي، پر جڏهن ٻئي تي نگاه پوي ٿي ته دل چوي ٿي نه، پهرين هن موضوع کي پڙهجي. سچ پچو ته هن ڪتاب کي هڪ دفعو پڙهڻ کان پوءِ جنگ جو موضوع عام ۽ سادو ٿيو پوي. جنگ جهڙي موضوع تي ماٿهو ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڳالهائڻ جي قابل ٿيو وڃي. هڪ دفعو وري آئون جاويد راڄپر کي جَسُ ڏيندس ته پاڻ محنت ڪري جنگ جي عنوان تي هي ڪتاب لکي، هڪ ڪارنامو سرانجام ڏنو اٿس.

راشد دائودپوٽ

نصرپور (31.12.2011)

تعارف

فلسفي، سائنس، تاريخ، جاسوسي، سفارتڪاري، اقتصاديات سميت جنگ جهڙن اهم موضوعن بابت سنڌي هولي ۾ مواد بلڪل گهٽ ملي ٿو. جيڪڏهن فلسفي، سائنس، تاريخ، جاسوسي، سفارتڪاري، اقتصاديات سميت جنگ جي موضوع تي لکت ۾ مواد ڏسبو ته لکين ڪتاب لکيا پيا آهن هڪ اندازي موجب فقط فرانسيسي انقلاب ۽ نيپولين جي دور جي جنگين جي داستان بابت اٽڪل 3 لک لکتون موجود آهن[1] پر اهڙيون سڀ لکڻيون ٻين هولين ۾ لکيل آهن. ٿيڻ ائين گهرجي ها ته انهن مان چونڊ ۽ ضروري ڪتاب ترجمو ٿيڻ کپن ها. پر هڪ ته ان ۾ تمام گهڻو وقت لڳندو ۽ ٻيو ته ايترا گهڻا ڪتاب خريد ڪرڻ ۾ پيسو به گهڻو خرچ ٿيندو. جيئن هڪ غريب ماڻهو منائي جي دُڪان ۾ رکيل مختلف قسم جون مٺايون ڏسي، اندر ئي اندر ۾ سوچيندو ۽ خواهش ڪندو آهي ته اهي سڀ مٺايون وٺان پر ان لاءِ هڪ ته پيسا نه هوندا اٿس ۽ ٻيو ته ايتري منائي تڪڙ ۾ ڪائي نه سگهندو. تنهنڪري اهو غريب ماڻهو سيني قسمن جي منائين مان ٿوري ٿوري (مڪس منائي) خريد ڪندو آهي. غربت ۽ خواهشن جو تڪڙو حل ته اهوئي نڪري سگهي ٿو. ساڳئي طرح، هڪڙي پنٽي پيل معاشري جو گهٽ پڙهيل (پلي ڊگري يافته هجي) فرد جڏهن ايترا سارا ڪتاب ڏسي ٿو ته سندس دماغ ۽ دل ۾ خواهش ٿئي ٿي ته اهي سڀ خريد ڪيان ۽ پڙهان. پر مسئلو ساڳيو آهي، هڪ ته ايتري رقم نه هوندس ۽ ٻيو ته ايترو وقت به نه هوندس. تنهنڪري، منهنجي خيال ۾ ان جو بهترين حل اهوئي آهي ته دنيا جي علمي خزاني (منائي) ۾ موجود سمورين بهترين لکڻين مان ٿورو ٿورو ڪري، ابتدائي طور تي، تعارف ضرور ڪرائجي. هن ڪتاب لکڻ جو هڪڙو مقصد هي آهي ته جنگ بابت ان قسم جي تعارف جي کوٽ جو پورائو ڪجي.

پورهيت انقلابي جنگ جي ماهر مائوزيتنگ جنگ بابت ٽن قسمن جي مطالعي کي لازم قرار ڏنو آهي. ان ۾ (1) عام جنگ (2) عام انقلابي جنگ ۽ (3) مخصوص ملڪ جي انقلابي جنگ شامل آهن. ان مان هر هڪ جا پنهنجا قانون ٿين ٿا. هتي فقط عام جنگ ۽ انقلابي جنگ جي نظريي ۽ عمل جو مختصر جائزو پيش ڪيو ويو آهي. هن ڪتاب ۾ جنگ جي نظريي ۽ عمل جي سموري

تاريخ نہ لکي وئي آهي فقط ان جو جائزو ترتيب وار ورتو ويو آهي جيڪو ڪم تاريخ جي مدد ڪانسواءِ نٿو ڪري سگهجي. جيئن ته تاريخ جو وڏو حصو حڪمران طبقن ۽ انهن جي پيروڪارن طرفان قلمبند ڪيو ويو آهي. تنهنڪري اُن ۾ مظلوم عوام طرفان ڪيل جدوجهدن، جنگين، لڙائين ۽ ويڑهاند جي حقيقتن کي نظرانداز ڪيو ويو آهي ۽ فقط فاتح حڪمرانن جي ڪارنامن جي داستانن سان تاريخ جا ورق پريا ويا آهن. وڏي اهر ڳالهه ته جن ماڻهن بهادري، سورهيائي ۽ همت سان مقابلا ڪيا پر ناڪام ٿيا، تاريخ ۾ انهن جو ذڪر پڻ بلڪل گهٽ ٿيل آهي. جيتوٽيڪ، هارايلن طرفان ڪيل ويڑهه ۽ مزاحمت جي ڪري تاريخ کي نوان موڙ مليا پر لکيل تاريخ ۾ انهن لاءِ ڪابه جڳهه نہ آهي. هڪڙو نقطو واضع ڪرڻ ضروري آهي ته هن ڪتاب جي مواد جو گهڻو حصو پڙ فردن جي ڪيل ڪارنامن تي مشتمل آهي پر الڳ، ڪٽيل ۽ اڪيلا فرد نہ پر سماجي فرد جيڪي پنهنجي دور جي مخصوص حالتن هوندي پيدا ٿيندا آهن ۽ انهن تي اثرانداز به ٿيندا آهن. ان حوالي سان اينگلس لکيو هو ته "هر وڏو جنرل جيڪو نون ڳاڻيااپن (پيداواري رشتن) جي ڪري جنگ جي تاريخ جي هڪ دور تي پنهنجا نشان ڇڏي ٿو، يا ته هُو پاڻ نوان مادي وسيلا ايجاد ڪري ٿو يا اڳ ۾ ئي ايجاد ٿيل مادي ذريعن جي درست استعمال کي دريافت ڪري ٿو."[2]

هوئن به جنگ جي سائنس ۽ فن سميت سماج جي هر شعبي ۾ ٿيل صفتي ۽ انقلابي تبديليءَ وارن دورن جو ظاهري اظهار مخصوص فردن، گروهن، تيز رفتار ۽ مختصر انقلابي دورن (مخصوص ڏينهن، مهينن يا سالن) جي شڪل ۾ ٿئي ٿو ۽ هن ڪتاب ۾ پڻ جنگ جي سائنس ۽ فن ۾ ٿيل مقداري تبديلن ۽ واڌارن تي مڙئي متاڇري نظر وڌي وئي آهي ۽ گهڻو مواد انهن دورن، خطن ۽ فردن بابت ڏنل آهي جن جي هوندي جنگ جي سائنس ۽ فن ۾ انقلاب برپا ٿيا ۽ جن ان ۾ صفتي ۽ معياري تبديليون آنديون. هيٺ بيان ڪيل، خطي وار، جنگ جي تاريخ ۾ انفرادي طور تي فقط انهن جنگي جنرلن، ماهرن ۽ نظريدانن جو ذڪر ڪيو ويو آهي جن جي هوندي جنگ جي علم ۽ تجربي ۾ بلڪل نيون ايجادون، تخليقون ۽ ڪارنامَا سرانجام ڏنا ويا، جن انساني تاريخ يا گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي خطي جي تاريخ ۾ ڦيرو آڻي ڇڏيو، جن جو قد ڪاٺ بين الاقوامي معيار تي پورو لهي ٿو، جن جي ڪارنامن جو اثر اڄ ڏينهن تائين جاري آهي، جن نہ فقط ابتدا ڪئي پر اهڙا بنياد فراهم ڪيا جنهن ڪري

ڪيترن ٻين وڏن جنرلن ۽ نظريدانن جنهن ورتو ۽ وڏيون ۽ ڪشاديون شهنشايتون ۽ بادشاهتون قائم ٿيون.

ڪتاب ۾ جنگ جي اقتصادي، سياسي ۽ خاص ڪري اخلاقي پهلوئن تي روشني بلڪل گهٽ وڌي وئي آهي ۽ گهڻو زور فقط جنگ جي فني ۽ سائنسي پاسن تي ڏنل آهي. ڪتاب ۾ گهڻو بحث جنگ جي نظريي تي ٿيل آهي. ۽ ان ۾ فقط انهن نظريدانن ۽ جنگي ماهرن جو ذڪر ڪيو ويو آهي جن پاڻ کان اڳ ٿيل جنگ جي تجربن مان جنگ جا اصول ۽ قانون دريافت ڪيا ۽ مستقبل جي جنگين بابت اصول ترتيب ڏنا. جن تي عمل ڪندي ٻين جنرلن سوين ماڻيون. جيتوڻيڪ، سن زو، ڪوتليا، ڪلازيوٽز، هينري جومني، جي ايف سي فلر ۽ لڊل هارٽ جهڙن نظريدانن ذاتي طور تي جنگ جي ميدان تي ڪي وڏا ڪارناما سرانجام نه ڏنا پر ان هوندي به هنن جنگ جي تاريخ ۾ ڪيترن وڏن فوجي جنرلن کان وڌيڪ اثر ڇڏيا آهن.

جيتريقدر، جنگ جي عمل جو تعلق آهي تہ فقط انهن جنرلن جي تاريخ کي بيان ڪيو ويو آهي جن جنگ جي فن کان ڪم ونندي انساني تاريخ تي وڏا اثر ڇڏيا. جيڪي اهڙا مثالي جنرل ثابت ٿيا جن کي صدين تائين ٻيا جنرل ۽ ماهر نقل ڪندا رهيا آهن. جن ۾ سڪندر، چندرگپتا، هيني بال، چنگيز خان، نيپولين بوناپارٽ ۽ روميل جهڙا جنرل شامل آهن.

مٿي بيان ڪيل ٻنهي قسمن جي نظريدانن ۽ جنرلن جنگ جي الڳ الڳ شعبن (نظريي ۽ عمل) ۾ تمام وڏا ڪارناما سرانجام ڏنا پر انهن ٻنهي قسمن جي ماهرن ۽ جنرلن جي پيٽ ۾ اُهي جنرل وڌيڪ اهميت رکن ٿا جن نظريا ۽ تخليق ڪيا ۽ جنگيون ۽ ڪيون، ۽ وڏي ڳالهہ تہ پنهنجن پنهنجن ملڪن ۽ علائقن جي سياسي ۽ سماجي ڍانچي کي ئي بدلائي ڇڏيائون. ان فهرست ۾ محمد (صلعم)، مائوزيتنگ ۽ گياپ جهڙا جنرل، نظريدان ۽ سياسي رهنما شامل آهن. هن قسم جا فرد ان فن جا ۽ ماهر ثابت ٿيا تہ هڪ ڪمزور ڌر طاقتور ڌر کي شڪست ڪيئن ڏئي؟ ۽ وسيع تر عوام کي جنگ ۾ شامل ڪري "عوامي فوج" ناهي "عوامي جنگ" کي ڪيئن عمل ۾ آڻجي.

جيڪڏهن جنگ جي عمل ۽ علم جي پيٽ ڪجي تہ جنگ جي فن ۽ سائنس تي لکت ۾ مواد تمام گهٽ آهي پر ان جي ابتڙ، انساني تاريخ ۾ جنگيون ڪيون گهڻيون ويون آهن. جيڪڏهن جنگ بابت ڪجهہ مواد لکت جي صورت ۾ ملي ٿو، سو ۽ گهڻو تاريخ نويسن لکيو آهي. مثال طور سڪندر، نيپولين

بوناپارٽ، چنگيز خان، هيني بال، اشوڪ وغيره پنهنجن داستانن کي قلمبند نہ ڪيو پر ويڙهه تمام گهٽي ڪئي. جيتوٽيڪ، سندن ساڻين ۽ دشمنن، ۽ عام تاريخ نويسن طرفان انهن جنگين جا داستان قلمبند ڪيا ويا آهن.

جنگ جي تاريخ ۾ چار قسمن جي ڏرين ۾ هڪجهي سان لڙائيون ٿيندڙيون رهيون آهن: (1) طاقتور جو مقابلو طاقتور سان (2) طاقتور جو ڪمزور سان ۽ (3) ڪمزورن جو ڪمزورن سان مقابلو. انهن ٽنهي قسمن جي جنگين جا ڪيترائي مثال جنگ جي تاريخ ۾ ملن ٿا. پر سڀ کان اهم ۽ ڏکيو ڪم آهي (4) ڪمزور ڏر هٿان طاقتور ڏر کي شڪست ڏيڻ. عام طور تي اهو ٻڌندا آهيون تہ "فلاڻا (دهشتگرد، فوجي جنرل، جاگيردار، سرمائيدار يا عالمي سامراج) ايڏا تہ طاقتور آهن جيئن چون ٿا تيئن ٿئي ٿو" "انهن سان ڪٿي ٿا وڙهي سگهون!" ۽ "اسين تہ آهيون ئي ڪمزور!" پٽتي پيل سماجن، محروم ۽ ڪمزور طبقن ۽ قومن، تنظيمن ۽ فردن ۾ صدين جي غلامي، احساس محرومي ۽ ڪمتريءَ ۽ جهالت سبب سوچڻ جو انداز، لاشعوري طور تي، منفي ٿي ويندو آهي. اهڙن ماڻهن جي عادت ٿي ويندي آهي تہ اڪثر ڪري دشمن جي طاقتور پهلوئن ۽ پنهنجن ڪمزور پاسن تي وڌيڪ ڌيان ڏيندا آهن، ويڙهه کان اڳ ۾ ئي شڪست جون اڳڪٿيون ڪندا آهن ۽ ان کي بنياد بڻائي ان مان قطعي ۽ حتمي نتيجا (اسين ڪجهہ بہ نہ ٿا ڪري سگهون!!) ڪڍي ماڻ ڪري ويهي رهندا آهن. پر سوال آهي تہ ڇا ڪمزور سدائين ڪمزور رهندا آهن؟ ڇا اهو ازلي ۽ ابدي قانون آهي تہ طاقتور هميشہ طاقتور رهندو آهي؟ ڇا طاقت ڪمزوريءَ ۾ ۽ ڪمزوري طاقت ۾ نٽي بدلجي سگهي؟ ڇا طاقتور جون ڪمزوريون نہ هونديون آهن ۽ ڪمزورن جون طاقتون نہ ٿيندڙيون آهن؟ ڇا ڪمزور طاقتورن کي شڪستون ڏئي سوپارا نٽا ٿي سگهن؟ هين نقطن سميت هن ڪتاب جو هڪڙو اهم نقطو اهو ثابت ڪرڻ آهي تہ ڪمزور ڏريون ڪيئن طاقتور ڏرين کي هارائين ٿيون؟ ڪتاب جي آخر ۾ انهن سڀني جنگي نظرين ۽ عملن جو نچوڙ بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

جاويد راڄپر
حيدرآباد

جنگ جو علم چو پڑهجي؟

علم جي ٻين شعبن، جهڙوڪ سياست، اقتصاديات، فلسفي، سائنس، ادب، سفارتڪاري، جاسوسي، هوليون ۽ اخلاقيات وغيره، جي پيٽ ۾ جنگ جي علم کي وڌيڪ پيچيده ۽ ڏکيو موضوع سمجهيو وڃي ٿو. ان جو سبب خود جنگ جو علم نه آهي پر اسان جهڙن معاشرن ۾ جنگ جهڙي موضوع کي بطور هڪ علم سمجهيو ئي نه ويندو آهي. جڏهن ته ٻين سماجي، سياسي، اقتصادي ۽ ثقافتي علمن جي باري ۾ ٿوري گهڻي ڳالهه هوله ضرور ٿيندي رهندي آهي. مثال طور: ٻه ٽي اکر پڑهيل ۽ اٽپڑهيل ماڻهوءَ کي ٻه شاعريءَ جا ٻه ٽي بيت ضرور ياد هوندا. جيڪڏهن کو ماڻهو توهان کان پڇي ته اڇڪلهه چا ٿا پڑهو ۽ اوهين جواب ۾ چئوس ته "جنگ پڑهندو آهيان" ته اهو ٻُڌي هُو حيران ٿيندو ته "جنگ ٻه پڑهبي آهي چا؟" اُن جو هڪڙو سبب هي ٻه آهي ته جنگ جو واسطو زندگي ۽ موت جهڙي انتهائي اهم معاملي سان آهي. ڪنهن پرامن معاشري ۾ ڪنهن فرد کي ڪهڙي ضرورت پئي آهي جو جنگ جو علم پڑهي؟ هن کي ته شاهوڪار ٽيٽو آهي يا ماني ڳيي ۽ اجهي جو بندوبست ڪرٽو اٿس ته اقتصاديات پڑهي، حڪمراني ڪرڻي اٿس يا سمجهڻي اٿس ته سياست پڑهي. بيماريءَ کان بچڻو هجيس ۽ صحت ٺيڪ ڪرڻي اٿس ته علم طب پڑهي. عام ماڻهو سمجهي ٿو ته جنگ جو عام زندگي سان ڪهڙو واسطو!؟ يا ان مان ڪهڙو فائدو!؟ عام ماڻهوءَ جا وڏا مسئلا ته ڪاڏ خوراڪ، لٽو ڪپڙو، گهربار ۽ روزگار پئي رهيا آهن. سماجي بيمارين جو خاتمو، آزادي، امن ۽ خوشحاليءَ حاصل ڪرڻ جهڙا مقصد اهم پئي رهيا آهن. انهن مسئلن کي حل ڪرڻ ۽ پنهنجن مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ته ڪين اقتصاديات، سياست، قانون، فلسفو، تاريخ ۽ ادب پڑهڻ گهرجي. پر ماڻهو سمجهي ٿو ته هن کي جنگ ته ڪرڻي ڪانهي ته پوءِ جنگ جو علم چو پرائي؟

اصل ۾، مظلومن جي ڪيل جدوجهدن ۾ ناڪاميءَ جو هڪ اهم سبب ويڑهه جي فن کان اٽواقفيت آهي. دنيا جي تاريخ ۾، مظلوم هميشه کان سياسي، معاشي ۽ سماجي جدوجهدن سميت هٿياربند بغاوتون، لڙائيون ۽ جنگيون ٻه

کندا رهيا آهن پر گهٽو ڪري شڪستون کائيندا رهيا آهن. جيتوٽيڪ، انهن ناڪامين جا ڪيترائي معاشي، سياسي ۽ ثقافتي سبب هجن ٿا پر انهن ڪارڻن ۾ هڪڙو اهم عنصر ويڙهه جي فن کان بي خبري به رهيو آهي. چاڪاڻ ته ظالم حڪمران طبقا، صدين کان وٺي هن مهل تائين، ويڙهه جي فن کي انتهائي رازداري ۾ پاڻ وٽ لڪائي رکندا آيا آهن. جنهنڪري، اڄ تائين ڪيترن ماڻهن کي ان قسم جو علم سمجهڻ ۾ ڏکيائي ٿئي ٿي.

جنگ جي معاملي کي سمجهڻ لاءِ هڪڙي ڳالهه واضح ڪرڻ ضروري آهي ته جنگ ڪرڻ ۽ جنگ جي علم جي ڄاڻ رکڻ به الڳ معاملا آهن. عام زندگيءَ ۾ ڪيترائي علم اهڙا هوندا آهن جيڪي اسين پڙهڻ ۽ ڄاڻڻ چاهيندا آهيون ۽ ڄاڻڻ ۽ گهرجن پر اسين اُنهن کي پنهنجو پيشو نه بڻائيندا آهيون يا انهن خيالن تي عمل ئي نه ڪندا آهيون. مثال طور: ڪيترائي ماڻهو مذهبي علم پڙهن ٿا پر اُن مان گهٽا ماڻهو ان کي پيشو نٿا بڻائين، ۽ ڪيترائي انسان ته انهن عقيدن کي مڃين ئي ڪونه ٿا ۽ نه ئي اُن تي عمل ڪن ٿا. (ته پوءِ ڇا هڪ مذهب سان واسطو رکندڙ يا ڌهريي قسم جي ماڻهو کي اسلام، هندو ڌرم، عيسائيت ۽ يهوديت ۽ وڌي ڳالهه ته دهريت ۽ ڪافرن جا ڪتاب نه پڙهڻ گهرجن؟ ضرور پڙهڻ گهرجن پلي پوءِ پڙهندڙ انهن جي خيالن ۽ دليلن سان متفق ٿئي يا نه ٿئي، يا انهن کي پنهنجي علمي دليلن جي بنياد تي رد ڪري ڇڏي يا قبول ڪري پر گهٽ ۾ گهٽ مخالفن جي باري ۾ خبر ته پوندس. دشمن (مخالف) جي باري ۾ ڄاڻڻ ۽ سوچڻ جو اهو انداز پڻ جنگ جو علم ڏئي ٿو.) جهڙي ريت، ڪيترائي ماڻهو موسيقي ٻُڌن ٿا پر ڳائين نه ٿا، جيڪڏهن اُهي موسيقيءَ بابت علم رکندا ته ان ۾ ڪو عيب ناهي. ائين جيئن ماڻهو فلمون ڏسندا آهن هيروز ۽ هيروئنن کي پسند ڪندا آهن پر ان جو مطلب اهو ناهي ته فلمون ڏسندڙ ماڻهو سڀ اداڪاري ڪندا هجن. گهٽن ماڻهن کي پنهنجي ملڪ جي قانون جي ڄاڻ هجڻ گهرجي، پر اهو ضروري ناهي ته سڀ ماڻهو وڪيل هجن. ساڳئي ريت، جنگ جي علم جي ڄاڻ رکڻ لاءِ ضروري ناهي ته انسان جنگيون به ڪري.

سڀ کان اهم ڳالهه ته جنگ جو انتظام، علم طب وانگر هڪ سائنس ۽ فن آهي. چاڪاڻ ته، جهڙي ريت هڪ ڊاڪٽر جو ڪم آهي ته انساني جسم جي بيمارين کي گهٽائي، روڪي ۽ ختم ڪري. ساڳئي ريت، حڪمرانن ۽ فوجين جو ڪم

آهي ته انساني سماجي معاشري کي لڳل بيماري (جنگين) کي گهٽائين، روکين ۽ ختم ڪن. پر بدقسمتيءَ سان، علم طب کي ته سائنسي بنياد فراهم ڪيا ويا آهن پر پنڌتي پيل معاشرن ۾ جنگ جو معاملو اجاتائين حڪيماڻي مرحلي تي بيٺو آهي يا راز رکيو ويو آهي. هڪ ڊاڪٽر بيمارين جو علم، بيماريون وڌائڻ لاءِ نه پر انهن کي گهٽائڻ لاءِ پڙهندو آهي. اهڙي ريت، جنگ جو علم به جنگيون ڪرڻ لاءِ نه پر انهن کي ختم ڪرڻ لاءِ ضرور پڙهڻ گهرجي.

جيتريقدر جنگ جو تعلق ٽين دنيا ۽ خاص ڪري سنڌ جهڙن پنڌتي پيل علائقن، قومن ۽ مظلوم عوام سان آهي ته انهن جي گهٽائيءَ کي اهو علم ضرور پڙهڻ گهرجي. چاڪاڻ ته غلام قومون ۽ طبقا جنگ ڪرڻ يا نه ڪرڻ جو فيصلو پاڻ نه ڪندا آهن پر انهن جا ملڪي ۽ بين الاقوامي آقا ڪندا آهن. اهي عالمي سامراجي طاقتون پنڌتي پيل غلام قومن ۽ طبقن جي وجود کي به ميسارڻ چاهيندیون آهن. هنن جو وس پڄي ته سڄ پڄ مظلومن کي ماري ڇڏين پر هُو ائين نٿا ڪري سگهن چاڪاڻ ته کين سڀ ڪم اهي مظلوم ئي ڪري ڏيندا آهن ۽ هي نوابن واري زندگي گذارينداآهن. جيئن هڪ اُٺ جو مالڪ اُٺ کان ڪم وٺي ۽ ٽي ڏوکڙ ڪمائيندو آهي پر انهن مالڪن کي اُٺن ۽ گڏهن سان عشق ۽ محبت ڪانه هوندي آهي. (ڪجهه شوقينن کانسواءِ) ساڳئي ٿ ح، عالمي سامراج لاءِ مظلوم قومون ۽ طبقا اُٺن مثل هوندا آهن جن کي هُو استعمال ڪندا آهن ۽ وقت اچڻ ته اڇلائي، ماري ۽ ڪائي به ڇڏيندا آهن. نتيجي طور، مظلوم قومون ۽ عوام مجبور ٿي پنهنجو دفاع ڪندا آهن. مثال طور چا ويٽنام، افغانستان، عراق ۽ فلسطين جهڙن علائقن ۾ رهندڙ پُرامن رهواسين کان پڇيو ويو هو ته آمريڪي ۽ اسرائيلي سامراج اوهانجي ملڪ تي حملو ڪري يا نه؟ بلڪل نه. عالمي سامراج پنهنجن مفادن خاطر انهن ملڪن مٿان جنگيون مڙهيون ۽ لکين ماڻهن جو قتل عام ڪيو. انهن ۽ اهڙن ٻين سوين مثالن کي ڏسي ڪهڙي پڪ آهي ته دنيا جون سامراجي قوتون اسان کي به غلام بنائڻ ۽ اسانجن وطنن تي قبضي ڪرڻ لاءِ اسان تي حملو نه ڪنديون. سن زو لکيو ته "جنگ جو فن سيکاري ٿو ته دشمن جي نه اچڻ جي توقع تي نه پاڙڻ گهرجي، پر ان کي منهن ڏيڻ لاءِ اسانکي پنهنجي تياري ڪرڻ گهرجي، ان پاڻ جي آسري تي نه رهجي ته (متان) هُو حملو نه ڪري، پر ان بدران اسانکي

پنهنجي پوزيشن اهڙي بنائڻ گهرجي جو دشمن ان تي حملو ئي نه ڪري سگهي." لينن لکيو ته "هڪ مظلوم طبقو، جيڪڏهن هٿيار حاصل ڪرڻ ۽ مسلح ٿيڻ جي سکيا ونڻ لاءِ ڪوشش نه ٿو ڪري، ته ان سان غلامن جهڙو ورتاءُ ٿيڻ واجبي هوندو. (چاڪاڻ ته) هر طبقاتي معاشري ۾، پلي اهو غلاميءَ، هارپي، يا موجوده، اُجرت واري مزدوريءَ تي آڌاريل هجي، ظالم طبقو هميشه هٿياربند هوندو آهي."[3]

دنيا جي مشهور جنرل بسمارڪ چيو هو ته "بيوقوف ماڻهو چون ٿا ته اُهي پنهنجن تجربن مان سکندا آهن، آءٌ ٻين جي تجربن مان سکڻ کي ترجيح ڏيندس." جهڙي طرح، هڪ فرد پنهنجي ماضيءَ جي ڪيل غلطين ۽ ڪارنامن مان سکي پنهنجي مستقبل کي روشن بنائڻ لاءِ جتن ڪندو آهي. ساڳئي طرح، جيڪي قومون پنهنجي ۽ ٻين جي تجربن مان سکنديون آهن، ويهي حالتن جو انتظار نه ڪنديون آهن، اُهي ئي سوپاريون ٿينديون آهن. جنگ جي علم جي اهميت جي حوالي سان، سن زو لکيو ته "رياست لاءِ جنگ انتهائي اهم معاملو آهي؛ اها زندگي ۽ موت سان واسطو رکي ٿي... لازمي طور تي ان جو مطالعو ڪيو وڃي." ڪلازيوٽز لکيو ته "جيڪي ماڻهو ملڪ جي عام پاليسيءَ سان واسطو رکن ٿا انهن ماڻهن لاءِ جنگ جي علم جي جاڻ رکڻ ضروري آهي." ڪيولير فولارڊ چيو ته "جنگ جو علم جاهلن لاءِ تجارت آهي ۽ ڏاهن لاءِ سائنس آهي." بهرحال، جنگ جي علم جي ضرورت کي سمجهڻ لاءِ اچو ته ٻين نقطن ۽ پهلوئن تي به غور ڪريون.

<u>نئين ۽ پراڻي جي وچ ۾ تضاد:</u> فطرت، سماج ۽ انساني فڪر جي تاريخ ۾ نئين ۽ پراڻي جي وچ ۾ هميشه کان ٽڪر ٿيندو رهيو آهي. پراڻا سماجي، معاشي ۽ سياسي نظام پاڻ کي قائم دائم رکڻ لاءِ ۽ نوان سماجي، معاشي ۽ سياسي نظام پنهنجي جاءِ ناهڻ ۽ انهن کي قائم دائم رکڻ لاءِ هڪٻئي سان چڪتاڻ کندا رهيا آهن. ٻئي لاڙا (پراڻ پسند ۽ نواڻ پسند رجحان) هميشه، پُرامن توڙي پُرتشدد صورتن ۾، وڙهندا پئي رهيا آهن. ان تضاد جو اظهار فردن جو هڪٻئي سان مقابلي جي صورت ۾ به ٿئي ٿو ته قرينڊ ۽ قرجنڊ طبقن ۽ ظالم ۽ مظلوم قومن جي وچ ۾ ٿيندڙ ويڑهه ۾ به ٿئي ٿو.

جاگيردار، سرمائيدار، انهن جون فوجون ۽ انٽيليجنس ادارا، پوليس، جيل ٽاٽا ۽ انهن جون سياسي پارٽيون، پنڊت ۽ پادري، انسان دشمن نظريا، فڪر ۽

فلسفا، صدين کان وڌي اڄ ڏينهن تائين، سڄو ڏينهن ان کوشش ۾ هجن ٿا تہ کيئن نين قوتن ۽ نون خيالن، نظرين ۽ آدرشن کي اُسرڻ کان اڳ يا ان دوران ئي تباهہ ڪري ڇڏجي ۽ انقلابين، وطن دوست ۽ پورهيت دوست تنظيمن، فردن ۽ پاليسين کي نيست ۽ نابود ڪجي. چاڪاڻ تہ هُو سمجهن ٿا تہ نوان ماڻهو ۽ نوان رجحان پراڻن ماڻهن ۽ رجحانن جي جاءِ والارينداِ ۽ ائين هُو يتيم، محروم ۽ لاچار ٿي ويندا ۽ صدين جون حڪومتون ۽ موجُون ختم ٿي ويندن. تنهنڪري هي ٻن رجحانن جي وچ ۾ ويڑهہ آهي جيڪا ابتدائي طور تي اڪثر پرامن نموني هلي ٿي پر جيئن جيئن تضاد نروار ٿين ٿا ۽ انهن ۾ شدت اچي ٿي ۽ هڪ هڪاٻي جو وقت اچي ٿو تہ اها ويڑهہ پرتشدد ۽ جنگ جي صورت ۾ وڌي سگهي ٿي. ان جي شاهدي سموري انساني تاريخ جو تجربو ڏئي ٿو. انساني تاريخ ثابت ڪري ٿي تہ نواڻ پسند خيالن، روين ۽ عملن کي پنهنجي جاءِ والارڻ لاءِ سخت ويڑهہ ۽ جدوجهد ڪرڻي پوي ٿي.

عام انقلاب ۽ پورهيت انقلاب: لينن لکيو هو تہ "هر طبقاتي معاشري ۾ گهرو جنگ (Civil War) ٽيڻ فطري عمل آهي ۽ مخصوص حالتن اندر اها طبقاتي جدوجهد جو تسلسل، واڌارو ۽ شدت ۽ اٽنڌ صورت آهي. ان جي ثابتي هر وڏي انقلاب ۾ ملي ٿي."[۳۷] انساني تاريخ جي سفر ڏانهن ٽورو پوئتي نظر وجهنداسين تہ خبر پوندي تہ دنيا ۾ جيڪي بہ انقلاب ۽ خاص ڪري پورهيت انقلاب اِيا آهن، انهن کي اندروني ۽ بيروني حوالي سان خطرا پئي رهيا آهن ۽ باهرين سامراجي ۽ اندروني حڪمران قوتن انهن انقلابن کي ڪچلڻ جي هميشہ ڪوشش ڪئي آهي. مثال طور: اصلاح پسندي جي تحريڪ جي صورت ۾ پراڻي رجعت پرستي ۽ نئين اصلاح پسنديءَ ۾ ٽڪر، نئين جمهوريت ۽ پراڻين آمريتي بادشاهتن جي وچ ۾ جهيڙي جي صورت ۾ فرانسيسي انقلاب (95_1789) ۽ يورپي جمهوري انقلاب (1848)، پراڻي نوآبادياتي نظام ۽ نئين آزادي جي صورت ۾ آمريڪي خانہ جنگي (1776)، نين معاشي طاقتن جي ايرڻ ۽ دنيا تي قبضا ڪرڻ لاءِ پهرين عالمي جنگ (1914_1918) وغيرہ. اهي لڙائيون پنهنجي پنهنجي دور جي پراڻن ۽ نون معاشي، سياسي ۽ نظرياتي لاڙن ۽ رجحانن جي وچ ۾ ٽيل ٽڪر ۽ جهيڙن جا مثال آهن. ساڳئي ريت، پورهيت انقلابن کي ڪچلڻ لاءِ پڻ جنگيون ڪيون ويون آهن. پهريون انقلاب آيو پئرس ڪميون ۾ (1871ع). ان کي يورپ جي سامراجي ٽولن گڏجي ڪچلي

چڏيو. لينن پئرس ڪميون جي بغاوت بابت هڪ انگريزي اخبار جي تبصري جو حوالو ڏيندي لکيو ته "جيڪڏهن فرانسيسي قوم ۾ سڀ عورتون هجن ها ته اُها کيڏي نہ پيانڪ قوم هجي ها!" (ان ويڑهه ۾) مردن سان گڏ عورتون ۽ ٻار به وڙهيا. سرمائيدارن جو تختو اونڌو ڪرڻ لاءِ مستقبل ۾ ٿيندڙ لڑائيون ان کان مختلف نہ هونديون. (تنهنڪري،) پورهيت عورتن کي ائين ئي مڙئي هٿياربند يا غيرهٿياربند ڪري سرمائيدارن جي منظم هٿياربند فوجن هٿان گوليون کائڻ لاءِ نہ چڏجي."[۵] لينن جي ڳالهه بلڪل سچ ثابت ٿي جڏهن 1917ع ۾ روس ۾ آڪٽوبر انقلاب آيو ان جي خلاف دنيا جهان جون سموريون سامراجي قوتون صبح شام لڳيون پيون هيون. پورا اٺ نو ڏهاڪا، ڏينهن رات هڪ ڪري، سوويت يونين کي شڪست ڏيڻ لاءِ پرتشدد ۽ پُرامن ڪم ۽ سازشون ڪيائون. وري جڏهن (1949ع ۾) چين ۾ انقلاب آيو تڏهن به آمريڪي سامراج چيانگ ڪائي شيڪ جي مدد ڪئي ۽ جاپاني سامراج چين تي قبضو ڪري چينن کي برباد ڪرڻ لاءِ وسان نہ گهٽايو. ساڳئي ريت، ويٽنام ۾ پڻ فرانسيسي، جاپاني ۽ آمريڪي سامراج ننهن چوٽي جا زور لڳايا. يعني تاريخ ثابت ڪري ٿي ته جتي به عام انقلاب ۽ پورهيت انقلاب آيا آهن انهن خلاف سامراجي ملڪن گڏجي سڌي يا اڻسڌي جنگ ڪئي آهي. انهن مثالن کي ڏسي مستقبل جي ڪنهن به نواڻ پسند ۽ انقلابي قوت سان چا ٿيندو اهو سمجهڻ ايترو مشڪل نہ ٿيندو.

<u>پنهنجو پاڻ ۽ دشمن کي سڃاڻڻ</u>: پوئتي پيل سماجن جا ماڻهو ڏاڍا سادا هُوندا آهن. انهن جي اها حالت سعاشي بدحالي سميت رجعت پرست ڌرين، پنڊتن ۽ پادرين جي هزارين سالن جي محنت جو نتيجو هوندي آهي. مخصوص سماجي حالتن ۽ مخصوص سماجي شعور جي ڏاکي سبب، ايتريقدر جو، سقراط جهڙن ڏاهن پڻ اهو نعرو بلند ڪيو ته "پنهنجو پاڻ سڃاڻو." پر سقراط کان اڳ ۾ گوتم ٻُڌ ۽ مهاوير جين جهڙن فردن اهي نعرا بلند ڪيا. چاڪاڻ ته انهن جي دور ۾ ماڻهو کي سُک ۽ خوشي ملي ڪانہ پئي، پوءِ اهڙين بدترين حالتن ۾ ماڻهو چا ڪري؟ ڏکن ۽ تڪليفن ۾ انسان زنده رهي ته ڪيئن رهي؟ دشمن کي هُو سمجهي ڪونہ پئي سگهيو. يا ان دور ۾ انسانن کي خبر نہ پئي ته ڪهڙيون شيون ۽ قوتون آهن جنهنڪري سندس زندگي عذاب آهي؟ ٻاهر کو دشمن نہ ڏسي سگهڻ سبب ان دور جي انسان اندر ۾ جهاتي پاتي

۽ انسان پنهنجي اندر ۾ سکون جي تلاش ڪئي. ان جو حل هي ڪڍيائين ته "پنهنجي خواهشن کي ماريان" "پنهنجي ضرورتن کي گهٽايان" ايتريقدر جو، "پنهنجو پاڻ کي ختم ڪرڻ" "مڪتي" "نرواڻ" ذريعي نجات ماڻڻ جا نعرا پڻ بلند ڪيا.

مارڪس لکيو آهي ته ايشيا جي تاريخ مذهبن جي تاريخ آهي. ائين ڇو آهي؟ ان جو هن مختصر جواب ڏنو آهي ته ايشيا جي تاريخ مذهبن جي تاريخ ان ڪري آهي جو "هتي (خاص ڪري ترڪي، ايران ۽ هندستان ۾) ذاتي ملڪيت به ناهي، سموري ملڪيت بادشاه جي رهي آهي."[9] يورپ ۾ ڪجهه نه ڪجهه ذاتي ملڪيت جو تصور هو. پر هتي (ايشيا ۾) سڄي ملڪيت رياست جي ملڪيت پئي رهي آهي، بادشاهن، شهنشاهن جي ۽ خدائن (سان منسوب ڪيل) مليڪت پئي رهي آهي. مطلب ته هتي ذاتي ملڪيت نه هجڻ ڪري ماڻهو جيڪا ٿوري گهڻي وٽ پڪڙ ڪندو آهي ان لاءِ به هن وٽ کو محرڪ نه رهيو. هتي ماڻهوءَ جي حالت ائين هُئي جڏ ته ماڻهوءَ کي مڙئي زندگي جا ڏينهن پورا ڪرڻا هُجن. مطلب ته پنهنجي بدترين حالت جي ڪارڻ کان اڳاڻ ماڻهن، دشمن جي جاچ لهڻ ۽ دشمن قوت سان وڙهڻ بدران پنهنجو پاڻ کي "سڃاڻڻ، خواهشون گهٽائڻ يا مُڪتي" حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. جڏهن ته ان جي بلڪل ابتڙ، ذري گهڻ، ابتدا کان ئي، جنگ جو علم ائين نڙو سيکاري. جنگ جي فن جي جاڻو سن زو لکيو ته "پاڻ کي سڃاڻو ۽ پنهنجي دشمن کي سڃاڻو"[10] جنگجو هميشه ان پاسي کي ڏسندا رهيا ته پاڻ ڇا آهيون ۽ دشمن ڇا آهي؟ اهو نقطه نگاهه، انساني تاريخ جي اوائلي دور ۾، عام زندگي ۾ نه رهيو آهي. ماڻهو سڀني عيبن، اوڻائن، خرابين، آفتن، مصيبتن، عذابن ۽ ناانصافين جو بنيادي سبب پاڻ کي يا پاڻ کان مٿانهين ڏنل ۽ اڻ ڏنل قوتن کي پئي سمجهيو ۽ اصل دشمن جي باري ۾ اڳاڻ رهيو. پاڻ ۽ قدرت کي ڏميوار قرار ڏئي سڄو وقت عذاب سهندو رهيو ۽ عبادتون ڪندو رهيو. جنگ جي علم، ابتدا کان وٺي، انسان کي اهو سيکاريو آهي ته "نه فقط پاڻ کي پر پنهنجي دشمن کي به سمجهڻ ضروري آهي."

<u>رويي ۾ تبديلي</u>: اسانجي خطي جا ماڻهو سادا، درويش صفت، "جيڪو آيو سو اڳهاميو" "نه کو سڄڻ کي آسرو، نه دشمن کي ڀئ" سڀ ڪجهه تقدير ۽ نصيب جي آسري تي. "وڏيري کي قدرت نوازيو آهي" جيڪڏهن ڪنهن ظلم ڪيو ته

"قدرت حساب وٺندس" جيڪڏهن ڪو حادثو ٿيو ۽ فصل سڙي ويو ته "قدرت واري سزا ڏنس" "مهمان نوازيءَ جي بهاني لکين ڏارين جا ڪٽڪ اچي ويا ته ڇا؟ پنهنجا شهر ۽ گهر بہ ويا ته ڇا؟" "نہ ڪو ڪنهن کي ڏين، نہ ڏکائين" جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ وڏو نقصان ڏئي ڇڏيو ته چوندا "ڇڏيوس پنهنجو آ" اهڙا ماڻهو هر ڪنهن تي اعتبار ڪندا آهن. ڪوبہ دشمن هنن کي اچي مٺيون ٻوليون ٻڌائيندو هي ان جا ٿي ويندا. جيڪڏهن ڪو ظالم، جنهن بهروپي ۽ عياريءَ سان شرافت جو چوغو پاتو هجي، ان ماڻهوءَ جي باري ۾ عام ماڻهوءَ کي ٻڌائبو ته اصل ۾ "اهو وڏو بدمعاش آهي." موت ۾ اکثر جواب ملندو ته "ڏسڻ ۾ اهڙو ڪونہ ٿو اچي!" جيڪڏهن ڪن بہ ٻن ڏرين ۾ جهيڙو ٿي پيو ۽ هڪ کي وڌيڪ مار ملي ۽ هارايل ڌر جڏهن پنهنجي برادري، مائٽن يا دوستن کي ان واقعي بابت حال احوال ڏيندي ته ٻڌندڙن وٽان اکثر جواب ملندو "هلو ته هلي انهن کي ڏسون ٿا" وري جيڪڏهن ڪنهن چيو ته "ٽکڙ نہ ڪريو ۽ چالاکيءَ کان ڪم وٺي دشمن کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ ٻيا (اٽسڌا) طريقا استعمال ڪريو" ان قسم جي تجويز جو جواب ملندو "اسين ڪو پاڙيا ۽ ڊڇٽا آهيون ڇا؟ سڌو هلي . . . کي ٺيڪ ٺا ڪريونس." اهڙي تاريخي نفسياتي ماحول ۾ پليل انسان کي شرافت، سادگي ۽ ايمانداري ورثي ۾ مليو وڃي. ساڳئي طرح، اهڙي معاشري ۾ مڪاري، چالاکي ۽ عياريءَ کي عيب سمجهيو ويندو آهي. (بلڪل عيب هجڻ بہ گهرجي پر اهو تڏهن جڏهن اوهانجو واسطو پنهنجن سڃڻن ۽ محسنن سان ٿئي پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو، گروه يا طبقو مڪاري، چالاکي ۽ عياريءَ سان اوهانکي ذاتي، گروهي، طبقاتي ۽ قومي، نقصان ڏيڻ چاهي يا اوهانجي وجود جو ويري هجي ته ڇا ان سان چالاکي ڪرڻ بہ عيب آهي. بلڪل نہ.) اهڙي چالاکي، مڪاري ۽ عياريءَ جون آخري حدون جنگ جي معاملي ۾ ٺيندیون آهن. سن زو چيو ته "جنگ جو دارومدار دوکي جي فن تي آهي."

اهڙي درويش صفت سماجي نفسيات ۾ جنگ جي علم جو مطالعو انسان جي رويي ۾ تبديلي آڻي ٿو. اهو ائين آهي جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو جي نظر گهٽ هجي ۽ ان کي عينڪ پارائجي ته سندس نظر ٺيڪ ٿي ويندي. جيڪڏهن اُن وٽ دوربين يا خوردبين هجي ته ڏورانهين ۽ انتهائي ننڍڙين شين کي ڏسي سگهندو. جيڪي هوئن نہ ڏسي سگهي ها. ساڳئي ريت، جنگ جو علم پڙهڻ سان ماڻهو جو شين، لقائن ۽ معاملن ڏانهن رويو بدلجي وڃي ٿو. جنگ جو

علم حاصل ڪرڻ سان ماڻهو معاملن جي وسعت ۽ اونهائي ڏسي سگهندو. تمام گهڻن لقائن ۽ شين جي پس پرده اصل حقيقتن کي سمجهي سگهندو. دشمن کي دشمن سمجهي ان کي شڪست ڏيڻ جون حڪمت عمليون، چالون، گُر، انڪلون، چالبازيون ۽ چالاڪيون سکي ونندو. جنگ جي علم سان انسان جي اندر سورهيائي، بهادري ۽ قرباني جا جذبا وڌيڪ سگهارا ٿين ٿا. انسان جي اندر ۾ دشمن خلاف بغاوت ڪرڻ، ويڑهه ڪرڻ ۽ طاقت حاصل ڪرڻ جا جذبا جاڳن ٿا. جنگ انسان کي موت سان اکيون اکين ۾ ملائڻ سيکاري ٿي. جنگ، دشمن، حڪمت عملي ۽ طاقت جي حوالي سان انساني رويي ۾ تبديلي آڻي ٿي.

دشمن جي آخري حد: جنگ جي علم کي پڙهڻ جو اهم سبب هي به آهي ته جنگ جي جاڻ حاصل ڪرڻ سان اها خبر پوندي آهي ته دشمن آخر ڪهڙي حد تائين وڃي سگهي ٿو، ان جو توڙ ڇا آهي. دشمن آخر ڇا ڪندو ۽ ڪهڙو دنگ ڪندو؟ اهو علم سياست، سفارتڪاري، تجارتڪاري وغيره ۾ به ملي ٿو پر سڀ کان وڏو علم جنگ آهي جيڪو دشمن جي آخري حدن بابت سوچڻ جي سگهه ڏئي ٿو. چاڪاڻ ته هڪ جنگجو جيستائين دشمن کي، دشمن جي جنگ جي سائنس ۽ فن کي نه سمجهندو تيستائين اهو جنگ کٽي نه سگهندو.

انتظام ۽ بندوبست ڪرڻ جو هنر: جنگ جو علم انسان کي انتظام، بندوبست، تنظيم ۽ رٿابنديءَ جهڙن اهم عنصرن بابت نوس ۽ ٽُر سکيا ڏئي ٿو. اڇڪلهه ته انتظام ۽ بندوبست جا الڳ علمي شعبا به وجود ۾ اچي چڪا آهن پر اُهي انسان کي پرامن حالتن اندر بندوبست ڪرڻ سيکارين ٿا. پر هتي اهڙو بندوبست ڪرڻو آهي جو اوهان به بچي وڃو ۽ دشمن کي به مات اچي. ڪنهن به لڙائي کان اڳ، ڪيترائي معاملا اڳواٽ طئي ڪرڻا پوندا آهن، جتي اتفاق جي آسري ڪابه شي نه ڇڏبي آهي. مثال طور: لڙائيءَ جي ابتدا جو وقت، ابتدائي جاءِ، گهربل فوج، هٿيار، گاڏيون، بارود ۽ وري هلندڙ ويڑهه دوران مرحليوار انهن جي ٽيندڙ گهرج، اڳتي وڌڻ جي ابتدائي حد ۽ ان لاءِ مقرر ٿيل هدف، موسم، کاڌ خوراڪ ۽ جاڻ ڏيڻ ۽ ونڊ، مسلسل رسد پهچائڻ، پنڌتي هٽڻ جا گس ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه ته پنهنجن سمورن بندوبستن کي لڪائڻ ۽ دشمن جي اهڙن سيني بندوبستن ۽ انتظامن بابت جاڻ حاصل ڪرڻ (جاسوسي) سميت محاذ جي ويڪر ۽ ڊيگهه ۽ محاذ جي مهڙ ۽ پچڙ ۾ لاڳاپو، زميني، بحري ۽ هوائي فوجن ۾ لاڳاپو، حڪمت عملي، انڪلون ۽ تدبيرون، بچت فوج ۽

هٿيارن وغيره بابت اڳواٽ انتظام ڪرڻو پوندو آهي. جڏهن ته ٻين شعبن ۾ عام طور تي ايتري تفصيلي ۽ جامع ۽ گهڻ رخي رٽابندي نه ڪئي ويندي آهي. هي علم ٽورڻن توڙي لکين ماڻهن جي تنظيم ۽ انتظام ڪرڻ جو هنر سيکاري ٿو ۽ انهن فوجين کي موت ۽ زندگيءَ جهڙي اهم معاملي تائين وٺي وڃڻ لاءِ اتساهڻ جو فن سيکاري ٿو.

14 هزار پيرا جنگ: چيو وڃي ٿو ته گذريل ساڍن پنج هزار سالن جي انساني تاريخ ۾ اٽڪل 14 هزار پيرا انسان جنگ وڙهندو رهيو آهي. جيڪڏهن حساب لڳائجي ته اهو ٽيندو روزانو ٽي جنگيون. ڏري گهڻ انساني تاريخ جو سمورو سفر ئي جنگين جو داستان لڳندو. رڳو ڦرلٽ، ڏاڙا، قتل و غارت گري ئي آهي ٻيو ڪجهه آهي ئي ڪونه شايد! مشهور تاريخ نويس ايڊورڊ گبن لکيو ته "تاريخ، عام طور تي انسانذات جي فقط ڏوهن، غلطين ۽ بيوقوفين جو ڪاتو (رڪارڊ) آهي."[11]

هن وقت به ڪربين اربين روپيا هٿيارن، بارود ۽ فوجن تي خرچ ڪيا وڃن ٿا، قدرتي وسيلن ۽ انساني محنت جو وڏو حصو هٿيار ٺاهڻ تي خرچ ٿئي ٿو. ايتريقدر، خطرناڪ ۽ هاڃيڪار هٿيار ۽ بارود تيار ٿي چڪو آهي جو هي ڌرتي شايد چوٽين عالمي تائين قائم ئي نه رهي سگهي. ان حوالي سان البرٽ آئن اسٽائين جهڙي عظيم سائنسدان چيو ته "آءٌ نٿو ڄاڻان ته ٽين عالمي جنگ کهڙن هٿيارن سان وڙهي ويندي پر چوٽين عالمي جنگ لڻين ۽ پٿرن سان وڙهي ويندي." اهڙي خطرناڪ صورتحال ۾ جيڪڏهن ڪو انسان سماجي نظام کي بدلائڻ ضروري سمجهي ٿو ۽ جنگ کي هميشه لاءِ ختم ڪرڻ چاهي ٿو ته اُن کي انساني تاريخ ضرور پڙهڻ گهرجي جنهن جي داستان جو هڪ اهم حصو جنگ پئي رهي آهي.

جنگ جو مقصد

جنگ ۽ امن جي وچ ۾ لڪاپو

انسان پنهنجي ابتدا کان وٺي هن مهل تائين انتهائي خطرناڪ فطري ۽ سماجي مصيبتن، آفتن ۽ مسئلن سان ويڙهه ڪندو اڃوڪي منزل تي پهتو آهي. ان سموري سفر دوران انساني زندگي جي سرگرميءَ جون طرحين طرحين، رنگ برنگي خوبصورت ۽ بدصورت مختلف مظهر ۽ صورتون پئي رهيون آهن. انهن ۾ فطري ۽ انساني حُسن، سماجي، سياسي ۽ معاشي سرگرميون، اخلاقي قدر، ثقافتي ريتون رسمون، ادب، فن، رقص، شاعري، فلمون، ڊراما، موسيقي، گفتگو، ڏاڙا ٽڪاءَ، چرچا پوڳ، پيار محبت، راندیون، هوليون، خاندائي، قبيلائي ۽ قومي رشتا ناتا، خوشي، غم، خواب ۽ ارادا، علم ۽ سمجهه ۽ ٻيو گهڻو ڪجهه شامل آهي. پر عام تاثر هي آهي ته فقط جنگ ئي بدصورت ۽ گندي سرگرمي آهي جيڪا انسان کي فقط نقصان ۽ هاڃا رسائي ٿي. توڙي جو اهو خيال دُرست آهي. پر ڪنهن به عمل جي سُڻي ۽ خراب هجڻ بابت وقت ۽ حالتون طئي ڪنديون آهن. جنگ بذات خود خراب يا سُڻي شي نه هوندي آهي اصل ڳالهه ان جي مقصدن جي هوندي آهي. مثال طور هڪڙو عام ماڻهو جيڪڏهن ڪنهن ٻئي انسان کي قتل ڪري ته اُن کي ٻيا ماڻهو خوني ۽ قاتل سڏين ٿا پر جيڪڏهن اُهو ساڳيو ماڻهو پنهنجي ملڪ جي سرحد تي گهڻن دشمن کي ماري ٿو ته اُن کي پنهنجي مُلڪ جا ماڻهو هيرو سڏين ٿا. جيتوڻيڪ، ماڻهو ساڳيو آهي عمل جو اظهار به ساڳيو آهي پر فقط مقصد، وقت ۽ حالتون مختلف هُجڻ ڪري هڪڙي کي قاتل ۽ ٻئي کي هيرو سڏيو وڃي ٿو. بهرحال، ائين به ناهي ته رڳو جنگ ئي آهي جنهن ۾ تباهي ٿئي ٿي ۽ ماڻهو مرن ٿا ۽ پُرامن سرگرمي انسانن کي هميشه فائدو رسائي ٿي. ان حوالي سان اينگلس پنهنجي دوست ڏانهن خط ۾ لکيو ته "انساني تاريخ انتهائي سفاڪ ۽ بيرحم آهي، ان پنهنجي ڪاميابيءَ جو سفر، رڳو جنگين ۾ نه پر پُرامن اقتصادي حالتن ۾ به، انساني لاشن جي ڍيرن تان گذري طئي ڪيو آهي."[12] مثال طور هن وقت پاڪستان ۾ ڪا جنگ ته ڪانهي، پر هزارين انسان هيپاٽائيٽس سي ۽ بي

وگهي مري وڃن ٿا. ڪيترائي ٻار پيدائش واري مرحلي ۾ ئي موت جو ڪاڇ بڻجن ٿا، آفريڪا ۾ هن وقت به لکن جي تعداد ۾ ماڻهو ملیریا، بخار ۽ کنگهه سبب مرن ٿا، ڇاڪاڻ ته اُتي دوائون موجود ناهن. هن وقت به لکين انسان اهڙا آهن جن وٽ گذر سفر ۽ کائڻ پيئڻ جون بنيادي ضرورتون پوريون ناهن. يورپ ۽ جاپان جا ماڻهو ستر يا اسي سالن تائين زنده رهن ٿا، جڏهن ته ايشيا جي اڪثر ملڪن جي ماڻهن جي زندگيءَ جو ڏيئو چاليهه يا وڌ ۾ وڌ سٺ سال تائين ٻري ۽ وسامي وڃي ٿو. مطلب ته انهن ماڻهن جي زندگين جا 20 کان 30 سال کيڏانهن وڃن ٿا. اهو عرصو ڪير ڪائي ويو؟ يورپ جا ماڻهو اسي اسي سال زندگي گذارين ٿا ته پوءِ ايشيا جو ماڻهو جهٽ پٽ ڇو مريو وڃي. آفريڪا ۾ ٻار ڄمن ٿا ته سندن سيني جا هڏا ظاهر نظر اچن ٿا. آخر ڪار ائين ڇو؟ هي ته "پرامن اقتصادي دور" آهي، ڪا جنگ ڪانه پئي ٿئي (سواءِ چند ملڪن ۽ علائقن جي)، ڪي هٿيار ڪونه پيا استعمال ٿين، ته پوءِ ماڻهو روز مرن ٿا، ڇو؟ سنڌ ۾ روز ڪارو ڪاري تحت عورتون ماريون وڃن ٿيون، روزانو دهشتگرد عام ماڻهن کي نشانو بڻائين ٿا، ڪيترائي ماڻهو پاڻ ۽ ٻارن ٻچن سميت خودڪشيون به ڪن ٿا ۽ روز انسان بک، بدحالي ۽ بيروزگاري سبب مرن پيا. جيڪڏهن اهي سڀ انگ اکر گڏ ڪبا ته روزانو هزارين انسان بغير ڪنهن گولي لڳڻ جي، بغير ڪنهن هٿيار هلائڻ جي، بغير ڪنهن جنگ ۽ لڙائيءَ جي، "پرامن" حالتن ۾ غيرفطري موت جو ڪاڇ بڻجن ٿا. تنهنڪري، اهو تاثر هڪ طرفو آهي ته فقط جنگ دوران ئي قتل عام ٿئي ٿو، اصل ۾ فرق هي آهي ته پُرامن حالتن جي پيٽ ۾ جنگ دوران وڌيڪ خونريزي ۽ نقصان ٿئي ٿو. پُرامن حالتن دوران ٿيندڙ هاڃن جي پٺيان اهو ظالم طبقاتي نظام آهي جنهنڪري اهي سڀ ڪلوُر ۽ ڪوس ٿين پيا. اهي سڀ غلامداري، جاگيرداري ۽ سرمائيداري نظام جون بچڙايون ۽ "ڪرامتون" آهن جو لکين انسان قتل ۽ ٿين ۽ انهن مقتولن ۽ سندن وارثن کي اها خبر ۽ نٿي پئي ته ڇا اُهي فطري موت مئا يا کين ڪنهن قتل ڪري ڇڏيو؟

نه خنجر پي کوئي چينٽ، نه دامن پي کوئي داغ
تر قتل کروهو، کي کرامات کروهو

ان حوالي سان کارل مارکس لکيو ته "حقيقت ۾، رت پياڪ (سرمائيداري) تيسين هٽ نه ڪيندي جيستائين هڪ به ڏنورو، هڪ به رڳ، ۽ رت جو آخري قطرو به،

چوسي نہ ٿي وڃي. انساني "رت ۽ گوشت" سندن (سرمائيدارن لاءِ) "ڏوکڙ" آهن. سرمايو، هر پاسي کان پروڙ، مٿي کان پيرن تائين، ڦڙو ڦڙو ٿي ٽمندڙ رت ۽ گند ڪچري سان آيو آهي."[13]

جيتريقدر جنگ جي مقصد جو تعلق آهي تہ انسان جنگ چو ٿو ڪري؟ ان جنگ جو مقصد ڪهڙو آهي؟ ڇا انسان جنگين کانسواءِ نٿو رهي سگهي؟ اُها ڪهڙي شي آهي جيڪا انسان کي جنگ جهڙو خطرناڪ ڪر ڪرڻ تي مجبور ٿي ڪري؟ انسان جي صدين جي سفر ۾ انسان بنيادي طور تي پنهنجي "وجود جي بقا" لاءِ وڙهندو رهيو آهي. انسان پنهنجي ابتدا کان وڃي هن مهل تائين موت کان ڊڄندو ۽ نفرت ڪندو ۽ زندگيءَ سان پيار ڪندو رهيو آهي. انهيءِ موت کان بچڻ لاءِ هن ڪيترائي جتن، محنتون ڪيون ۽ ڪشالا ڪٽيا آهن، عقيدا ۽ تخليق ڪيا آهن ۽ شاعريون ۽ ڪيون. پر هن دنيا ۾ مختصر زندگي جي سفر ۾ هزارين خواب، خواهشون ۽ تمنائون اڻپوريون رهجيو وڃن تنهنڪري انسان زندگيءَ کانپوءِ واري حياتيءَ جا درس ۽ ڏنا آهن تہ جيئن فاني انسان کي ازلي ۽ ابدي زندگيءَ ملي سگهي. بهرحال، انسان مرڻ نہ چاهيندو آهي ۽ هُو زندھ رهڻ چاهيندو آهي. بُک کي منهن ڏيڻ لاءِ کاڌي جو بندوبست ڪندو رهيو آهي، سڄ جي گرميءَ کان بچڻ لاءِ گهر ٺاهيندو رهيو آهي، پنهنجو نسل وڌائڻ لاءِ ميل ميلاپ ڪندو رهيو آهي، بُيمارين کان بچڻ لاءِ دوائون کائيندو رهيو آهي، اونداهيءَ کان بچڻ لاءِ باھ ۽ روشنيءَ جا ٻيا ذريعا ڪتب آڻيندو رهيو آهي، پيداوار ڪرڻ لاءِ سخت محنت ۽ پورهيو ڪندو رهيو آهي، گڏيل تحفظ لاءِ سماج اڏيندو رهيو آهي، ٻوڏن کان بچڻ لاءِ بند اڏيندو رهيو آهي، پنهنجي ڳالھ ٻئي تائين پهچائڻ لاءِ ٻوليون ٺاهيندو رهيو آهي، ڏورانهن پنڌن لاءِ گڏھ گاڏا، اُٺ گاڏا، سائيڪلون، ڪارون ۽ جهاز ٺاهيندو رهيو آهي، ۽ انهيءَ زندگيءَ جي ڏکن ۽ تڪليفن کي گهٽائڻ ۽ زندگيءَ کي حسين ۽ خوبصورت بنائڻ لاءِ شاعري، رقص، موسيقي، مصوري، فلمون، ڪهاڻيون، راندیون، ڪچهريون، پيار محبت، سير سياحت، ايجادون ۽ علم ماڻڻ جهڙا ڪر ڪندو رهيو آهي. پر جڏهن اهوئي انسان پنهنجي زندگيءَ کي خطري ۾ ڏسندو آهي ۽ موت کي پاڻ مٽان لامارا ڏيندي ڏسندو آهي تہ نہ صرف فطرت جي انڌين قوتن سان مهاڏو انڪائيندو آهي پر جانورن سميت پاڻ کي ۽ پاڻ جهڙن ٻين انسانن کي ٻہ ماري ڇڏيندو آهي. زندگي انسان توڙي جانورن کي ٻہ پياري هوندي آهي. انسان جون سموريون سياسي، معاشي، ثقافتي سرگرميون پاڻ کي زنده رکڻ ۽ پوءِ خوش

رهڻ، لطف ماڻڻ، علم حاصل ڪرڻ، ڇگائي ڪرڻ، مطلب ته فقط زنده رهڻ نه پر سڀي زندگي گهارڻ لاءِ ڪندو رهيو آهي. پر بربريت واري دور مان تهذيب واري دور ۾ داخل ٿيڻ وارو عمل ايترو آسان نه هو. (۽ ڪٿي ڪٿي اڃاتائين انسان پنهنجي بربريت مان جان نه ڇڏائي سگهيو آهي.) جيئن هڪ نئين انسان جي پيدائش هڪ تڪليف ڏيندڙ عمل هوندو آهي، تيئن بربريت مان تهذيب جو ڦٽڻ اذيت ناڪ عمل پئي رهيو آهي جنهن لاءِ اڃان تائين انسان جاکوڙ ۽ ڪوشش ۾ مصروف آهي. هزارين سالن جي تهذيب جي سفر کانپوءِ به انسان جنگيون ڪري رهيو آهي. پر جتي جنگين ۾ انسانن هٿان ٻين لکين ڪروڙين انسانن جو قتل عام ٿيو اهي، اُتي ئي جائز ۽ منصفاڻين جنگين ذريعي مظلوم ۽ مهذب انسان، ظالم ۽ بالادست وحشي صفت انسانن کان پاڻ کي بچائيندا به رهيا آهن. جنگ بنيادي طور تي (جائز ۽ ناجائز) "وجود جي بقا" ۽ باشعور، حسين ۽ خوشگوار باهمي بقا لاءِ ٿيندڙ هزارين سرگرمين مان فقط هڪ سرگرمي جي صورت آهي.

انسان صدين کان جنگ ڪندو پيو اچي. جنگ انسان کي موت سان اکيون اکين ۾ ملائڻ سيکاري ٿي. جنگ جو علم انسان کي جرائت، همٽ ۽ بهادريءَ جي گڻ جي تعليم ڏئي ٿو. جنگ جو علم انسان کي انتظام، بندوبست، تنظيم ۽ رٿابنديءَ جهڙن اهم عنصرن بابت ٻوس ۽ ٿُڙ سکيا ڏئي ٿو. جنگ انسان کي پُرامن زندگي جي اهميت جو احساس ڏياري ٿي. جنگ جي تاريخ جو علم ماڻهو ۾ شانتي ۽ امن جو قدر ڪرڻ سيکاري ٿو. جنگ جو علم انسان کي انتهائي ۽ آخري حدن تائين وڃڻ، وڙهڻ ۽ سوچڻ جي صلاحيت پيدا ڪري ٿو. جنگ انسان ۾ سهپ، بردباري ۽ برداشت جو به درس ڏئي ٿي. پر ڪجهه به هجي جنگ هڪ بيڙي سرگرمي آهي جيڪا انسانن هٿان انسانن جو قتل عام ڪرائي ٿي. پر جهڙي طرح هن ڪائنات، سماج ۽ انساني سوچ ۾ ڪابه شي حتمي، آخري ۽ قطعي نه ٿيندي آهي ساڳئي طرح جنگ به قطعي ۽ حتمي طور تي، هر هنڌ ۽ هر حالت ۾ بيڙي سرگرمي ناهي. اهم ڳالهه جنگ نه آهي پر جنگ جا مقصد (وقت ۽ حالتون) آهن جيڪي ان جي جائز ۽ ناجائز هجڻ جو تعين ڪن ٿا.

قبضو ڪرڻ ۽ قبضو ڇڏائڻ، غلام بنائڻ ۽ آزادي ونڻ، قرلڻ ڪرڻ ۽ پنهنجي گڏيل ملڪيتن جو تحفظ ڪرڻ، پنهنجا خيال ٻين تي مڙهڻ ۽ انسان دشمن نظرين سان ويڙهه ڪرڻ ۽ بدلي ونڻ سميت جنگ جا ڪيترائي جائز ۽ ناجائز

مقصد پئي رهيا آهن. پر ٿلهي ليکي خالص جنگ جي حڪمت عمليءَ جو مقصد "دشمن کي بي هٿيار ڪري، زخمي ڪري يا نقصان ڏيئي، يا وري ان کي بلڪل ختم ڪري، آڻ مجائڻ ۽ پنهنجي مرضي مجائڻ هوندو آهي." ان مرضي جو تعين فوجي جنرل نه ڪندا آهن پر حڪومتون ڪنديون آهن.
جيڪي به جنگي نظريدان ۽ جنرل رهيا آهن اُهي جنگ کي ڪن مفادن جي حاصلات جو ذريعو سمجهندا رهيا آهن. پر جنگي علم جي ماهر مائوزيتنگ لکيو ته "جنگ جو مقصد، بذات خود، جنگ جو خاتمو آڻڻ آهي." "جنگ، انسانن جي وچ ۾ باهمي ڪوس جو پوت آهي، جيڪو آخرڪار انساني معاشري جي ترقيءَ ذريعي ختم ڪيو ويندو ۽ اهو مستقبل تمام گهڻو پري ناهي." "پر اُن کي ختم ڪرڻ جو فقط هڪڙو طريقو آهي ۽ اهو آهي ته جنگ جي مخالفت جنگ سان ڪرڻ، انقلاب دشمن جنگ جي مخالفت انقلابي جنگ سان، قومي انقلاب دشمن جنگ جي مخالفت قومي انقلابي جنگ سان ۽ انقلاب دشمن طبقاتي جنگ جي مخالفت انقلابي طبقاتي جنگ سان ڪجي." "تاريخ فقط ٻن قسمن جي جنگين جي ڄاڻ ڏئي ٿي، جائز ۽ ناجائز. اسين جائز جنگين جي حمايت ڪريون ٿا ۽ ناجائز جنگين جي مخالفت ڪريون ٿا." "انقلابي جنگ جي قانونن بابت اسانجو مطالعو ان خواهش مان ڦٽي نڪتو آهي ته سمورين جنگين جو خاتمو آڻجي." "اسان ڪميونسٽن ۽ سمورن استحصالي طبقن جي وچ ۾ اهوئي فرق آهي."[1]

عام جنگ بابت مختلف نظريا

دنيا جي تاريخ ۾ جيڪي به جنگيون ٿيون آهن، ۽ اُنهن جنگين ۾ هزارين ۽ لکين انسان پاڻ جهڙن ٻين لکين انسانن جو قتل ڪندا رهيا آهن پر اهو تڏهن ئي ممڪن آهي جڏهن انهن ماڻهن وٽ ڪي نه ڪي حقيقي ۽ هٿرادو نظرياتي جواز هجن. جيڪي انسان جي ذهن ۽ ضمير کي ڪوڙو ۽ سچو اطمينان ڏين ۽ ان کي ان حد تائين تيار ڪن ته هُو پنهنجي دشمنن ۽ پاڻ جهڙن ٻين انسانن جو قتل ڪري. جنگ ڇو ٿي ٿئي؟ ان حوالي سان ڪيترائي نظريا پيش ڪيا ويا آهن. جن مان ڪجهه هيٺ بيان ڪجن ٿا:

(1) مذهبي نظريو: ان نظريي مطابق جنگيون بُراين جو نتيجو هُجن ٿيون. مافوق الفطرت قوت انسانن طرفان غلط ڪم ڪرڻ سبب کين جنگ و جدل جي صورت ۾ سزا ڏيندي آهي. عام طور تي مذهبي جنگ جا ظاهري سبب مذهبي اختلاف پيش ڪيا ويندا آهن جيڪي انهن جنگين ۾ شامل سپاهين کي

"اخلاقي جواز" مهيا ڪري ڏيندا آهن پر اهڙا خيال ۽ نظريا ته انهن جنگين جا فقط نظرياتي هٿيار هجن ٿا. اصل ۾ انهن جي ته ۾ معاشي مفاد هوندا آهن. نظرياتي جدوجهد معاشي مفادن جي اظهار جي هڪ صورت هوندي آهي اها بذات خود ڪا الڳ شي ناهي. مثال طور گذريل ڏهاڪي ڪان آمريڪا ۽ افغانستان ۽ عراق جي وچ ۾ جنگ هلي ٿي پئي. جنهن لاءِ ڪجھ ماڻهن طرفان چيو وجي ٿو ته اها عيسائين ۽ مسلمانن جي وچ ۾ جنگ آهي. ظاهري طور تي بلڪل ائين آهي پر ڇا آمريڪا عراق ۽ افغانستان مان سڀ مذهبي جايون ڏهرائي چڏيون آهن؟ ڇا آمريڪا عراق مان سمورا مقدس ڪتاب ڪٽائي چڏيا آهن؟ ڇا آمريڪا عراق ۾ مذهبي رسمون ادا ڪرڻ تي پابندي وجهي چڏي آهي؟ نہ ائين ناهي. اصل ۾ (آمريڪي عيسائي نہ پر) آمريڪي سامراج عراق ۾ (اسلام نہ پر) تيل جي ذخيرن تي قبضو ڪرڻ چاهي ٿو. پوءِ جيڪڏهن ان قسم جي مفادن (قبضي) آڏو اسلام يا عيسائيت رڪاوٽ ٿين ٿا ته پوءِ سامراج انهن کي بي اثر ڪرڻ يا ختم ڪرڻ لاءِ ويڙھ ۾ ڪندو ۽ هيئنر ڪري ٿو.

(2) حياتياتي نسلي نظريو: ان نظريي مطابق انسان فطرت جو جاندار حصو آهي ۽ فطرت "جيڪو ڏاڍو سو گابو" واري اصول تي عمل ڪري ٿي. دنيا جي تاريخ برتر ۽ ڪمترن نسلن جي وچ ۾ ٽڪر ۽ جھيڙي جو داستان آهي. اهو نظريو انسانذات کي ڪمتر ۽ برتر نسلن ۾ فرق جو درس ڏئي ٿو. ان نظريي جي خالقن مطابق نسلن ۾ ٿيندڙ ويڙھ تاريخ جي ڏکيندڙ قوت آهي. انساني تاريخ جنگين، لڙائين، ڦرلٽ، فتحن جو داستان آهي. مطلب انسان پيدائشي طور تي تشدد ڪرڻ ٻئي تي غالب پوڻ جي خاصيتن جو مالڪ هجي ٿو.

حقيقت ۾ حياتيات (Biology) جي سائنس ثابت ڪيو آهي ته ڪو به نسل ڪنهن ٻئي نسل کان فطري طور تي برتر ناهي. سمورن انسانن ۾ رت، رڳون، دل، ڦڦڙ، مغز، چمڙي ۽ گوشت وغيره ساڳيا آهن باقي چمڙي جي رنگ ۽ قد بت ۾ فرق سان انسان جي سماجي ۽ معاشي حيثيت ۾ فرق نہ ٿو پوي. سماجي حيثيت ۾ فرق فطري ناهي. جانورن ۾ ٿيندڙ ويڙھ بنيادي طور تي حياتياتي قانونن جي بنياد تي ٿيندي آهي. جيڪي قانون انڊا هوندا آهن جڏهن ته انسان فطرت جي قانونن جي تاريخي ۽ گڏيل سمجھ رکي ٿو جنهن بنياد تي فطرت جي صورت کي بدلائي سگھي ٿو.

(3) مالٿس جو نظريي مطابق آبادي وڌڻ ۽ پيداوار گھٽجڻ سبب دنيا ۾ جنگيون لڳن ٿيون. ان سبب ئي ٻُک، بيماريون ڦھلجن ٿيون. مالٿس وٽ دنيا جي

سمورن مسئلن جو حل اهو آهي آباديءَ کي ڪنهن به طرح گهٽايو وڃي. مالٿس چيو ته دنيا جي جيڪي مسئلا، مصيبتون، بک، بدحاليون، عذاب، ظلم ۽ جبر آهي ان جو بنيادي سبب آبادي جو وڌجڻ ۽ گهٽجڻ آهي. شيون پيدا گهٽ ٿين ۽ خرچ گهڻيون ٿين ٿيون ڇاڪاڻ ته انساني آبادي وڌندي رهي ٿي جڏهن ته پيداوار ساڳي رهي ٿي. مثال طور: اڳ ۾ ڪجهه ڪروڙ آبادي هئي ۽ هاڻي 7 ارب کان وڌيڪ آبادي آهي پر پوڪ لائق زمين ته ساڳي جا ساڳي رهي. اها ته ڪاڻ وڌي. مطلب ته وات گهٽا آهن ۽ کاڌ خوراڪ گهٽ آهي جنهن ڪري دنيا ۾ جنگيون، بک، بدحالي ۽ قدا فساد ٿين ٿا.

(4) ڪٽر قومپرست نظريي مطابق ڪنهن علائقي جي آبادي پنهنجي ملڪ ۽ وطن جي دفاع لاءِ ويڙهه ڪري ٿي ۽ قومي بيعزتي يا توهين جي صورت ۾ ٻين ملڪن تي به حملا ڪري ٿي.

(5) جاگرافيائي ۽ سياسي لالچن سبب هڪڙا حڪمران پنهنجين پاڙيسرڙي رياستن تي قبضا ڪرڻ لاءِ جنگيون ڪن ٿا.

(6) تشدد ۽ طاقت جو نظريو: سمورا سرمائيدار نظريا چون ٿا ته تشدد تاريخ ۾ فيصلاڪن ڪردار ادا ڪيو آهي. جنگ تاريخ جي قيٽي کي ڏکيندڙ قوت آهي. سمورن سماجي واقعن ۾ تشدد بنيادي عنصر آهي. ايتريقدر، هنن جي دعوىٰ آهي ته انساني تاريخ جو سمورو سفر، ڪن سماجي واڌاري جي قانونن واري عمل سان نه، پر جنگي جهيڙن سان طئي ٿيو آهي. تاريخ جنگين، قبضن، قرلٽ، مهمن ۽ لڙائين، فوجي جنرلن ۽ فاتحن، بادشاهن ۽ شهنشاهن جو داستان آهي. نطشي پڻ ان قسم جي فلسفي جو پرچار ڪيو جيڪو اڳتي هلي فاشزم جو بنياد بڻيو. اسپنگلر جو خيال هو ته "جنگ اعلىٰ انسانذات جي دائمي صورت آهي." ڊبليو، پچ جي خيال مطابق "سمورين عظيم تهذيبن جنگين منجهان جنم ورتو آهي."

انسان جي تاريخي سفر ۾ طاقت جو ڪهڙو ڪردار رهيو آهي؟ ان سوال جي جواب ۾ اينگلس لکيو ته "ڪجهه ماڻهو چون ٿا ته ملڪيت جو بنياد طاقت آهي. اصل ۾، ڪو قورو ڪنهن ٻئي جي ملڪيت تي تڏهن ئي قبضو ڪري سگهندو جڏهن ان کان اڳ ۾ ذاتي ملڪيت جو وجود هجي. (ڪا شي هوندي ته ان تي قبضو به ٿيندو پر جي هوندي ئي کانه ته قبضو ڪيئن ٿيندو!) ائين ٿي سگهي ٿو ته طاقت ڪنهن جي ملڪيت کي ٻئي جي قبضي ۾ ڏياري سگهي ٿي پر اها ملڪيت تخليق نٿي ڪري سگهي. خود هٿيار به اوزار آهن پر انهن

اوزارن کي تخليق ڪرڻ ۽ انهن کي اها شڪل ڏيڻ لاءِ پهريائين پورهيو گهرجي ٿو جيڪو هڪ پورهيت ڪري ٿو."[15] "مختصر هي ته، هر هنڌ ۽ هميشہ اقتصادي حالتون ۽ طاقت جا اوزار ئي هوندا آهن جيڪي فتح حاصل ڪرڻ ۾ "طاقت" جي مدد ڪن ٿا ۽ جن کانسواءِ طاقت طاقت نہ رهندي."

جيتوٽيڪ، جنگ بابت سرمائيدار نظريا هڪٻئي کان مختلف آهن پر انهن سيني ۾ هڪڙي شي ساڳي آهي، ته اُهي سڀ سامراجي جنگ کي جائز قرار ڏين ٿا. جنگ کي خيال پرستي، عقيدن ۽ مافوق الفطرت قوتن سان ڳنڍين ٿا ۽ جنگ کي دائمي ۽ اٽڪر شي سمجهن ٿا. جنگ (سُٺي هجي يا خراب) هي ان کي فطري طاقت سمجهن ٿا. حقيقت ۾، سماجي تاريخ جو رستو، جنگ يا تشدد سان نہ پر معروضي سماجي قانون طئي ڪن ٿا. سامراجي انهن قانونن کي بندوقن ۽ بمن سان ختم نٿا ڪري سگهن. تشدد ڪڏهن بہ مقصد نہ رهيو آهي پر مقصد تائين پهچڻ جو ذريعو پئي رهيو آهي.

ان حوالي سان دنيا جي عظيم سائنسدان ارسطو لکيو ته "اسين جنگ ان لاءِ ڪريون ٿا ته جيئن امُن سان رهي سگهون."[16] جنرل رسل اي ڊگورٽي چيو ته "معاملو جنگ ۽ امن جو ناهي، پر اهر ڳالهه هي آهي ته اسان پنهنجي آزاديءَ کي بهترين نموني ڪيئن ٿا بچائي سگهون." رابرٽ اي هينلن چيو ته جنگ جو مقصد حڪومت جي فيصلن جي طاقت ذريعي حمايت ڪرڻ آهي. جنگ مرڻ مارڻ لاءِ نہ ڪئي ويندي آهي پر جنگ هڪ منظر ۽ بامقصد پرتشدد ويڙهہ آهي. انقلابي جنگ جي عظيم سائنسدان مائوزيتنگ لکيو ته "جنگ جو مقصد امُن قائم ڪرڻ آهي." ٽامس جيفرسن چيو ته "محب وطن ماڻهن کي پنهنجي رت سان آزاديءَ جي وڻ کي وقت بوقت تازو ۽ توانو ڪرٽو پوي ٿو." ڪينيڊي چيو ته "يا ته انسانذات جنگ جو خاتمو آڻي نہ ته جنگ انسانذات جو خاتمو آڻي ڇڏيندي." جديد عام جنگ جي عظيم نظريدان ڪلازيوٽز لکيو ته "جنگ هٿياربند ذريعن سان سياست جو تسلسل آهي. جنگ عظيم مفادن جي وچ ۾ ٽڪراءُ آهي جنهن جو نبيرو خونريزيءَ سان ٿئي ٿو."

کارل مارڪس ٻڌايو ته انساني سماجي تاريخ طبقاتي جدوجهد جي تاريخ آهي. جڏهن کان ذاتي ملڪيت وجود ۾ آئي تڏهن کان پورهيي جي ورڇ شروع ٿي. جنهن معاشري کي هڪٻئي جي مخالف طبقن ۾ ورهائي ڇڏيو. ان کانپوءِ مٿيون طبقو پنهنجي ڦرلٽ ۽ بالادستي کي قائم رکڻ لاءِ هيٺين طبقي کي ڦريندو، دٻائيندو ۽ ايتريقدر جو مارينڊو بہ رهيو آهي. ان جي ردعمل ۾، هيٺيان طبقا

پنهنجو بچاءُ ڪرڻ لاءِ مٿين طبقن سان وڙهندا رهيا آهن. نتيجي طور دنيا جي تاريخ ۾ سماجي تبديليون ۽ انقلاب ايندا رهيا آهن. انهن طبقن جي وچ ۾ ٽيندڙ ويڑهه ۽ ڇڪتاڻ تاريخ جي ڏيٽي کي ڏکيندي آهي. اها ويڑهه ۽ ڇڪتاڻ ڪڏهن پرامن صورت ۾، ته ڪڏهن جنگ جهڙي پرتشدد صورت ۾ ٽيندي رهي آهي.

مارڪسزم موجب طبقاتي معاشري ۾ جنگ سماجي واڌاري جي دشمناڻن تضادن کي حل ڪرڻ جو ذريعو هجي ٿي. آڳاٽي زماني ۾ هٿياربند جهيڙا ۽ ٽڪراءَ ٿيندا هئا پر انهن کي جنگ نٿو چئي سگهجي. انهن ٽڪرائن جو مقصد ٻئي قبيلي کي مڪمل طور تي تباهه ڪري ڇڏڻ هوندو هو. پر ان مهل تائين اهڙي سماجي قوت جيڪا پنهنجن سياسي ۽ اقتصادي مفادن کي حاصل ڪرڻ لاءِ جنگ کي منظر ڪري ۽ ان جو انتظام ڪري، اُها نه هئي ۽ ان لاءِ هٿياربند ماڻهن جي خاص تنظيم به نه هئي. جنگ، هڪ سماجي سياسي لڦاءُ طور غلامداري نظام جي پيدا ٿيڻ سان ظاهر ٿي.

سياست، رياستي نظام کي حاصل ڪري ان کي مضبوط ۽ قائم رکڻ لاءِ يا ان کي ختم ڪرڻ لاءِ، طبقن جي جدوجهد آهي. سياست اقتصاديات جي عموميت ۽ ان جو مرڪوز (concentrated) اظهار آهي. تنهنڪري، سياست مختلف سماجي قوتن جي جهيڙن، طبقن، رياستن ۽ بين الاقوامي اتحادن جي جدوجهدن ۾ مکيه ڪردار ادا ڪري ٿي. پر سمورن هٿياربند جهيڙن کي جنگ نٿو چئي سگهجي، سياسي مقصدن کانسواءِ ٽيندڙ جهيڙن کي ويڑهه چئي سگهجي ٿو. طبقن ۽ رياستن جا سياسي مفاد جنگ جي مقصدن جو تعين ڪن ٿا جڏهن ته هٿياربند جدوجهد انهن کي حاصل ڪرڻ جو ذريعو هجي ٿي. جنگ بين (پرتشدد هٿياربند) ذريعن سان مختلف طبقن ۽ رياستن جي سياست جو تسلسل آهي. جنگ جدوجهد جي هڪ خاص صورت آهي. اها ساڳئي جدوجهد پرامن دور ۾ به ٿئي ٿي پر ان جا ذريعا پرتشدد (هٿيار) نٿا هجن. مارڪسي نظريي موجب "ٽوس تاريخي حالتن ۾، جنگ، هٿياربند طريقن سان، هڪ رياست، يا طبقي، جي پاليسين جو تسلسل آهي."[17]

جنگ جي سائنس ۽ فن ۾ واڌارا

يوريشيا: جنگ جو ميدان

جيتريقدر، جنگ، ويڑهه ۽ لڙائي جي ابتدا جو تعلق آهي تہ انسان جي انسان سان لڙائيءَ جي شروعات ذاتي ملڪيت ۽ پورهيي ۽ اجوري جي غيرمنصفاڻي ورڇ سان ٿي. باقي فطرت سان انسان جي ويڑهه جي ابتدا تہ انسان جي پيدائش کان جاري رهندي پئي اچي. ان ويڑهه ۾ انسان بين انسانن، جانورن، قدرتي آفتن، اوندهہ، بُک ۽ بين فطري مصيبتن سان اجاتائين ويڑهه ڪندو پيو اچي. اينگلس لکيو تہ "اها حقيقت آهي تہ انسان وحشي جيوت مان نڪتو آهي. نتيجي طور، پنهنجو پاڻ کي ان بربريت مان ڪيڏ لاءِ ڪيس وحشياڻا ۽ ظالماڻا ذريعا ئي استعمال ڪرڻا پوندا."[184]

دنيا جي موجوده نقشي تي نظر ڦيرائي ڏسبي تہ سوين ننڍا وڏا رنگ برنگي ٽڪرا (مُلڪ) نظر ايندا جيڪي مختلف ملڪن جي سرحدن جي نشاندهي ڪن ٿا. پر دنيا جي موجوده جديد نقشي جي تاريخ فقط پنجاهہ يا سوءَ سال پراڻي آهي. چاڪاڻ تہ اڄ کان سڌ يا سوءَ سال اڳ دنيا جا اڪثر ملڪ، چند سامراجي قوتن (برطانيہ، فرانس، جرمني، اٽلي، روس، آسٽريا، ترڪي) جي قبضي هيٺ هئا ۽ دنيا جي گولي تي سندن نقشا اهڙا نہ هئا جيڪي هن وقت نظر اچن ٿا. بهرحال، موجوده دنيا جي نقشي کي اها صورت ونڊ ۾ هزارين سالن جو سفر ڪرڻو پيو آهي، ۽ ان سموري سفر دوران ڪيترائي پيرا دنيا جي مختلف ملڪن جون سرحدون تبديل ٿيندیون رهيون آهن، ڪيتريون ئي سلطنتون ڍهنديون ۽ نيون ٺهنديون رهيون آهن.

دنيا ۾ گهڻي کان گهٽيون جنگيون جنهن پٽ (ميدان) ۾ ٿيون آهن اُن کي يوروشيا (يورپ ۽ ايشيا جا علائقا) سڏيو وڃي ٿو. پورا ٻہ هزار (400 ق م کان 1400ع) سالن تائين جنگيون ان خطي ۾ ٿيون آهن. اُن پٽ ۾ ٿورو حصو آفريڪا (ڪارٿيج ۽ مصر) جو بہ آهي. دنيا جي ان حصي ۾ انسان پورا ٻہ هزار سال وڙهيو آهي پر ان سموري پٽ تي مختلف دورن ۾ مکيہ طور تي وڏا جنگي

حملا ۽ ڪاهون ٿيون آهن، پر اهي ٽئي ڪاهون مختلف هنڌن تان نہ پر ڪنهن هڪ هنڌان ٿيون آهن اُهو اڄ جي دنيا جي نقشي ۾ وچ ايشيا جو علائقو سڏجي ٿو.



دنيا جو نقشو

پهريائين اوارس (Avars)، پوءِ هُن (Huns)، ٽيان ترڪ (Turks) ۽ منگول هيا جن مختلف دورن ۾ مختلف رخن (ايشيا، يورپ وغيرہ) ۾ ڪاهون ڪيون چوٿين صدي قبل مسيح کان چوڏهين عيسوي صديءَ تائين يوريشيا جي ميدان ۾ خانہ بدوش ۽ مستقل رهائش پذير ماڻهن جي وچ ۾ دشمنائا تضاد پئي رهيا آهن. اسڪائين، هُن، اوارس، مگيارس، ترڪ ۽ منگول، پنهنجي جنگي گهوڙن تي سوار ٿي پوري يوريشيا جي علائقي ۾ ڦرندا رهيا آهن حقيقت ۾، مرڪزي ايشيا جي ميداني علائقن جا رهواسي مرحليوار اٽڪل ٻن هزار سالن تائين ڪاهون ڪندا رهيا آهن ساڳئي طرح، وري عرب خانہ بدوشن پڻ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي جيڪي هڪ صديءَ اندر اسپين، شام، ايران، مصر، مغيرب، ۽ هندستان جي همالياجبل تائين پهتا انهن صدي عيسوي کان ويندي سترهوين صديءَ تائين ايشيا ۽ آفريڪا جي مختلف علائقن ۾ سلطنتون قائم ڪيائون.[12]

تنهن کان علاوه دنيا ۾ ٽيل جنگين ۽ فتحن جي نقشن تي نظر وجهنداسين ته ايران طرفان يونان (يورپي ملڪ) سان لڙائين جو داستان ملندو ان کانپوء وري مقدونيا (يورپ) جي سڪندر ايشيا تي ڪاهون ڪيون بعد ۾ عربن جي حملن جا نشان نظر ايندا جن فقط ڏهن سالن جي عرصي اندر 640ع ۽ ٻيو 650ع ۾ يعني مسلمانن وچ جي تيزي واڌ فقط ڏهن سالن جي عرصي ۾ دنيا جي وڏي حصي کي فتح ڪري ورتو 12 صدي ۾ منگول حملي آور چنگيز خان، هلاکو خان، تيمور لنگڙو، قبلائي خان، بابر وغيره جي اکوائي ۾ ايشيا ۽ يورپ جي مختلف ملڪن تي ڪاهي آيا. جيڪي وچ يورپ تائين پهچي ويا هتا هوڏانهن چين، هندستان ۽ عرب علائقن تائين هنن فتحون حاصل ڪيون منگولن سڪندر کانپوء دنيا جي وڏي ۾ وڏي سلطنت کي جنم ڏنو سڪندر جي ناهيل سلطنت جلد ٽٽي وئي پر عربن جي سلطنت ان کان وڌيڪ جٽادار ثابت ٿي يورپ منگولن جي هٿان فتح ٿي چڪو هجي ها ۽ هن وقت يورپ جو نقشو ٻيو هجي ها جيڪڏهن چنگيز خان جو پٽ ٽ مري وڃي ها مسلمان ڪجهه عرصي اندر ڏسندي ڏسندي دنيا جي وڏي حصي، ايران، هندستان، چين، انڊونيشيا، آفريڪا وغيره تائين پکڙجي ويا ان سموري عرصي ۾ مسلمانن جون ٽي وڏيون سلطنتون به وجود ۾ آيون. عثمانيہ سلطنت، مغل سلطنت ۽ ترڪ سلطنت 1453ع ۾ مسلمانن قسطنطنيہ تي قبضو ڪري يورپ جي واپار ۽ تجارت جا رستا بند ڪري ڇڏيا

1716 هين صدي ۾ يورپ ۾ پهريون پيرو فرانس وٽ ڪا وڏي منظم فوج پيدا ٿي (جيڪا اٽڪل 3/2 لک سپاهين تي مشتمل هئي) ڇاڪاڻ ته اُن کان اڳ يورپ ۾ اڪثر ڪري پاڙي جون فوجون هونديون هيون پر ان جي بلڪل ابتڙ، ايشيا ۾ ڪيترين صدين اڳ ٿي ٿي چار چار لک فوجون هونديون هيون ڪارل مارڪس ان جا سبب ڄاڻائيندي لکيو ته جيتوڻيڪ ايشيا جي پيٽ ۾ يورپ تمام ننڍو خطو آهي، پر يورپ اندر بارشون مسلسل پوندين رهن ٿيون ايشيا هڪ ته تمام وڏو خطو آهي ۽ اهم ڪالهه ته هتي بارشون تمام گهٽ پوندين هيون، ۽ جيئن ته ماڻهو جي ڪڏرسفر جو ذريعو زراعت رهيو آهي تنهنڪري هتان جو ماڻهو پوڪ ڪرڻ لاءِ هٿرادو آبپاشي سرشتي تي پاڙن تي مجبور هو. جيئن ته هتي دريا وڏا اهن ۽ برساتون گهٽ پون ٿيون تنهنڪري هتي ڪينال ۽ بئراج سرشتو ۽ وڏن درياڻن جي سنيال ۽ انتظام لاءِ وڏين

رياستن ۽ وڏين سلطنتن جنم ورتو. دنيا جي پهرين وڏي سلطنت ايراني سلطنت خود ايشيا ۾ هئي، گذريل 25 سو سالن جي تاريخ ۾ ڪيترين ئي سلطنتن جنم ورتو (جڏهن ته يورپ ۾ وڏي ۾ وڏي سلطنت رومي سلطنت هئي هوئن به يورپ ننڍو خطو هو ان ڪري اهو ممڪن به نه هو.) اهڙي ريت ايڏن وڏن علائقن تي حڪومتون ڪرڻ ۽ انهن جي تحفظ ۽ ڦرلٽ ڪرڻ لاءِ وڏين فوجن جنم ورتو.[20] جڏهن مسلمان فوجن قسطنطنيہ تي قبضو ڪري يورپ جا رستا بند ڪري ڇڏيا، تنهن ڪانپوءِ دنيا جي نقشي ۾ وڏيون تبديلون آيون. يورپي قومون (پورچوگيز، اسپيني، ڊچ، انگريز، فرانسسي وغيره) نون علائقن جي ڳولا ۾ نڪري پيون. ڏسندي ڏسندي پوري دنيا کي وڪوڙي ويون. هڪڙي پاسي هندستان تائين وڃي پهتيون ته ٻئي پاسي آمريڪا ۾ وڃي لٿيون. ائين گذريل 5 سو سالن کان يورپي ۽ آمريڪي پوري دنيا تي حاڪميت ڪندا رهيا آهن. پر تاريخ جو ڦيرو وري الٽو ٿيڻ شروع ٿيو آهي. صدين کان سُتل ايشيا گذريل ڇهن ڏهاڪن کان اٿڻ شروع ڪيو آهي.

ان سموري جنگ جي عملي تاريخ ۾ جنگ جي سائنس ۽ فن جو واڌارو مختلف مرحلا طئي ڪندو اچي هاڻوڪي صورت ۾ پهتو آهي. جيڪو هن وقت هڪ وڏو ۽ اهم علم آهي. مختلف دورن ۾ علائقن ۾ جنگ جي سائنس جون حڪمت عمليون، تدبيرون، اٽڪلون ۽ طريقا مختلف پئي رهيا آهن. جن ۾ مکيہ طور تي چين، عربستان، هندستان ۽ يورپ جي ڪجھ علائقن جو وڏو ۽ اهم ڪردار پئي رهيو آهي. جنگي علم جي ابتدا ڪڏهن کان ٿي اهو معلوم ڪرڻ انتهائي ڏکيو آهي. ڇاڪاڻ ته جنگ انساني سرگرمين جي آڳاٽين سرگرمين مان هڪ آهي، ۽ لکڻ جي ايجاد کان ٻه گھڻو اڳ جنگيون ڪيون ويندیون هيون، جنهن جي ڄاڻ لوڪ گيتن ۽ قصن ڪهاڻين مان ملي ٿي. ڪيترن ئي قبيلن ۾ جنگي گيت اجاتائين گايا وڃن ٿا. اهو سلسلو اڃٽي هلي، گلگاميش جي جنگي داستان (Gilgamesh Epic)، هومر جي گيتن ۽ مهاپارت جي منظر لکڻين جي صورت ۾ ابتدائي طور تي ظاهر ٿيو. بهرحال، گيت ڪيترائي اتساهيندڙ ۽ توانائي سان پرپور چونہ هجن پر اهي جنگي نظريي جو متبادل نه ٿا ٿي سگهن. نثري صورت ۾ انفرادي مهمن ۽ لڙائين جو ذڪر مصري، عراقي ۽ اسرين نوادرات (monuments) تي اُڪريل آهي. جڏهن ته چين ۾ جنگ جي موضوع تي منظم لکڻين ترقي ڪئي. ايشيا جي جنگي تاريخ ۾

جن جنرلن ۽ نظريدانن اهم ڪردار ادا ڪيو انهن ۾ سن زو، چندرگپت موريا، ڪوتليہ چانڪيہ، اشوڪ، حضرت عمر، خالد بن وليد، صلاح الدين ايوبي، چنگيز خان، اڪبر، سليمان، مصطفیٰ ڪمال، چيانگ ڪائي شيڪ، مائوزيتنگ، لن پيائو، ڪم ال سنگ، اسورڪو ياماموتو، گياپ ۽ بيا شامل آهن. ايشيا جي مختلف علائقائي جنگي ثقافتن (Military Strategic Cultures) جو مختصر حال احوال هيٺ بيان ڪجي ٿو.

جيتوڻيڪ، ايشيا ڪيترن معاملن ۾ يورپ کان اڳتي رهيو آهي، پر هن وقت ايشيائي معاشري جي تصوير ڪشي اهڙي ڪئي وڃي ٿي جو ان کي نيشنل جيوگرافي جي پروگرامن ۾ جاءِ ملي ٿي. جنهن مان اهو تاثر ملي ٿو تہ شايد ايشيا هميشہ کان "غيرمهذب" ۽ "وحشي" پئي رهيو آهي. اصل ۾، گذريل پنج صدين کان يورپي ۽ آمريڪي سامراج، ايشيا کي جاڻي واڻي پنڻتي پئي رکيو آهي. ساڳي صورتحال جنگ جي فن سان بہ آهي. جيئن تہ گذريل پنج صدين کان، مالي، سياسي، ثقافتي ۽ فوجي حوالي سان يورپ جو غلبو رهيو آهي. تنهنڪري، دنيا بابت پيش ٿيل نظريا، ۽ ان بابت جيڪا تاريخ لکي وڃي ٿي، ۽ جيڪو ڪجهہ ٻڌايو وڃي ٿو، اُهو پڻ اولهہ (يورپي ۽ آمريڪي تهذيب) جي چشمي سان ڏٺو، لکيو ۽ ڏيکاريو وڃي ٿو. جنهن علم ۽ ثقافت کي اولهہ ۾ مجتا مليل هُجي ٿي انهن کي ئي عظيم خيال ۽ نظريا تصور ڪيو وڃي ٿو. جنگ جي فن ۽ جنگ جي عملي صورت ۾ ايشيا يورپ کان تمام گهٽو متاثر رهيو آهي. پوري تاريخ پڙهي ڏسو يورپ پوري تاريخ ۾ ايشيا تي وڌ ۾ وڌ ٻہ ڀيرا وڙيون ڪاهون ڪيون ۽ ان ۾ ڪامياب‍يون ماڻيون، باقي ڪل خير! يورپ جيڪو هن وقت دنيا جهان جو لٺ سردار ۽ ابو ٿيو وينو آهي، جنهن جي اڳيان اسين ميسوٽا لڳا وينا آهيون، ان تي تمام گهٽيون ڪاهون ايشيا کان ٿيندين رهيون آهن.

ٻئي طرف، انساني تاريخ جي ڏاڪي بہ ڏاڪي ترقي جي حوالي سان ڏسبو تہ ايشيا اوائلي تهذيبن جو گهر بہ رهيو آهي ۽ هڪڙي دور ۾ جڏهن مذهبن ترقي پسند لاڙي (نواڻ پسند فڪر) جي نمائندگي پئي ڪئي، اهي پڻ ايشيا ۾ پيدا ٿيا. ساڳئي ريت، ايشيا جنگ جي فن ۾ بہ دنيا ۾ سڀ کان اول ترين ۽ بلندترين حيثيت ۾ رهيو آهي. جنگ جي فن ۾ سڀ کان وڏو بنيادي ڪم، تاريخي ڪم، يعني جنهن جنگ جي فن ۾ انقلاب برپا ڪري ڇڏيا، اُهو چين ڪيو آهي.

چين، سن زو ۽ "جنگ جو فن"

جهڙي ريت يونان سائنس ۽ فلسفي ۾، يورپ جي حوالي سان، سڀ کان آڳاٽو بنيادي ڪم ڪندڙ علائقو رهيو آهي. اهڙي ريت ايشيا ۾، آڳاٽي دور ۾ ۽ هن جديد دور ۾ ۽، يعني عام جنگ جي اصولن جي حوالي سان سن زو، ۽ موجوده انقلابي جنگ جي حوالي سان مائوزيتنگ جي صورت ۾. يعني ماضي توڙي حال ۾ ۽، روايتي ۽ انقلابي جنگ، انهن ٻنهي ۾ چين تمام وڏيون انقلابي پيش رفتون ڪيون آهن. پر اُنهن کي اُها واجبي مجتا نه ملي. فرانس ۾ پهريون پيرو 1772ع ۾ سن زو جو ڪتاب "ويڑهه جو فن" ترجمو ٿيو. ايتري عرصي تائين يورپي ماڻهو جنگ جي فن جي بادشاه سن زو کان آشنا ئي نه هئا. پر تڏهن ۽ ان کي ايتري اهميت ڪانه ملي. ان حوالي سان، جنگ جي تاريخ نويس Gerard Chaliand لکيو ته "اسين جنگي فن سميت هر شي کي مغرب جي نظر سان ڏسندا آهيون ۽ ٻين معاشرن جي ڪيل ڪارنامن کي ڪنهن ۽ ڪم جو نه سمجهندا آهيون. مائوزيتنگ جي غيرمتوقع فتح سن زو کي ٻيهر دريافت ڪيو، نه ته يورپ ته غيرمغربي جنگي نظرين جي مطالعي کي ته ڏيان ۾ ئي نه ئي آندو."[21] پر جڏهن مائوزيتنگ سن زو جي جنگي اصولن کي بنياد بڻائي چين ۾ انقلاب آندو تڏهن يورپ وارن پڻ سن زو کي کولي پڙهيو ته "هي ڪهڙي مصيبت آهي!"

چين ۾ جنگ نه ئي پاليسي ٺاهيندڙن جي هٿن ۾ هڪ اوزار (وسيلو) هئي ۽ نه ئي اُها پنهنجو پاڻ ۾ ڪو مقصد هئي. جنگ کي هڪ بچڙائي سمجهيو ويندو هو، پر دنيا جي اوٽاين سبب ان کي استعمال ڪرڻ ضروري سمجهيو ويندو هو. سن زو لکيو ته "هٿيار نياڳ جا اوزار آهن." ۽ سن پن ان کي وڌائيندي چيو ته "رياست پلي ڪيتري به وڏي ڇو نه هجي، جيڪو به جنگ مان لطف اندوز ٿيندو اهو تباه ٿي ويندو." وو تزو پنهنجي بادشاه کي ٻڌايو ته "هڪ حڪمران کي جنگي معاملن ۾ لڳاءُ نه هجي، پر جيڪڏهن هُو جنگ لاءِ تيار نه هوندو ته پوءِ اها سندس فرض ۾ ناڪامي سمجهبي." سن زو چيو ته "جنگ رياست لاءِ انتهائي اهم معاملو آهي."

جيتريقدر هڪ ملڪ طرفان ڪنهن ٻئي ملڪ سان جنگ ڪرڻ جو تعلق آهي تہ چين پنهنجي پوري تاريخ ۾ ٿلهي ليکي دفاعي حڪمت عملي تي عمل ڪيو آهي، انهن پنهنجي علائقي کان ٻاهر نڪري ڪنهن ٻئي ملڪ يا خطي تي مسلسل ڪاهون نہ ڪيون آهن. خود سن زو ٻہ جنگ کي خارجہ معاملو نہ پئي سمجهيو پر ان کي اندروني معاملو سمجهيو. جڏهن تہ يورپ جي جنگ جي سموري تاريخ ۾ جنگ کي خارجہ اسر (معاملو) سمجهيو ويندو رهيو آهي. چين دفاعي حڪمت عملي ان ڪري اختيار ڪئي ڇاڪاڻ تہ ڪيس هميشہ ڏارين حملي آورن کان خطرو هوندو هو، ايتريقدر جو، ديوار چين پڻ دفاع جي حوالي سان تيار ڪئي وئي هئي.

چين هڪ تہ وڏو علائقو آهي جتي مختلف قبيلائي سلطنتون هڪٻئي سان وڙهنديون رهيون آهن. جنهنڪري اُنهن جو گهڻو ڌيان، اندروني تڪرارن کي منهن ڏيڻ تي مرڪوز رهيو. مطلب تہ جيڪڏهن چين جي جنگ جي فن کي فقط ٻاهرين ملڪن تي ڪاهون ڪرڻ جي حوالي سان ڏسبو تہ اُهو دفاعي نوعيت وارو پئي رهيو آهي، پر پنهنجي اندروني تڪرارن ۽ هڪٻئي کي فتح ڪرڻ جي حوالي سان ڏسبو تہ اُهو فقط دفاعي حڪمت عمليءَ وارو نہ پئي رهيو آهي. ٻيو تہ چين زرعي طور تي، يورپين، منگولن ۽ عربن جي ٻيٹ ۾ وڌيڪ خوشحال علائقو رهيو آهي. جنهن ڪري هتان جي ماڻهوءَ کي مُلڪ کان ٻاهر حملا ڪري ٻين علائقن تي قبضا ڪرڻ جي ضرورت گهٽ محسوس پئي ٿي آهي.

چُو حڪومت (400 ق م) جي زوال کانپوءِ چين جي سلطنت مختلف ٽڪرن ۾ ورهائجي وئي جنهنڪري، ڏينهن رات هڪٻئي سان ننهن چوٽيءَ جو زور لڳائي وڙهندا رهيا. ان جي نتيجي ۾، اُتي پيشور (Professional) فوجون پيدا ٿيون ۽ ماهرن ۽ جنرلن پنهنجي ويڑهہ جي فن کي لکت جي صورت ڏني. پر چين ۾ جنگي علم کي رياستي راز سمجهيو ويندو هو جيڪو فقط شاهي خاندان تائين محدود هوندو هو. مثال طور "تائي ڪنگ جون ڇهہ ڳجهيون لکڻيون"، "سسو ما جا طريقا"، "هئانگ شهہ ڪنگ جون ٽي حڪمت عمليون" ۽ سن پن جو "جنگي طريقا" وغيره. فقط وچين دور (سنگ حڪومت) ۾، ٻچيل ست مسودن جو نقل ڪيو ويو ۽ انهن کي ڇپائي پٽرو ڪيو ويو.[22] چين گهڻو وقت اڳ، جنگ جي سائنس ۾ انقلاب برپا ڪري چڪو هو، اُتي چيريوٽ (chariots) جي جاءِ ڪيولري (cavalry) وٺي رهي هئي، پيادا فوج جي وڏن جٿن جو استعمال وڌي

رهيو هو، برونز (ronzeb) جي جاءِ تي لوهه جا هٿيار استعمال ٿي رهيا هئا. ڊيگرس (Daggers) جي جاءِ تي تلوارن ڪتب آندیون پئي ويون جڏهن ته يورپ ۾ ڏيڍ هزار سالن ڪانپوءِ "جنگي سائنس ۽ انقلاب" بابت ڪتاب لکيا پئي ويا.

سن زو ۽ جنگ جو فن


سن زو

سن زو (400_330 ق م) وُو بادشاهه جي فوج ۾ ڪم ڪيو. سن زو هڪ ويڙهاڪ، هڪ فلسفي ۽ جنگ جي فن جو تخليق ڪار هو. "جنگ جو فن" آڳاٽو مسودو آهي جنهن ۾ جنگ ۽ زندگيءَ جي ٻين شعبن ۾ فتح حاصل ڪرڻ جي ڪنجي ڏنل آهي. ڪتاب بلڪل سادن لفظن ۾ آسانيءَ سان پڙهڻ جهڙو ۽ هر فوجي تربيتي اداري ۽ سپاهي لاءِ مناسب آهي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو ان کي غور سان پڙهندو ته ڪيس معلوم ٿي ويندو ته آمريڪي گهرو ويڙهه ۽ پهرين عالمي جنگ ۾ ٿيل ناڪامين ۽ ڪامياٻين جا سبب ڪهڙا هئا؟ ٻي عالمي جنگ ۾ نازي فوج ۽ ويٽنام ۾ آمريڪا کي شڪستون ڇو مليون؟ اهڙي قسم جي جنگين جي نتيجن بابت سن زو اٽڪل ٻه هزار سال اڳ ۾ ئي پيشن گوئيون ڪري ڇڏيون آهن. يونانين ۽ رومن جي آڳاٽين جنگي لکڻين ۾ جنگ جي نظريي تي بحث بدران مختلف لڙائين جي مثالن جي سهيڙ ٿيل آهي جڏهن ته سن زو جي لکت ۾ ڪجهه مبهم ۽ الهامي قسم جون خبرون ٻه ملن ٿيون پر ان ۾ مثالن جي بنياد تي نوس نظريو ڏنل آهي. جنهن کي اجاتائين پڙهيو ۽ استعمال ڪيو وڃي ٿو.

چوٿين صدي قبل مسيح ۾، سن زو "جنگ جي فن" جهڙو مستند ڪتاب لکيو جيڪو جنگي نظريي ۽ حڪمت عملي بابت سڀ کان آڳاٽو مسودو آهي. جديد دور ۾، مائوزيتنگ ۽ گياپ جهڙن روايتي ۽ انقلابي جنگي رهنمائن سن زو جي ڏنل هدايتن تي عمل ڪري دنيا آڏو هن جي اصليت ۽ اهميت کي پڌرو ڪيو. پر انهن کان اڳ ۾، منگولن ان جو مطالعو ڪيو هو. بعد ۾ اٽڪل 760ع ۾ جاپاني هولي ۾ ان جو ترجمو ڪيو ويو. پر اولهه جي دنيا "جنگ جي فن" کان 1722ع تائين بي خبر هئي. "جنگ جو فن" پهريون رڪارڊ آهي جيڪو جنگ جي رٽابندي ۽ انتظام بابت عقلي بنياد فراهم ڪري ٿو. پر دنيا جي

صدين جي جنگي فن جي تاريخ سن زو کان اڻواقف هجڻ ڪري ان جي ڏنل انتهائي بنيادي اصولن جي پڇڪڙي ڪندي نظر اچي ٿي.
سن زو پنهنجي ڪتاب ۾ جنگ کي نہ ڪو اخلاقي نقطہ نظر کان ڏٺو ۽ نہ ئي ان جو اتفاقي يا اٽڪل عنصر طور جائزو ورتو. سن زو جنگ کي رياست جي هڪ اهم حصي طور پيش ڪيو ۽ ان بابت هڪ عقلي سرگرمي طور چندڇاڻ ڪئي. سن زو ۽ ڪلازيوٽز ان ڳالهہ تي متفق آهن تہ جنگ هڪ سياسي معاملو آهي. سن زو جنگ جي حڪمت عملي ۽ پاليسيءَ سان ان جي لاڳاپي کي بہ ظاهر ڪيو آهي.
سن زو جي ڪتاب جو عنوان "جنگ جو فن" آهي پر اصل ۾ ان مسودي ۾ سن زو جنگ جي سائنسي پهلو تي پڻ روشني وڌي آهي. سائنس مان مراد اهڙا اصول يا عنصر جيڪي جنگ کي هلائين ٿا، اهڙا عنصر ۽ بندوبست جيڪي اڳواڻ پڪا پختا ڪري سگهجن. انهن سائنسي اصولن ۽ عنصرن جي ڄاڻ فتح جا بنياد مهيا ڪري ٿي ۽ ان کي يقيني بڻائي ٿي. ان حوالي سان سن زو لکيو تہ "جنگ جي فن کي پنج عنصر هلائين ٿا (1) اخلاقي قانون (2) آسمان (ڏينهن رات، ٺڏ گرمي، وقت ۽ موسم وغيره) (3) ڌرتي (مفاصلو، خطرو، تحفظ، کليل ۽ سوڙهو لنگهہ، زندگي ۽ موت جا امڪان وغيره) (4) سپہ سالار (5) طريقو ۽ ضابطو (فوجي تنظيم، رسد، خرچ). جيڪو بہ فوجي رهنما انهن عنصرن کان واقف هوندو اهو فاتح ٿيندو. پنهنجي ۽ دشمن جي وچ ۾ طاقت جو توازن معلوم ڪرڻ لاءِ "انهن ئي عنصرن جي پيٽ ڪرڻ گهرجي." انهن عنصرن مان سن زو فوجن ۾ هم آهنگي ۽ اخلاقي سگهہ تي وڌ کان وڌ زور ڏنو ۽ سربراهن ۽ عوام جي وچ ۾ هم آهنگي جي اهميت کي پڻ بيان ڪيو آهي. اخلاقي سگهہ مان مراد اهڙي شي جيڪا عوام کي اڳواڻن سان هم آهنگ بڻائي، تہ جيئن اُهي بغير ڪنهن خوف جي، جنگ جهڙي خطرناڪ ۽ موتمار ڪم ۾ اُنهن سان گڏ هُجن. انتهائي نظر و ضبط واري فوج، جنهن کي نہ انعامن جي ۽ نہ ئي سزا جي گهرج هجي، جيڪا پنهنجي ڪمانڊر جي پوئواري ڪري، فوج ائين هجي جيئن هڪ جسم.
سن زو جنگ کي سماج جي ٻين شعبن، خاص ڪري معيشيت، کان الڳ، جدا ۽ خالص فوجي معاملو نٿو سمجهي. جنگ ۾ اقتصادي عنصر جي ڪيتري اهميت آهي ان حوالي سان سن زو لکي ٿو تہ "ايڏي وڏي تعداد جي فوجن جو

خرچ رياست جي خزاني کي ختم ڪري ڇڏيندو. جنگي سامان پنهنجي علائقي مان کٽي اڇو، باقي گاهه پٽو ۽ کاڌ خوراڪ دشمن کان کسيو. ڏگهن مفاصلن تائين فوج کي مسلسل رسد پهچائڻ سان عوام غريب ٿي ويندو. جنگ جي ڪري شيون مهانگيون ٿي ويندين جنهن سان عوام سُجو ٿي ويندو. تنهنڪري دشمن جي علائقي مان حاصل ڪيل هڪ شي پنهنجي علائقي مان آندل 20 شين جي برابر هوندي." ان قسم جي ڳري خرچ کان بچڻ لاءِ سن زو ڏگهين مهمن جي فائدي ۾ نه هو. ان لاءِ هن جو چوڻ هو ته "توڻي جو جنگ ۾ بيوقوفاڻي تڪڙ به ٿيندي آهي پر ڏگهي مهمن ۾ ڪابه ذهانت نه آهي." "ڏگهي جنگ مان ڪنهن به ملڪ کي فائدو نه مليو آهي." تنهنڪري هن تيز ۽ فيصلاڪن حملن جي وڪالت ڪئي. هن جو خيال هو ته جنگي مهم کي مختصر عرصي ۾ اُڪلائجي نه ته اها ٽڪائي ڇڏيندي. هي گهيرن ڪرڻ جي خلاف هو ۽ گشتي جنگ ڪرڻ جو حمايتي هو.

"جنگ جي فن" ۾ ٻن مکيه اصولن تي بحث ٿيل آهي، هڪ، ڪنهن به حملي کي روڪڻ لاءِ مناسب دفاعي تياريون ڪرڻ ۽ ٻيو، دشمن کي شڪست ڏيڻ جا گس تلاش ڪرڻ. پر سن زو سڀ کان اهم ڳالهه اها ٻُڌائي ٿو ته ڪنهن حقيقي لڙائيَ ۾ ڦاسڻ کانسواءِ دشمن کي ڪيئن شڪست ڏجي؟ يا گهٽ ۾ گهٽ نقصان سان فتح ڪيئن ماڻجي؟ ان لاءِ هي هٿيارن ۽ اوزارن جي ججهي رسد، سڌي تنظيم ۽ فولادي ضابطي کي بنيادي عنصر سمجهي ٿو جيڪي ڪنهن مهم کي ڪامياب بڻائين ٿا پر ان سان گڏو نقصان به ٿئي ٿو. هن جي نظر ۾ انتهائي سگهارو ۽ ڪامياب ترين عمل اهو آهي جيڪو سڀ کان سستو ترين هُجي.

هن جي خيال ۾ بهترين حڪمت عملي جو ماهر اهو هجڻ گهرجي جيڪو دشمن جي فوج سان وڙهڻ کانسواءِ ان کي آڻ مجائي، ان جي شهرن کي گهيرا ڪرڻ کانسواءِ حاصل ڪري وٺي، ۽ خونخوار تلوارن کانسواءِ ان جو حڪومتي تختو اڌو ڪري ڇڏي. ان لاءِ "بهترين طريقو هي آهي ته دشمن جي فوج نه پر ان جي حڪمت عمليءَ کي نشانو بڻائجي." سن زو مطابق جنگ آخري حربو آهي تنهنڪري ان کان اڳ بين اڌلن کان ڪم وٺڻ گهرجي. ان لاءِ دشمن جي ڪيمپ ۾ افواهون ڦهلائڻ، مخالف اڳواڻن کي اثرانداز ڪرڻ ۽ رشوت ڏيڻ، دشمن جي اخلاقي سگهه ۽ صلاحيتن کي ڪاٽ هٽڻ جهڙا ڪم ڪرڻ گهرجن. ۽ ان

لاءِ هي جنگ جي فن، دوڪي، جاسوسي، اچرج ۽ وجهڻ ۽ لچڪداريت کان ڪم ونڻ جي تجويز ڏئي ٿو.

سن زو جي خيال ۾ جنگ جو فن دوڪي تي منحصر ڪري ٿو. دشمن ويجهو هُجي تہ اُن کي تاثر ڏجي تہ اوهين ان کان پري آهيو، جڏهن پنهنجين فوجن کي استعمال ڪريو، ائين لڳي تہ اوهين غيرمتحرڪ (غيرسرگرم) آهيو، جتي ڪمزور هُجو، اُتي طاقتور هجڻ جو ڏيک ڏيو. (عام طور تي ماڻهو چوندو عجيب ڳالهہ آ، جيڪڏهن اسين طاقتور آهيون تہ پوءِ دشمن کي اهو ڏيک چونہ ڏيون. پر سن زو چوي ٿو تہ) جتي طاقتور هُجو اُتي ڪمزور هُجڻ جو ڏيک ڏيو. (چاڪاڻ تہ دشمن اُن جاءِ کي ڪمزور سمجهي حملو ڪندو پر اصل ۾ اها جاءِ مضبوط هوندي آهي، تنهنڪري جيئن ئي دشمن حملو ڪندو تہ اوهانجي جي مضبوط علائقي ۾ ڦاسي پوندو ۽ اُن کي شڪست ڏيڻ آسان ٿي پوندي. مطلب تہ دشمن کي ڏوکو ڏيڻ ڪانسواءِ جنگ ۾ ڪاميابي نٿي حاصل ڪري سگهجي.) دشمن کي اڪسايو، ان جي صفن ۾ انتشار ڦهلايو ۽ ان کي تباهہ ڪريو. جيڪڏهن دشمن هر حوالي کان محفوظ آهي تہ ان جي حملي لاءِ تيار رهو. جيڪڏهن طاقتور آهي تہ ان کان نٺايو، جيڪڏهن جذباتي آهي تہ ان کي چيڙايو، ڪمزور هجڻ جو بهانو ڪري ان کان اجائي هار هٽايو. جتي (دشمن جي) تياري نہ هجي اتي حملو ڪريو، جتي توقع نہ ڪري اتي ظاهر ٿيو."[23]

سن زو طئي ٿيل، مروج، صدين کان آزمايل طريقن ۽ انڪلن کي رد ڪندي "بدليل حالتن مطابق پنهنجن منصوبن کي بہ تبديل ڪرڻ" جي هدايت ڪري ٿو. سن زو هڪ عقيدي پرست ۽ روايتي نظريدان نہ هو جيڪو سدائين اڳ ۾ آزمايل ۽ تجربي هيٺ آيل طريقن تي عمل ڪرڻ کي ترجيح ڏيندو آهي هي مستقبل جي اڻڄاڻل حالتن سان نهڪي هلڻ تي زور ڏئي ٿو. ان حوالي سان هن لکيو تہ "جيئن پاڻيءَ جي ڪا مستقل صورت نہ هوندي آهي، ساڳئي طرح جنگ ۾ بہ ڪا مستقل حالت نہ هوندي آهي." سن زو جنگي چالن ۽ انڪلن کي پاڻيءَ سان پيٽ ڏيندي سمجهائي ٿو تہ "جنگي انڪلون (چالون) پاڻيءَ وانگر هونديون آهن، جيئن پاڻي فطري طور تي، اونچائي کان هيٺائين ڏانهن پنهنجو رستو پاڻ ناهيندو آهي. پاڻي زمين جي نوعيت مطابق وهندو ۽ جاءِ ناهيندو آهي، ساڳئي طرح، سپاهي پنهنجي فتح لاءِ دشمن کي سامهون رکي ڪم ڪندو آهي."[24] "انهن تدبيرن ۽ انڪلن کي نہ ورجائجي جن سان اوهانکي هڪ

(پيرو) فتح حاصل ٿي (چڪي) آهي." "جنگ ۾ مضبوط کان لنوايو ۽ ڪمزور جاءِ تي ڏڪ هٽو." "طوفان وانگر تيز ۽ جهنگ وانگر گهاتا هجو."

سن زو هر حال ۾ جنگ کي جاري رکڻ ۽ اڳتي وڌڻ کي رد ڪري ٿو ۽ وقت ۽ حالتن مطابق بنٽي هٽڻ ۽ ايتريقدر جو پڄي وڃڻ کي به عيب نٿو سمجهي. هي لکي ٿو ته "جنگ جو قانون آهي ته جيڪڏهن اوهانجي طاقت، دشمن کان، ڏهوڻي آهي ته ان جو گهيرو ڪريو، جيڪڏهن پنجوڻي آهي ته حملو ڪ. جيڪڏهن ٻيڻي آهي ته پنهنجي فوج کي بن حصن ۾ ورهايو، جيڪڏهن برابر آهيو ته لڙائي جي آڇ ڏيو، جيڪڏهن عددي حوالي سان ڪمتر آهيو ته وڙهڻ کان نٽايو، جيڪڏهن بلڪل اٽبرابري آهي ته پڄي وجو."

هن جي جنگي فن ۾ "پنهنجي ۽ دشمن جي باري ۾ ڄاڻ" حاصل ڪرڻ تي تمام گهڻو زور ڏنل آهي. "جيڪڏهن اوهين پاڻ کي ۽ دشمن کي سڃاڻو ٿا ته توهانکي 100 لڙائين جي نتيجن کان ڊڄڻ جي ضرورت ناهي. جيڪڏهن اوهين پاڻ کي سڃاڻو ۽ دشمن نٿا سڃاڻو ته هر فتح کانپوءِ توهانکي شڪست پوڳٽي پوندي. جيڪڏهن نه دشمن کي ۽ نه ئي پاڻ کي سڃاڻو ٿا ته هر لڙائي ۾ ڊير ٿي ويندو." دشمن بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ جو بهترين ذريعو جاسوسي آهي ۽ ان جي مدد سان دشمن جي طاقت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. هن جي خيال ۾ فقط (گهٽو) تعداد فتح جي ضمانت نٿو ڏئي پر ان لاءِ دشمن جي ارادن ۽ ان جي اخلاقي سگهه جو اندازو لڳائڻ به ضروري هجي ٿو. اها ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجن ۽ دشمنن جي جاسوسن ۽ به طرفن جاسوسن کي استعمال ڪرڻ ضروري سمجهي ٿو ڇاڪاڻ ته دشمن بابت ڄاڻ اوهانکي فتح ڏانهن وٺي ويندي.

يورپ ۾ نظرياتي حد تائين حڪمت عمليءَ جي سطح تي "اٽسڊي رسائي" جو تصور 20 صديءَ ۾ لڊل هارٽ ڏنو. پر سن زو ادائي هزار سال اڳ لکيو هو ته "سيني ويڙهن ۾، لڙائين ۾ شامل ٿيڻ لاءِ سڌو طريقو استعمال ڪيو ويندو آهي، پر فتح کي يقيني بنائڻ لاءِ اٽسڊي طريقي جي ضرورت پوندي. اٽسڊيون انڪلون، جيڪڏهن سهڻي نموني ڪتب آندين وڃن، ته اُهي زمين ۽ آسمان وانگر اڻ کُٽ، دريائن ۽ واهن جي نه ڪٽندڙ وهڪرن وانگر، سج ۽ چند وانگر، گُم ٿي وري نئين سر اپرندڙ، چئن موسمن وانگر، گذري وري اچڻ وانگر مسلسل ڪارائتيون هونديون آهن." "جيئن پنج رنگ ۽ پنج ذائقا گڏجي لاتعداد بين رنگن ۽ ذائقن کي جنم ڏيندا آهن. ساڳئي ريت، لڙائيءَ ۾ سڌا ۽ اٽسڊا

حملا گڏجي گوهين گتن جي اڻ کٽ سلسلي کي جنم ڏيندا آهن." "جنگ ۾ حڪمت عمليءَ جو ماهر فاتح سوپ حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ ئي لڙائيءَ جي تلاش ڪندو آهي، جڏهن ته اهو جنهن جي مقدر ۾ شڪست آهي اهو پهريائين ويڙهه ڪندو ۽ ان کانپوءِ فتح جي ڳولا ڪندو."

سن زو جي سموري علم کي پڙهڻ کانپوءِ اهو اندازو لڳائڻ ڏکيو نه ٿيندو ته بهترين جنگ اُها آهي جيڪا ڪڏهن به نه وڙهي وئي هجي. بي بهترين اُها آهي جنهن کي ٽاريو ويو هجي. ٽين اها آهي جيڪا بغير خونريزي جي کٽي وجي، ۽ خراب جنگ اها آهي جنهن ۾ گهرو نقصان ٿيو هجي، ۽ بدترين اُها آهي جيڪا هر پيري وري ورجائي وئي هجي. لڊل هارٽ لکيو ته "ماضيءَ جي سمورن جنگي مفڪرن ۾، فقط ڪلازيوٽز ئي هن سان پيٽ لائق آهي، ايتريقدر جو هي (ڪلازيوٽز) سن زو کان وڌيڪ جديد دور جو آهي. ۽ سن زو وٽ وڌيڪ چٽو تصور، وڌيڪ گهري نظر ۽ دائمي تازگي آهي."[25]

سن زو کانپوءِ، چين ۾ ٻيو جنگ جي فن جو ماهر ۽ نظريدان وو قي (Wu Qi) هو جيڪو 440 ق م ۾ پيدا ٿيو هن پڻ "جنگ جي فن" بابت ڪتاب لکيو جيڪو گفتگو واري انداز ۾ قلمبند ٿيل آهي. ان ۾ بادشاهه جنگ بابت سوال ڪري ٿو ۽ وو قي ان جا جواب ڏئي ٿو. وو قي مختلف جنگي سردارن خلاف وڙيون لڙائيون ڪيون ۽ انڪل 76 لڙائين ۾ فتح ماڻي. هن لکيو ته "جنگ ۾ فتحون ماڻڻ آسان آهن جڏهن ته انهن فتحن ۾ حاصل ٿيل ميون جو تحفظ ڪرڻ ڏکيو هوندو آهي."[26] بادشاهه پڇيس ته "اُها ڪهڙي شي آهي جيڪا فتح ڏياري ٿي؟" وو قي جواب ڏنس ته "ضابطو ڪاميابي ڏياري ٿو." بادشاهه وري پڇيس ته "ڇا تعداد ايترو اهم نه آهي؟" وو قي چيس ته "جيڪڏهن قانون ۽ حڪم ڇڻا نه هجن، جيڪڏهن سزا ۽ جزا تي عمل نه ٿئي، حڪمن جي تعميل نه ٿئي ته پوءِ پلي ڪٽي ڏهه لک فوج هجي ڪهڙي ڪم جي؟" تنهنڪري، "جنگ جو فن، تربيت ۽ ضابطي کي وڌيڪ ترجيح ڏئي ٿو."[27]

سن زو جي هوندي چين جي پاڙيسڙي ملڪ (انڊيا) ۾ هڪ برهمڻ پنڊت جنم ورتو جنهن نه صرف جنگ پر سياست، معيشيت، سفارتڪاري ۽ جاسوسي جهڙن موضوعن کي به قلمبند ڪيو.

هندستان: چندرگپتا، چانڪيا ۽ ارٿ شاستر

هندستان جنگ ۽ سفارتڪاري جي حوالي سان عالمي پايي جا انسان پيدا ڪيا آهن جن ۾ چندر گپت موريا، ڪوتليا چانڪيا، اشوڪ، اڪبر وغيره شامل آهن. آڳاٽي زماني ۾ جنگ ۽ خاص ڪري سفارتڪاري جي حوالي سان ڪوتليا چانڪيا جو لکيل ڪتاب "ارٿ شاستر" عالمي معيار جو هڪڙو شاهڪار ڪتاب آهي.

جاگرافيائي حوالي سان انڊيا جي ابتدائي تاريخ ۾ مختلف علائقائي بادشاهتون هونديون هيون انڊيا جي پهرين وڏي سلطنت موريا سلطنت هئي. ان جي بادشاهه چندرگپتا جي فوج ۾ اٽڪل ڇهه لک پيادا، ٽيهه هزار گهوڙا، اٺ هزار رٿ ۽ نو هزار هاٿي هئا.[28] هن جي گاديءَ جو شهر پٽالي پترا، جيڪو ان دور جو سڀ کان وڏو شهر هو. جنهن ۾ 570 ٽنيا ۽ 64 دروازا هئا. يورپ اندر پهريون پيرو فرانس وٽ 17/16 صدي ۾ 3 کان ساڍا 3 لک فوج هئي، جڏهن ته ايشيا ۾ ڪيترين ئي سلطنتن وٽ لکن جي تعداد ۾ فوجون رهيون آهن. مطلب ته هتي ايڏين وڏين فوجن جو هجڻ خير جهڙي ڳالهه هئي. ان حوالي سان مارڪس لکيو ته "لکين فوجون! هي ڪيئن اُنهن فوجن کي منهن ڏيندا هئا؟ انهن جو گذر سفر ڪٿان ٿيندو هو؟ انهن جي رسد ڪيئن ٿيندي هئي ۽ ويهندیون ڪٿي هيون؟ اُن جي جواب ۾ لکي ٿو ته هن خطي جا ماڻهو گوشت وغيره کائين کونہ تا ۽ رب (جيڪا چانورن مان ناهبي آهي جنهن کي کچڙي ب چئبو آهي. اُن جو بندوبست ڪرڻ ايترو ڏکيو کونہ هو.) ان تي ئي گذارو ڪري چڏين تا."[29] مارڪس هندستان جي حوالي سان وڌيڪ لکي ٿو ته "هن جا شهر (مثال طور آگرا، دهلي، ملتان، لاهور) ڪاروباري شهر نہ رهيا آهن (جيئن مانچسٽر، لندن وغيره.) پر اهي جنگي جنرلن جا ناهيل شهر آهن. چاڪاڻ ته هر دور ۾ هر سلطنت جو کونہ کو شهر هيڈ ڪوارٽر رهيو، هاڻي اهڙي شهر ۾ جتي لکين لشڪر هجن اُتي بازارون وغيره ساڻ کڻي هلندا هئا. مطلب ته جتي ويهندا هئا اُتي شهر ٺهي ويندو هو. اڄُ سوڌو ب فرانس، برطانيہ، جرمني جا شهر جنگي شهر نہ پر ڪاروباري شهر رهيا آهن." ايتريقدر جو، بعد ۾ انڊيا ۾

هولي به لشڪري (اردو) زبان طور پيدا ٿي چاڪاڻ ته جتي لکن جي تعداد ۾ مختلف علائقن جي ماڻهن تي مشتمل فوج هجي اتي رابطي لاءِ هولي ته گهربل هئي.

چندرگپتا موريا (318_289 ق م): چندرگپتا موريا انديا جهڙي وڏي علائقي کي پهريون پيرو منظم ۽ متحد ڪيو. پڪيڙ جي حوالي سان موريا سلطنت ۾ هزار سالن کانپوءِ قائم ٿيندڙ مغل سلطنت ۽ ايتريقدر جو، بعد واري انگريز سلطنت کان به وڏي هئي. موريا سلطنت موجوده ايران، افغانستان ۽ بنگال تائين پکڙيل هئي.

چندرگپتا جو موريا گهراڻي جي ڪشتري قبيلي سان تعلق هو. هن جو پيءُ پنهنجي قبيلي جو سردار هو جنهن کي نندا راجا مارائي ڇڏيو. جنهن کانپوءِ گپتا جي ماءُ، جيڪا گورهاري هئي، اُتان پڇي نڪري وئي ۽ ويس مٽائي پٽاليپترا ۾ رهائش ڪئي[30] ۽ ائين به چيو وڃي ٿو ته گپتا کي هڪ ڏراڙ جي حوالي ڪيو جنهن ان جي پالنا ڪئي ۽ هن کي ڪوتليہ چانڪيا ان ڏراڙ کان خريد ڪيو.[31] چندراگپتا نندا بادشاهه جي عدالت ۾ به ڪجهه وقت ڪم ڪيو ۽ اُن خلاف سازش ڪيائين پر ناڪام ٿيو ۽ پڇي ويو.[32] ساڻگئي ريت، چانڪيا، جيڪو برهمڻ هو، جنهن کي هڪ پيرو نندا عدالت ۾ هڪ مذهبي تقريب لاءِ گهرايو ويو پر اتي سندس بي عزتي ڪئي وئي جنهن ڪري هن جي اندر ۾ بدلي جي باهه هئي. پوءِ هنن ٻنهي گڏجي نندا جي بادشاهت کي ختم ڪرڻ جو وچن ڪيو. فوج ناهي جنگ شروع ڪئي پر ڪامياب نه ٿيا ۽ پڇي جان بچائي، ۽ پوءِ ڪجهه عرصي تائين رُلندا ۽ پٽڪندا رهيا.[33] وري هنن ڏاڙيلن جي گروهه کي پرتي ڪري[34] هڪ فوج ناهي ۽ پنجاب کان ويڑهه جي شروعات ڪئي. جتي راجا پورس جي حڪومت هئي، جنهن کي سڪندر شڪست ڏني پر بعد ۾ وري ان کي ئي مقرر ڪيو هنائين پر 317 ق م ۾ يوناني حاڪم Eudemos راجا پورس کي ٽڪيءَ سان قتل ڪري ڇڏيو جنهنڪري، علائقي ۾ ڏارين خلاف نفرت به هئي. چندرگپتا انهن يوناني قبضاگيرن خلاف بغاوت جي سرواٽي ڪئي ۽ انهن کي انديا ڇڏڻ تي مجبور ڪيو. پنجاب کانپوءِ هڪ هڪ ڪري ٻين صوبن تي به قبضو ڪيو. تنهن کانپوءِ، انڪل 314 ق م ۾، نندا بادشاهه جي فوج ۽ گپتا ۾ جنگ لڳي جنهن ۾ هن سوپ ماٽي. وري 305 ق م ۾، يوناني سليوڪوس نڪٽور، سڪندر جي اڳوٽي جنرل، انديا ڈانهن رُخ ڪيو پر سنڌو دريا کان اڳتي وڌي نه سگهيو چاڪاڻ ته چندرگپتا ۽ نڪٽور جي وچ

پر جنگ لڳي ۽ ان پر گپتا جي برتري کي مڃيندي نڪٹور هڪ معاهدي تحت وڏو حصو گپتا جي حوالي ڪيو (جنهن پر اڄوڪا افغانستان ۽ بلوچستان جا علائقا شامل هئا.)[35] ائين 12 سال اڳ، غريب، يتيم، بي گهر، ڏراڙ، جلاوطن ۽ رولاڪ ماڻهو (چندرگپتا) هڪڙي برهمڻ پنڊت (چانڪيا) سان گڏجي، انديا جي بادشاهت حاصل ڪئي. گپتا جي حڪومت پر فوجي انتظام لاءِ باقائده هڪ آفيس هوندي هئي جتي بحريه، پيادا، ترانسپورٽ، گهوڙي سوار، هاٿي، رٿ سميت پيادا فوج جي سارسنڀال جو انتظام هلندو هو.[36] هن جي حڪومت پر بيورڪريسي سان گڏ هڪ منظم جاسوسيءَ جو سرشتو هو. هن جي حفاظت لاءِ هٿياربند عورت گارڊ هوندیون هيون.[37] موريا سلطنت چندرگپتا کانپوءِ هن جي پٽ بندسارا سنيالي ۽ بعد پر اشوڪ ان کي وسيع ڪيو.

چندر گپتا فقط فوجي جنرل نه هو ۽ نه ئي هن جي وڏائي فقط جنگي ڪارنامن تي منحصر آهي. هي هڪ وڏو فاتح ۽ منتظم به هو، هن وڏي ايراضيءَ کي فتح ڪيو، پنهنجي ملڪ کي آزادي ڏياري ۽ هڪ وڏي سلطنت قائم ڪئي. هي سڪندر، نيپولين ۽ اڪبر جهڙن دنيا جي وڏن فاتحن ۽ بادشاهن جهڙو ڪردار هو. پر سڪندر کي سندس پيءُ جي ناهيل زبردست فوج ۽ بادشاهت ورثي پر ملي هئي. ساڳئي طرح، اڪبر وٽ پڻ موروثي طور تي اهي وسيلا هئا جن سان هن سلطنت ناهي. پر ان بابت ڊاڪٽر ونسينٽ سمٿ لکيو ته "اڪبر جي حڪومتي مشينري، ان کان اڳڪل 18 يا 19 صديون اڳ واري موريا سلطنت جهڙو، اثرائتو معيار نه ماڻي سگهي."[38] نيپولين ۽ چندرگپتا پر هڪجهڙائپ ان حوالي سان هئي ته نيپولين به گپتا وانگر پنهنجي صلاحيتن جي آڏار تي ايري آيو. پر هي فتحن جي لالچ پر پنهنجي سلطنت کي قائم رکي نه سگهيو. گپتا جي پيدائش ۽ پرورش ڏکين حالتن پر ٿي ۽ غربت ۽ جوانيءَ پر ئي جلاوطن ڪيو ويو. پر ان باوجود انتهائي مختصر عرصي (12 سالن) پر نه رڳو وڏي ايراضي کي فتح ڪيو پر هڪ سلطنت کي منظم به ڪيو. پر ان جو اُستاد ۽ صلاحڪار چانڪيا هو جنهن جي خواهش هئي ته چندرگپتا کي دنيا جو فاتح بڻايان.

ڪوتليا چانڪيا (350_283 ق م): ڪوتليا اڳڪل 300 ق م پر "ارٿ شاسترا" (جنهن جي معنيٰ آهي "سياسي معاشيات جي سائنس") نالي ڪتاب لکيو جنهن پر هي هوشيار بادشاهه کي حڪومت ڪرڻ جو ڍنگ سيکاري ٿو. ڪوتليا جو ارٿ شاسترا آڳاٽي دنيا جي سڀ کان عظيم ترين سياسي ڪتابن منجهان هڪ آهي.

هن ڪتاب ۾ ڪوتليا سياست، اقتصاديات، سفارتڪاري ۽ جنگ جي قانونن تي روشني وڌي آهي. پر ڪوتليا "جنگ ۽ سفارتڪاري" تي دلچسپ بحث ڪيا آهن. ڪوتليہ جي نظر ۾ رياست جي پاليسيءَ جون چھ صورتون آهن (1) امُن (ناھ ڪرڻ) (2) جنگ (حملو ڪرڻ) (3) غيرجانبداري (لاتعلقي ڏيکارڻ) (4) مارچ (تياري ڪرڻ) (5) اتحاد (تحفظ جي تلاش ڪرڻ) (6) هڪ سان امن ۽ ٻئي سان جنگ ڪرڻ (ٻٽي پاليسي). پر اهي ڇهئي صورتون بنيادي طور تي ٻن عنصرن، امن ۽ جنگ، مان ڦٽي نڪرن ٿيون.[39]


ڪوتليا چانڪيا

ڪلازيوٽز چيو تہ جنگ اندروني سياست جي اضافي شڪل آهي. پر ڪوتليا جي راءِ آهي تہ "سفارتڪاري جنگ جو حرفتي (مڪاري وارو) عمل آهي." ڪوتليا جي نظر ۾ پرڏيهي پاليسي هڪ قوم جي جنگ جي اضافي شڪل آهي، پرڏيهي پاليسي جو مقصد جنگين کي ختم ڪرڻ نہ پر شڪستن کي ٽارڻ ۽ ايندڙ جنگ ۾ ڪاميابيءَ کي يقيني بنائڻ آهي. هي پُرتشدد طريقن ذريعي ويڑھ ڪرڻ سان گڏ پُرامن طريقن سان مقابلا ڪرڻ جي بہ ڳالھ ڪري ٿو. هي چوي ٿو تہ "سفارتڪاريءَ جي هٿيار سان ويڑھ ڪرڻ گھرجي"[40] ڪوتليا پنھنجي بادشاھ کي جنگ جي معاملن ڏانھن ڏيڻ جي تلقين ڪري ٿو. جيئن (انڪل 1800 سال بعد ۾) ميڪياولي پنھنجي شھزادي کي صلاح ڏئي ٿو. ڪوتليا موجب "فوج جي ڪمانڊر کي ويڑھ ۽ هٿيارن جي سمورين سائنسن، گھوڙن، هاٿين يا رٿن تي سواريءَ جي تربيت وٺڻ گھرجي."[41]

هن جو خيال هو تہ "جنگ ۽ امن کي فقط منافعي جي حوالي سان غور ويچار هيٺ آندو وڃي." "فاتح وٽ جيڪڏهن برتر قوت آهي تہ اڳتي وڌڻ گھرجي، نہ تہ ٻي صورت ۾ خاموش بيھڻ گھرجي."[42] جڏهن هڪ ڪمزور ۽ هڪ طاقتور دشمن کي منهن ڏيڻو پوي، تہ ٻنهي مان پھريائين ڪنهن تي حملو ڪجي؟ هڪڙو خيال هي رهيو آهي تہ آسان فتح جي معاملي ۾ پھريائين ڪمزور دشمن خلاف ويڑھ ڪرڻ گھرجي. ڪوتليا چيو نہ، پھريائين طاقتور خلاف مارچ ڪرڻ گھرجي ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن طاقتور کي ڇڏي ڏبو تہ اُهو ڪمزور سان يا ڪنهن

ٻئي دشمن سان اتحاد ڪري پنهنجي ڪان اچي ڪڙڪندو. ٻيو اهو ٿيندو ته طاقتور ڪي شڪست ڏيڻ ڪانپوءِ، ڪمزور، بغير ڪنهن لڙائيءَ جي، آڻ مجيندو."[43]

هن جنگ، سفارتڪاري ۽ جاسوسيءَ جي هڪٻئي سان لاڳاپي تي تفصيلي روشني وڌي آهي. آڳاٽي زماني جي سمورن ڪتابن ۽ مسودن ۾ جاسوسي جي موضوع تي ايتري گهڻ طرفي ڄاڻ ڏنل ناهي. پنهنجي ڪتاب جي پرڏيهي پاليسي واري باب ۾ ڪوتليا حيران ڪندڙ "خاموش جنگ" جهڙو اصطلاح ڪتب آندو آهي. هن جي نظر ۾ جنگ جا ٻي قسم آهن جن ۾ "ڪليل جنگ، لڪل جنگ ۽ خاموش جنگ". ڪُليل جنگ مان مراد آهي ظاهر ظهور ٿيندڙ عام روايتي جنگ، ۽ لڪل جنگ مان مراد آهي گوريلا جنگ، ۽ خاموش جنگ، ويڙهه جو اهڙو قسم آهي جنهن جي باري ۾ ڪنهن به بحث نه ڪيو. ڪوتليا جي خيال ۾ خاموش جنگ اهڙي قسم جي ويڙهه آهي جنهن ۾ عوام سمجهندو آهي ته خير خيريت لڳي پئي آهي پر ان دوران جاسوس ۽ ايجنٽ ٻين بادشاهتن جي اهم رهنمائن کي قتل ڪندا رهندا آهن، اهم وزيرن، گروهن ۽ طبقن ۾ ڏڦيڙ پيدا ڪرڻ، پروپيگنڈا ڪرڻ ۽ غلط ڄاڻ ڏيڻ وارا ڪم ڪندا رهندا آهن. ڪوتليا ان قسم جي "ڳجهي جنگ" ۾ عورتن کي جنگ جي هٿيار طور استعمال ڪرڻ جي به وڪالت ڪئي. ڪوتليا لکيو ته "جڏهن اوهان جي فوج برتر هجي، جڏهن (دشمن جي ڪيمپ ۾) رازداريءَ سان ڏڦيڙ پيدا ٿي چڪو هجي، جڏهن موسم بابت سمورا احتياطي بندوبست ڪيا ويا هجن، ۽ جڏهن زمين مناسب هجي، ته پوءِ ڪليل لڙائي ڪرڻ گهرجي. پر جيڪڏهن ائين ناهي ته لڪل ويڙهه ڪرڻ گهرجي."[44]

آڳاٽي زماني ۾ هاٿين جي اهميت جديد دور جي جديد ٽينڪ جهڙي هئي. ان حوالي سان ڪوتليا لکيو ته "دشمن جي قوت کي تباهه ڪرڻ جو دارومدار هاٿين تي آهي."[45] ميڪياولي ۽ مائوزيتنگ کان گهڻو اڳ ۾، ڪوتليا ان ڳالهه تي زور ڀريو ته عوام وٽ مقبوليت هجڻ گهرجي ۽ ڀهراڙين تي پاڙڻ گهرجي. "جيڪڏهن طاقت ۾ ڪمزور هجو ته (هڪ بادشاهه) کي گهرجي ته عوام جي پلائيءَ لاءِ ڪوشش ڪري. ڀهراڙيون سمورن ڪم ڪارن جو ذريعو آهن، اتان ڪان ئي طاقت ملي ٿي." "اتي ئي بهادري، ثابت قدمي، هوشياري ۽ گهڻي تعداد ۾ ماڻهو ملن ٿا."[46] ان دور ۾ اها ڳالهه ڪري ڪوتليا فوجي تنظيم ۾

انقلاب برپا ڪري ڇڏيو ڇاڪاڻ تہ ان ڪان اڳ ۾ انديا ۾ چار ذاتن جي حوالي سان فقط ڪتري (ويڙهاڪ) ئي ان ڪم جي لائق سمجهيا ويندا هئا.
بهتر هٿيارن سان مسلح بهادر فوجي جنگ ۾ ڪاميابي تہ ڏيارو سگهن ٿا پر ڪوتليا چيو تہ "تيرانداز جو تير هڪ ماٹهوءَ کي ماري يا نہ ماري، پر سياڻين ماٹهن طرفان ناهيل هنرمند سازش، ايتريقدر جو، پيٽ ۾ پلجندڙن کي بہ ماري سگهي ٿي."[48] ان لاءِ هن وٽ جنگي دوکي جي عنصر جي بنيادي ۽ وڏي اهميت آهي. تنهنڪري هي پنهنجي بادشاه کي "دوکي، ڪوڙي ڏيک ۽ ناٽڪ" ڪرڻ جا سبق سيکاري ٿو. قاتلن، پنڌتن، جادوگرن، عورتن، ايجنٽن ۽ جاسوسن ذريعي دشمن کي دوکا ڏيڻ جا گُر ٻڌائي ٿو. "غلط جاڻ ڏئي يا پروپيگنڈا ڪري دشمن جي فوج کي ڊيجارڻ ۽ ان کي ڪمزور ڪرڻ" ۽ "دشمن جي ڪميپن ۾ ڪوڙين فتحن ۽ شڪستن جون خبرون هلائڻ" سميت "جڏهن دشمن جي فوج مشڪل ۾ هجي، يا اوهان جي پوزيشن فائديمند هجي، تہ حملو ڪرڻ گهرجي، يا جنهن کي پنهنجي رياست جي عنصرن تي ضابطو هجي، تہ دشمن جي غدارن جي مدد سان، دشمن ۽ وحشي قبيلن، جيڪي خندقن ۾ مضبوط پوزيشن ۾ هجن تہ انهن کي پنهنجي شڪست جو ڪوڙو تاثر ڏيڻ گهرجي، ۽ ائين دشمن کي اهڙي جاءِ تي وڃي اچجي جيڪا ان جي حق ۾ نہ هجي، پوءِ ان کي ڏڪ هٹجي. جڏهن سامهون ڏڪ هٹڻ فائديمند نہ هجي تہ پٺيان کان حملو ڪرڻ گهرجي، جڏهن پٺيان کان حملو ڪرڻ فائديمند نہ هجي تہ اڳيان کان ڏڪ هٹڻ گهرجي، جڏهن هڪ پاسي کان حملو ڪرڻ فائديمند نہ هجي تہ ٻئي پاسي کان ڪرڻ گهرجي. جڏهن دشمن پنهنجن غدارن، دشمنن ۽ وحشي قبلين سان وڙهڻ ۾ ڦاسي پئي تہ حملي آور کي پنهنجين تازين فوجن سان دشمن تي حملو ڪرڻ گهرج، يا تڏهن حملو ڪرڻ گهرجي جڏهن هو ٽڪل هجي. يا جڏهن پنهنجي مضبوط ترين فوج کي هڪ ڪمزور فوج وانگر ڏيڪ ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃجي تہ پوءِ دشمن تي وار ڪرڻ گهرجي. يا جڏهن دشمن کي سڄي رات پريشان ڪري آرام ڪرڻ نہ ڏنو هجيس تہ ڏينهن جو حملو ڪجي. يا منجهند ٽاڪ جو جڏهن دشمن جي فوج ٽڪجي چڪي هجي ان وقت حملو ڪجيس."
"دشمن کي لالچائي ريگستان، خطرناڪ جاءِ، دٻڻ، جبلن، ندين، غيرمتوازن ٻيڙن، ڍڳن، ڏوڙ ۽ رات جي اونده ۾ ڦاسائجي." "فوج جي صف بندي ٻين نمونن سان گڏ نانگ وانگر ور وڪڙن واري هجي."[49]

کوتليا جي پڑهڻ کانپوءِ اها ڳالهه ظاهر ٿي وڃي ٿي ته ميڪياولي کي جنگ بابت ڪجهه ٻڌائڻ جي ضرورت ناهي. جنگ بابت ڪوتليا ۽ سن زو جي لکڻين جي ميڪياوليءَ سان پيٽ ڪجي ته ميڪياوليءَ جون ڳالهيون ٽڪل ۽ بيڪار لڳن ٿيون جيڪي هزار سال اڳ مري ويل رومي فوجين کي مانُ ڏيارڻ لاءِ ڪيون ويون آهن. ميڪياوليءَ جي پيٽ ۾ سن زو ۽ ڪوتليا کنهن به قسم جي شهرت ۽ شان جي پرواه نٿا ڪن. هي ڪٽڻ چاهين ٿا پر ڪلازيوٽز جي ابتڙ هنن جي سپ کان اهم ڳالهه هي آهي ته هي ٻنهي پاسي گهٽ ۾ گهٽ نقصان ڪرڻ چاهين ٿا. مثال طور سن زو چيو ته "ويڙهه ڪرڻ ڪانسواءِ جنگ ڪٽڻ ئي اعليٰ ترين فضيلت آهي." ساڳئي طرح ڪوتليه به اهڙن طريقن ۽ اٽڪلن (افواهون ڦهلائڻ، جاسوسي، سفارتڪاري، قتل وغيره) سان دشمن کي شڪست ڏيڻ واري طريقي کي ترجيح ڏئي ٿو. آمريڪي پروفيسر روگر بوئسچي لکيو ته ميڪياولي وٽ ايتريقدر جو گوريلا جنگ بابت ڪوبه منظر بحث ناهي، هي سن زو ۽ ڪوتليا جي لکڻين سان ميچ ئي نٿو ڪري.[50] ڪوتليا جنگ سان گڏ پنهنجي بادشاهه کي عوام جو خيال رکڻ جو به درس ڏئي ٿو "جيڪو ڪجهه هن (بادشاهه) کي وٽي ان کي سنو نه سمجهڻ گهرجي، پر جيڪو ڪجهه هن جي رعيت کي پسند هجي ان کي سنو سمجهڻ گهرجي."[51] ڪوتليا نه صرف جنگ ۽ سفارتڪاري پر سماجي ۽ سياسي معاملن بابت ايترو وقت اڳ جيڪي خيال ۽ ويچار وندبا، سي هزارين سالن کان اڄ ڏينهن تائين هندستاني سماج ۾ عيب سمجهيا وجن ٿا. مثال طور ڪوتليا هڪ ئي وقت گهٽين زالن، بيوهه جي ٻيهر شادي،[52] ٻين ذاتين ۾ شادي، ۽ ايتريقدر جو، باهمي طلاق[53] جي پڻ حمايت ڪئي آهي. ۽ سخت مجبوريءَ واري حالت کانسواءِ غلام ٿيڻ جي به خلاف هو.[54]

چندر گپت موريا کانپوءِ هندستان جي تاريخ ۾ اشوڪ (جيڪو چندرگپت جو پوٽو هو) ان جي شخصيت پڻ وڏا ڪارناما سرانجام ڏنا. جنهن کي دنيا جي بهترين بادشاهن ۾ ڳڻيو ويندو آهي. جيتوڻيڪ، اشوڪ جنگيون به ڪيون پر شايد هي دنيا جو پهريون بادشاهه هوندو جنهن جنگ خلاف آواز بلند ڪيو. هن ڪالنگا جي لڙائيءَ ڪٽڻ کانپوءِ چيو ته "مون ڪالنگا کي فتح ڪيو ۽ هڪ لک پنجاهه هزار ماڻهن کي قيدي بڻايو، هڪ لک ماڻهن کي زخمي ڪيو ۽ هڪ لک ماڻهو ماريا. ڪالنگا جي فتح کانپوءِ، مونکي پڇتاءُ ٿيو ڇاڪاڻ ته هڪ آزاد ملڪ کي فتح ڪرڻ ۾ ضرور قتل عام ٿيندو ۽ ماڻهو قيد ٿيندا. هاڻي منهنجي

خواهش آهي تہ سموريون جاندار شيون، ڪنهن بہ خوف ڪانسواءِ، امن سان رهن."[55] اشوڪ جنهن بعد ۾ پڻ ڏرم قبول ڪيو ۽ عدم تشدد جو حامي ٿي ويو. هن مذهبي رواداري جو بنياد وڌو. اشوڪ جو دور انديا جي تاريخ جو سڀ کان سونهري دور سڏيو ويندو آهي.[56] هن پنهنجن اصولن کي مختلف ٿڪرين تي لکرايو. جن تي لکيل هو تہ "ٻين فرقن کي مان ڏيڻ گهرجي" "بزرگن ۽ (ايتريقدر جو) جانورن سان فضيلت سان پيش اچڻ گهرجي." "جيڪو ماڻهو آزاديءَ جي ڀَالهہ ڪري پر ان کي پنهنجو پاڻ تي ضابطو نہ هجي، دماغ جي پاڪائي، ارپنا ۽ بردباري نہ هجي، اهو خسيس آهي."[57] هن سماجي پلائي جو سرشتو جوڙيو جنهن ۾ انسانن ۽ جانورن لاءِ ميڊيڪل سينٽر، رستا، ڪوهہ، وٽڪاري، غريبن جو خيال ڪرڻ جهڙا ڪم شامل هئا.[58]

عربن ۽ منگولن جي پيٽ ۾، هندستان ۾ گهٽو ڪري دفاعي ويڙهہ جي روايت رهي آهي ۽ تاريخي طور تي، ٻاهرين ملڪن کي فتح ڪرڻ ۽ حملي آور ٿي اڳرائيون ڪرڻ جي روايت بلڪل گهٽ رهي آهي. ايتريقدر جو هتي جنم ونندڙ فڪر ۽ فلسفا بہ عدم تشدد جو درس ڏيندا رهيا آهن مثال طور ٻڌمت، جين مت، اشوڪ، سک مت ۽ گانڌي وغيرہ. اهو ضرور ياد رکڻ گهرجي تہ جاگرافيائي حوالي سان انديا پاڻ هڪ ننڍو ڪنڊ رهيو آهي تنهنڪري ان ايڏي ايراضيءَ کي فتح ڪرڻ پڻ وڏو ڪارنامو هو. يورپي تاريخ نويس ايرين جو خيال هو تہ آڳاٽن انڊين بادشاهن کي انصاف جي تصور پنهنجن علائقن کان ٻاهر ٻين ملڪن کي تابع بنائڻ کان روڪي رکيو.[59]

هندستان خوشحال زرعي علائقو هجڻ سبب هميشہ حملي آورن جو شڪار ٿيندو رهيو آهي. انهن حملي آورن ۾ آريا، يوناني، منگول، تُرڪ، مُغل ۽ انگريز شامل هئا. انهن حملي آورن خلاف ننڍي ڪنڊ جا رهواسي ويڙهون ۽ بغاوتون بہ ڪندا رهيا. يونانين کان اٽڪل بہ هزار سال پوءِ ٻيو پيرو، انگريزن جي صورت ۾، هڪ يورپي طاقت ننڍي ڪنڊ تي ڪاهہ ڪئي ۽ اُنهن اڇي هندستان ۾ سوين سالن حاڪميت ڪندڙ مسلمانن کي شڪست ڏني. پر انگريزن بہ هندستان کي نپوڙي رهيل ڪسر ڪڍي ڇڏي. ان بابت اينگلس (مارڪس ڏانهن موڪليل خط ۾) لکيو تہ "اوپر جي ملڪن جي حڪومتن وٽ ٽن کان وڌيڪ ڪاتا نہ رهيا آهن (1) مالیات (گهر اندر ڦرلٽ) (2) جنگ (گهر اندر ۽ ٻاهر ڦرلٽ ڪرڻ) ۽ (3) پبلڪ ورڪس (ٻيهر پيدوار جو بندوبست). انديا ۾

انگريز حڪومت پهرئين (1) ۽ ٻئين (2) ڪاتي جا انتظام ڪيا پر ٽئين (3) ڪي مڪمل ريت قبضو ڪري ڇڏيو، ائين انڊيا جي زراعت کي تباهه ڪيو ويو. اهو ئي سبب آهي ته جيڪڏهن هنن علائقن (مصر، ايران ۽ هندستان جي ضلعن وغيره) ۾ ڪا جنگ ٿئي ۽ هتان جي آبپاشي سرشتي کي نقصان پهچي ته هي علائقا صدين تائين غيرآباد ٿي وڃن ٿا."[60]

جديد دور ۾ انگريزن جي انهيءَ تاريخي غلاميءَ خلاف ڪيترين ئي هٿياربند بغاوتون ٿيون پر طاقتور انگريزن کي هندستان مان تڙي ڪڍڻ جو ڪم گانڌي سرانجام ڏنو. موهن داس ڪرمچند گانڌي هڪ عجيب قسم جو ماڻهو هو جنهن طاقتور انگريز سامراج خلاف صدين جي ماريل، ڏٻريل ۽ دٻايل هندستانين کي ويڙهه لاءِ تيار ڪيو. هن دنيا ۾ "عدم تشدد" جي فلسفي کي عام ڪري ڪمزورن کي طاقتورن سان وڙهڻ جي نئين حڪمت عملي ڏني دنيا کي ويڙهه ۽ جدوجهد جو هڪ نئون گس سيکاريو.

ننڍي کنڊ جي سموري تاريخ ۾ هتان جا رهواسي مختلف دورن ۾ آرين، يونانين، منگولن، تُرکن، مُغلن ۽ انگريزن سان جنگيون ڪندا ۽ وڙهندا رهيا. پر ان جنگ جي داستان ۾ عرب به شامل هئا جيڪي انتهائي مختصر عرصي ۾ پوري دنيا تي وڃ جي تيزيءَ وانگر ڇائنجي ويا هئا.

عربستان: عظيم جنرل محمد (صلعم)

عرب پنهنجي سر زمين کي جزيره العرب "عربن جو ٻيٽ" سڏيندا آهن ڇاڪاڻ ته اهو علائقو ٽن پاسن کان پاڻي ۾ ۽ چوٿين پاسي کان ريگستان ۾ گهيريل آهي. جديد دور جي موٽر واري ٽرانسپورٽ جي فائدي کان اڳ تائين، تاريخ ۾ کوبہ حملي آور ان ملک جي ريگستاني رڪاوٽن کي پار ڪرڻ ۾ ڪامياب نہ ٿي سگهيو. عربستان انڪل 15 لک چورس ميل وارياسي پٽ تي پکڙيل آهي جيڪو اولهندي يورپ جي برابر ٿيندو. يمن ڪانسواءِ هتان جي آبهوا گرم، خشڪ ۽ سخت آهي، جتي برساتون بلڪل گهٽ پوندیون آهن. گرمي، اٽڇنڊا رستا، ڪاڏي جي کوٽ ۽ پاڻيءَ جي اڻاٽ سبب ريگستاني علائقي ۾ زندگي عذاب هوندي آهي. پر ٻاهرين حملي آور طرفان جنگ ڪرڻ وقت اها کوٽ، تڪليف ۽ اٺهوند بدوي (خانہ بدوش) قبيلن جي ساٿاري ٿي کين فائدو پهچائيندي آهي. ڇاڪاڻ ته عرب کارکن ۽ پاڻيءَ جي ٿوري مقدار تي بہ گذارو ڪري ويندا آهن جيڪو مقدار ڪنهن بہ ٻي فوج کي گوڏن پر ڪيرائي سگهي ٿو. شايد اهوئي سبب هو جو 1973ع ۾ شاهہ فيصل، آمريڪي رياست جي سيڪريٽري، ڪسنجر جي ڏمڪيءَ جو مشڪندي جواب ڏنو هو ته "اسين عرب آهيون. اسين ريگستان ۾ واپس هليا ويناسين ۽ اُتي اُٺ جي کير ۽ کارکن تي بہ گذارو ڪري سگهون ٿا ۽ اُتان کان توهان سان وڙهندا رهنداسين." کارکُن تي گذارو ڪندڙ، پاڻي جي اٺهوند کي برداشت ڪندڙ ۽ اُٺن تي سوار، عرب فوجون پنهنجي مخالفن کان گهٽو وڌيڪ متحرڪ (گشتي) خاصيتون رکندڙ رهيون آهن.[61]

کارل مارڪس (ايراني سلطنت ۽ خاص ڪري) عربن بابت لکي ٿو ته "اُهي جنگ ۾ اُٺ استعمال ڪندا هُئا، اهو اهڙو جانور آهي جيڪو ڏهہ ڏهہ ڏينهن ڪاڏي ۽ پاڻي جي رسد کانسواءِ بہ هلي سگهندو آهي. ٻيو هي اُهو جانور آهي جنهن کي جيڪو گاهہ ڏيو سو کائيندو ۽ تمام دير تائين وڙهندو آهي."[62] سياسي، اقتصادي سببن کي پاسيرو رکندي، خالص جنگ سان لاڳاپيل عنصرن جو جائزو وٺجي ته عربستان جو علائقو وارياسو پٽُ آهي. اهڙي وارياسي پٽ

ٻر پرورش ورتل عربن ٻر برداشت، تحمل، بردباري ۽ بهادريءَ جهڙيون خاصيتون موروثي طور تي منتقل ٿين ٿيون.

محمد (صلعم)، هڪ عظيم جنرل

چين ۽ هندستان جهڙن اوائلي تهذيبي خطن جي پيٽ ٻر، تاريخي طور تي منگول ۽ عرب گهٽو ڪري حملي آور حڪمت عملي تي عمل ڪندا رهيا آهن. عربن جي تاريخ ته گهٽي آڳاٽي آهي پر ان عرب دنيا ٻر پهريون پيرو انقلاب برپا ڪرڻ واري ڪر ڪي محمد (صلعم) سرانجام ڏنو. جنهن کي ورثي ٻر ڪا بادشاهت، ڪا فوج يا وڏي ملڪيت نه ملي هئي، پر هي هڪ يتيم، غريب، ڏراڙ ۽ هجرت ڪندڙ ڪردار هو. جنهن جي ڪر کي ڪارل مارڪس "مذهبي انقلاب" يا "محمدي (ص) انقلاب"[63] سڏيو. محمد (صلعم) جي لاڏاڻي (632ع) ڪانپوءِ فقط ٻن ڏهاڪن اندر عرب دنيا جي وڏي حصي تي وڃ جي تيزيءَ وانگر ڪڙڪي پيا ۽ چائنجي ويا. وڏي اهر ڳالهه هي آهي ته ان دور جي ٻن وڏين طاقتور (ايراني ۽ بازنطيني) سلطنتن جي پيٽ ٻر عرب بلڪل ڪمزور هئا. پر هنن سڪندر ڪانپوءِ دنيا جي نقشي تي سڀ کان وڏي سلطنت قائم ڪئي جيڪا اٽڪل ٻه ايائي صديون قائم رهي. ايتريقدر جو، عربن ڪجهه سالن ڪانپوءِ (638ع ٻر) يورپي بازنطيني سلطنت تي ڪاهه ڪئي پر بازنطيني سلطنت وٽ بحري طاقت هئي جنهن ڪري اها بچي وئي. پر عرب اوپر ۽ اولهه پاسي پنهنجي فتحن جو سلسلو جاري رکندي انديا (710ع)، وسطي ايشيا ۽ مصر تائين وڃي پهتا. وري 670ع ۽ 717ع ٻر قسطنطنيه تي حملو ڪيو پر ناڪام ٿيا.

محمد (صلعم) کان اڳ جيڪي به پيغمبر ۽ مذهبي رهنما پيدا ٿيا انهن جو گهٽو زور فقط تعليم ۽ تبليغ تي هو. مثال طور حضرت عيسىٰ چيو ته "جيڪڏهن ڪو ماڻهو توهان جي هڪ ڳل تي چماٽ هڻي ته ان کي جوابي چماٽ هڻڻ بدران پنهنجو ٻيو ڳل ڏيوس." ساڳئي ريت، گوتم ٻڌ، مهاوير جين مت وغيره پڻ ان قسم جي تعليم ڏني. جڏهن ته محمد (صلعم) نه رڳو اخلاقي تعليم ۽ تبليغ تي زور ڏنو پر ان سان گڏ سياست ۽ جنگ به ڪئي. هتي اُن جي ڪردار کي هڪ مذهبي رهنما واري حيثيت ٻر نه پر تاريخ جي هڪ فرد ۽ هڪ جنگي سربراهه جي حيثيت ٻر پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

سموئل پي هنٽنگٽن جي راءِ هئي تہ "فقط محمد (صلعم) ئي اهڙو ڪردار هو جيڪو هڪ مذهب جو بانيڪار ۽ هو ۽ هڪ فوجي ڪمانڊر ۽ هو." جيمز ايل پيني 1899ع ۾ چيو تہ (تاريخ ۾) "محمد (صلعم) کي هڪ ويڙهاڪ ۽ هنرمند فوجي ڪمانڊر طور ياد ڪيو ويندو." آمريڪا ۾ ڪينيڊا جي ملٽري ڪاليجن ۾ پڙهائيندڙ پروفيسر ۽ ليکڪ رچرڊ اي گبرائيل لکيو تہ "محمد (صلعم) جي حيثيت هڪ وڏي جنرل ۽ تدبيرن جي ماهر کان وڌيڪ هئي. هي هڪ جنگي نظريدان، تنظيمي اصلاح ڪار، اسٽرٽجڪ ٿنڪر (Strategic Thinker)، ڪمانڊر، سياسي ۽ فوجي رهنما، هيروئڪ (Heroic) سپاهي، هڪ انقلابي ۽ بغاوت جي نظريي جو موجد هو ۽ تاريخ جو پهريون ڪامياب تجربو ڪري ڏيکارينڊڙ ڪردار هو."[64]

ڏهن سالن جي عرصي ۾ هن ڏهه وڏيون لڙائيون وڙهيون، 18 ڇاپن (Raids) جي رهبري ڪئي ۽ 38 فوجي آپريشنن جي رٿابندي ڪئي ۽ جنگي هدايتون ۽ حڪمناما جاري ڪيا، ٻه پيرا زخمي ٿيو ۽ شڪستون توڙي سوپون ٻه ماڻيون. تاريخ جي ڪجهه ٻين عظيم ڪمانڊرن حضرت موسيٰ، سبوتائي ۽ گياپ، وانگر محمد (صلعم) کي ڪا فوجي تربيت مليل نہ هئي. هن پاڻ کي جنگ ۽ جاسوسيءَ جو ٻه ماهر ثابت ڪيو. هي ڪلاڪن جا ڪلاڪ سياسي اٽڪلن ۽ تدبيرن کي ناهڻ ۾ گذارينڊو هو ۽ هڪ پيرو راءِ ڏنائين تہ "سموري جنگ حرفت (عياري) آهي."[65] جيئن سن زو جو خيال هو تہ "سموري جنگ دوکي تي آڌار رکي ٿي." هي عظيم حڪمت عمليءَ جو ماهر هو جنهن غيرجنگي طريقا (اتحاد، مذهبي تبليغ، رحم ۽ سياست) استعمال ڪري، پنهنجي حالت کي ديرپا عرصي تائين مضبوط ڪيو. جهڙي طرح، مقدونيا جي فلپ سڌارا آڻي يوناني فوج کي ان لائق بڻايو تہ جيئن سڪندر پنهنجين فتحن لاءِ ان کي اوزار طور ڪتب آڻي سگهي. ساڳئي ريت، محمد (صلعم) عربن جي فوج کي بدلائي اهڙو بڻائي ڇڏيو جو هن ڪانپوءِ ايندڙ عرب حڪمرانن آڏو صديون پراڻي ايراني ۽ بازنطيني سلطنتن جا اڏوهي ڪاڏل محل ڊير ٿي پيا.

محمد (صلعم) عربن جي آڳاٽي جنگي انتظام ۾ وڏي ۽ بنيادي تبديلي آندي. عرب اڳ ۾ ننڍن ننڍن مسئلن تي پاڻ ۾ وڙهندا هئا، هن ان روايت کي ختم ڪري انهن مان هڪ تربيت يافتہ وڏي فوج ناهي. جيڪڏهن محمد (صلعم) عربن جي جنگي طريقن ۾ انقلاب نہ آڻي ها، تہ ائين ممڪن هو تہ عربستان ۾ اسلام نہ بچي سگهي ها. هن جي لاڏاڻي کانپوءِ هڪ سال اندر ڪيترن ماڻهن

اسلام کي چڈي ڈنو. اها سندس قابل فوجي جنرلن جي ويڑهاڪ صلاحيت هئي جنهن اسلام کي ان حادثي کان بچائي ورتو.

هن ٻيو وڏو ڪم اهو ڪيو ته عرب فوجن جو سماجي وجود، جيڪو چڑوچڑ قبيلن، گروهن ۽ خون جي رشتن سان وفاداري تي ٻڌل هو، ان کي هڪ قومي سماجي وجود (اُمہ، يا خدا جي مجيندڑن جي گروه) سان وفادار بڻايو.[1] هن عربستان جي شهرن ۽ ٻهراڑين جي گهوڑي سوار خانہ بدوش سپاهين ۽ پيادا سپاهين کي ڳنڍي هڪ فوج ٺاهي. هن ٽيون اهم ڪم اهو ڪيو ته اڳ ۾ عرب فوجي جٿا فقط پنهنجن قبيلائي سردارن جي اڳواڻيءَ ۾ وڙهندا هئا، هن هڪ گڏيل ڪمانڊ قائم ڪئي جيڪا فقط سندس هٿن ۾ هئي.[66] جيئن ته جنگ بذات خود پنهنجو پاڻ کو مقصد نہ ٿي هجي پر اها ڪنهن مقصد کي حاصل ڪرڻ جو ذريعو هجي ٿي. ان حوالي سان محمد (صلعم) جي سڏارن کان اڳ عربن وٽ جنگ ۾ ويڙهہ فقط مان مرتبي يا قُرلٽ لاءِ ٿيندي هئي. ان ۾ دشمن کي مڪمل طور تي ختم ڪرڻ يا ان جي زمين تي قبضو ڪرڻ وغيره شامل نہ هوندو هو. عربن جي جنگ فقط لڑائين جي سطح جي ويڙهہ هئي. انهن جا ڪي وڌا ۽ دڳها جنگي مقصد نہ هوندا هئا جن کي حاصل ڪرڻ لاءِ لڑائيون ڪيون وڃن. هن پهريون پيرو وڏن ۽ دڳهن جنگي مقصدن جو تصور ڏنو. انهيءَ مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ هن پرتشدد (لڑائيون ۽ جنگيون) ۽ پُرامن ذريعا به استعمال ڪيا. ان کان اڳ جو، دشمن کي اتحاد جوڙي مسلمانن کي تباهہ ڪن، هن اهڙن قبيلن ۽ فوجي چانوڻين جا گهيرا ڪيا، دشمن کي اڪيلو ڪرڻ لاءِ ان جي اقتصادي رسد ۽ رابطن کي ڪٽڻ لاءِ جنگي بندوبست ڪيا.[67] هن فوج جي تربيت، تنظيم ۽ ضابطي، جنگي سامان جي بندوبست، تجربيڪار آفيسرن جي چونڊ ۽ مقرري جهڙن اهم ۽ بنيادي ڪمن ۾ پڻ ڪمال ڪري ڏيکاريو.

محمد (صلعم) آڳاٽي دنيا جو، سڀ کان اول هڪ انقلابي ۽ مذهبي گوريلا قسم جو رهنما هو جنهن آڳاٽي دنيا ۾ پهرين خالص قومي بغاوت (Insurgency) پيدا ڪئي ۽ ان جي اڳواڻي ڪئي. عام روايتي جنرلن وانگر هن جو مقصد، فقط ڌارين دشمنن يا حملي آورن کي شڪستون ڏيڻ نہ هو پر ان دور جي عرب سماجي نظام جي جاءِ تي هڪ نئون نظام رائج ڪرڻ به هو. پنهنجي ان مذهبي

---

[1] اُمہ مان مراد هڪ قوم ناهي ۽ نہ ئي ان جي معنيٰ ڪا جديد رياستي قومي وجود آهي، پر مذهبي عقيدي جي مجيندڑن جو اهو گروه جيڪو محمد (صلعم) جي ڪمانڊ ۽ حڪمراني هيٺ گڏ ٿيو.

مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ هن سمورا ذريعا ڪتب آندا جيڪي جديد دور جي تجزيي نگار جي نظر ۾ ڪامياب بغاوت لاءِ ضروري هوندا آهن. جيتوٽيڪ، ابتدا ۾ ان جدوجهد لاءِ هن وٽ ٿورو گوريلا ڪيڊر هو جيڪو فقط محدود سطح جي ڏک هٽڻ ۽ پڄي وڃڻ جهڙا ڇاپا هٽڻ جي قابل هو، پر ڏهن سالن جي مختصر عرصي اندر ان ننڍي گوريلا قوت کي وڏي روايتي هٿياربند فوج، گهوڙي سوار ۽ پيادا يونٽن سان گڏ، وڏيون مهمون سرانجام ڏيڻ جي قابل قوت بڻائي ڇڏيو. اها سڄ پڄ عرب تاريخ جي پهرين حقيقي قومي فوجي قوت هئي.[68] ڪيترن سالن جي گوريلا لڙائين ڪانپوءِ محمد (صلعم) آخرڪار پنهنجن دشمنن کي مختلف لڙائين جي مرحلن ۾ شڪستون ڏئي، نيٺ مڪي کي فتح ڪري ورتو. هن سياسي اتحاد قائم ڪري دشمنن کي فوجي طاقت جي ذريعن کان محروم ڪري ڇڏيو. ڪنهن به بغاوت جي ڪاميابيءَ جي پهرين گهرج اها آهي ته رهنما اهڙو هجي جنهن جا پوئلڳ اُن کي خاص ماڻهو سمجهن. پي گهرج آهي ته بغاوتن جي ڪاميابيءَ لاءِ هڪ منصوبو هجي جيڪو موجوده سماجي، سياسي ۽ معاشي نظام کي غيرمنصفاڻو سمجهي، هڪ نئين نظام جي دعوىٰ ڪري. ڪامياب بغاوتن لاءِ سڄن مجيندڙن جو ضابطي وارو ڪيڊر گهرجي جيڪو نون ميمبرن کي پرتي ڪرڻ ۽ انهن کي منظم ڪرڻ جو ڪم ڪري. هن اهي نئي شرط پورا ڪيا. مدينو هن جو فوجي اڈو هو جتان مخالفن خلاف جنگي آپريشن ڪيا ويا. انهن جنگي آپريشنن ذريعي مڪي ۽ ٻين تجارتي شهرن کي ٻين قبيلن کان الڳ ڪيو جيڪي هن جا مخالف هئا. محمد (صلعم) سمجهيو پئي ته مڪي وارن سان جنگي لڙائيون نه پر بدوي قبيلن سان اتحاد ۽ مذهب جي تبديلي ذريعي ئي ابتدائي ڪاميابيءَ حاصل ڪري سگهجي ٿي.

محمد (صلعم) شايد تاريخ ۾ پهريون ڪمانڊر هوندو جنهن اتر ويٽنام جي جنرل گياپ واري "عوامي جنگ، عوامي فوج" واري اصول کي عمل ۾ آڻڻ جي ابتدا ڪئي. محمد (صلعم) چيو ته "ايمان لاءِ ويڙهه ڪرڻ سمورن مسلمانن جي ذميواري آهي. هر هڪ، مرد، عورت ۽ ايتريقدر جو هٿ لاءِ ايمان ۽ امت (جيڪا ڏرتيءَ تي خدا جي چونديل ماڻهن جي برادري آهي) جي دفاع ۾ فوجي خدمت ڪرڻ فرض آهي."

محمد (صلعم) جو اقتدار ۾ اچڻ هڪ ڪامياب بغاوت جو ڪتابي مثال آهي. جديد باغي، جهڙوڪ مائوزيتنگ، هوچي منهه، جومو ڪينياتا، فيدل ڪاسترو،

۽ شايد واشنگٽن آساڻيءَ سان هن جي حڪمت عملي ۽ طريقن کي پنهنجين جدوجهدن ۾ ڪتب آڻي سگهيا پئي. مغربي دنيا ۾ عربن جي فتحن کي عام روايتي جنگي تناظر ۾ ڏٺو ويندو آهي. پر جن فوجن اهي فتحون حاصل ڪيون اُهي محمد (صلعم) کان اڳ عرب دنيا ۾ هيون ئي ڪونہ. اها ته هن جي ڪامياب غيرروايتي گوريلا آپريشنس ۽ ڪامياب بغاوت هئي جنهن اهڙي فوج کي وجود ۾ آندو. بعد ۾ عرب فتحون، جنگي تصور، نيون فوجون، جنگي ويڙهه جا طريقا، اهي هن جي جنگي ڪاميابين جو نتيجو هئا. پر هتي فقط ڪجهه اهم لڙائين جو مختصر احوال هيٺ ڏنو آهي.

بدر جي لڙائي (مارچ 624ع): جيتوٽيڪ هيءَ لڙائي جنگ جي تاريخ ۾ ايتري اهميت واري نہ هئي پر هيءَ لڙائي محمد (صلعم) جي پهرين جنگي ۽ سياسي فتح هئي، جنهن جو مکيہ مقصد اقتصادي هو (جيڪو حاصل نہ ٿي سگهيو) چاڪاڻ ته حملي جو هدف مڪي جي قريشن کي معاشي طور تي ڪمزور ڪرڻ هو ۽ ان لاءِ ابوسفيان جي سربراهيءَ ۾ تجارتي سامان سان پريل هڪ هزار اُٺن جو قافلو ڪسڻ جي ڪوشش ڪئي وئي پر اتفاق سان اهو قافلو صحيح سلامت نڪري ويو باقي ان قافلي کي بچائڻ لاءِ پهتل مڪي جي فوج سان بدر جي علائقي ۾ مسلمانن جي لڙائي ٿي. محمد (صلعم) فقط مان مرتبي، وڙهڻ يا قرلٽ ڪرڻ جي ارادي سان نہ پر قريشن (دشمن) کي تباهہ ڪرڻ جي ارادي سان وڙهيو. يعني اها هن لاءِ سياسي جنگ هئي.

هن لڙائيءَ ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ مڪي جي فوج ۾ انڪل 900 کان 1000 سپاهي هئا (جنهن مان انڪل 300 واپس هليا ويا هئا) جڏهن ته مسلمان فوج ۾ ڪل 314 سپاهي ۽ 70 اُٺ ۽ فقط 2 گهوڙا هئا. جانور گهٽ هئڻ سبب مسلمان فوج واري واري سان سواري ڪري سخت گرمي ۽ مشڪل ريگستاني علائقي مان پنڌ ڪري لڙائيءَ جي ميدان تي پهتي هئي.

لڙائيءَ ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ، ابن عشاق جي مطابق، مسلمان فوج اٺسڏي ۽ گولائيءَ واري رخ ۾ بدر ڏانهن وڌي. حضور (صلعم) ان لڙائيءَ ۾ جاسوسن جو بهتر نموني استعمال ڪيو ۽ دفاعي حڪمت عملي ڪتب آندي. مسلمان فوج اڳ ۾ ئي مضبوط دفاعي پوزيشن ناهي ورتي ۽ دشمن جي اچڻ جو انتظار ڪيو ۽ واريءَ جي اهڙن ڏڙن جي پٺيان جاءِ والاري جتي پهچڻ کان اڳ مڪي وارن کي نرم واريءَ ميدان مان لنگهڻو هيو ۽ مٿان وري رات

جو برسات مکي وارن جي کيمپ کي ڏهڻ بٽائي ڇڏيو. ريگستاني علائقن ۾ پاڻيءَ جي اهميت بنيادي نوعيت جي هوندي آهي. مسلمان فوج اڳتي وڌي بدر جي پسگردائيءَ ۾ موجود کوهن تي قبضو ڪري ورتو ۽ ٻين کي پُوري ڇڏيو. ائين مسلمانن وٽ ڪافي مقدار ۾ پاڻي موجود هو، جڏهن ته مکي وارن وٽ هڪ ته فوج گهٽي هئي ۽ پاڻي گهٽ هو. ٽيون ته عربن جون لڙائيون صبح جو سوير شروع ٿيندیون هيون ته جيئن سج جي تپش کان بچي سگهجي. ان ۾ به مسلمانن اهڙي جاءِ والاري جتان اپرندڙ سج جا ڪرڻا مکي وارن جي منهن ۾ پيا. چوٽين اهر ڳالهه هيءَ هئي ته مسلمان فوج ڪمانڊ جي منظم سرشتي هيٺ عمل ڪري رهي هئي. اولهه جي جنگي روايت مطابق سيزر، اسڪپيو ۽ ٻيا جنرل جنگ جي ميدان ۾ سان بيهي انتظام هلائيندا هئا اهي پاڻ بذات خود لڙائي نه ڪندا هئا. جڏهن ته عربن جي جنگي روايت مطابق جنگي اڳواڻ بذات خود ويڙهه ۾ حصو ونندا هئا ۽ حضور (صلعم) نئون طريقو متعارف ڪرايو ۽ لڙائي جي ميدان جي پرسان بيهي ويڙهه جي نگراني ڪئي. مکي وارن جي نفسياتي پوزيشن مسلمانن کان بلڪل مختلف هئي. بدلي جي باهه، بک، عزيزن کان جدائي ۽ جنت جي انعام سبب مسلمانن جي اخلاقي سگهه برتر هئي. ان عنصر بدر جي لڙائي جي نتيجي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.

عربن ۾ ڪنهن به لڙائي شروع ٿيڻ کان اڳ هڪٻئي کي للڪاريو ويندو هو ۽ به ئي قابل ويڙهاڪ هڪٻئي سان انفرادي لڙائي ڪندا هئا ۽ پوءِ فوجن ۾ ويڙهه شروع ٿيندي هئي. ان ۾ به مسلمان ڪامياب ٿيا. ائين باقائده لڙائي شروع ٿي. گرمي، اُڃ ۽ خوف مکي وارن جي ويڙهه جي جذبي کي اڳ ۾ ئي ڪمزور ڪري ڇڏيو هو. چيو وڃي ٿو ته ان وچ ۾ زوردار طوفان آيو جنهن ڪري خشڪ واري مکي وارن کي منهن ۾ لڳي. ائين مسلمانن جي حملي ۽ طوفان مکي وارن جي چيلهه چٻي ڪري ڇڏي ۽ هُو پڄي ويا. مسلمانن وٽ ڪا بهتر گهوڙي سوار فوج نه هئي جنهنڪري مکي وارن جو پيڇو نه ڪري سگهيا. ائين مکي وارن کي شڪست ملي.

بدر جي لڙائيءَ ۾ مسلمانن کي مليل فتح جي جنگي اهميت پلي کهڙي به هجي پر اها محمد (صلعم) جي سڀ کان پهرين جنگي ۽ سياسي سوچ هئي. ان لڙائيءَ ڪانپوءِ مديني ۾ مستقبل جي جنگي خطري کي اڳ ۾ ئي ختم ڪرڻ ۽ پنهنجي جنگي اڏي کي محفوظ رکڻ لاءِ مسلمانن مديني جي يهودين (بني قنياقا)

جو گهيرو ڪري انهن کي مدينو ڇڏڻ تي مجبور ڪيو. بدر جي لڙائيءَ ۾ مسلمانن کي پهتل جاني نقصان جو ازالو ڪرڻ لاءِ چار شادين جي اجازت ڏني وئي ان فيصلي تاريخي طور تي مسلمان معاشرن تي تمام وڏا اثر وڌا آهن.

ان کانپوءِ مارچ 625ع ۾ احد جي لڙائي ٿي جنهن ۾ مسلمانن کي شڪست ملي. جيتوڻيڪ عددي حوالي سان دشمن جي قوت چوٽي هئي پر فيصلاڪن ڪردار تعداد نه پر مسلمانن جي بي صبري ۽ لالچ ادا ڪيو. ان لڙائيءَ ۾ جيڪڏهن جنگ ۽ سياست ڏانهن قريش سردارن جو نقطه نظر حضور (صلعم) جهڙو هجي ها ته شايد مسلمان تحريڪ مڪمل طور تي ختر ٿي چڪي هجي ها.

خندق جي لڙائي (مارچ 623ع): مڪي جي سردارن کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ محمد (صلعم) اٽڪل سڄو سال مختلف بدوي قبيلن (جن جا مڪي سان تجارتي لاڳاپا هئا ۽ جيڪي مستقبل ۾ مڪي سان جنگي اتحاد ڪري سگهيا پئي.) انهن تي ڇاپا مار حملن جو انتظام ڪيو. ان ڪوشش ۾ سياست کي برتر حيثيت حاصل هئي. ايتريقدر جو بُت پرستن سان به اتحاد ڪيا ويا.

ڏُکار ۽ تجارتي رستن جي ڪٽجڻ سبب مڪي ۾ کاڌي جي کوٽ پيدا ٿي پئي جنهن ڪري مڪي جي سردارن ۾ بين اتحادين سان گڏجي مسلمانن کي تباهه ڪرڻ لاءِ اٽڪل ڏهه هزار فوج ٺاهي جنهن ۾ 600 گهوڙي ۽ اُٺ سوار به شامل هئا. جڏهن ته مسلمان فوج ۾ اٽڪل 3 هزار فوجي ۽ 35 گهوڙا ۽ اُٺ هئا. اهڙي حالت ۾ مڪي وارن سان ڪنهن ڪليل ميدان تي دوبدو وڙهڻ جو سوال ئي پيدا نه پئي ٿيو. محمد (صلعم) جاگرافي ۽ موسم مان وڏ ۾ وڏ فائدو وٺڻ جو منصوبو ٺاهيو. ان لاءِ اٽڪل چار مهينا تياري ڪئي وئي. سمورو فصل ۽ ڪارڪون شهر ۾ محفوظ ڪري رکيون ويون جيڪي حملي جي صورت ۾ مڪي جا گهوڙا ۽ اُٺ کائي سگهيا پئي.

مديني جي چوڌاري زمين جا تي پاسا دفاع لاءِ بلڪل مناسب هئا. فقط اترئين پاسي کان مسئلو ٿي سگهيو پئي. ان لاءِ مسلمان تاريخ نويسن موجب سلمان فارسي دفاعي خندق کوٽڻ جي تجويز ڏني. جيڪا عرب جنگي روايتن ۾ بلڪل نئين ڳالهه هئي. اها خندق اٽڪل ساڌا ٽي ميل ڊگهي هئي ۽ اٽڪل ويهه فٽ اونهي هئي (ته جيئن حملو ڪندڙ فوجي يا گهوڙي سوار ٽپ ڏئي پئي پاسي نه وڃي سگهي.) جڏهن ته خندق مان نڪتل مٽيءَ کي هڪڙي پاسي اُيو

ڪري رکيو ويو ته جيئن دفاع ڪندڙ ڏر آساني‌ء سان حملي آور کي نشانو بڻائي سگهي. محمد (صلعم) سميت سيني ڪوٽائي‌ء جي ڪم ۾ حصو ورتو.
مسلمان فوج وٽ ڪاڏي پيٽي جو سڀ مقدار موجود هو جڏهن ته مڪي واري فوج ۾ گهوڙن لاءِ محدود رسد هئي. ٻيو ته مسلمانن کي اندرين لائين جو فائدو هو جنهن ڪري اهي تيزي‌ء سان پنهنجين فوجن کي خطري هيٺ آيل جاءِ تي گڏ (يا منتقل) ڪري سگهيا پئي. توٽي جو مسلمانن وٽ فقط 35 گهوڙي سوار هئا. ان لڙائي‌ء ۾ اهم ترين عنصر وقت جو هو ته ڪهڙي ڏر وڏ ڪان وڏ وقت پاڻ کي بچائي سگهندي؟
مڪي وارن طرفان خندق پار ڪرڻ جون انفرادي ڪوششون ڪيون ويون پر ڪامياب نه ٿيون. اٽڪل ٽن هفتن تائين پئي ڏريون پنهنجين پنهنجين جاين تي وينيون رهيون ۽ هڪبئي کي للڪارينديون رهيون ۽ تير وسائينديون رهيون. ائين مديني جي گهيري کي چوٽون هفتو به گذري ويو پر ٻنهي طرفن کان ڪوبه نتيجو نه نڪتو. مهيني کان مٿي عرصو گذرڻ جي ڪري مڪي وارن جا ڪجهه گهوڙا ۽ اُٺ گاهه جي ڪوٽ جي ڪري مري رهيا هئا ۽ فوج لاءِ به ڪاڏو گهٽجندو رهيو. خندق کي پار ڪرڻ جو ڪوبه گس نظر نه پئي آيو ۽ قرلٽ ۽ فتح جا امڪان غائب ٿيندا پئي ويا. مڪي وارن جي توقع هئي ته ڪليل ميدان ۾ لڙائي ٿيندي ۽ هنن طرفان ڊگهي گهيري لاءِ تياري نه ڪئي وئي هئي. ايتريقدر جو موسم به مڪي وارن جي خلاف ٿي پئي. هڪ رات تيز هوائن ۽ ڳڙي جي برسات سان شديد طوفان به مڪي وارن کي تباه ڪري ڇڏيو. آخرڪار مڪي وارن کي ناڪامي ملي.
بعد ۾، محمد (صلعم) مڪي وارن سان صلح حديبيه جو معاهدو ڪيو توٽي جو اهو هڪ سياسي ڪارنامو هو پر ان معاهدي مستقبل جي جنگ ۽ دشمن کي تباه ڪرڻ جي مهر ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. چاڪاڻ ته ان ڪانسواءِ مسلمان ڪڏهن به مڪي وارن کي جنگي طور تي شڪست نه ڏئي سگهن ها. (توٽي جو معاهدي عارضي طور تي مسلمانن کي نقصان پهچايو.) ان معاهدي ۾ شامل هڪ نقطي ته "سڀ قبيلا ڪنهن سان به اتحاد ڪرڻ لاءِ آزاد هوندا" ان مسلمانن کي سڀ ڪان وڏي فتح ڏياري. ان ڪانپوءِ محمد (صلعم) پنهنجن دشمنن کي الڳ الڳ نموني منهن ڏنو جنهن سان مڪي جا اتحادي گهٽجندا رهيا.

خيبر جي لڑائي (628ع): بعد ۾، محمد (صلعم) خيبر ۾ يهودين جي آبادي تي حملي ڪرڻ لاءِ 1400 فوجي ۽ 200 گهوڙي سوار فوج گڏ ڪئي. جڏهن ته انهن جي مقابلي ۾ 5 يا 6 هزار فوج هئي. مسلمانن خيبر ڏانهن اٽسڌو ۽ ڦيريدار رستو ورتو ۽ الرا جي وادي‌ءَ وٽ پڙائو ڪيو جيڪا خيبر ۽ ان جي مدد ڪندڙ (پرتي ڪندڙ) گفتان قبيلي جي وچ ۾ واقع هئي. ائين گفتان جي رستا روڪ ڪري ان کي ڪٽي خيبر کي ملندڙ امڪاني مدد جو گس بند ڪري ڇڏيو.

تيزي‌ءَ سان ڪجهه گهوڙي سوارن کي گفتان ڏانهن اماڻيو ويو جنهن جي نتيجي ۾ گفتان وارن سمجهيو ته مسلمان اسانجي علائقي تي قبضو ڪندا. ائين هُو پنهنجو علائقو بچائڻ لاءِ واپس موٽي ويا. ان ڪانپوءِ خيبر تي حملو ڪيو ويو جتي ڪيترائي مضبوط فوجي قلعا هئا. محمد (صلعم) پنهنجي مکيه فوج ذريعي دشمن جي الڳ الڳ قلعي تي قبضو ڪرايو. هڪ طرف يهودين سخت مزاحمت ڪئي ته ٻئي طرف ٽن هفتن کان مٿي عرصو گذرڻ سبب رسد جي کوٽ جو مسئلو به پيدا ٿي پيو. نتيجي طور (چيو وڃي ٿو ته) مسلمانن پنهنجا ويڙهاڪ جانور به کائڻ شروع ڪيا. نيٺ، مهيني کان وڌيڪ مسلسل ويڙهه ڪانپوءِ آخري مضبوط قلعي تي به قبضو ڪيو ويو.

يهودين جي شڪست جو مکيه ڪارڻ هي هو ته هنن پنهنجي فوج کي ڪنهن ڪليل ميدان تي گڏيل نموني ڪتب آڻڻ بدران ڇڙوڇڙ دفاعي قلعن واري انداز ۾ استعمال ڪيو. جنهن ڪري مسلمانن لاءِ ڪنهن به هڪ جاءِ تي برتر قوت گڏ ڪرڻ آسان ٿي پيئي. ٻيو ته ڊگهي عرصي تائين دفاعي ويڙهه ڪرڻ لاءِ يهودين کاڌي، پاڻي ۽ گاهه جو ذخيرو ڪافي مقدار ۾ جمع نه ڪيو. ڪجهه قلعا ته رڳو رسد جي کوٽ سبب ئي ڊير ٿي پيا. ٽيون ته يهودي فوج جي ڪا گڏيل منظر ڪمانڊ نه هئي.

ان ڪانپوءِ متا جي لڑائي‌ءَ ۾ مسلمانن کي شڪست ملي ۽ ٻن سالن اندر اٽڪل 17 فوجي مهمون وڙهيون ويون

مڪي جي فتح (11 جنوري 630ع): سن زو جي خيال مطابق بهترين جنرل اهو آهي جيڪو بغير خونريزي‌ءَ جي جنگ کٽي وڃي. مڪي جي لڑائي اهڙي ئي جنگي فتح هئي. محمد (صلعم) مڪي کي فتح ڪرڻ لاءِ جنگي تياريون شروع ڪري ڇڏيون. پر اهم سوال هي هو ته اهو ڪم پرامن يا پرتشدد طريقن مان ڪهڙي طريقي سان سرانجام ڏنو وڃي؟ ان لاءِ هن هڪ جنگي دوکي جو

منصوبو جوڙيو جنهن مطابق مديني ۾ داخل ٿيڻ ۽ ٻاهر وڃڻ جا سمورا گس بند ڪري ڇڏيا ته جيئن ڪوبہ ماڻهو (يا جاسوس) مڪي وارن کي ڄاڻ نہ ڏئي سگهي، ڪجھ فوجي جٿا اُتر طرف (شام ڏانهن) اُماڻيا ته جيئن جاسوسن کي يقين ڏياري سگهجي ته ايندڙ لڙائي مڪي خلاف نہ پر اُتر وارن قبيلن خلاف ڪئي ويندي. محمد (صلعم) ڏھ هزار فوج ساڻ ڪري مار ال زهران (علائقي جو نالو) وٽ پڙائو ڪيو جيڪو مڪي کان ٻن ڏينهن جي مفاصلي تي واقع هو. اُتان هڪ رستو مڪي ڏانهن پئي ويو ته ٻيو رستو طائف يا هوازن ڏانهن پئي ويو. جنهن ڪري مڪي وارن کي اچانڪين پڪ نہ پئي ٿي ته محمد (صلعم) جو اصل هدف ڪهڙو آهي؟ ٽيون ته حضور (صلعم) هر فوجيءَ کي رات جي وقت الڳ الڳ باھ ٻارڻ جو حڪم ڏنو ته جيئن مڪي وارن تي دهشت ويهاري سگهجي ۽ اهو تاثر ڏيئي سگهجي ته فوج جو تعداد اصل تعداد کان تمام گهٽو آهي. وري مسلمان فوج اڳتي وڌي دوتوا وٽ پڙائو ڪيو جيڪو مڪي کان فقط هڪ ڏينهن جي مفاصلي تي واقع هو جتي شهر (مڪي) تي حملي لاءِ تياري ڪئي وئي. اهڙي صورتحال ۾ مڪي وارن ابوسفيان کي ڳالهين لاءِ موڪليو ۽ ڄاڻي واڻي ڳالهين کي اينگهايو ويو ته جيئن اجا وڌيڪ وقت حاصل ڪري سگهجي. محمد (صلعم) پڏرو ڪيو ته جيڪڏهن مڪي وارا هٿيار ڦٽا ڪن ته عام معافي جو اعلان ڪرڻ لاءِ تيار آهي ۽ ڪوبہ قتل عام نہ ٿيندو. مسلمان فوج اڳ ۾ ئي شهر جو گهيرو ڪري چڪي هئي ۽ ان جا سمورا گس ڪٽي ڇڏيا هئا، نہ ڪو پڃڻ جو رستو هو ۽ نہ ئي ڪا پرتي پهچڻ ممڪن هئي.

محمد (صلعم) پنهنجي فوج کي چئن ڪالمن ۾ ورهائي چئن طرفن کان شهر ڏانهن وڌڻ جو حڪم ڏنو. ڏکڻ طرف کان ويندڙ مسلمان فوج سان ڪجھ مزاحمت ٿي پر ان کي جلد ئي ختم ڪيو ويو. ائين بغير ڪنهن وڏي خونريزيءَ جي مسلمانن مڪي تي قبضو ڪري ورتو. ان ڪانپوءِ مسلمانن جي ڪيل فتح ۾ مڪي وارن اهم ڪردار ادا ڪيو.

بعد ۾ طائف ۽ هوازن جي لڙائين جنهن ۾ پهريون ٻيرو ايڏي وڏي تعداد ۾ فوجون استعمال ڪيون ويون انهن پوري عربستان کي اسلام جي جهنڊي هيٺ آڻي ڇڏيو.

محمد (صلعم) جي لاڏاڻي کانپوءِ، بنجر ۽ سنڊ بڻيل عرب دنيا جڏ ته ڪنهن جادوءَ ذريعي هيروز جي نرسري ۾ بدلجي وئي هجي اهڙا هيروز عدد ۽ صفت ٻنهي حوالي سان، ڪٽي ٻئي هنڌ مشڪل سان ملن. خالد بن وليد ۽ عمر ابن العاص جون جنگي مهمون، جن ۾ عراق، ايران، شام ۽ مصر جون لڙائيون، جنگ جي تاريخ ۾ زبردست مثالي نمونا آهن ۽ انهن کي نيپولين، هيني بال ۽ سڪندر سان پيڻي سگهجي ٿو.[69] هنن جي ڪاميابين جو اهم عنصر گهوڙن ۽ اٽن جو استعمال هو جن بابت رومي ڪڏهن به مهارت حاصل نه ڪري سگهيا.

خالد بن وليد طرفان شام کي فتح ڪرڻ وارو جنگي داستان پڻ وڏو جنگي ڪارنامو هو. خالد بن وليد (اٽڪل 634ع ۾) پنهنجي پيش رفت لاءِ شام ۽ عراق جي وچ ۾ واقع سڀ کان آسان رستي (ال جندل) ڏانهن وڃڻ بدران اولهندو رستو ورتو. هڪڙو پيرو دوما (Dumah) وٽ پهچڻ کانپوءِ هي وادئ ال سهراڻ کان بصرا ڏانهن وڃي سگهيو پئي، جيڪو شام پهچڻ جو پهريون وسيلو هو پر ان رستي تي فوجي قلعا موجود هئا. تنهنڪري، خالد دوما (Dumah) کان قراقر وارو ڏاڪڻو_اولهندو رستو ورتو، اُتان کان خشڪيءَ (پاڻي جي اٿهوند) واري ريگستان مان پنج ڏينهن سفر ڪري، ڏکڻ طرف سوا (Suwa) ڏانهن رخ ڪيو جيڪو شام پهچڻ جو ٻيون رستو هو. سپاهين لاءِ ٽيلهين ۾ پاڻي کنيو ويو پر گهوڙن لاءِ بچت پاڻي ڪٽي هلڻ لاءِ اُٽن کي ڪتب آندو ويو، جن کي بعد ۾ ڪُهي کاڌي لاءِ ڪم آندو ويو. ائين فقط 18 ڏينهن جي سفر کانپوءِ ڊرامائي انداز سان اوچتو ئي اوچتو خالد جي فوج دمشق جي پاڙي ۾ پهچي وئي ۽ سڌي ريت بازنطيني فوج جي پٺيان اچي ڪڙڪي. اُتي دشمن کي شڪست ڏيڻ بعد بصرا ڏانهن وڌي، جتي ٻيون عرب فوجون به اچي ڪٺيون ٿيون ۽ اٽڪل 634ع جي جولاءِ ۾ فتح ماڻيون. ان کانپوءِ فلسطين کي فتح ڪرڻ به آسان ٿي پيو. ائين منظم انداز سان عربن جون جنگي مهمون شروع ٿيون.[70]

فوج کي اُمہ، يعني سموري قوم، سمجهيو ويندو هو. ان جو امير يا ڪمانڊر ان چيف، خليفو هوندو هو جيڪو پنهنجا اختيار جنرلن کي سونپيندو هو. شروعات ۾ جيڪو جنرل ڪو علائقو فتح ڪندو ته اهوئي ان علائقي جو جج به هوندو هو ۽ عبادت ۾ به اڳواڻي ڪندو هو. عرب گهوڙي سوار فوج جو مکيہ هٿيار پالو (نيزو) هوندو هو. جڏهن ته تيرڪمان هنن جا قومي هٿيار هئا.

بهترين تلوارون انديا مان گهرائيندا هئا. بهرحال، عرب فوج جا هٿيار بازنطيني فوج کان هلکا هئا. هنن لاءِ سپاهگيري نہ فقط الله (تعالىٰ) جي نظرن ۾ اعلىٰ ترين ۽ انتهائي وٽندڙ پيشو هو پر فائديمند به هو.[7] مسلمان عرب فوج جي برتري، نہ ان جي هٿيارن ۾ هئي نہ ئي تنظيم ۾ هئي پر ان جي اخلاقي سگهہ سپ کان وڌيڪ طاقتور هئي. هيو تہ اُهي بردبار هئا ۽ ٽيون تہ اُنن جي ڪري آزاديءَ سان چرپر ڪري سگهندا هئا.

واريا‌سي پٽ جي ڪري اهو فائدو ٿيو تہ اُن دور جون پاڙيسرِي سلطنتون کين شڪست نہ ڏئي سگهيون. اهو هنن جو وڏو بچاءُ هو. اُتُ کي خشڪيءَ جو ٻيڙو به چيو ويندو آهي. ويندي ايڪويهين صديءَ تائين به مخصوص جاگرافيائي حالتن سبب هي پٽ (علائقا) مختلف پرڊيهي ڪاهن کان بچيل پئي رهيا آهن. ان خطي جنگ جي علم جي حوالي سان جيڪي وڏا جنرل ۽ عالم پيدا ڪيا انهن ۾ محمد (صلعم)، حضرت عُمر، خالد بن وليد، عمر ابن العاس، طارق بن زيد، صلاح الدين ايوبي، بابر، ابن خلدون ۽ بخاري وغيره شامل آهن. عربن کانپوءِ، جنگ جي تاريخ ۾ منگولن ۽ تُرکن جو وارو آيو جن انساني تاريخ تي پنهنجا اڻ مٽ نشان ڇڏيا.

منگول ۽ تُرڪ
ايوبي، چنگيز ۽ سبوتائي

عربن کانپوءِ تُرکن" جنگ جي سائنس ۽ فن ۾ واڌارا کيا. هنن 1055ع ۾ بغداد، 1078ع ۾ شام ۽ 1084ع ۾ فلسطين کي فتح ڪري ورتو. سلوجڪ (ترڪن) جي زماني ۾ ئي "صليبي جنگيون" لڳيون جن ۾ سموري يورپ جي بادشاهن، شهنشاهن ۽ پادرين گڏجي فقط هڪڙي ملڪ شام سان اٽڪل ٻه سو سالن تائين ويڙهه ڪئي پر ان کي شڪست نه ڏئي سگهيا. جنگي حوالي سان ترڪن جي جنگي برتري انهن جي تيرانداز گهوڙي سوار فوج ۽ دشمن کي گهٽن طرفن کان گهيرو ڪرڻ (Envelop) وارين تدبيرن ۽ زرهه بند هٿيارن ۾ هئي. اڳتي هلي بعد ۾ عثمانيہ سلطنت ۽ مغل سلطنت وجود ۾ آيون جن اٽڪل صدين تائين دنيا جي خطرناڪ جنگي طاقتن طور پاڻ مڃايو.

يورپ ۽ ايشيا جي جنگي طاقتن ۾ باقائده پهريون پيرو ويڙهه ايراني ۽ يوناني جنگين سان ٿي، پر ان ۾ به حملي آور ڏر ايران هئي. بعد ۾ سڪندر ايشيا تي ڪاهي آيو. ان کانپوءِ عربن طرفان يورپ کي فتح ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون ويون پر ان ۾ ڪاميابي نه ملي. وري ان کانپوءِ يورپ ۽ ايشيا جي طاقتن ۾ ستو ٽڪر "صليبي جنگين" جي صورت ۾ ٿيو. توڻي جو ان ۾ هڪ پاسي ڏري گهڻ سموري يورپ جون طاقتون هيون ته ٻئي طرف فقط شام هڪڙو ملڪ هو پر ان باوجود يورپي فوجن کي ڪاميابي نه ملي. ان ويڙهه ۾ فيصلاڪن ڪردار هڪڙي جنگي رهنما جو هو جنهن جو نالو صلاح الدين ايوبي هو.

صلاح الدين ايوبي (1138_1193ع): صلاح الدين، پنهنجن ڪارنامن سبب پوري مسلمان دنيا ۽ پنهنجي مهذب پٽي ۽ گهوڙي سوار فوج سبب اولهه جي دنيا ۾ وڏي مشهوري ماڻي. هن پنهنجي جنگي قيادت ذريعي (مذهبي طور) مقدس سرزمين تي قبضي ڪرڻ واري يورپي ڪوششن آڏو خطرناڪ رڪاوٽون

[ii] جن بابت چيو وڃي ٿو ته اُهي منگول نسل سان تعلق رکن ٿا

وڏيون. هن مصر ۾ ايوبيہ بادشاهت قائم ڪئي ۽ پاڻ ڪي ٻارهين صديءَ جو سڀ کان وڏيڪ اثرانداز ٽيندڙ جنگي رهنما ثابت ڪيو. مسلمانن کي متحد ڪيو، يورپي عيسائين جي ٻئين جهاد کي شڪست ڏني ۽ ٽئين جهادي مهم وڙهي انهن کي روڪيو.

هن جو پورو نالو صلاح الدين يوسف ابن ايوب هو جنهن جي معنيٰ آهي "ايمان جو شان". هي 1138ع ۾ عراق ۾ پيدا ٿيو. هن جو پيءُ ڪُرد هو جيڪو نورالدين جي ترڪ_شامي فوج جو آفيسر هو جنهن يروشلم تي قبضي لاءِ وڙهندڙ يورپي جهادين سان مقابلا ڪيا هئا.

صلاح الدين ٽيهه سالن جي عمر ۾ فوج جي يونٽ جو ليڊر ٻڌيو. هي 1164ع ۾ عيسائين کي مصر مان تڙي ڪڍڻ لاءِ فوج ۾ شامل ٿيو جنهن چار سالن جي جنگ ڪانپوءِ مصر تي ڪاميابيءَ سان قبضو ڪيو. جڏهن نورالدين فوت ٿيو تہ صلاح الدين ويڑهاڪ فوج جي ڪمانڊ ڪئي ۽ مصري حڪومت جو ڪنٽرول سنڀاليو. بعد ۾ هن حڪمران بادي کي ٽوڙي پنهنجي بادشاهي قائم ڪئي. صلاح الدين پنهنجي فوج کي مضبوط ڪيو، بحري قوت جوڙي ۽ پوري وچ اوپر کي پنهنجي قبضي ۾ آڻڻ لاءِ جنگي مهمون شروع ڪيون.

ٻارنهن سالن جي عرصي ۾ هن عراق ۽ شام کي فتح ڪيو، 1186ع تائين، فلسطين ڪانسواءِ مصر ڪان بغداد تائين جي سموري علائقي تي هن جي حڪمراني هئي. فلسطين کي فتح ڪرڻ لاءِ هن جهاد (مقدس جنگ) ۽ عيسائي جهادين کي تڙي ڪڍڻ جو اعلان ڪيو. 1187ع ۾ هن، تيزانداز گهوڙي سوار فوج سميت اٽڪل ويهہ هزار فوج ساڻ ڪري فلسطين تي ڪاهہ ڪئي.

صلاح الدين تيراندازن هٿان دشمن کي پاسرائين ڪان حراسان ڪرڻ ڪانپوءِ ڪمزور جاين تي حملا ڪرڻ جي جنگي چالن تي عمل ڪندو هو. جڏهن تيرانداز دشمن جي فوجي ترتيب (بناوت) کي ٽوڙي ڇڏيندا هئا تہ گهوڙي سوار تلوار باز ۽ پيادا هلان ڪندي دشمن کي تباهہ ڪندا هئا.

هڪ واري لڙائيءَ دوران هي عيسائي جهادين کي پنهنجي پنڌيان ڊوڙائي اهڙي علائقي تائين وٺي آيو جتي پاڻيءَ جي اٿهوند هئي ۽ تيسين عيسائي جهادي فوجون ٽڪجي ڇڪنا چور ٿي ڇڪيون هيون. ان وقت صلاح الدين موٽ ڪاڏي ۽ دشمن تي حملو ڪري ڏنو. ان ڪاميابيءَ ڪانپوءِ صلاح الدين مختلف شهر ۽ قلعا فتح ڪندي 2 آڪٽوبر 1187ع ۾ يروشلم تي ٻيهر مسلمانن جو ڪنٽرول

حاصل ڪري ورتو. جيڪو ان کان اڳ (1099ع کان) عيسائين جي قبضي هيٺ هو. پر صلاح الدين دشمنن سان فضيلت وارو ورتاءُ ڪيو ۽ انهن جي اڳواڻ کي ان واعدي تي ڇڏي ڏنو ته مسلمانن خلاف ٻيهر هٿيار نه کڻندي.

وري رچرڊ جي اڳواڻيءَ ۾ يورپي جهادين ٽيون ٻيرو ڪاهه ڪئي. صلاح الدين ڪاميابيءَ سان پنهنجون فوجون وٺي دشمن جي کاڌ خوراڪ جا ذخيرا تباهه ڪري رسد واري لائين ڪٽي ڇڏي. نيٺ، تن سالن لاءِ جنگ بنديءَ جو ناهه ڪيو ويو ته مسلمان، ڪنهن رڪاوٽ کانسواءِ عيسائين کي فلسطين جي مقدس مذهبي جاين تي اچڻ ڏيندا. صلاح الدين دمشق ڏانهن موٽيو ته ڪيس بخار ٿي پيو ۽ 4 مارچ 1193ع ۾ 55 سالن جي ڄمار ۾ فوت ٿي ويو. صلاح الدين پاڻ کي ان دور جو عظيم مسلمان جنگي رهنما ثابت ڪيو. جنهن دور ۾ مذهبي جنونيت جو رجحان هو ان وقت هن جي مذهبي رواداري جي تعريف دشمن به ڪندا هئا. هن ثقافت کي زور ونڊائڻ لاءِ به ڪيترين ئي ڪوششون ڪيون. ايتريقدر جو هن پنهنجن مخالفن (Sir Walter Scott) کي به ادبي ڪم ڪرڻ لاءِ اتساهيو.[72]

چنگيز خان ۽ سبوتائي

منگول؛ گاهه پنو حاصل ڪرڻ لاءِ مسلسل ۽ ڊورانهن مفاصلن تائين پنڌ ڪندا رهندا هئا ۽ انهن ڏڪهن پنڌن ڪين بهترين گهوڙي سوار بڻائي ڇڏيو. بنجر زمين سبب جنگجو نسل بڻجي پيا ۽ مسلسل هجرتن سبب ٻين قبيلن ۽ ماڻهن سان مسلسل وڙهندا ئي رهيا. چنگيز خان کان گهڻو اڳ، هنن يورپ، خاص ڪري اوڀر يورپ، کي شڪستون ڏنيون ۽ رومي سلطنت کي تباهه ڪري ڇڏيو. "انسان گهر ۾ جنم وٺي ٿو ۽ ميدان جنگ ۾ مري ٿو" اها سندن عام ڪهاوت هئي.[73] تيرهين صديءَ ۾ منگول، ڪنڊ جيان، پوري ايشيا ۽ يورپ جي ميدانن تي حملاآور ٿيا. انهن منگولن کي پهريون ٻيرو متحد ڪرڻ جو ڪم چنگيز خان سرانجام ڏنو. منگول ڏسندي ڏسندي چين (1209ع کان 1216ع)، افغانستان (21_1219ع) ۽ اوڀر يورپ (23_1219ع) تائين ڦهلجي ويا.

چنگيز خان (پيدائش 1167ع_فوت 1227ع) جنهن کي عام طور تي ۽ خاص طور تي يورپي "وحشي" ۽ "درنده صفت" انسان سڏيندا آهن. ان ماڻهوءَ منگول قوم کي متحد ڪيو ۽ هن وحشت ۽ بربريت ذريعي نه پر پنهنجي شاندار تنظيمي صلاحيتن ۽ ويڙهه جي انڪلن ذريعي، معلوم دنيا کي فتح ڪيو. هن 25 سالن جي ڄمار ۾، انتهائي منظم انداز سان سمورن منگول قبيلن کي هڪ وفاق ۾


چنگيز خان

متحد ڪيو. چنگيز خان، دنيا جي نقشي تي سڀ کان وڏي زميني طاقت، منگول سلطنت، جو بنياد وڌو. منگولن ۾ ٻي قدآور شخصيت چنگيز خان جو عظيم جنرل سبوتائي هو جيڪو هن جي موت کانپوءِ، منگول ڪاهه ڪي يورپ جي دل تائين وٺي ويو ۽ اولهه جي قرون وسطيٰ واري تهذيب جي تاچي پيٽي ڪي لوڏي ڇڏيائين. جنگ جي تاريخ ۾ انهن ٻنهي جنرلن جي جنگي قابليت کي فقط نيپولين سان پيٽ ڏئي سگهجي ٿي. لڊل هارٽ لکيو ته انهن ٻنهي اڳواڻن جي جنگي قابليت نيپولين جي برابر هئي. چنگيز خان 1167ع ۾ پيدا ٿيو ۽ 13 سالن جي عمر ۾ پنهنجي پيءُ جو جانيشن مقرر ٿيو. 1206ع ۾، 44 سالن جي عمر ۾، هن کي "چنگيز خان" (جنهن جي معنيٰ آهي ڪامل ويڙهاڪ) جو خطاب ڏنو ويو. جنهن 1213ع ۾ چين جي ڪن (Kin) بادشاهت کي شڪست ڏني ۽ خوارزم جي شاهه جي سلطنت[iii] کي فتح ڪيو.

لڊل هارٽ لکيو ته قرون وسطيٰ جي تاريخ نويسن منگولن جي فتحن جو سبب عددي برتري کي قرار ڏنو آهي. حقيقت ۾ هنن جي حيران ڪندڙ تيز ڪاميابين جي تسلسل جو راز مقدار (تعداد) بدران معيار هو. هڪ پيرو جڏهن ڪنهن رٽا بابت فيصلو ڪري وٺندو هئا ته ماتحت جنرل، ڪنهن به مداخلت کانسواءِ ان منصوبي کي عمل ۾ آڻيندا هئا. انهن جنرلن جي ترقي عمر يا تجربي (Seniority) تي نه پر اهليت (Merit) جي بنياد تي ڪئي ويندي هئي. ٻيو وڏو ڪارنامو هنن جي فوجي تنظيم هئي. چنگيز خان فوج جي تنظيم کي ڏهن جي حساب سان ترتيب ڏنو. ڏهن سپاهين تي مشتمل هڪ اسڪواڊ، ڏهه اسڪواڊ گڏجي هڪ ڪمپني، ڏهه ڪمپنيون گڏجي هڪ رجمينٽ ۽ ائين هڪ "تومينس" (Tumens) ڏهه هزار سپاهين تي مشتمل هوندي هئي. سخت تربيت ۽ ڊسيپلين تي عمل ڪندڙ خان جي فوج جو اڌ حصو ڳرن هٿيارين، نيزن ۽ تلوارن سان مسلح، بچاءَ لاءِ زرهه ۽ توپلا پهريل، گهوڙي سوار فوج تي مبني هو. باقي حصي ۾ تير ۽ ڪمان سان مسلح، چمڙن جا توپلا پهريل، هلڪي گهوڙي سوار فوج هوندي هئي. باقي ٻين واڌو گهوڙن تي

[iii] جنهن ۾ اڄوڪا ترڪمانستان، ايران ۽ اتريون هندستان شامل هئا

ڏگهين جنگي مهمن لاءِ سامان، هٿيار ۽ کاڌ خوارڪ کڻي هلندا هئا. خان وٽ جاسوسن جو زبردست نيٽ ورڪ هو. انڪل ايڊائي لکن تي مشتمل فوج ۾ ڳري ۽ هلڪي گهوڙي سوار فوج جا مختلف جٿا دشمن جي ڪمزور جاين تي حملا ڪندا مضبوط جاين جو گهيراءُ ڪندا هئا. "وچ جي تيزيءَ وانگر حملي ڪرڻ" واري جنگي حڪمت عملي جيڪا صدين تائين عمل ۾ ايندي رهي، ان جو پهريون مثال خان جي تيز ۽ بيباڪ اڳرائين ۾ ملي ٿو. جڏهن چين جي مضبوط قلعن وارا شهر هن جي آڏو آيا تہ هن منجنيق ۽ گهيرن ڪرڻ جون مشينون ڪتب آنديون. جڏهن هن کي انجنيئر ۽ ڊاڪٽرن جي ضرورت پئي تہ هن ٻين ملڪن جا ماهر، پڪڙيا يا زبردستي، پرتي ڪيا. هن جي فوج دشمن سپاهين کي ورلي قيدي بڻائيندي هئي نہ تہ انهن سيني کي ماري ڇڏيندي هئي. منگولن جي لڙائين جون مکيہ ٻہ تدبيرون هيون، هڪ تيز، خاموش ۽ مشيني انداز ۾ سگنلس جو نظام، ٻيو، سندن موتمار بارود (Fire). اُن بابت ڪنهن تاريخ نويس لکيو تہ "سندن دشمن ساڃي ۽ ڪاهي پاسي ائين پئي ڪريا جيئن سياري جي موسم ۾ وڻن جا پن ڇڻندا آهن." قرون وسطيٰ جون فوجون گهٽو ڪري "چرڪائيندڙ" (Shock) تدبيرن تي عمل ڪنديون هيون. پر منگول "جيستائين دشمن جي گهوڙن ۽ سپاهين کي تيرن جي برسات سان ٽڪائيندا نہ هُئا تيسين اُنهن جي ويجهو نہ ويندا هئا." جنگ جي تاريخ ۾ پهريون پيرو هنن دشمن تي هلان لاءِ رستو صاف ڪرڻ خاطر "بارود" کي منظم انداز سان استعمال ڪيو. هنن ثابت ڪيو تہ حڪمت عمليءَ وانگر، لڙائيءَ جي تدبيرن ۾ حرڪت جي آزادي مکيہ شي آهي ۽ هلڪن هٿيارن واري فوج ڳرن هٿيارن واري فوج کي ماري سگهي ٿي جيڪڏهن انهن وٽ حرڪت جي آزادي هُجي. مطلب تہ حرڪت جي آزاديءَ جي ڪري ڪنهن بہ فوج جي هٿيارن جي طاقت ۾ ضرب وانگر ٽيٽو ۽ چوٽو "وزن" وڌي وڃي ٿو. حرڪت جي آزادي ڪنهن بہ هٿيار يا دفاعي بندوبست کان بهتر تحفظ مهيا ڪري ٿي. منگولن جي جنگي نظام جي مکيہ خاصيت سادگي هئي، هر سپاهي وٽ فقط هڪ هٿيار هوندو هو. جڏهن تہ يورپي فوجون گهٽا هٿيار کڻي وڙهنديون هيون. ان ڪري ئي منگول فوج کي حرڪت جي آزادي حاصل پئي ٿي ۽ سويون ماٽيائون. جديد دور جي جنگي گاڏي، ٽينڪ ۽ جهاز ۾ منگول گهوڙي سوارن جون ساڳيون خاصيتون آهن پر مٿئين درجي جون. منگولن جنگ ۾ "گولي بازي جي تياري"

(Artillery preparation) جو تصور ڏنو، هي پهريان ماڻهو هئا جن دشمن تي "پنڌيان کان حملو ڪرڻ" واري اٽڪل تي عمل ڪيو. ڏگهن مفاصلن ۽ ڏورانهن علائقن تائين پهچڻ ۽ دشمن کي شڪست ڏئي سگهڻ جي مکيه سببن ۾ سخت ۽ لچڪدار تنظيم، جنهن ۾ تيزيءَ سان گڏجڻ جي صلاحيت هئي، ڪُکن کان ڏک هٽڻ، تفصيلي طور تي اڳواٽ رٿابندي ڪرڻ، اچرج ۾ وجهڻ، تيستائين کوڙ کري پنڌتي هڻڻ جيستائين دشمن ٽڪجي نه پوي، آزاد چرپر ڪرڻ ۽ دشمن کي مڪمل طور تي نيست نابود ڪرڻ جهڙيون جنگي اٽڪلون ۽ فن شامل هئا. منگول گهيرا ڪرڻ لاءِ ڪتب ايندڙ شين ۽ انجنيئر يونٽس کي استعمال ڪرڻ جو فن عربن کان سکيا.

جنگ جي تاريخ ۾ شايد ئي ڪڏهن اچرج واري جنگي اصول کي ان انداز سان پورو ڪيو ويو هجي جيئن ترڪستان واري لڙائيءَ ۾ چنگيز خان ڪيو. خان ترڪستان تي کيل ڪاهه جي تياري کان اڳ جاسوسن جو وسيع ڄار وڇائي دشمن خلاف ان جي علائقي ۾ پروپيگنڊا ڪرائي. جيئن ته منگول "پنڌيان کان حملو ڪرڻ" واري اٽڪل کان ڪم ونڊ جا بانيڪار هئا. هن پهريائين ته پنهنجي منصوبي جي تحفظ لاءِ قدم کنيا فوج کي جمع ڪرڻ واري جاءِ کي رازداري سان لکايو. جڏهن (1219ع ۾) (ترڪستان جي) شاهه جي فوج متوقع لڙائي واري هنڌ پهتي ته چنگيز جي فوج ان جي پهچڻ کان اڳ ئي گهوڙا ۽ گهربل گاهه واپس لکائي چڏيو ۽ انهن ٻنين ۽ شهر کي باهه ڏئي پاڻ لکي ويا. جنهن کانپوءِ ڪيترن مهينن تائين شاهه پنهنجي ٻه لک فوج کي دفاعي انداز سان چڙوچڙ ڪري مقرر ڪيو. وري سال کانپوءِ (1220ع ۾) چنگيز چالاڪيءَ سان پنهنجي جنرل چيپي جي اڳواٽيءَ ۾ ويهه هزار فوج کي ڏيان هٽائڻ لاءِ شاهه جي ساڃي پاسي ڏانهن اماڻي سمرقند ۽ بخارا (جيڪي شاهه جي طاقت جا مرڪز هئا) انهن لاءِ خطرو پيدا ڪيو. شاهه اٽڪل چاليهه هزار فوج اوڏانهن موڪلي. جڏهن چيپي ساڃي پاسي ڏک هٽڻ شروع ڪيو ته چنگيز جي باقي جنرلن جي فوج اچانڪ کاٻي پاسي حملو ڪري ڏنو. ان ويڙهه دوران شاهه جو ڏيان اڃان محاذ تي ئي هو ته ڪيس چرڪائيندڙ خبر ملي ته چنگيز پنهنجي بچت فوج سان گوهيون گتون هٽي اسانجي پنڌيان کان، ڏري گهٽ بخارا جي دروازن وٽ، اچي پهتو آهي. چاڪاڻ ته ان وچ ۾ چنگيز جي چاليهه هزار فوج هڪ وسيع ريگستان ۾ غائب ٿي ناقابل گذر ريگستان منجهان انتهائي رازداري

سان لنگهي، اپريل جي ابتدا ۾، ريگستان جي ڏاکڻي پڇڙ ۾ پهچي، نروتا جي علائقي تي قبضو ڪيو جيڪو بخارا جي مٿان ۽ شاهه جي فوج جي بلڪل پٺيان هو. هڪ ئي ڏڪ سان شاهه جي سموري دفاعي قطار مڙي وئي ۽ جيڪي ڏورانهن علائقن کان فوجون اچڻيون هيون انهن سان رابطا ڪٽجي ويا. نيٺ شاهه بخارا جي چانوڻي کي چڏي پيجي ويو.[74]

چنگيز خان ۽ سبوتائي جي سلطنت ۾ چين، ڪوريا، ايران، عراق، اولهه ترڪستان، ڏاکڻو انڊيا ۽ پاڪستان شامل هئا. وري 1222ع ۾ هن روس تي ڪاهه ڪري ڏني. 1226ع تائين خان جنهن سلطنت تي راڄ ڪيو اها اولهه طرف پولينڊ کان اوپر طرف ڪوريا تائين، ڏکڻ ۾ ويٽنام کان اتر ۾ روس تائين ڦهليل هئي. هن جي قبضن جو سلسلو سندس پوڙهاڀ سست ڪري چڏيو. خان جي سلطنت، هن جي مرڻ کانپوءِ، اٽڪل 150 سالن کان مٿي قائم رهي. جيتوڻيڪ، خان پنهنجين جنگي مهمن دوران قتل غارت ۽ ڦرلٽ ڪئي پر هن جو جنگي هنر هر حوالي سان برتر هو.[75] جيڪڏهن پيٽ ڪجي تہ ان دور جون سموريون فوجون گڏيون ۽ غيرمتحرڪ فوجون هيون، ايتريقدر جو 20 هين صديءَ کان اڳ تائين چنگيز جي فوج وانگر تيزيءَ سان ڦهلجڻ جي خاصيت ورلي ڪٽي ملي ٿي.

منگول ڪمانڊر، سبوتائي، چين کان ڏنيوب تائين اٽڪل 32 قومن کي زيردست بڻايو ۽ اٽڪل 65 لڙائيون ڪٽيون. ان مان ڪهڙو سبق ملي ٿو؟ لڊل هارٽ تبصرو ڪندي لکيو تہ چنگيز خان ۽ سبوتائي جي جنگي فن بابت ڄاڻ ملڻ سان اهو گمان تہ "جنگي ڏاهپ جو گهر فقط اڪيلو يورپ آهي" اهو وهم ختم ٿيو وڃي ۽ ٻيو تہ "جيڪو ڪُجهه هنن (منگولن) ماضي ۾ ڪيو، ممڪن آهي تہ هُو ٻيهر ائين ڪن."[76]

عثمانيہ سلطنت: منگولن کانپوءِ تُرڪن طرفان قائم ڪيل عثمانيہ سلطنت جنگ جي سائنس ۽ فن ۾ زبردست ڪارناما سرانجام ڏنا. اُن دور ۾ جڏهن پگهاردار فوجن جو رواج نہ هو تڏهن به هنن وٽ مستقل فوج هئي جنهن کي باقائده پگهار ڏني ويندي هئي. جيڪا انتهائي منظم، ضابطي واري پيشيور ۽ مستقل جانثارن جي فوج هئي، ايتريقدر جو انهن جي شادين تي به بندش هوندي هئي. سورهين صدي ۾ هنن وٽ اٽڪل هڪ لک کان وڌيڪ سپاهي ۽ طاقتور توبخانو موجود هو. هي دشمن جي مرڪزي حصي کي جانثار پيادا فوج ۽ ان جي پاسن کي

گھوڑي سوارن هٿان حملو ڪرائي چوڌاري ويڑهي ڇڏڻ وارين جنگي چالن تي عمل ڪندا هئا. عثمانيہ سلطنت جو بنياد 1299ع ۾ پيو ۽ 1361ع ۾ تُرڪن (بازنطيني سلطنت جي هوندي) يورپي علائقي، اندريپول تي قبضو ڪري ورتو. پر بعد ۾ اُن کان بہ وڏو واقعو پيش آيو. ترڪن جي حڪومت هوندي هڪ تاريخي جنگي زلزلو آيو جنهن جا جهٽڪا اجاتائين محسوس ڪيا وجن ٿا. چاڪاڻ تہ سن 1453ع ۾ تُرڪن طرفان قسطنطنيہ (هاڻوڪو استنبول) تي قبضو ڪيو ويو، ان واقعي يورپ ۽ ايشيا جي تاريخ جو رُخ موڙي ڇڏيو. اُنهيءَ سال جتي قسطنطنيہ جي شڪست سبب رومي سلطنت جو مڪمل خاتمو ٿي ويو، اُتان ئي وري موجوده يورپي بالادستيءَ ۽ تسلط جو آغاز بہ ٿيو ۽ يورپ قرون وسطيٰ واري اونداهي دور مان نڪري نئين سجاڳيءَ طرف وڌڻ شروع ڪيو. قسطنطنيہ تي قبضو ڪرڻ لاءِ گوٿ، هُن، اوارس، سلوس، مگيارس، روسي، بلگرس، تُرڪ ۽ عرب صدين کان ڪوششون ڪندا رهيا پر اُهي ڪامياب نہ ٿي سگهيا، اها تُرڪ فوج ۽ ان جو سلطان (محمد ٻيون) هو جنهن ان شهر تي قبضو ڪيو ۽ اوپر واري رومي سلطنت کي تباهہ ڪري ڇڏيو. (ترڪ سلطان محمد (2 ٻيون) جنهن کي "رت پيئندڙ" ۽ "محمد فاتح" جي خطابن سان بہ ياد ڪيو ويندو آهي.) هي ڪيترين ئي ٻولين جو ڄاڻو هو ۽ عظيم رهنمائن جي سوانح عمريون بہ پڙهيون هئائين ۽ ڪيس جنگي حڪمت عمليءَ جي باري ۾ سڻي ڄاڻ هئي.

جيئن تہ قسطنطنيہ جي تجارتي ۽ جنگي (اسٽريٽجڪ) حوالي سان وڏي اهميت هئي. اهو شهر دنيا جي مضبوط ترين شهرن مان هڪ هو چاڪاڻ تہ ان جي تحفظ لاءِ هڪ مضبوط فوجي قلعو نهيل هو، جنهن جون ٻہ وڏيون ۽ ويڪريون پٽيون هيون جن جي چوڌاري 60 فٽ ويڪري ۽ 15 فٽ اونهي پاٽيءَ واري خندق هئي. جنهن جي پنيان پهرين 25 فٽ ڊگهي پٽ هئي ۽ ان کان 20 وال پوئتي وري (60 فٽ ڊگهن) 112 ٽاورن سان گڏ 45 فٽ ڊگهي ٻي پٽ هئي. جيتوٽيڪ، سلطان محمد جي فوج عددي حوالي سان تمام گهٽي هئي. پر ان قسر جي مضبوط ۽ محفوظ قلعي تي قبضي ڪرڻ لاءِ پيادا فوج جي برتري فيصلاڪن نہ هئي. ترڪ فوج ۽ هٿيارن ۾ سڀ کان وڌيڪ اثرائتي شي انهن جون توبون هيون. سلطان محمد وٽ ايشيا ۽ يورپ جي ڪنهن بہ شهزادي کان وڌيڪ ۽ وڏيون توبون هيون جنهن ڪري هن کي دنيا جو پهريون عظيم توب

وارو ماڻهو (Artilleryman) سڏيو ويو. پر اهي توبون انتهائي سست رفتاريءَ سان چرپر ڪنديون هيون. انهن مان هرهڪ توب کي 50 ڏڳا ۽ 450 ماڻهو ڏکيندا هئا ۽ انهن ۾ بارود پرڻ ۾ ۽ ڪلاڪ لڳندا هئا ۽ هڪ توب سڄي ڏينهن ۾ فقط 7 کان 8 فائر ڪري سگهندي هئي. پر ان باوجود ان لڙائيءَ ۾ توبن فيصلاڪن ڪردار ادا ڪيو. قلعي تي قبضو ڪرڻ لاءِ سلطان (12 اپريل تي) دنيا جي پهرين منظم توبن جي بمباري شروع ڪرائي. اها فائرنگ ڏينهن رات هلندي رهي پر ڪو ڪڙتيل نه نڪتو. بعد ۾ ترڪن قلعي جي مختلف جاين کي هدف بنائڻ بدران توبن کي پت جي ڪنهن هڪ جاءِ تي مرڪوز فائر ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو. آخرڪار، باهرين پت کي ڌاهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا پر ترڪن کي تڏهن خبر پئي ته دشمنن ان جي پنيان ٻي پت ۾ تعمير ڪرائي ڇڏي آهي. ترڪ فوج قلعي تي قبضو ڪرڻ لاءِ وري 18 اپريل تي عام ستو حملو ڪري ڏنو پر رومي فوج ترڪ فوج جي لاشن جا ڍير لڳائي ڇڏيا. ان دوران ترڪ جنگي ٻيڙن ۾ ڪوششون ڪيون پر ڪامياب نه ٿيا. سُلطان باسفورس ۽ هڪ وهڪري جي وچان هڪ ميل ڊگهي خشڪ زمين ناهڻ لاءِ پنهنجن مزدورن کي موڪليو. هنن ڪاڪ جو رستو ناهي، اُن مٿان گريس هاريو ۽ اٽڪل 70 ٻيڙن کي ان مٿان گهلي پار ڪيو. پوءِ هنن تيراڪ پُل ناهي جنهن ڪري هي ڪنهن ۾ جاءِ تي برتر قوت سان حملو ڪري سگهيا پئي. وري ترڪ فوج ستو حملو ڪري ڏنو پر وري ناڪام ٿي. وري ڪاڌيون ڪوٽي اندر گهڙڻ جي ڪوشش ڪيائون پر ان وچ ۾ دفاع ڪندڙ رومي فوج زهريلي گئس اماڻي ۽ سرنگهن ۾ پاڻي ڇڏي ڏنو. ٽيڪ، 29 مئي تي سلطان ٻيهر ڪاهه ڪرڻ جو حڪم ڏنو ۽ جيستائين شهر تي قبضو نه ٿيو تيستائين ڏينهن رات ويڙهه جاري رهي.[77] ان دوران قلعي جو دفاع ڪندڙ رومي فوج جو سربراهه (Giovanni Giustiani) ۾ زخمي ٿي پيو ۽ ائين ترڪ فوج پٽيون ٽپي قلعي تي قبضو ڪري ورتو.

بعد ۾ ٽُرڪن 1526ع ۾ هنگري (يورپ جو مُلڪ) جي فوج کي شڪست ڏني. ائين عثمانيہ سلطنت پنهنجي دور جي سڀ کان مضبوط ترين فوجي طاقت بڻجي وئي. ان جي ترڪ جنرلن مان سليمان (اول) ترڪي جي ماڻهن ۾ "قانون جي محافظ" طور ۽ اولهه جي دنيا ۾ "عظيم الشان" (the Magnificent) انسان طور مڃتا ماڻي. هي سورهين صديءَ جو سڀ کان گهٽو اثرانداز ٽيندڙ جنگي رهنما ثابت ٿيو. سليمان چاليهه سالن اندر ٽيهارو جنگي مهمن ذريعي عثمانيہ

سلطنت کي وڌائي ان دور جي سپ کان وڌيڪ طاقتور فوجي قوت بڻائي ڇڏيو. هن روڊز جي جزيري کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڇهن مهينن تائين ان جو گهيرو ڪيو پر ان ٻيٽ جي مضبوط قلعن کي شڪست ڏيڻ ۾ ناڪام رهيو، جنهن ڪانپوءِ سليمان، سردارن ۽ فوج کي هٿيار ڦٽا ڪري باحفاظت نڪري وڃڻ جي آڇ ڪئي. ائين هن پنهنجي هنرمنداڻين ڳالهين جي نتيجي ۾، بغير ڪنهن نقصان جي، پنهنجو مقصد حاصل ڪري ورتو. ٻيهر هنگري هن لاءِ خطرو ٿي پئي تہ هن پهريائين (هنگري جي پاڙيسڑي ملڪ) پولس (پولينڊ) سان ڳالهيون ڪري ان کي غيرجانبدار بنايو ۽ پوءِ هنگري تي ڪاهه ڪئي.

عثمانيہ سلطنت جنهن جا بنياد 1261ع ۾ پيا، انڪل ڇهن صدين تائين يورپ، ايشيا ۽ آفريڪا جي مختلف ملڪن سان ويڙهه ڪندي رهي. نيٺ، پهرين عالمي جنگ ۾ يورپي (فرانس ۽ برطانيہ) جي فوجن ان کي شڪست ڏني. بعد ۾ 1923ع ۾ مصطفيٰ ڪمال اتاترڪ اچي عثمانيہ سلطنت جي خاتمي ۽ نئين جمهوريہ ترڪي جو اعلان ڪيو.

قسطنطنيہ (استنبول) تي قبضي سبب يورپ جي واپار ۽ تجارت جا رستا بند ٿي ويا. نون رستن جي ڳولا جي نتيجي ۾ يورپي قومون جيڪي هڪ هزار سالن کان اونداهي دور ۾ زندگي گذاري رهيون هيون، سي سجاڳ ٿي پيون ۽ ڏسندي ڏسندي پوري دنيا تي ڇائنجي ويون. انهيءَ ڳولا دوران هنن آمريڪا دريافت ڪري ورتو.

يورپ

يورپ جي تاريخ کي ڏگهي نظر سان ڏسبو تہ اُها يهودي_عيسائي ۽ يوناني_رومي تهذيب جو داستان لڳندي، جنهن جو مکيہ دشمن، ستين ائين صديءَ کان ويندي سورهين صديءَ تائين، مسلمان پئي رهيا آهن. جن فقط ڪجھ ڏهاڪن اندر عيسائي، رومي ۽ هيلنسٽڪ ۽ ميڊيٽيرين سمنڊ جي سمورن يورپي علائقن تي قبضو ڪري ورتو.

تاريخي ۽ ابتدائي طور تي يورپ ۾ يونان جي شهري رياستن (خاص ڪري اسپارٹا) جنگ جي فن کي زبردست ترقي ونڻائي ڇاڪاڻ تہ يونان کي هر وقت ايراني سلطنت کان خطرو رهندو هو ۽ هنن جي وچ ۾ جنگيون پڻ ٿيون. ان کانپوءِ يورپ کي پهريون وڏو جنرل سڪندر جي صورت ۾ مليو جنهن جنگ جي فن ۾ زبردست واڌارا ڪيا. اُن کانپوءِ رومي سلطنت پنهنجي ابتدائي ڏينهن ۾ جنگ جي فن ۾ ترقي ڪئي پوءِ وري هڪ هزار سالن تائين "اونداهي دور" ۾ هي (يورپي) پاڻ ۾ ئي وڙهندا رهيا. ويندي 14 ۽ 15 هين صديءَ تائين يورپ وٽ جنگ جي علم ۾ ڪو خاص اضافو نہ ٿيو. نيٽ، ميڪياولي، گستاوس ادولفس، نيپولين بونا پارٽ ۽ ڪلازيوٽز جهڙن نظريدانن ۽ جنرلن جي صورت ۾ يورپ پنهنجي جنگي سائنس ۽ فن ۾ انقلاب برپا ڪري ڇڏيا. ان دوران يورپ پوري دنيا تي ڪاهون ڪري قبضا ڪرڻ شروع ڪيا ڇاڪاڻ تہ هنن وٽ بحري قوت گهٽي طاقتور هئي ۽ ان جيتري طاقتور بحري فوج ان دور ۾ ڪنهن وٽ بہ نہ هئي. يورپي ماڻهو بحري قوت ان ڪري ٻڌيا ڇاڪاڻ تہ هنن وٽ اونهي ڏگهي سامونڊي پٽي هئي. تنهن کانپوءِ، گذريل 500 سالن کان اڄ ڏينهن تائين، يورپ (۽ آمريڪا) جي عالمي هڪ هٿي ۽ تسلط رهندو پيو اچي.

يونان

يونان جي جنگ جي تاريخ جو داستان يوناني شهري رياستن ۽ ايراني سلطنت وچ ۾ ٿيندڙ لڙائين جي داستان کان شروع ٿئي ٿو. جيتوٽيڪ، عددي حوالي سان يوناني ڪمزور هئا ۽ ايران طاقتور سلطنت هئي پر ان باوجود ايران يونان کي مڪمل طور تي شڪست نہ ڏئي سگهيو. جيتوٽيڪ، ايراني شهنشاھ دارا

(1) ايراني سلطنت کي ڦهلائي جديد يوڪرين، باسفورس ۽ يورپ جي ٻين علائقن تائين پکيڙي ڇڏيو هو.[78] پر جڏهن هن يوناني شهري رياستن کي فتح ڪرڻ شروع ڪيو ته هنن جي وچ ۾ هڪ ڊگهي جنگ لڳي وئي. نيٺ، ماراٿن جي لڙائي ۾ ائينس جي فوج ايراني فوج کي شڪست ڏئي اولهه جي تاريخ ۾ اوپر جي طاقت کي هارائڻ کانپوءِ پهرين وڏي سوچ حاصل ڪئي. وري 480 ق م ۾ دارا جي پٽ ڪهه خسرو (1) جي سربراهيءَ ۾ ايران طرفان يونان تي، ڪاهه ڪئي وئي. هن پنهنجي پيءُ واري غلطي (سمنڊ رستي ڪاهه ڪرڻ) کي ورجائڻ بدران زمين رستي حملي ڪرڻ جو منصوبو جوڙيو. يونانين پاڻ ۾ اتحاد ڪري برتر ايراني فوج کي ٿرموپائلي (Thermopylae) جي جبلن وٽ روڪڻ جي ڪوشش ڪئي. اسپارٽا جي فوج سوڙهي گس وٽ حملو ڪري ايراني فوج جي عددي برتري کي ناڪارا بڻائي ڇڏيو. اسپارٽا جي بادشاهه ليونڊس (1) جي سربراهيءَ ۾ ڪُل 300 فوجي جوان هٿ جن ان سوڙهي لنگهه جو فائدو وٺندي ايراني فوج کي تمام گهٽو نقصان پهچايو پر ان کي روڪي نه سگهيا. پر وري ايراني بحري ٻيڙن کي سوڙهي جاءِ وٽ وڙهڻ تي مجبور ڪيو ويو، انڪل 479 ق م ۾ سلامس (Salamis) جي لڙائي ۾ ايراني فوج يونان کي فتح ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي. ماراٿن وانگر سلامس جي لڙائي به تاريخ جو رخ موڙيندڙ لڙائين مان هڪ هئي. تنهن کانپوءِ يوناني رياستون پاڻ ۾ وڙهي پيون.[79] ائينس ۽ اسپارٽا جي وچ ۾ هلندڙ تاريخي تڪرار دوران ئي مقدونيا جي سڪندر جنم ورتو.

اسپارٽا: جنگي حوالي سان ڪنهن علائقي جي رياست جنهن جي آبادي جو وڏو حصو فوج سان لاڳاپيل هجي ۽ ان جي ڪاروهنوار، ريتن رسمن، شادين، تعليم ۽ تربيت سميت زندگيءَ جي سمورن شعبن ۾ جنگ جو ايترو عمل دخل نه رهيو هوندو جهڙو آڳاٽي زماني جي يوناني شهري رياست اسپارٽا ۾ هو. آڳاٽي يونان جي شهري رياست اسپارٽا انڪل ڏهين صدي ق م ۾ وجود ۾ آئي ۽ هڪ طاقتور فوجي رياست طور ابري. ان جي جنگي برتري سبب ايران ۽ يونان وچ ۾ ٽيل جنگين دوران گڏيل يوناني فوجن جي اڳواڻي اسپارٽا ڪي ڏني وئي. بعد ۾، 431 کان 404 ق م ۾ پيلوپونيشين جنگ دوران اسپارٽا ۽ ايٿنس جو مکيه دشمن رهي، ان جنگ ۾ اسپارٽا هڪ فاتح طاقت طور نمودار ٿي. وري 371 ق م ۾ ليوڪٽرا جي لڙائيءَ ۾ شڪست ملڻ کانپوءِ اسپارٽا جي بالادست حيثيت ختم ٿي وئي. اسپارٽا جي فوج کي شڪست ملي ڇاڪاڻ ته جن ماڻهن

(ٽيگا) سان ان ويڑهه پئي ڪئي انهن کي هارائڻ لاءِ وٽس ايترا وسيلا نه هئا ۽ انڪل 146 ق م ۾ رومي فاتحن هٿان ان جي سياسي آزادي به ختم ڪئي وئي.
آڪاٽين يوناني شهري رياستن ۾ پنهنجي سماجي نظام ۽ آئين جي ڪري اسپارٽا کي ممتاز حيثيت حاصل هئي جيڪا مڪمل طور تي فوجي تربيت ۽ ان ۾ شاندار نتيجا حاصل ڪرڻ تي مبني هئي. اسپارٽا جي شهرين کي سخت فوجي تربيت ۽ تعليم مان گذرڻو پوندو هو ۽ اسپارٽا جي عورتن کي مردن جي پيٽ ۾ وڌيڪ حق ۽ برابري مليل هئي اهڙو عمل ان وقت جي دنيا ۾ ڪٿي به ڪونه هو. اسپارٽا هڪ فوجي رياست هئي جنهن ۾ پيدائش کان وٺي گهٽو زور فوجي تندرستي تي هو. ٻار جي جمڻ سان ئي ان کي شراب ۾ وهنجاريو ويندو هو ته جيئن اهو معلوم ڪري سگهجي ته ٻار مضبوط آهي يا نه. جيڪڏهن ٻار بچي ويو ته ان جي باري ۾ فيصلو ڪندا هئا ته ان جي پالنا ڪجي يا نه. جيڪڏهن ٻار تندرست نه هوندو هو ته ان کي جبل جي چوٽيءَ تان اڇلائي ماري ڇڏيندا هئا. اسپارٽا جا مرد شهري ستن سالن جي عمر کان فوجي تربيت ونندا هئا جنهن ۾ سخت ضابطو ۽ جسماني مضبوطي تي زور ڏنو ويندو هو. ٻار گڏيل ڪاڏي وارن ڪلبن ۾ رهندا هئا. فوجي تربيت سان گڏ ٻارن کي پڙهڻ، لکڻ، موسيقي ۽ڏڻ ۽ رقص ڪرڻ جي به تربيت ڏني ويندي هئي. ارڙهن سالن جي عمر ۾ انهن مان ڪجهه فوجين کي فقط هڪ چاقو ڏئي ٻهراڙين ۾ موڪليو ويندو هو ۽ انهن کي پنهنجي هنر ۽ ذهانت سان پنهنجو پاڻ بچائڻ تي مجبور ڪيو ويندو هو.
20 سالن جي عمر ۾ اسپارٽا جو شهري "گڏيل ڪاڏي جي ڪلب" جو ميمبر ٿيندو هو. جيتوڻيڪ مڪمل حق ۽ فرض فقط اصولوڪن اسپارٽا جي شهرين کي حاصل هوندا هئا ۽ انهن تي قانوني طور تي فرض هوندو هو ته فوجي تربيت حاصل ڪن. مردن جي ويهن سالن جي عمر ۾ شادي ڪرائي ويندي هئي پر جيستائين اُهي پنهنجي فوجي سروس ۾ سرگرم ڪردار پورو ڪري نه ايندا هئا تيسين اهي پنهنجن خاندانن سان گڏ رهي نه سگهندا هئا. جڏهن به اسپارٽا جو فوجي جنگ ۾ ويندو هو ته ان جي زال (يا ڪا بي عورت) ان کي هڪ ڍال ڏيندي موڪلائيندي هئي ته "هن سان، يا هن مٿان" جنهن جي معنيٰ اها هئي ته اسپارٽا جا شهري اسپارٽا فقط فاتح ٿي موٽجان يا موت قبول ڪجان. اسپارٽا

جي رياست هڪ آدرشي، مضبوط، فوجي رياست هئي جيڪا واپار ۽ سرمائي جي ڪرپشن کان پاڪ هئي.
جنگ جي سائنس ۽ فن ۾ چرڪائيندڙ چالن، گروهي ضابطي، برتر ٽيڪنالوجي ۽ حرفت ۽ شهري حڪومتن طرفان فوج جو حساب ڪتاب رکڻ جهڙين يوناني جنگي روايتن يورپ جي سموري تاريخ تي وڏا اثر ڇڏيا آهن. ايراني فوج هلڪن هٿيارن سان مسلح هئي ۽ ان ۾ ضابطو به ڏلو هو جڏهن ته يونان جي ڳرن هٿيارن سان مسلح پيادا فوجن جا جٿا هموار زميني ميدانن تي ناقابل شڪست ثابت ٿيا. ساڳئي طرح، يوناني بحري ٽيڪنالوجي پڻ شاندار هئي.
ان وچ ۾ يوناني شهري رياستون، ايٿينس ۽ اسپارٽا پاڻ ۾ وڙهي پيون. اها گهرو ويڑهه اٽڪل 27 سال هلي، انهن ٽن ڏهاڪن جي ويڑهه کين صفا ٽڪائي ڇڏيو جنهن ۾ هنن جا لکين سپاهي مارجي ويا. اسپارٽا، ايٿينس ۽ ٽيبس (شهري رياستن) انهن جنگين مان سبق سکيا ۽ پنهنجين فوجن ۾ ڳرن ۽ هلڪن هٿيارن، ميزائل جٽن ۽ گهوڙي سوار فوج جي انگ ۾ اضافو ڪري ڇڏيو. اُتر ۾ مقدونيا جو بادشاهه فلپ (2) اهو سمورو لقاءُ ڏسندو ۽ سکندو رهيو. هن اڳوڻي يوناني شهري فوج ۾ تبديليون آڻي، ڊگهن نيزن سان هٿياربند جٽن ۽ جاگيردارن جي گهوڙي سوار فوج سان گڏ پاڙي تي پيشور فوجين جي مدد سان مقدونيا جي قومي فوج ٺاهي.[80] جنهن ذريعي سڪندر، ننڍڙي علاقي ۾ رهندڙ يوناني قوم کي دنيا جي وڏي سلطنت بڻائي ڇڏيو.

پهريون عظيم جنرل: سڪندر

سڪندر (Alexander) پهريون فوجي ڪمانڊر هو جنهن معلوم دنيا کي فتح ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ وڏي حد تائين ڪامياب ٿيو. سڪندر هڪ ڏاهو جنگي جنرل هو. آڳاٽي دنيا ۾ هن جهڙو ٻيو ڪوبه جنرل، ايتري تيزيءَ سان دشمن جي منصوبن کي سمجهڻ ۽ انهن کي شڪست ڏيڻ، مسئلي جي چنڊچاڻ ڪرڻ ۽ حل ڪڍڻ جو ماهر نه ٿيو. ان جو مکيه سبب هي به هو ته ان دور جو ڪوبه جنرل اهڙو نه هو جنهن کي پنهنجي دور جي وڏي سپه سالار ۽ سفارتڪار فلپ ۽ ڪنهن به دور جي عظيم فلسفي ۽ سائنسدان ارسطو جي تعليم مليل هجي. جنگ جي معاملي ۾ سڪندر پنهنجن دشمنن کي سوچ ۽ ويڑهه ۾ ڪٽائي ڇڏيو. هن ايتري تعداد ۾ فوج آندي جيتري ان کي رسد پهچائي سگهي ۽ آسانيءَ سان چرپر ڪرائي سگهي. جيترو هن حملي لاءِ

اڳرائي ڪئي اوتروئي هن ڪنهن حملي جو شڪار ٿيڻ کان بچڻ لاءِ احتياط ۽ ڪيو. هي مڪمل ڪمانڊر هو. جنهن سڪندر پاڻ کان عددي طور تي برتر (ايراني) فوجن خلاف وڙهندي يارهين سالن دوران هڪ ۽ لڙائي نه هارائي. هڪڙا جنرل وڏين لڙائين ۾ فاتح ٿيا پر اُهي سڪندر وانگر وڏي حڪمت عمليءَ جا ماهر نه هئا. سڪندر پيادا فوج، گهوڙي سوار فوج ۽ انجنيئرن کي، فوجي نظام ۽ جاسوسيءَ جي مدد سان، اهڙي نموني ڪتب آندو جو ان کان اڳ ڪنهن ۽ نه ڏٺو ويو. اوير ۽ اولهه کي فتح ڪرڻ ۽ ڳنڍڻ ذريعي هن يوناني سياست، جنگي علم ۽ معاشي عمل کي پوري دنيا ۾ متعارف ڪرايو.


سڪندر

سڪندر جو پيءُ فلپ (ٻيون) هو جيڪو مقدونيا جو هڪ ويڙهاڪ بادشاهه هو جنهن پهريون ڀيرو يونان کي متحد ڪيو. سڪندر اڃان ننڍو ئي هو ته هن جي پيءُ تبصرو ڪندي چيو هو ته "سڪندر کي هڪ وڏي سلطنت جي ضرورت آهي ڇاڪاڻ ته مقدونيا هن لاءِ تمام ننڍو علائقو آهي."[81] ۽ بيشڪ هن وٽ اهڙو هنر هو جنهن ذريعي هن بي مثال سلطنت تخليق ڪري ڏيکاري. سڪندر جي پيدائش حالت جنگ واري ماحول ۾ ٿي. چوٿين ۽ پنجين قبل مسيح صديءَ دوران ايراني سلطنت ۽ يوناني شهري رياستن ۾ سرد جنگ هلندڙ هئي جنهن ان دور جي سياسي تاريخ کي اها شڪل ڏني. سڪندر 356 ق م ۾ مقدونيا ۾ پيدا ٿيو، هن جي پيءُ ڪيس سموريون سهولتون مهيا ڪري ڏنيون. سندس والد جي قتل ڪانپوءِ 20 سالن جي عمر ۾ هي تخت نشين ٿيو.

سڪندر کي تخت سان گڏ اعليٰ درجي جي تربيت ورتل ۽ ضابطي واري منظم فوج ورثي ۾ ملي جيڪا روايتي نيزن کان ٻيڻن ڊگهن، 14 فٽ جي نيزن سان مسلح هئي. اها نيزي سان مسلح فوج، دشمن جي دفاع ۾ ڊار وجهڻ کانپوءِ، ان جو ترت فائدو وٺڻ لاءِ، گشتي هلکي پيادا ۽ گهوڙي سوار فوج جي مدد ڪندي هئي. انجنيئر يونٽس وري تيزيءَ سان منجنيق (catapult) (قديمي دور جو هٿيار جنهن ذريعي گولا وغيره ڦٽا ڪيا ويندا هئا) ۽ گهيري وارين مشينن کي تيار ڪري مکيه فوج جي مدد ڪندا هئا.

فلپ جي موت کانپوءِ سڪندر پنهنجي پيءُ جي خواب جي تڪميل لاءِ اٽڪل 5 هزار گهوڙي سوار فوج سميت 30 هزار پيادا، انجنيئر ۽ نيزي سان مسلح فوجي ڪنا ڪيا. ابتدا ۾ هن ڪيترين ئي لڙائين ۾ سوپون ماڻيون پر انهن لڙائين ۾ عددي حوالي سان مخالف قوتون برابر يا ڪمزور هيون. وڏي سلطنت ٺاهڻ واري هن جي مقصد اڳيان فقط هڪڙي وڏي رڪاوٽ هئي اها هئي ايراني سلطنت. ان کي منهن ڏيڻ لاءِ سڪندر وٽ اهڙي بحري قوت نہ هئي. تنهنڪري، هن اٽڪل کان ڪ وٺندي سڀ کان پهريائين زمين رستي انهن سامونڊي اڏن کي دشمن کان ڪٽي ڇڏيو جتان ايراني فوج کي رسد ملڻي هئي. ان باوجود ايراني فوج سڪندر جي فوج کان تعداد ۾ ٽيڻ (ڪن محققن جي خيال ۾ ڏهوڻ) تي وڌيڪ هئي. 334 ق_م ۾ Granicus دريا وٽ ٽيل لڙائيءَ ۾ سڪندر اڇرج ۾ وڃهندڙ حملي ذريعي تيزيءَ سان فتح حاصل ڪئي، جنهن کانپوءِ وري شام (ملڪ) جي ڏاکڻي_اوپرندي پاسي، Issus وٽ ٽيل لڙائيءَ جي ابتدا ٿي.

گاگاميلا جي فيصلاڪن لڙائي کان پهريائين ايراني فوج جي سمنڊ کي ڏسي مقدوني فوجي آفيسر، جيڪي ايراني فوج خلاف ٻن وڏين لڙائين ۾ فتح حاصل ڪري چڪا هئا، انهن سوچيو تہ هنن جو وقت پورو ٿي چڪو آهي. هنن جو خيال هو تہ شڪست اسانجي انتظار ۾ آهي. اهي پنهنجي ڪمانڊر جي خيمي ۾ ويا هنن انتهائي ڳڻتي واري انداز ۾ تجويز ڏني تہ "ايڏي وڏي دشمن تي فقط رات جي اونداهيءَ ۾ اچرج ۾ وڃهندڙ حملو ئي ڪري سگهجي ٿو." جنهن تي 25 سالن جي سڪندر وراڻيو تہ "آءُ پنهنجي فتح چوري نہ ڪندس." ان مان هن جي مراد هئي تہ ڏينهن ڏٺي جو ويڑهه ڪبي جيئن سڀ ڏسن. گاگاميلا جي ميدان تي سڪندر دنيا جي اولين ترين وڏي سلطنت کي شڪست ڏني ۽ ان کان پو وڏي هڪ ٻي سلطنت جو بنياد وڌو. هن جي سلطنت ذري گهڻ رومي سلطنت جي برابر هئي پر رومي جنرلن ان کي ٺاهڻ ۾ صديون لڳايون هيون جڏهن تہ سڪندر فقط هڪ ڏهاڪي اندر ان جي تعمير ڪئي. سڪندر يونان، وچ اوپر ۽ انڊين تهذيبن کي گڏائي سياسي ۽ ثقافتي تاريخ ۾ ڦيرو آڻي ڇڏيو. سڪندر جي خواهشن کي پاسيرو رکندي، اصل ۾ هن جون جنگي مهمون، فوجي ضابطو ۽ وسيع نظري هئي جنهن هن جي خواهشن جي تڪميل ڪرائي. دارا کي شڪست ڏيڻ لاءِ لڙائي شروع ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي هن انتهائي جرائتمنداڻي نموني گهوڙي سوار فوج سان دشمن جي فوجي صفن ۾ گهڙي

وڃڻ ۽ پنهنجو پاڻ کي ان قسم جي انڪل جو شڪار ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ ڳرن هٿيارين سان مسلح فوجي جٿن کي ٻن حصن ۾ ورهائي ڇڏيو ۽ پوءِ ذاتي طور تي بي خوف ٿي گهوڙي سوار فوج ذريعي ايراني فوج ۾ ڪاهي پيو ۽ سڌو بادشاهه تي حملو ڪري ڏنو نتيجي طور دارا جي فوج ۾ ڏهڪاءُ پيدا ڪري ڇڏيو. عددي طور تي برتر ايراني فوج ان کي گهيري ۾ آڻي ڇڏيو پر ايراني بادشاهه تڪڙ ۾ پنڌتي هٽي ويو ۽ ائين سندس فوجون ٻه پنڌتي هٽي ويون. ايتريقدر جو، ايراني فوج بادشاهه جي ماءُ، زال ۽ ٻارن کي ٻه پوئتي ڇڏي وئي. ائين ايراني فوج ميدان جنگ ڇڏي ڀڄڻ تي مجبور ٿي.



وري سڪندر سڌو ايراني سلطنت جي مرڪز ڏانهن پيش رفت ڪرڻ بدران مصر جو رخ ڪيو، مصر کي فتح ڪرڻ کانپوءِ وري ايراني سلطنت تي حملو ڪري ان کي شڪست ڏني. بعد ۾ هن افغانستان، مرڪزي ايشيا ۽ ڏاکڻي هندستان تي حملا ڪيا. ان سموري مهم دوران سڪندر هڪڙي ٻه لڙائي نه هارائي.

سڪندر، هندستاني بادشاهه پورس کي شڪست ڏيڻ لاءِ، جنگي دوڪي جي اصول کي شاهڪار نموني ڪتب آندو. ميدان جنگ واري علائقي ۾ ٻنهي فوجن جي وچ ۾ دريا واقع هو ۽ دريا جي اوپر واري ڪناري تي پورس جي فوج، سڪندر جي فوج کان وڌيڪ طاقتور ۽ عددي طور تي برتر هئي. ان کري سڪندر لاءِ دريا کي پار ڪرڻ انتهائي ڏکيو ڪم هو. سڪندر چا ڪيو ته پنهنجي فوج کي، جيڪا اولهندي ڪناري تي هئي، ان کي روزانو دريا جي

ڪناري ڪان گوڙ ۽ شور سان ڀوڙائيندو ۽ موٽائيندو هو ته جيئن پورس سمجهي ته هي ٻئي هنڌان حملو ڪرڻ لاءِ فوج اوڏانهن اُماڻي رهيو آهي، نتيجي طور، پورس به پنهنجي فوج کي ڀوڙائيندو هو. ڀوڙ ڀڪ وارو اهو سلسلو ڪيترن ڏينهن تائين هلندو رهيو. نيٺ پورس کي پڪ ٿي وئي ته سڪندر مڙئي اسانکي ڪوڙ ڪري ڀوڙائي ٿو. هڪ ڏينهن سڪندر ساڻئي نموني فوج کي ڀوڙايو پر پورس پنهنجي فوج کي اوڏانهن نه اُماڻيو. ائين، سڪندر جي فوج اٽڪل 18 ميل ڀوڙ ڪري دريا جي سوڙهي لنگهه وٽان پار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي. جنهن ڪري پورس اچرج ۾ وڃهندڙ حملي جو شڪار ٿي پيو. جيتوڻيڪ، پورس جي فوج ۾ اٽڪل 200 ڪن جنگي هاٿي به هٿا پر ان باوجود هڙپا دريا وٽ ٽيل خونريزه لڙائيءَ ۾ پورس کي شڪست ملي.[82] جيتوڻيڪ، راجا پورس کي هارائڻ ڪانپوءِ به سڪندر وڏيڪ حملا ڪرڻ پئي چاهيا پر هن جي فوج، جيڪا مسلسل اٽن سالن جي ويڙهه سبب ٽڪجي چڪي هئي، ان گهر واپس وڃڻ پئي چاهيو. ائين واپس موٽندي (بيبلون شهر ۾) سڪندر فقط 33 سالن جي عمر ۾ وفات ڪري ويو ۽ هڪ سال اندر، هن جي سلطنت ۽ فوج مختلف ٽولن ۾ ورهائجي وئي ۽ ائين سڪندر جي سلطنت به ٽڪرن ۾ ورهائجي وئي.

سڪندر ڪان اڳ ۾، سموري جنگ جي حڪمت عملي ۽ رٽابندي بابت گهٽو ڪري يورپ جنگي فن ڪان اڻواقف هو. لڙائيءَ جي ميدان تي ڪتب ايندڙ تدبيرون ۽ چالون به اڻ گهڙيل ۽ باراٽي سطح جون هيون. فتح ان کي ملندي هئي جنهن وٽ تعداد ۾ برتر هٿياربند فوج هوندي هئي. سڪندر تدبيري اٽڪلن ۽ چرپر ذريعي دشمن کي ويڙهي ڇڏڻ ۽ گهوڙي سوار ۽ پيادا فوج جي هر آهنگ چرپر جي اصولن کي متعارف ڪرايو. سڪندر ڪان اڳ جنگ گهٽين ۾ ويڙهه وانگر هوندي هئي. بهرحال، سڪندر پنهنجي تنظيمي هنر، جنگي ۽ تدبيري جدتن ۽ ذاتي بهادري ذريعي دنيا کي بدلائي ڇڏيو. اوپر ۽ اولهه ۾ يوناني تهذيب کي متعارف ڪرايو ۽ اٽڪل ويهه نوان شهر اڏيا جيڪي اڳتي هلي تجارتي ۽ ثقافتي مرڪز بڻيا. حملي آور تدبيرن، چالن ۽ گهيرا ڪرڻ واري جنگي علم ۾ هن جا ڪيل واڌارا سالن تائين ماڊل طور ڪتب ايندا رهيا. سڪندر ڪانپوءِ، يونان جي پاڙيسڙي ملڪ اٽليءَ ۽ ڪارٿيج (آفريڪا) ۾ جنگ جي فن ۽ سائنس جي تاريخ ۾ وڏا ڪارنامه سرانجام ڏنا ويا.

روم بمقابلہ کارٿيج

روم جي تاريخ جو وڏو حصو جنگ جي داستان تي مشتمل آهي. جنگ جي حوالي سان رومي پنهنجي بي رحمي ۽ سفاڪيءَ سبب هڪ سلطنت تخليق ڪري سگهيا جنهن ۾ يورپ جو وڏو حصو، اوپر ۽ ڏکڻ آفريڪا وغيره شامل هئا. رومي فوج پنهنجي دور جي سڀ کان وڌيڪ اڳتي وڌيل ويڙهاڪ قوت هئي. رومي فوج ۾ ٻين فوجن ۾ مکيه فرق اهو هو ته هي پنهنجن دشمنن کي مڪمل طور تي تباهه ڪري ڇڏيندا هئا. روم جي حڪمرانن کي "شهنشاهه" (Emperor) سڏيو ويندو هو جيڪو لاطيني ٻوليءَ جو لفظ آهي ۽ ان جي معنيٰ آهي فوجي جنرل.[۸۱] ايتريقدر جو رومي فوجي هڪٻئي سان ٻه وڙهڻ لاءِ تيار هوندا هئا ان رجحان روم جي تاريخ ۾ گهرو جنگين جي ورجاءَ کي ممڪن بڻايو جنهن پهرين صدي قبل مسيح تائين رومي حڪومت کي ڌاهي ڇڏيو ۽ ٽين صدي عيسوي تائين سلطنت ٽڪرن ۾ ورهائجي وئي. پر يورپ جي تاريخ ۾ ايندڙ هزار سالن تائين رومي فوج جهڙي پيشور منظم فوج وري جنم نه ونڌي سگهي.

روملس ۽ ريمس، ٻه جاڙا پائر هئا جن ويڙهاڪن جو جٿو ناهيو. ابتدا ۾ فوجون نه پر ويڙهاڪ جٿا هوندا هئا جيڪي اشرافيه جي اڳواڻي ۾ هلندا هئا جن جا اڳواڻ فوجي ڪمانڊر نه پر اهي هيروز هوندا هئا جن جي ذات جي ڀڻيان ٻيا هلندا هئا. انڪل ڇهين صدي ۾ باقائده ڳرن هٿيارن سان مسلح پيادن فوجي جٿن جي متعارف ٿيڻ سان رومي جنگ ۾ انقلاب اچي ويو. انهن فوجي جٿن جو سپاهي انفرادي طور تي ايترو اهم نه هو.[۸۲] روم جي تاريخ ۾ اسڪپيو ۽ سيزر جهڙا وڏا جنرل ٻه ملن ٿا. پر اصل ۾ روم ۽ ڪارٿيج جي وچ ۾ ٽيل جنگ يورپ جي تاريخ تي تمام وڏا اثر ڇڏيا. انهن جنگين کي ٻي پيونڪ جنگ سڏيو وڃي ٿو. ان جو پهريون مرحلو هيني بال جي حملي سان شروع ٿئي ٿو.

هيني بال: جنگ جي حڪمت عمليءَ جو ابو


تصوراتي طور تي جنگ جو انتظام ڪرڻ جي حوالي سان هن کي اڪثر ڪري "جنگ جي حڪمت عمليءَ جو ابو" سڏيو ويندو آهي. هيني بال، گهوڙي سوار فوج جي تدبيرن ۽ جدت پسنديءَ سبب روم خلاف اٽڪل 15 سالن تائين جنگي مهر کي برقرار رکڻ جي اهل رهيو. رومين کانسواءِ هيني بال جي زندگيءَ بابت لکيل ڪوبه مواد نٿو ملي. هيني بال اٽڪل 247 ق م ۾ موجوده تيونس (آفريڪا) ۾ پيدا ٿيو. ننڍي هوندي ئي هي پنهنجي پيءُ سان گڏ رومي فوج خلاف اسپين ۾ وڙهيو. پر ان ۾ ڪارٿيج کي شڪست ملي. هيني بال جو مقصد هو يا ته روم کي تباهه ڪجي يا اها ڪوشش ڪندي مري وڃجي.[43] بعد ۾، پنهنجي والد جي فوت ٿيڻ کانپوءِ جڏهن 20 سالن جو ٿيو ته هن روم سان ٿيل سمورن معاهدن جي پڇڙي ڪندي، ٻن سالن اندر پوري اسپين کي پنهنجي تابع بڻائي ڇڏيو. جنهن تي روم طرفان ڪارٿيج سان اعلان جنگ ڪيو ويو.


هيني بال

هن جا منصوبا انتهائي سادا ۽ انتهائي پيچيدا ٻه هئا. هيءُ هڪ وڏي فوج کي ٻن جابلو قطارن مان لنگهائي روم تي زمين جي رستي حملو ڪندو. اهو اهڙو خيال هو جنهن بابت ان وقت ڪوبه ماڻهو سوچي ٻه نٿي سگهيو. قديم دنيا کي اها ڄاڻ هئي ته ڪارٿيج وٽ هڪ وڏي بحري فوج آهي ۽ ڪارٿيج وارا سمورين وڏين لڙائين لاءِ ان بحري فوج کي استعمال ۾ آڻيندا. روم تي ڏکڻ کان سمنڊ رستي بدران، اتر_اولهه کان، سو ٻه ٻن جابلو قطارن (جيڪي آئبيريا ۽ ۽ الپس (فرانس ۽ اٽليءَ جي سرحد) وٽ وسيع ۽ وڏين پٿرن وانگر هيون.) انهن مان لنگهي حملي ڪرڻ جو منصوبو ايڏو تاٽيل هو جو ڪنهن جي تصور ۾ ٻه نه پئي آيو. هيني بال کي اهو ڊپ هو ته رومي شهنشاهه ڏکڻ آفريڪا ۽ آئبيريا ۾ نئين ڪارٿيج تي حملو ڪندا. تنهنڪري، بهتر اهو ٿيندو ته رومي فوج کي هتي (ڪارٿيج) آڻڻ بدران اُن سان سندس ملڪ ۾ ئي وڙهه ڪجي. هن کي خبر هئي ته رومي فوج عددي حوالي سان هن کان هميشه برتر هوندي تنهنڪري هن کي اچرج ۾ وجهندڙ اٽڪلن ذريعي وڙهه ڪرڻي پوندي. هن کي ڄاڻ هئي ته

جيڪڏهن هن حملو ڪيو تہ رومين کي توقع هوندي تہ سمنڊ رستي ئي ڪندو ۽ رومي هن جي بحري فوج کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ويندا. هيني بال طرفان سڌي ۽ ويجهي ساموندي رستي بدران ڏکڻي ۽ وروکڙن واري رستي کي ترجيح ڏيڻ جي چونڊ جو سبب شايد "روم جي بحري طاقت" هئي. (توڙي جو ان دور جون ٻيڙيون اوائلي قسم جون هيون) چاکاڻ تہ هيني بال کان اڳ رومي سمنڊ ۾ کارٿيج خلاف ڪيترين ئي فتحون حاصل ڪري چڪا هئا. ان طرف کان وڃڻ جو ٻيو سبب اهو ب ٿي سگهي ٿو تہ اتر اتلي ۾ رهندڙ قبيلا جيڪي روم جا مخالف هئا انهن کي اتحادي بڻائي سگهجي. چاکاڻ تہ هن کي اها خبر هئي تہ اتليءَ ۾ ڪجهہ رياستون ۽ قبيلا رومي طاقت کان ناراض آهن. خاص ڪري ان جابلو پٽي ۾ گالس کي پنهنجي پاسي ڪري سگهيو پئي.[86] 50 هزار سپاهين ۽ 40 هاٿين جي فوج سان هن يورپ جي وڏي جابلو پٽي (Alps) کي پار ڪرڻ کندي ويڑهہ جي شروعات ڪئي.

روم سان ٿيل جنگ ۾ هيني بال جي پيش رفت واري نقشي ۾ وڪڙ اندر وڪڙ نظر ايندا. پهريون وڪڙ اهو هو تہ سڌو سمنڊ رستي روم ڏانهن ڪاهہ ڪرڻ بدران اسپين کان ڦري ويو ۽ وري اُتان سڌو ڏاکڻي اتليءَ ڏانهن (ميڊيٽيرن سمنڊ جي ساحلي پٽيءَ وٽان) وڃڻ بدران هيني بال اتر کان جابلو قطارن ڏانهن رُخ ڪيو جيڪو رستو خطرناڪ ۽ انتهائي جوکم وارو هو.



جڏهن روم کي اها خبر پئي ته هيني بال اسپين واري رستي کان اچي پيو ته هنن ان کي روکڻ لاءِ مارسيلس ڏانهن فوج اماڻي. پر ان وچ ۾ ستو روم (ڏکڻ) طرف وڃڻ بدران هيني بال نه صرف اها خطرناڪ ندي پار ڪري ويو پر غيرمتوقع نموني اڀان ٻيو ڏڳهو وڪڙ ونڊي مٿاهين (اُتر) طرف هليو ويو ۽ جڏهن رومي فوج ٽن ڏينهن کانپوءِ اُتي پهتي ته اهو ڏسي حيران ٿي وئي ته "دشمن اڳ ۾ ئي هليو ويو پر اهو به انتهائي ڏکئي پاسي." رومي جنرل پبلس سپيو (سپيو آفريڪانس جو پيءُ) ڪجهه فوج اُتي ڇڏي هيني بال جو اڳ وڌڻ لاءِ سمنڊ رستي فوج ونڊي تيزيءَ سان لومبارڊي جي ميدان تي اچي پهتو. پر اهو ڳالهه هيءَ هئي ته اهو ميدان هيني بال جي گهوڙي سوار فوج جي فائدي ۾ هو.[87] هيني بال پنهنجي 50 هزار فوج (جنهن ۾ اٽڪل 9 هزار گهوڙي سوار فوج ۽ 40 جنگي هاٿي هئا) کي ساڻ ڪري انهن جابلو قطارن مان لنگهيو پر ڪاڏ خوراڪ جي ڪوٽ ۽ برف سان ڍڪيل جبلن جي سوڙهن رستن مان لنگهڻ انتهائي مشڪل ڪم هو پر هن أتان لنگهي جنگ جي تاريخ جو وڏو جنگي ڪارنامو ڪري ڏيکاريو. ان سفر دوران هن جا فوجي ٿڌ ۽ بُک سبب مرندا رهيا. انهن جابلو قطارن مان لنگهڻ لاءِ أتان جي قبيلن (گالس) سان اتحاد ڪيائين پر انهن هن کي ٿوري پنڊ کانپوءِ اهڙي جاءِ تي ڦاسايو جتان هيني بال جي فوج کي نشانو بنائڻ آسان ٿي پيو. بهرحال سخت ويڑهه ۽ اٽڪل 30 ڏينهن جي سفر کانپوءِ نيٺ هيني بال جي فوج جابلو قطارن مان باهر نڪري ميداني علاقي ۾ پهتي پر ان وچ ۾ هن جي فوج جو اٽڪل ٽيون حصو تباهه ٿي چڪو هو. پر اڳتي هلي هن گالس جي ٻين قبيلن کي فوج ۾ پرتي ڪيو ۽ اٽڪل 40 هزار فوج جمع ڪئي.

روم ۽ ڪارٿيج جي فوجن جي وچ ۾ پهرين باقائده لڙائيءَ جي شروعات جنهن ميدان ۾ ٿي اُتي ٻنهي فوجن جي وچ ۾ دريا هو ۽ نومبر جي مهينو هو جنهن ڪري دريا جي مٿاچري تي برف جو تهه جميل هو. تنهنڪري هيني بال لاءِ وڏو مسئلو اهو ٿيو ته اهو دريا پار ڪيئن ڪجي؟ ان صورتحال ۾ به خطرا هئا هڪ ته برف جو جميل تهه ٽٽي پوندو ۽ ٻيو ته رومي فوج کي حملو ڪرڻ ۾ آساني ٿي ويندي. تنهنڪري، هيني بال چا ڪيو جو پنهنجي فوج جا 300 گهوڙي سوار سپاهي دريا پار ڪرائي، انهن هٿان صبح جو سوير رومي فوجي ڪيمپ تي حملو ڪرايو. ان اوچتي حملي رومي فوج کي پريشان ڪري ڇڏيو، ان

مونجهاري ۽ کاوڙ جي نتيجي ۾ رومي فوجي کمانڊر پنهنجي فوج کي دريا پار ڪري هيني بال جي فوج تي حملي ڪرڻ جو حڪم ڏنو. ائين ٽريبيا جي لڙائي شروع ٿي، هيني بال پنهنجي گهوڙي سوار ۽ هاٿين تي سوار فوج کي رومي فوج جي پاسن کي ڏک هٽڻ جو حڪم ڏنو. رومي فوج اڃان انهن سان ويڙهه ڪري رهي هئي ته مٿان بي گهوڙي سوار ڪارٿيجين فوج اچي اچرج ۾ وجهندڙ حملو ڪري ڏنو. ائين رومي فوج کي ٽن پاسن کان گهيرو ڪري ان کي پٺتي دريا طرف ڏکي دريا پار ڪرڻ تي مجبور ڪيو. ان لڙائي ۾ اٽڪل 30 هزار رومي فوجي موت جو شڪار ٿيا. ان لڙائيءَ ۾ مليل ناڪامي رومي سلطنت لاءِ سڀ کان بدترين شڪست هئي.

رومي حڪومت وري بي ويهه هزار فوج تيار ڪرائي هيني بال جي فوج کي ڏکڻ طرف وڌڻ کان روڪڻ جو بندوبست ڪيو. وري بي مهم کان اڳ رومي ڪمانڊر سمجهيو پئي ته هيني بال ٻن رستن (اريمنم Ariminum ۽ اريٽم Arretium) کان گذري روم طرف ايندو هنن پنهنجي فوج کي ٻن اهم لنگهن تي مقرر ڪيو باقي هڪ لنگهه ڇڏي ڏنو چاڪاڻ ته اتان ڪنهن به فوج لاءِ لنگهڻ ڏري گهڻ ناممڪن هو. اهو علائقو ڏُهڻ وارو هو جتي جيت، نانگ، بلائون، گرمي ۽ گهُٽ ٻُوسٽ سبب اهڙو خطرناڪ ماحول هو جو اُتان گذرڻ ناممڪن پئي لڳو. رومي ڪمانڊرن جو به اهوئي خيال هو ته اتان گذرڻ ناممڪن آهي. پر هيني بال ته ڪنڌو ئي غيرمتوقع ڪم هو. جيئن ته هيني بال اوپر ۽ اولهه وارن متوقع رستن بدران وچان ايترين وارو رستو ورتو جيڪو مختصر هو ۽ دشمن کي اچرج ۾ وجهندڙ حملي لاءِ بهتر به هو. پر اهو رستو ڏهڻ وارو هو، جنهنڪري هيني بال جي فوج ڪيترائي سپاهي ۽ گهوڙا وڃائڻ ۽ ننڍون ڦٽائڻ کانپوءِ سخت مشڪل ۾ پاٽيءَ منجهان، مسلسل چار ڏينهن ۽ ٽي راتين، کانپوءِ رومي فوج مٿان اچي ڪڙڪي.[88] پر ان باوجود هيني بال سڌو حملو نه ڪيو.

ان کانپوءِ هيني بال تسڪني (شهر) پهتو جتي رومي سلطنت جي اتحادي حڪومت هئي، هيني بال ان شهر جي پسگردائي کي باهه ڏياري ڇڏي ته جيئن رومي ڪمانڊر کي پڙڪائي سگهي جيڪو شهر جي اندر مضبوط قلعي جي پٽين جي پنيان وينو هو. ان عمل سان هيني بال رومي سلطنت جي ٻين اتحادين ڏانهن اٽسڌي طرح پيغام موڪليو ته رومي سلطنت جو ساٿ ڏيندا ته توهان به سڙي ويندا.

هيني بال رومي فوج سان اُتي وڙهڻ بدران اڳتي نڪري ويو ۽ اهڙي جاءِ تي وڃي ترسيو جتي هڪ سڏو سوڙهو لنگھ هو. هيني بال پنهنجي ڪجھ فوج کي ان علائقي ۾ مقرر ڪيو ۽ باقي فوج کي اهڙي نموني پري بيهاريو ته جيئن دشمن کي محسوس ٿئي ته هن جي فوج تمام گھٽو پري آهي. ٻئي طرف، رومي جنرل هن جو پيڇو ڪندو اچي جڏهن ان علائقي (پزيانو) ۾ پهتو ته هن جاسوس جڳا موڪليا جن ٻُڌايو ته سوڙهي لنگھ وٽ ڪجھ به ناهي. ٻئي ڏينهن صبح جو رومي فوج اڳتي وڌڻ شروع ڪيو، هڪ پهاڙ تي دونهي جا ڪڪر ڏسي رومي ڪمانڊر (فليمنيس) خوش ٿيو ته هيني بال جي فوجي ڪيمپ اها آهي. رومي جنرل اٽڪل 6 هزار فوج ان ٽڪريءَ ڏانهن اُماڻي جتي ٻنهي فوجن ۾ لڙائي ٿي. پر هيني بال جي فوج اوچتو ئي اوچتو پوئتي هٽي پيڇ شروع ڪيو جنهن تي رومي فوج سمجهيو ته سچ پچ پيڇن پيا هي وري انهن جي پٺيان لڳا. ڏوڙندي ڏوڙندي اهڙي جاءِ (Lake Trasimenus) ڏنڊ جي ڪناري تي اچي پهتا جتي هيني بال جي فوج جو وڏو حصو اڳ ۾ لڪو وينو هو. ائين هيني بال رومي فوج کي دوکي سان ڦاسائي جنگي تاريخ جو سڀ کان وڏو مثال قائم ڪيو. هيني بال رومي فوج جي مھڙ، وچ ۽ پڇڙ تي حملا ڪري ڏنا. ان لڙائيءِ ۾ رومي فوج جا 15 هزار سپاهي موت جو شڪار ٿيا جڏهن ته هيني بال جا فقط 15 سو فوجي مارجي ويا. ائين هڪ ٻئي ڪامياب لڪي حملي ڪرڻ جي جنگي اٽڪل سان هيني بال رومي سلطنت کي ٽيون پيرو بري شڪست ڏني. روم ان کان اڳ ڪڏهن به مسلسل ايتريون بدترين شڪستون نہ کاڌيون هيون.

هيني بال جي لڙائين کان تنگ ٿي، طاقتور ۽ مست رومي سلطنت کي ڪجھ عرصي لاءِ "جنگ کان نٽائڻ" جي حڪمت عملي تي عمل ڪرڻو پيو. جتي هيني بال وڙهڻ چاهيو پئي اوڏانهن هُو اچن ئي نہ، چاکاڻ ته هن مهل تائين هيني بال هميشہ اٽڪلون ڪري کين اُن جاءِ تي آڻيندو هو جيڪا جاءِ هن جي فائدي ۾ هجي. جتي هُو طاقتور هُجي يا گُٽ هٽي پيڇي وڃي. ڪيترائي پيرا ائين به ٿيو ته جڏهن رومي فوجون پهچن ۽ ڏسن ته هيني بال ته آهي ئي ڪونہ. جنهن کانپوءِ رومي سينيٽ پنهنجا سمورا اختيار هڪ فرد (فيبيس ميگزيمس) جي حوالي ڪري، عملي طور تي، ڊڪٽيٽرشپ لاڳو ڪئي. فيبيس 90 هزار فوج ناهي جيڪا رومي تاريخ جي سڀ کان وڏي فوج هئي. فيبيس حڪمت

عملي، جو زبردست ماهر هو. هي هيني بال جي ڪمزورين کي سمجهي چڪو هو ته هن وٽ ڪاڏ خوراڪ جي رسد گهٽ آهي ۽ ٻيهر رسد پهچي به نه ٿي سگهيس، ٻيو ته فوج جو تعداد به گهٽ اٿس، بحري قوت به نه اٿس. ان بنياد تي هن نتيجو ڪڍيو ته هيني بال جنگ نٿو کٽي سگهي. تنهنڪري، هن "جنگ کان ٽنائڻ" جي نئين جنگي حڪمت عملي تي عمل ڪيو جيڪا هن جي نالي (Fabian Strategy) سان سڃاتي ويندي آهي. ان مطابق دشمن سان سڌو نه وڙهڻ گهرجي، دشمن کي هراسان ڪجي، ڪاڏي جي تلاش ۾ نڪرندڙ جٿن کي تباهه ڪجي، جيڪڏهن ڪو دشمن کي پناهه ڏئي ته ان ڳوٺ يا شهر کي باهه ڏئي ڇڏجي. بهرحال، فيبين حڪمت عملي، هيني بال جي فوج کي ٻُک ۾ پاهه ڪري ٽڪائي ڇڏيو. هيني بال جهڙي ماڻهوءَ کي روڪڻ جو شايد اهوئي بهترين طريقو هو. ڇاڪاڻ ته لڙائي جي ميدان تي هيني بال کي شڪست ڏيڻ تمام مشڪل ڪم هو. پر ان حڪمت عملي، کي ڪامياب ٽيڻ لاءِ گهٽو وقت گهربل هو. پر ان لاءِ رومي سينيٽ تيار نه هو. ڇهن مهينن ڪانپوءِ رومي سينيٽ فيبيس کي دستبردار ٽيڻ تي مجبور ڪيو. روم طرفان هيني بال کي شڪست ڏيڻ لاءِ وري به ٻيا جنرل (پالس ۽ وارول) مقرر ڪيا ويا.

ڪنائي جي ميدان تي رومي ڪمانڊرن جي ماتحت اٽڪل 80 هزار پيادا ۽ 6 هزار گهوڙي سوار فوج هئي. جڏهن ته هيني بال وٽ فقط 35 هزار فوج هئي. هن لڙائيءَ ۾ ڪاميابيءَ جو اهم راز فوجن جي ترتيب ۾ مقرري هئي. هيني بال پنهنجي فوج کي اڌ گول واري انداز ۾ ٻيهاريو. ڇاڪاڻ ته هن کي اندازو هو ته ويڙهه جو مکيه دٻاءُ مرڪزي حصي تي هوندو ۽ اهو حصو آهستي آهستي پٺتي هٽندو ويندو نتيجي طور رومي فوج سڌو اندر گهڙي ايندي ۽ اڌ گول ڦري ڪنڊو (V) نهي پوندو ۽ ائين رومي فوج ٻن پاسن کان ڦاسي پوندي ۽ پٺيان وري ٽئين طرف کان گهوڙي سوار فوج اچي گهيرو مڪمل ڪندي. لڙائي هلندي بلڪل ائين ئي ٿيو، ابتدائي دٻاءُ ڪارٿيجين فوج جي مرڪز تي هو ۽ هُو آهستي آهستي پٺتي هٽندا ويا جنهن تي رومي فوج سمجهيو ته اسين ڪامياب پيا ٿيون ۽ هنن وڌيڪ فوجي ان رُخ ۾ موڪليا. ٿيو چا ته رومي فوجي ٻن طرفن کان ڦاسڻ ڪري اچي سوڙها ٿيا ۽ ايتريقدر جو سندن جسم هڪٻئي سان ايترو ته گڏجي ويا جو تلوارون به استعمال نه پئي ٿي سگهيون. ۽ ائين رومي فوج کي ناڪامي نصيب ٿي. ان لڙائيءَ ۾ صبح کان شام تائين

هيني بال جي فوج انڪل 70 هزار رومي فوجين کي موت جو ڪاڄ ٻڌايو. ان ڪانپوءِ جنگ جي تاريخ ۾ "مڪمل تباهيءَ" جو اصطلاح ڪتب آندو ويو. روم باقي فقط 260 ميل اڳيان هو پر اها ڳالهه اڄ سوڌو ڳجهارت ٻڌيل آهي ته هيني بال روم طرف پيش رفت ڇو نه ڪئي؟ ان لڙائيءَ ڪانپوءِ رومي فوجي سربراهن جو خيال هو ته اسين هيني بال کي ميدان جنگ تي شڪست نٿا ڏئي سگهون تنهنڪري جنگ کان ٽنڊائڻ واري حڪمت عمليءَ تي عمل ڪرڻو پوندو.[89] جيتوٽيڪ، انفرادي لڙائين ۾ هيني بال کي سوپون مليون ۾ پوري جنگ هارائي ويو.

هيني بال سموري جنگي حڪمت عمليءَ ۾ اٽسڌي رسائي، اچرج ۾ وجهندڙ حملا، گوهيون ڪُتون هٽڻ، پنهنجي فائدي واري جاءِ تي دشمن کي وڻي اچڻ ۽ انتهائي خطرناڪ علائقن مان لنگهڻ، ذاتي بهادري ۽ جنگي حرفت ذريعي رومي فوج کي لڙائين ۾ شڪستون ڏنيون. پر هن سان وڏو مسئلو اهو ٿيو ته هن کي فوج جي تازي پرتي نه ملي سگهي. پر ان باوجود هن پنهنجي ويڑهه جاري رکي. ايتريقدر جو، رومي جنرل سپيو ڪارٿيج تي ڪاهه ڪري ڏني، جنهنڪري، هيني بال مجبور ٿي اٽليءَ مان واپس ڪارٿيج آيو. زما جي لڙائيءَ 202 ق م ۾ ٿي جنهن ۾ رومي جنرل سپيو هيني بال کي شڪست ڏني. اڳتي هلي ڪارٿيج جي حڪومت، روم جي اسرار تي هيني بال کي شام ڏانهن بيدخل ڪري ڇڏيو. ڇيو وڃي ٿو ته هيني بال 70 سالن جي عمر ۾ خودڪشي ڪري ڇڏي، جڏهن هن کي خبر پئي ته رومي فوجي هن کي پڪڙڻ لاءِ اچي رهيا آهن تڏهن هن ڇيو هو ته "رومن کي طويل پريشاني مان ڇوٽڪارو ڏيارجي، اهي هڪڙي پوڙهي جي موت لاءِ ڪيتري عرصي کان انتظار پيا ڪن."[90]

جنگ ڪنهن مقصد کي حاصل ڪرڻ جو پُرتشدد ذريعو (وسيلو) آهي. تنهنڪري، اها ڳالهه ايتري اهم ناهي ته ڪو جنرل ڪنهن لڙائيءَ ۾ ڪيترو نه زبردست نموني وڙهيو ۽ دشمن کي شڪست ڏنائين، پر اهم ڳالهه هيءَ ٻه آهي ته اُهو پنهنجي مقصد کي حاصل ڪري سگهيو يا نه؟ هيني بال، توٽي جو، جابلو پٽي پار ڪري اٽليءَ تي ڪاهه ڪئي، ٽن لڳاتار وڏين لڙائين ۾ رومن فوج کي شڪستون ڏنيون، پر جنگ نه ڪٽي سگهيو. هيني بال تي تنقيد ڪئي ويندي آهي ته ڪنائي واري لڙائيءَ ڪانپوءِ، هن روم ڏانهن پيش رفت ڇو نه ڪئي. جيئن ته هي روم کي تباهه ڪرڻ ڪانسواءِ ڪامياب ٿي نه سگهي ها پر


ان ۾ ڪامياب ٿيڻ لاءِ هن وٽ وسيلا نہ هئا. اصل ۾، مقصد ۽ ان کي حاصل ڪرڻ جي ذريعن جي حساب سان، پنهنجي مقصد (هدف) کي حاصل ڪرڻ وارو هيني بال جو اندازو غلط ثابت ٿيو.


سپيو آفريڪانس (237_183 ق م) (رومي جنرل)

سپيو هي اهو رومي جنرل هو جنهن هيني بال کي شڪست ڏني ۽ روم لاءِ پي پيونڪ جنگ (Punic War) کٽي. هي فوج ۾ ضابطو لاڳو ڪرڻ ۽ تربيت ڏيڻ جو ماهر هو. ڪارٿيج جي فوج هٿان هن جو پاڻ، چاچو، سهرو ۽ هن جو پيءُ مارجي ويا هئا. ان جو بدلو وٺڻ لاءِ هن پنهنجي سموري زندگي وقف ڪري ڇڏي. هن پنهنجي دشمن، هيني بال جي جنگي انڪلن جو مطالعو ڪيو ۽ ان نتيجي تي پهتو تہ ڪارٿيج جي فوج طرفان روم ڏانهن اچڻ جو انتظار ڪرڻ بدران خود ڪارٿيج تي حملو ڪجي.[۹]

209 ق م ۾، اسپين ۾، 28 هزار پيادا ۽ 3 هزار گهوڙي سوار ساڻ هئس پر هن وڏي ڪمال سان اچرج ۾ وجهڻ لاءِ صحيح وقت جي چونڊ ڪندي سڌو ڪارٿيج جي فوج سان ميدان تي وڙهڻ بدران انهن کي رسد پهچائيندڙ مڪيہ ساموندي بندر (Cartagena اسپين جو علائقو) کي نشانو بڻايو. فيبس، جيڪو پوڙهو ٿي چڪو هو، ان روايتي طريقي جي حمايت ۾ آواز بلند ڪندي، سپيو تي زور پريو تہ هيني بال تہ اٽليءَ ۾ موجود آهي تہ پوءِ اُن تي حملو ڇو نٿو ڪري؟ وڏي ڦيري وارو رستو وٺڻ بدران سڌو هيني بال سان جنگ ڇو نہ ٿو ڪرين؟ تنهنجي خيال ۾ جيڪڏهن تون آفريڪا طرف رُخ ڪندين تہ هيني بال ۽ تنهنجي پٺيان اوڏانهن ايندو؟" بهرحال، رومي سينيٽ سپيو کي آفريڪا وڃڻ جي اجازت ڏني پر ڪيس وڏي فوج ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. هن فقط 7 هزار رضاڪارن ۽ ڪنائي جي لڙائيءَ ۾ هارايل ۽ رومي ليجن فوج سان پنهنجي جنگي مهم جي شروعات ڪئي. آفريڪا ۾ لهندي ئي ڪارٿيج جي گهوڙي سوار فوج سان ٽڪر ٿيس پر هن چالاڪيءَ سان پنٽي هٽي ان کي ڦاسائي تباهہ ڪيو. جنهن ڪانپوءِ هڪ تہ هن کي وقت ملي ويو ۽ ٻيو تہ سندس ملڪ جي اختياريءَ وارا هن جي ڪاميابيءَ کان متاثر ٿيا ۽ هن ڏانهن وڌيڪ فوج امداد ڏيون ۽ ٿيون تہ ڪارٿيج جا اتحادي ۽ جنجهوڙي ويا. ٻئي مرحلي ۾، هن هڪ طرف دشمن جو ڌيان هٽائڻ لاءِ سمنڊ رستي حملي ڪرڻ جون تياريون ڪيون ۽ وري رات جي اونداهيءَ ۾ گوهيون گٽون هٽي دشمن جي ٻن فوجي

کيمپن تي حملو ڪري ڏنو ۽ اوچتي حملي سبب ڪارٽيج جي فوج چڙوچڙ ٿي وئي ۽ رومي فوج ان مونجهاري جو فائدو ونندي فوجي ڪيمپ جي جهوپڙين کي باھ ڏئي چڏي. پر ڪارتيج جي بي فوجي ڪيمپ وارن ان باھ کي اتفاقي واقعو سمجهي انهن جي مدد لاءِ پنهنجا دروازا کولي چڏيا ائين سپيو پنهنجي مهر جو بيو حملو ڪري ڏنو ۽ ڪنهن به قسم جي قيمت (ويڑھ) ڪانسواءِ ڪارتيجين فوجي چانوٽيءَ اندر داخل ٿي ويو.[٩٦] اها شاندار فتح، حقيقت ۾، جنگ جي تاريخ جو بيمثال نمونو ثابت ٿي. تنهن ڪانپوءِ هن ڪارتيج ڏانهن پيش رفت ڪرڻ بدران انتهائي منظم انداز سان ڪارٽيج کي رسد پهچائيندڙ علائقن ۽ اتحادين کان ڪٽي ڌار ڪيو. نيٺ ڪارٽيج اُمن جي آڇ ڪئي. پر جيسين روم کان ان جي آڇ کي قبولڻ جي منظوري ملي ها، تيسين هيني بال به آفريڪا موٽي آيو. اهڙين حالتن ۾ روايتي جنرل، هيني بال کي ڪارٽيج پهچڻ کان روڪڻ لاءِ يا ته حملو ڪري ها يا دفاعي نمونو ويهي انتظار ڪري ها. پر سپيو عجيب رستو ورتو. هيني بال، ليپٽس کان ڪارٽيج ڏانهن پيش رفت ڪئي جنهن جو نقشو انگريزي اکر V وانگر هو ته سپيو وري ڪجھ فوجي جٿا ڪارٽيج پرسان چڏي ڪابي پاسي کان ڦري آيو جنهن جي شڪل انگريزي اکر V جي ابتي شڪل وانگر هئي. ان طريقي سان سپيو ڪارٽيج جي مکيہ رسد واري رستي تي پهچي ويو. ان جي ردعمل ۾ ڪارٽيج جي سينيٽ هيني بال ڏانهن پيغام اُماڻي سپيو کي روڪڻ ۽ ان سان لڙائي





ڪرڻ لاءِ زور پريو. توڻي جو هيني بال ان لاءِ راضي نه هو پر سپيو اهڙيون حالتون پيدا ڪيون جو هيني بال مجبور ٿي سپيو جي چونڊيل جاءِ تي وڙھڻ لاءِ تيار ٿيو. اُتي مسئلو اهو هو ته هيني بال لاءِ فوج جي تازي پرتي نه پئي ٿي سگھي. پر سپيو اُتي به وڙھڻ ۾ خوش نه هو هن اڳتي وڌڻ بدران هيني بال کي اجان به اهڙي ميدان تي وڃي وڃڻ تي مجبور ڪيو جتي پاڻيءَ جي ڪوٺ هئي ۽ جيڪو سپيو جي گھوڙي سوار فوج لاءِ فائديمند هو. اهو زما جو ميدان هو جتي هيني بال جي فوج لاءِ پناھ ونڻ خاطر ڪو قلعو به نه هو جتي شڪست

کاڈل فوج پناھ وٹي سگھي. نيٺ، زما جي لڑائيءَ (202 ق م) ۾ ٻئي وڏا جنرل ھڪٻئي جي سامھون ٿيا. پر سپيو هيني بال کي شڪست ڏني.[٩] زما جي جنگي مھم روم کي ميڊيٽيرن جي ساموندي دنيا جي بالادست طاقت بڻائي ڇڏيو ۽ اُتان کان رومي سلطنت ڦھلجڻ شروع ڪيو.

سپيو وڏي سطح جي فوجي مھمن ۾ فاتح ثابت ٿيو. جنھن دور ۾ ستو دوبدو جنگ ڪئي ويندي هئي هن تيزيءَ سان گوهيون گٽون ھٽڻ واري جنگ جو تصور ڏنو، رومي گھوڙي سوار فوج کي اھڙي نموني منظم ڪيو ۽ مقرر ڪيو جو اھا دشمن جي پڇڙ (پٺ) ۽ ڪُک (پاسرائين) ۾ حملا ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي سگھي.

جوليس سيزر (رومي جنرل 100_44 ق م)

رومي سلطنت جي تاريخ ۾ گھرو جنگين دوران تاريخ جي ھڪ وڏي ڪپتان جنم ورتو جنھن رومي تاريخ جي سفر ۾ اھم ڪردار ادا ڪيو. اھو ھو جوليس سيزر جنھن جي جنگي فتحن ۽ سياست رومي سلطنت کي پنجن صدين تائين تحفظ مھيا ڪري ڏنو ۽ رومي قانونن، رسمن ۽ ٻوليءَ کي پوري يورپ ۾ ڦھلايو. هن جا ڪارناما ايترا مشهور ٿيا جو هزارين سالن کانپوءِ به ڪيترائي رهنما هن جو نالو ھڪ خطاب طور استعمال ڪندا هئا. مثال طور جرمني جا بادشاھ پاڻ کي قيصر ۽ روس جا بادشاھ پاڻ کي زار سڏائيندا هئا.

سيزر ھڪ اٿرسوخ رکندڙ گھراٽي ۾ پيدا ٿيو. چاليھ سالن جي ڄمار ۾ هن ڪائونسل جي اليڪشن کٽي ۽ ميجسٽريٽ ٿيو. سيزر آهستي آهستي سينٽ جا اختيار گھٽائي فقط ٽن ماڻھن تائين محدود ڪري ڇڏيا. پاڻ، پومپي ۽ ڪراسس. سيزر وٽ گال (اترين اٽليءَ جو علائقو) ۽ چار ليجن (20 هزار سپاهين تي مشتمل) فوج هئي. بعد ۾ هن ٻين علائقن تي قبضا ڪرڻ شروع ڪيا جنھن ۾ اڄوڪو فرانس، بيلجيم، جرمني، هالينڊ ۽ سئزرلينڊ جا علائقا اچن ٿا. 56 ق م ۾ انڪل 800 ٻيڙن سان انگريزي چينل پار ڪري برطانيہ تي حملو ڪيو. (ٻي عالمي جنگ تائين اھڙو واقعو وري نہ ٿيو.) سيزر حڪمت عمليءَ جو ڄاڻو هو، هن گالس کي ڏڻو ڪيو جن انهن اڻن سالن دوران کڏھن ۾ بغاوت نہ ڪئي. انهن کي ھڪٻئي کان الڳ ڪري ھڪٻئي جي خلاف استعمال ۾ ڪيو، ھڪڙن کي مڪمل طور تي ختم ڪري ڇڏيو ۽ ٻين کي تحفا ۾ ڏنائين، ايتريقدر جو، ڪجھ کي ته سينيٽ ۾ ۾ آندائين.

سيزر جي فتحن سبب روم ۾ هن جي وڌندڙ مقبوليت کي ڏسي پومپي ۽ ڪراسس کي اچي ڊپ لڳو ته ڪٽي سيزر سمورن اختيارن تي پاڻ نه قبضو ڪري ٺيٺ، رومي سينيٽ سيزر کي عام شهريءَ وانگر روم ڏانهن واپس ٽيڻ جو حڪم ڏنو. ان تي عمل ڪرڻ بدران سيزر، پنهنجي فوج ساڻ ڪري روبيڪن دريا پار ڪيو ۽ پنهنجي مخالفن خلاف گهرو جنگ شروع ڪري ڏني.
50 ق م جي ڊسمبر ۾ جڏهن سيزر روبيڪون (Rubicon) پار ڪيو تڏهن هن جو اقتدار فقط گال (Gaul) ۽ اليرڪم (Illyricum) ۾ هو، جڏهن ته پومپي (Pompey) جو اٽلي ۽ روم جي ٻين علائقن تي ڪنٽرول هو. سيزر وٽ 9 ليجن فوج هئي پر رويٺا (Ravenna) وٽ هن سان فقط هڪ ليجن هئي، باقي گهٽو پري گال (علائقو) وٽ هئي. پومپي وٽ 10 ليجن اٽلي، 7 ليجن اسپين، ۽ ٻيا ڪيترائي فوجي جٿا سموري سلطنت ۾ هئا.[۹] توٽي جو سيزر تي تنقيد ڪئي ويندي آهي ته تڪڙ ڪري ايتري ٿوري فوج سان هن ڏکڻ طرف پيش رفت ڪئي. پر جنگ ۾ وقت ۽ اچرج ۾ وجهڻ جا ٻه اهم عنصر هوندا آهن ۽ سيزر انهن جو استعمال ڪري فائدو ورتو. سيزر جي حڪمت عملي گهٽو ڪري پومپي جي ذهن کي سمجهڻ تي ٻڌل هئي.
رويٺا کان روم ڏانهن ٻه رستا ويندا هئا پر سيزر اهو رستو ورتو جيڪو اٽسڏو ۽ ڊگهو هو. پر ان رستي واري آباديءَ جيڪا پومپي لاءِ گڏ ٽيل هئي اها سيزر سان گڏجي پئي. ان دوران وڏي ڳالهه اها ٿي ته پومپي واري ڏر روم خالي ڪري ڪيپس ڏانهن هلي وئي، جڏهن ته سيزر پومپي جي اڳتي وڌيل ۽ ليڪرا (Leceria) ڏانهن ايندڙ مکيه فوج جي وچ ۾ رخنو وجهي (ڪنهن به خونريزيءَ کانسواءِ) هڪ دفعو وري پومپي جي فوج جي هڪ حصي کي پنهنجي پاسي ڪري ڇڏيو. بعد ۾ پومپي جي پٺيان ويو پر پومپي يونان ڏانهن پڄي ويو. پهرين مرحلي ۾، سيزر ڪنهن به قسم جي جنگي فن کان ڪم نه ونڊ سبب انڪل چار سالن تائين ويڙهه ڪندو رهيو.
بي مهر دوران سيزر پومپي تي سڌو حملو ڪرڻ بدران اسپين ڏانهن ڌيان ڏنو. هن پيري سيزر الير‌دا (Ilerda) وٽ دشمن جي مکيه فوج تي سڌو ڪاهه ڪري ڏني پر حملو ناڪام ٽيو. پر سيزر ذاتي مداخلت ڪري پنهنجي فوج کي تباهيءَ کان بچائي ورتو. هن گهيري کي برقرار رکڻ بدران دشمن جي رسد لاءِ خطرو وڌائي ڇڏيو جنهنڪري پومپي جا جنرل دستبردار ٿي ويا پر سيزر انهن

کي نڪري وڃڻ جو موقعو ڏئي پنهنجي گهوڙي سوار فوج کي دشمن جي سپ کان آخري فوجي جٿن جي پٺيان لڳائي ڇڏيو. وري رات جي وقت فوجون ڊوڙائي دشمن جي پٺتي هٽڻ واري رستي وٽ وڃي پهتو پر ان باوجود هن کا لڙائي نہ ڪئي ۽ گهوڙي سوار فوج پومپي جي فوج کي حراسان ڪندي رهي. ائين دشمن جي فوج ۾ بيزاري ۽ بُک وڏائي ڏياڻ پيدا ڪيو ۽ آخرڪار دشمن کي اهڙي جاءِ تي آندو جتي پاڻيءَ جي سخت کوٽ هئي.[۹۵] ائين سيزر خونريزيءَ کانسواءِ الرڊا وٽ فتح حاصل ڪري ورتي.

بعد ۾ هن يونان ڏانهن سڌو سمنڊ رستي پيش رفت ڪئي. ان جي ڪري ابتدا ۾ ته هن کي وقت مليو پر آخرڪار اهو وڃائجي ويس. ڇاڪاڻ ته اُتي پومپي وٽ وڏي بحري طاقت هئي ۽ سيزر وٽ ڪجهہ به نہ هو. پر پومپي جي سست رفتاريءَ سبب پومپي جي بيڙن پهچڻ کان اڳ انتوني ٻيڙا وٺي اچي سيزر سان شامل ٿيو. پر پومپي پوئتي هٽي ويو. وري سيزر هڪ ڏکئي ۽ ڏگهي جابلو رستي کان ٿيندو پومپي جو اڳُ ورتو پر هن ان جو فائدو نہ ورتو. ڇاڪاڻ ته اُتي پومپي کي آسانيءَ سان رسد پهچي سگهي پئي. وري هنن ٻنهي جي فوجن ۾ ويڙهہ ٿي پر پومپي جي سستيءَ سبب سيزر بچي ويو. نيٺ سيزر ان سموري تجربي مان سبق سکيا. جيئن ئي پومپي اٽلي جو ڪنٽرول حاصل ڪرڻ لاءِ اولهہ طرف پيش رفت ڪئي ته وري سيزر تيزيءَ سان اوپر طرف پومپي جي ليفٽيننٽ، جيڪو مقدونيا ۾ هو، ان خلاف اڳرائي ڪئي جنهن ڪري پومپي وري سيزر جي پٺيان اچڻ تي مجبور ٿيو. جيتوٽيڪ، اُتي سيزر پهريائين پهتو هو پر هن موقعي جو فائدو نہ ورتو ۽ پومپي کي اُتي پهچڻ ڏنو. سيزر اٽڪل ڪان ڪر ونندي پومپي کي فارسالس (Pharsalus) (علائقي) وٽ وٺي آيو ته جيئن اُتي سيزر کليل ميدان ۾ پومپي سان ويڙهہ ڪري سگهي. ان فارسالس جي فتح ڪانپوءِ سيزر پومپي جو پيڇو ڪيو جيڪو ميڊيٽيرن سمنڊ پار ڪري اسڪندريہ پهتو جتي ٽولمي (Ptolemy) دغا سان ان کي قتل ڪري سيزر کي وڏيڪ مشڪل کان بچائي ورتو.[۹۶] ان وقت مصر ۾ ٽولمي ۽ ان جي پيڻ قلوپطرا جي وچ ۾ موروثي اقتدار تان تڪرار هلندڙ هو. سيزر پاڻ کي ان جهيڙي ۾ ڦاسائي اٽڪل 8 مهينا غيرضروري جنگ ۾ ضايع ڪري ڇڏيا.

سيزر جڏهن روم موٽي آيو ته رومن هن کي هڪ آمر قرار ڏنو ۽ هن کي ايندڙ ڏهن سالن لاءِ ڪائونسل چونڊي ڇڏيو. سيزر ان دوران ڪيترائي سڌارا آندا ۽

رومي قانون کي معيار مطابق بڻايو. فوجن کي تحفي ۾ زمينون ڏيڻ جي روايت وڌي. پر ان کان اڳ جو هي پنهنجي منصوبي کي مڪمل ڪري سگهي ها، هن کي 50 سالن جي جمار ۾ قتل ڪيو ويو. جن هن جو قتل ڪيو اُهي هن جا وفادار ماتحت هئا.[97] بهرحال، سيزر جي فتحن سبب رومي سلطنت اٽڪل پنج صدين تائين محفوظ رهي ۽ اڄ ڏينهن تائين ان جو اثر قائم آهي. هن جي فتحن پنهنجي دور جي دنيا جي سڀ کان وڏي سلطنت تخليق ڪئي. هن مستقبل جي رومي حڪمرانن لاءِ هنرمند فوجي تنظيم ڇڏي. لبل هارٽ سيزر بابت تبصرو ڪندي لکيو ته سيزر جي بنيادي غلطي هيءَ هئي ته هن جي اکين اڳيان جيڪو ترت مقصد هوندو هو هي ان کي حاصل ڪرڻ تي ڌيان ڏئي وڏي مقصد کي وجائي ڇڏيندو هو. سيزر شروع کان وٺي زندگين جي نقصان کي ٽارڻ جي کوشش ڪندو رهيو ۽ انتهائي محدود گنجائش اندر لڳاتار گتون ۽ گوهيون هٽندو دشمن کي اهڙي جاءِ تي وٺي ايندو هو جتي هُو چڪي واري راند کيڏي سگهي. سيزر جي اٽسڏي رسائي تنگ نظر ۽ حيرت واري عنصر کان عاري هئي. هي دشمن جي هاءِ ڪمانڊ جي دماغ بدران ان جي فوجن جي مقصدن تي گهٽو ڌيان ڏيندو رهيو. سيزر جڏهن به سڌو حملو ڪيو ته هن کي ناڪامي ملي پر وري هر پيري ان کي ٻيهر حاصل ڪرڻ لاءِ اٽسڏو حملو ڪندو رهيو.[98]

جنگي نظريدان ۽ تاريخ نويس

توڙي جو يورپ سڪندر، اسڪپيو آفريڪانس ۽ جوليس سيزر جهڙن جنرلن سميت اسپارٽا جهڙن جنگي معاشرن کي جنم ڏنو پر چين وانگر يورپ جي آڳاٽي دور ۾ جنگي نظريو اعليٰ ترين سطح حاصل نه ڪري سگهيو. اهو ان ڪري نه ٿيو جو يورپ ۾ ڪي سڪندر، هيني بال، سپيو ۽ سيزر جهڙا وڏا فوجي جنرل نه هئا. وڏا جنرل ته هئا پر انهن جي جنگي فن کي منظر صورت نه ملي سگهي.

يورپ جي آڳاٽي دور ۾ هومر، هيروڊوٽس، ٿائيڊس، زينافون، پوليبيس، سيزر، ليوي ۽ ايرين جهڙن تاريخ نويسن ۽ ڪمانڊرن جا لکيل مسودا ملن ٿا جن ۾ انهن جي ذاتي تجربن کي قلمبند ڪيو ويو آهي يا ان دور جي تناظر ۾ جنگين جي تاريخ لکي وئي آهي. جن ۾ انهن تاريخي تناظر ۾ جنگي حڪمت عملين ۽ چالن جو تجزيو ڪيو آهي. پر انهن مثالن جي بنياد تي ٿوس نظريو نه لکيو. ساڳئي طرح، ويجهي اوپر (Near East) ۾ به اهڙو مواد نٿو ملي. پراڻي

عهدنامي(Old Testament) ۾ جنگين کي، انساني حڪمت عملين جي تناظر ۾ نہ پر خدا جي مرضيءَ جي حوالي سان ڏٺو ويو آهي. فقط چيني هئا جن جنگ کي نظرياتي نقطہ نظر سان لکيو.

يورپ ۾ جنگ بابت پهرين آگاهي لکڻي هومر جي گيتن (Iliad جيکا اٽڪل 800 ق م ۾ ترتيب ڏني وئي.) جي صورت ۾ ملي ٿي. هومر هڪ سگهاري آکاڻيءَ جي صورت ۾ هيروازم، خوف، فرض، شان، ڏڪ ۽ نقصان بابت شاعري ڪئي آهي. جنهن ۾ اٽڪل 1200 ق م ۾ ٽيل ٽروجن جنگ (Trojan War) جي واقعي جي داستان جو ذڪر آهي. جنهن ۾ يوناني راڻي، هيلن کي ٽروجن جو شهزادو پارس اغوا ڪري کڻي وڃي ٿو. هيلن جو مڙس ۽ اُن جو پاءُ فوج گڏ ڪري ان کان بدلو ونڻ لاءِ جنگ ڪن ٿا. دنيا جي پهرين تاريخ نويس هيروڊوٽس ۽ لوي (Levy) پنهنجي دور جي تفصيلي تاريخ لکي پر اها هڪ محب وطن جي نقطہ نگاهہ کان لکي وئي هئي ۽ اُن ۾ مافوق الفطرت ۽ اخلاقي ڪردارن تي بحث ڪيو ويو. زينوفون، توٿي جو هڪ قابل ڪمانڊر ۽ بهترين صحافي هيو، پر ان جي تجزيي ۾ گهرائي نہ هئي. زينوفون جو ڪتاب Cyropaedia ۾ جنگي تجزيو ايترو ناهي پر ڪامياب شهزادي جي طريقن تي مشتمل نيم_تصوراتي داستان آهي. پوليبيس (Polybuis) هيلنسٽڪ (Hellenistic) سفارتڪاري ۽ عدالتي انتظام جي نقطہ نظر کي پيش ڪيو آهي. سڀ کان آگاٽو ڪم، اٽڪل چار ق م ۾ ائيياس (Aeneas) ڪيو ۽ قديمي دنيا جي آخري لکڻي ويگيٽس، اٽڪل چوٿين صدي عيسوي، ۾ قلمبند ڪئي وئي. ائيياس، فلپ ۽ سڪندر کان اڳ جو داستان قلمبند ڪيو ۽ ويگيٽس وري تڏهن پنهنجي مواد کي لکت جي صورت ڏني جڏهن رومي سلطنت جي جاءِ بازيطيني سلطنت ونڊي رهي هئي. يعني ٻنهي ۾ اٽڪل ست صدين جو وقفو آهي. بهرحال، انهن لکڻين ۾ "جنگي تيارين" "جنگي خرچ" "ڪئمپون هٽڻ" "بحري تدبيرن" "سمجهاڻين" ۽ "گهيرا ڪرڻ جي جنگ" جي تفصيلن تي بحث ٽيل آهي. جيڪو جنگ جي مٿين سطح جي رٿابندي بابت ڪابہ مدد نہ ٿو ڪري.

اسڪليپيوڊوٽس (پهرين صدي ق م) جي لکيل مسودي "Outline of Tactics" ۾ پڻ فصاحت ۽ بلاغت کان ڪم ورتو ويو آهي. جنهن ۾ فوجين جي وچ ۾ مفاصلو رکڻ، گرزن ۽ پالن جي ڏيگهہ، ڊالن جي ويڪر، اڳواڻن جا خطاب ۽ فوجين کي ڪاهي ۽ ساڃي پاسي موڙڻ جي اٽڪلن ۽ تدبيرن تي بحث ٽيل آهي.

سمورو مسودو تجريدي قسم جو آهي جنهن ۾ ڪوبہ حقيقي جنگي مثال نہ ڏنو ويو آهي. اوناسندر، جيڪو فلسفي جو شاگرد هو، ان جو ڪتاب O Strategos پڻ فصاحت ۽ بلاغت جي مشق جي ارادي سان لکيو ويو آهي. بهرحال، ان جو هڪ باب ڪمانڊر جي خاصيتن کي بحث هيٺ آڻي ٿو. جنهن ۾ اوناسندر لکي ٿو تہ ڪمانڊر ان کي مقرر ڪرڻ گهرجي جيڪو "بردبار، محتاط، چوڪس، پورهيو ڪندڙ، چست، سازَ ۽ بغض کان آزاد، عمر ۾ نہ ڪو ننڍو هجي ۽ نہ ئي وڏو هجي، جيڪڏهن ممڪن هجي تہ ٻارن جو پيءُ هجي، سنو مقرر ۽ سڻي ساک رکندڙ هجي." ائيياس ۽ اسڪليپيوڊوٽس جي پيٽ ۾، هن مختلف اٽڪلن، جهڙوڪ: ڪوڙ ڪري پنڌي هڻڻ، بچت فوج رکڻ، دشمن جي پاسرائي تي اوچتي حملي جي اثر کي بہ بحث هيٺ آندو آهي پر ڪو ٺوس مثال نہ ڏنو اٿس. بهرحال، ائيياس، اوناسندر ۽ اسڪليپيوڊوٽس جون لکڻيون خشڪ، خيالي ۽ خسيس تفصيلن تي مشتمل آهن. اڄوڪي دور ۾ تہ هنن جو ڪم فوت ٿي چُڪو آهي پر نئين سجاڳي واري دور ۾ انسان دوست عالمن انهن "آڳاٽن" مسودن کي بنياد بڻائي انهن کي وري جيئارڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ انهن آڳاٽن ماخذن کي وڏو مان ڏنو. سيڪسٽس جوليس فرونٽينس (پهرين عيسوي صدي) رومي سلطنت جو هڪ سرڪاري عملدار هو، هن جنگ جي فن تي ڪتاب لکيو جيڪو ملي ٿو پر ان جو هڪ باب Strategemata هٽ ڪيو ويو آهي. ٻيو مشهور ڪتاب Strategikon جيڪو شهنشاه مارس (582_602) سان منسوب ڪيو وڃي ٿو، اصل ۾ ٻين لکيو هو پر نالو هن جو ڏنو ويو. ٻنهي ۾ فوجن جي تربيت ۽ ترتيب، تنظيم، هٿيارن جا قسم، نظر و ضبط ۽ لڙائين جي اٽڪلن ۽ رازداري جي تفصيلن جو ذڪر ٿيل آهي. مارس جي ڪتاب جي يارهين باب ۾ "بازنطيني سلطنت" جي مڪيہ دشمنن جو تجزيو ڪيو ويو آهي. مثال طور: "ايراني قوم خوشامدڙيا چالاڪ ۽ مڪر ڪندڙ آهي، پر ساڳئي وقت، محب وطن ۽ فرمانبردار آهي. اهي حملن جي خيال کان ڪمزور آهن جيڪڏهن ممڪن هجي تہ انهن سان ڪليل، سڌن ۽ هموار ميدانن تي ويڙهہ ڪجي جتي ڪڏهن، ٻُوڙا ۽ جهنگ نہ هجن." ان جي ابتڙ، "هلڪن وارن وارا نسل آزاديءَ کي وڏي اهميت ڏين ٿا. اهي لڙائين ۾ بهادر ۽ بي ڊپا آهن، هي ڪنهن بہ قسم جي بزدلي ۽ ڪيتري بہ مختصر پنڌي هڻڻ واري عمل کي بيعزتي تصور ڪن ٿا." بعد ۾، شهنشاه ليو سِياڻو (866_912ع) فوجي تنظيم تي هڪ مضمون

Tacticon لکيو. پر هن جو انداز ۽ مواد بہ ساڳيو هو. نائين عيسوي صدي دوران، شهنشاه نائيسفورس ۽ هڪ نامعلوم طرفان لکيل بن مسودن ۾ فتح حاصل ڪرڻ لاءِ رازداري، لچڪداريت، چالاڪي ۽ اتڪلن کان ڪم وٺڻ بابت سڀني جاڻ ڏنل آهي.[99] بهرحال، ان آڳاڻي دور سميت سموري قرون وسطيٰ جي دور تائين يورپ ۾، چين جي مقابلي ۾، جنگي نظريي ۾ ڪوبہ منظر واڌارو نہ ٿيو. گهٽو بعد مغرب ۾ فقط هڪ ليکڪ پيدا ٿيو جيڪو ان معيار تي پورو لٿو اهو هو ڪلازيوٽز.

يورپ جي وچ واري دور کي اونداهو دور سڏيو ويندو آهي. ان دور ۾ جنگي حوالي سان کي وڏا واڌارا نہ ٿيا ۽ نہ ئي کي وڏا جنرل پيدا ٿيا جن جو قد ڪاٺ عالمي معيار تي پورو لهندو هجي. پر ان باوجود وليم، ڪنگ جان، ايڊورڊ، ڪنسٽبل ڊي گيوسڪلن جهڙا ڪمانڊر پيدا ٿيا. لڊل هارٽ لکيو تہ ان قرون وسطيٰ واري دور ۾ حڪمت عملي جا بهترين مثال مغرب کان نہ اوپر کان آيا. 13 صديءَ ۾ منگولن اچي يورپ کي گهوڙي سوار فوج جي فن جي سکيا ڏني. معيار ۽ پيماني جي لحاظ کان، اچرج ۾ وجهڻ ۽ حرڪت جي آزاديءَ، حڪمت عمليءَ ۽ چالن جي حوالي سان هنن (منگولن) تاريخ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.[100]

نئين سجاڳي

يورپ هڪ هزار سالن جي اونداهي دور کانپوءِ وري سجاڳ ٿيڻ شروع ڪيو. جنگ جي حوالي سان بارود، آتشي هٿيارن ۽ توبخاني جي ايجاد قرون وسطيٰ جي سردار فوجي سربراهن جي هٿيارن ۽ فوجي تنظيمن کي ڏير ڪري ڇڏيو. پر اُن ۾ بارود ۽ توب جو ڪردار ثانوي قسم جو هو جڏهن ته سرمائيداريت بنيادي ڪردار ادا ڪيو. چاڪاڻ ته اُن دور جي جنگ لاءِ گريون توبون، ٽرانسپورٽ ۽ انجنيئرز وغيره ضروري هئا جنهن جو بندوبست انتهائي مهانگو هو فقط شاهوڪار ئي هئا جيڪي انهن جو خرچ پري سگهيا پئي. قرون وسطيٰ جي دور ۾ جنگنجو سربراهن کي خدا جو نمائندو سمجهيو ويندو هو ۽ جنگ کي مذهبي رنگ ۾ پيش ڪيو ويندو هو. جڏهن کو مسئلو پيدا ٿيندو هو ته فوج کي ڪنو ڪري ونبو هو جنهن جي حيثيت عارضي قسم جي هوندي هئي. تيزيءَ سان ڦهلجندڙ سرمائيداريءَ زراعتي بنيادن تي بيٺل قرون وسطيٰ واري جنگ ۽ فوجي تنظيم کي جنجهوڑي ڇڏيو ۽ جاگيردارن جي فوج بدران مستقل ۽ پيشور فوجن جنم ورتو. ان جي شروعات اٽليءَ ۾ ٿي جتي جنگ کي پيسن ناهڻ جي ذريعي طور ڪتب آندو ويو.

اٺڪل 100 سالن (16 کان 17 صدي) تائين يورپ جي جنگي حڪمت عملي گوهيون گتون هٽڻ ۽ گهيرن ڪرڻ ۽ دشمن جي آمدرفت کي ڪنٽ جي ڏکهين مهمن تائين محدود رهي. ٽيهه سالا جنگ ۾ ڪابه اهڙي مهم نه هئي جنهن کي فيصلاڪن چئي سگهجي. ان جو مکيه سبب مضبوط قلعن جي روايت هئي جنهن کري حرڪت جي آزادي، اچرج ۾ وجهڻ جهڙن عنصرن تي عمل ڪرڻ ڏکيو هو ۽ دفاعي نوعيت جي جنگ غالب رهي. ارڙهين صديءَ جي جنگ جو فن پڻ گهيرا ڪرڻ ۽ قلعن تي حملا ڪرڻ لاءِ دشمن جا رابطا ڪٽڻ ۽ ان جا وسيلا خرچ ڪرائي ان کي ٽڪائڻ وارين اٺڪلن تي مشتمل هو. ميڪياولي ۽ فرانسيسي انقلاب جي وچ واري عرصي ۾ يورپ اندر جيڪو جنگي علم پيدا ٿيو حقيقت ۾، اهو پڻ ايترو متاثر ڪندڙ نه هو. انهيءَ دور ۾ جنم وٺندڙ

گستاوس ۽ تيورينيء ويلنسٽين، ڪراموئيل، مارلبرگ، پرنس يوگنيء ڊي سيڪس ۽ فريبرڪ جهڙن جنگي اڳواڻن کي وڏن سپہ سالارن جي فهرست ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو. جيتوٽيڪ، انهن سپہ سالارن کيترين ئي جنگي مهمون وڙهيون ۽ ڪاميابيون ماڻيون پر سندن جنگي علم جا ماخذ اجاتائين "آڻاتا" هئا.

نڪولو ميڪياولي (3 مئي 1469ع _22 جون 1527ع): ميڪياولي يورپ ۾ نئين سجاڳيءَ جي ابتدائي گهر اتليءَ جي شهر فلورنس ۾ پيدا ٿيو. جهڙي طرح ادب ۽ فن، سائنس ۽ سماجي علمن ۾ اتليءَ يورپ کي هڪ هزار سالن جي اونداهي دور مان ٻاهر ڪڍيو ساڳئي ريت ميڪياوليءَ جي صورت ۾ اتلي جنگ جي فن ۾ پڻ نئين سجاڳي آڻڻ جي ابتدا ڪئي. ميڪياوليءَ جنگ جي معاملي کي خالص ٽيڪنيڪل حوالي سان نہ پر سياست ۾ فوجي طاقت جي هڪ فيصلاڪن ڪردار طور جائزو ورتو آهي. هن جي حيثيت تاريخ جي وڏي سياسي سائنسدان طور مڃي وڃي ٿي. هن "شهزادو" "جنگ جو فن" "ٽائٽس ليويس جي پهرين ڏهاڪي بابت گفتگو" ۽ "فلورنس جي تاريخ ۽ اتليءَ جا معاملا" جهڙن ڪتابن ۾ سفارتڪاري، سياست، حڪمت عملي ۽ جنگ جي موضوع تي روشني وڌي آهي. جيئن ته ميڪياولي نئين سجاڳي واري دور ۾ پيدا ٿيو تنهنڪري، ٻين وانگر هن بہ پنهنجن خيالن جي سڃائي ثابت ڪرڻ لاءِ آڳاٽي دنيا ڏانهن رجوع ڪيو آهي. جنگ جي معاملي ۾ ميڪياوليءَ جا ڪتاب گهڻو ڪري رومي فوجي ادارن جي سمجهاڻي ۽ تشريح تي مشتمل آهن. هن جي اتساهہ جو مکيہ ذريعو پڻ ويگيٽس هو. توڙي جو، جديد تاريخ نويسن هن کي "جديد حڪمت عملي جي ناهيندڙن" جي فهرست ۾ شامل ڪيو آهي پر هن جو ڪتاب "جنگ جو فن" جنگ جي موضوع تي اعليٰ درجي جو مسودو ناهي جيڪو (1512_13) ۾ لکيو ويو، ان ڪتاب ۾ باغ ۾ ٽيل ڪچهريءَ واري انداز کان ڪم ورتو ويو آهي. پر ان مسودي ۾ ڪجهہ ڏاهپ جا داڻا بہ آهن جيڪي آڳاٽي دنيا جي تجربي مان اخذ ڪيا ويا آهن.

هن جو خيال هو تہ رياست جو بنياد سڀي فوجي تنظيم ۾ ۽ سياسي طاقت جو بنياد فوجي طاقت ۾ آهي.[101] "سمورين رياستن، نين توڙي پراڻين يا ٻنهي، جا مکيہ بنياد سُنا قانون ۽ سُنا هٿيار آهن. جتي سنا هٿيار نہ هجن اُتي سُنا قانون نٿا ٽي سگهن، ۽ جتي سنا هٿيار هوندا اُتي سُنا قانون ضرور هوندا."[102]

"سمورن هٿياربند پيغمبرن سوپ ماڻي، ۽ بي هٿيار تباھ ٿيا. جيڪڏھن (حضرت) موسيٰ، سائرس، ٿيسيوس ۽ روملس بي هٿيار هجن ها تہ اُهي گھٽي عرصي تائين پنھنجن مقصدن (آئينن) کي عمل ۾ ئي نہ آڻي سگھن ها."[103]

جيڪڏھن ڪو فرد، اڳوڻن توڙي موجوده دور جي سرمائيدار حڪمرانن جي چالاڪين، سازشن ۽ مڪارين کي سمجھڻ چاهي تہ اُن کي ميڪياوليءَ جو مطالعو لازمي طور تي ڪرڻ گھرجي. جيڪو دشمنن کي نڪڻ، بيوقوف بنائڻ ۽ تابعدار بنائڻ لاءِ عيار حڪمرانن کي حڪومت ڪرڻ ۽ طاقت استعمال ڪرڻ جون حرفتون، اٽڪلون ۽ فن سيکاري ٿو. هن جي خيال ۾ "جڏھن ھڪ جنرل لڙائي کٽي ويندو آهي تہ اها (سوپ) بين سمورين غلطين ۽ نقصانن کي منسوخ ڪري ڇڏيندي آهي."[104] "ھڪ شهزادي کي جنگ ۽ ان جي اُصولن، تنظيم ۽ ضابطي کانسواءِ نہ ڪا بي سوچ يا مقصد هجڻ گھرجيس ۽ نہ ئي ڪنھن بي شي جو مطالعو ڪرڻ گھرجيس. فقط اهوئي فن آهي جيڪو حڪمرانيءَ سان واسطو رکي ٿو."[105] ميڪياولي جي خيال ۾ خراب ماڻھن جي هجومن ۾، ڪوبہ ماڻھو جيڪو هر وقت سنو هجڻ جي ڪوشش ڪري ٿو اُهو تباھ ٿي ويندو. "جڏھن اسانجي ملڪ جو تحفظ خطري ۾ هجي، تڏھن جائز يا ناجائز، انسانيت يا بي رحمي، شرم يا شان کي ڏيان ۾ نہ آڻڻ گھرجي."[106] ساڳئي وقت ميڪياولي لکيو تہ "ھڪ شهزادي لاءِ ضروري آهي تہ ان جا عوام سان دوستاڻا تعلقات هجن نہ تہ هي مخالفن کان بچي نہ سگھندو."[107]

ويڑھ جي اٽڪلن ۽ چالن جي حوالي سان ميڪياولي لکيو تہ "لڙائي جي وچ ۾، دشمن فوج کي منجھائڻ لاءِ، اهو ضروري آهي تہ ڪجھ نہ ڪجھ اهڙو ڪجي جيڪو انھن کي پريشان ڪري، يا تہ تازي فوج جي پرتيءَ جي خبر هلائجي يا اهڙو ڪو عمل ڪجي جنھن مان اهڙو تاثر ملي." "جڏھن ھڪ جنرل ڪامياب ٿئي، تہ هن کي تيزيءَ سان ان سوپ جي پوئواري ڪرڻ گھرجي." "ھڪ ڪمانڊر کي اهڙي لڙائي ڪڏھن بہ نہ وڙھڻ گھرجي جيڪڏھن ان ۾ هن کي ڪوبہ فائدو نہ ملي، يا جيڪڏھن ڪنھن ضرورت سبب هي مجبور نہ هجي." "سڀ کان اهم ڳالھ تہ جنرل جي چوڌاري وفادار، جنگ ۾ هنرمند ۽ هوشيار ماڻھو هجن جيڪي هن کي مسلسل صلاحون ڏيندا رهن." "جڏھن بُک يا ڪنھن بي قدرتي ضرورت يا انساني جذبو توهانجي دشمن کي مڪمل

مايوسيءَ واري حالت (desperation) ۾ آڻي ڇڏي، تڏهن جيترو اوهانجي وس ۾ هجي لڙائيءَ کان نٽائڻ گهرجي."

ميڪياوليءَ توبخاني (Artillery) کي اهميت گهٽ ڏني، هن جي تجويز هئي ته گرزن pikes کي تلوارن ۽ bucklers سان جوڙيو وڃي ۽ پيشيور فوجين بدران شهري سپاهين کي ترجيح ڏني وڃي.[108] اهي ٽئي خيال غلط ثابت ٿيا. هن جي دور ۾ زبردستي پرتي واري ڀاڙه کي مجتا نه ملي باقي ضابطي واري اصول تي وڌيڪ زور ڏنو ويو.

گستاوس ادولفس (1594ع کان 1632ع)؛ سترهين صديءَ دوران سئيڊن جو گستاوس ادولفس اهو پهريون ماڻهو هو جنهن صدين جي يورپي جنگي روايتن کي ٽوڙي چڏيو. هن قلعن کي گهيرا ڪري وقت ضايع ڪرڻ بدران ڪليل ميدانن ۾ سڌيون لڙائيون ڪرڻ کي ترجيح ڏني ۽ هڪ منظم پيشور فوج ٺاهي. سترهين صديءَ جي ابتدا ۾ گستاوس ادولفس سڀ کان مضبوط ترين فوج منظم ڪئي، انتهائي دليري سان پنهنجي فوج جي اڳواڻي ڪئي ۽ "جديد جنگ جي ابي" جو لقب ماڻيو ڇاڪاڻ ته هن نئين جنگي هنر سان پيادا فوج، گهوڙ سوار فوج، توبخاني ۽ رسد ۽ پرتيءَ جي بندوبست وارن ڪمن کي سموئي هڪ ڪيو. جنگي سائنس ۾ هن جي سڌارن سبب سوئيڊن ايندڙ سو سالن تائين يالتڪ خطي ۾ بالادست قوت جي حيثيت ۾ رهي. هن سورهن سالن جي جمار ۾ لڙائيءَ ۾ حصو ورتو، رومي سلطنت جي وڏندڙ ڦهلاءِ آڏو رڪاوٽ وجهڻ لاءِ ٽيهه سالا جنگ ۾ شامل ٿيو. بعد ۾ هن مختلف يورپي ملڪن تي قبضا ڪيا.

گستاوس ادولفس کان اڳ، يورپ ۾ اڪثر فوجون پاڙيتو ۽ غيرمنظم ٽولن جي صورت ۾ هونديون هيون، انهن ۾ تنظيمي ڍانچو ۽ مٽان کان هيٺ تائين اختيارن جي ورچ نالي ڪا شي ڪانه هوندي هئي. هن سو (100) سپاهين تي مشتمل چار ڪمپنين مان هڪ (squadron) جٿو جوڙيو ۽ ٽن جٿن کي گڏائي هڪ برگيڊ ٺاهي. هن مستقل بنيادن تي يونٽ ٺاهيا ۽ طئي ٿيل اختيار جو نظام مرتب ڏنو، سمورن ويڙهاڪ حصن کي هڪ ٽيم وانگر وڙهڻ جي تعليم ڏني.[109] ائين هن يورپ جي فوجي تاريخ ۾ پهرين سچي پچي پيشور فوج ٺاهي. هن سوئيڊن جي هر نوجوان کي ويهن سالن لاءِ فوج ۾ زبردستي پرتي

ڪرائڻ ۽ ان جي بدلي ۾ ڪين باقائده پگهار ۽ زمينون ڏيڻ جي روايت وڌي. ابولفس پنهنجي جنگي قابليت سبب پنهنجي دور جو بهترين ڪمانڊر ثابت ٿيو.

مونتيڪڪولي: ميڪياولي ڪانپوءِ رائموندو مونتيڪڪولي، جيڪو اٽليءَ ۾ پيدا ٿيو، هي ٽيهه سالا جنگ جي ابتدا کان وٺي مرڻ (1680ع) تائين هيبسبرگ سلطنت جو خدمت گذار رهيو. هن جو سڀ کان اهم ڪم "Treatise on War" هو جيڪو هن 43_1639ع ۾ لکيو جڏهن هي سئيڊن جو قيدي هيو. اهو مسودو پهريائين سرڪاري راز سمجهي لکائي رکيو ويو بعد ۾ هن جي مرڻ ڪانپوءِ ڇپايو ويو. هڪ ڳالهه جيڪا هن ڪي اڳوڻن مفڪرن کان منفرد ڪري بيهاري ٿي اها آهي ته هن جنگ کي اهڙي شي سمجهيو جنهن جو تعين عوام يا حڪمران ٽولا نه پر رياستون ڪن ٿيون. ڇاڪاڻ ته يونان ۽ روم سميت چين، شهنشاهي روم، بازنطيني سلطنت، قرون وسطيٰ ۽ نئين سڃاڻي جي دور تائين جنگين کي رياستن بدران حڪمرانن يا عوام سان منسوب ڪيو ويندو هو.

بهرحال، پنهنجن پيش روُ مفڪرن وانگر هي به حڪمت عملي، مهم ۽ تدبيرن وچ ۾ فرق کي سمجهڻ ۾ ناڪام رهيو. انهن ڏينهن تائين ائين سمجهيو ويندو هو ته جنگ وڏي سطح جي ڏاڙي لاءِ ڊگهو پنڌ ڪرڻ آهي. اٽهورن رابطن سبب مختلف فوجن ۾ هم آهنگي ۽ ربط نه پئي ٿي سگهيو. بهرحال، اڄان هڪ صدي گهربل هئي اهو فرق سمجهڻ لاءِ ته حڪمت عملي مان مراد آهي مٿين سطح تي جنگ جو انتظام ڪرڻ. ارڙهين صدي تائين ائين پئي لکيو ويو جڏ ته تدبير، مهم ۽ حڪمت عملي هڪ ئي شي هجن. جهڙي ريت ضابطو، مارچ، سامان سڙو ۽ چانوٽين جي پيٽ ۾ تدبيرن کي سمجهڻ آسان هو، ته وري مهم کان وڌيڪ ويڙهه جي چالن ۽ تدبيرن کي سمجهڻ آسان هو ۽ حڪمت عملي کان وڌيڪ مهم کي سمجهڻ آسان هو.

وابن (Sebastien le Prestre de Vauban) (1633_1707)؛ سترهين صديءَ جي آخر ۾، فرانس جي وابن پنهي شعبن ۾ هڪ ماهر طور مجتا ماڻي. هي فوجي انجنيئر هو جيڪو لوئس (XIV) لاءِ قلعا ناهيندو هو. هن پنهنجي تجربي کي قلمبند ڪيو آهي. هن جو مسودو جنگ جي فن تي گهڻ طرفي ۽ پرپور روشني ته نٽو وجهي پر گهيري ڪرڻ واري جنگي فن تي هن تفصيلي بحث ڪيو آهي ته ڪيئن مضبوط ۽ وڏن قلعن تي حملا ڪجن يا انهن جو دفاع ڪجي.

پهريائين قلعي کي بي دنيا کي ڪٽي ڇڏجي، پوءِ قلعي جون ڪمزور جايون ڳولجن، ۽ انهن ڪمزور جاين تي بندوقن سان گولي بازي ڪجي.

مارشل ڊي سيڪس (1696_1750ع): جنگي ماهر لڊل هارٽ، مارشل ڊي سيڪس (Marechal De Saxe) کي "جنگي پيغمبر ۽ دانشور" سڏيو. جيڪو 1695ع ۾ پيدا ٿيو. سندس پيءُ پولينڊ جو بادشاھ ھو. ھن "جنگ جي فن تي ڏينھن ڏٺي جا خواب" نالي ڪتاب لکيو. جنھن ۾ ھن پھريون پيرو "جنگ کي سائنس" سڏيو، پر ھن فرق اھو بيان ڪيو تہ بين سائنسن ۾ اصُول طئي ٿيل ھوندا آھن پر ھيءَ سائنس اھڙن اصولن کان محروم آھي. ھن جو خيال ھو تہ جنگ ۾ فوج جي "گھٽي تعداد جي پوڄا" بلڪل غلط آھي چاڪاڻ تہ وڏي تعداد سان ٻيا ٻہ گھٽا خفا ڪرٽا پون ٿا. مثال طور ڪاڏ خوراڪ جي ڪوٽ، مختلف جنرلن ۾ تضاد وغيرہ. ھن جو خيال ھو تہ "ھُجوم فقط پريشاني ۽ مونجھارو ئي پيدا ڪن ٿا. ٿوري تعداد واريون فوجون آسانيءَ سان حرڪت ڪري ۽ تيزيءَ سان ھلي سگھن ٿيون." ھن جي نظر ۾ ھڪ ڪمانڊر ۾ ڪھڙيون خوبيون ھجڻ گھرجن؟ "سڀ کان پھريائين تہ ھمٽ، ٻيو ڏاھپ، ۽ ٽيون صحت ھجڻ گھرجيس. اُن جا حُڪم مختصر ۽ صاف ھُجن."[۱۱۵]

مارشل ڊي سيڪس پاڻ ھڪ پيشيور فوجي ھو جنھن فرانسيسي فوج جي ڪمانڊر ان چيف تائين ترقي ماڻي. ھن جو خيال ھو تہ "ھڪ جنرل وڏ ۾ وڏ 50 ھزار فوج جو انتظام سنيالي سگھي ٿو ۽ جنگ جو جوھر اٽڪلون (گٽون گوھيون ھٽڻ) (manoeuvring) ئي آھن، لڙائيءَ کي فقط آخري حل طور استعمال ڪرڻ گھرجي، ۽ اھا ٻہ فقط تڏھن جڏھن ڪاميابي يقيني نظر اچي." ھن ميداني جنگ، جابلو جنگ، گھيري واري جنگ ۽ قلعي بنديون ڪرڻ بابت پنھنجا خيال قلمبند ڪيا آھن. ھن وڏا، مستقل ۽ ھڪجھئي سان ڳنڍيل فوجي جٿا جوڙڻ جو خيال پيش ڪيو جيڪو ارڙھين صدي جي اڌ ۾ عمل ۾ آندو ويو. جنھن اڳتي ھلي، جنگ جي فن ۽ حڪمت عملي جي واڌاري ۾ وڏي مدد ڏني.

فريڊرڪ، جيڪو بيشڪ، دنيا جي وڏن سپہ سالارن مان ھڪ ھو، ان جي جنگي لکڻين ۾ (Principes generaux, 1746, Testament Politique 1761, Testament Militaire 1768, & Elements de castrametrique et de tactique 1771) شامل آھن. ان جو گھٽو حصو ڳجھ ۾ رکيو ويو جنھن کي فقط جرمن فوجي آفيسر ۽ عملدار ئي استعمال ڪري سگھندا ھئا. فريڊرڪ جو خيال ھو تہ "سخت ضابطو تڏھن ئي

عمل ۾ اچي سگھندو جڏھن سپاھي دشمن کان وڌيڪ پنھنجن آفيسرن کان ڊجندا." "فولادي ضابطي ۾ ڳنڍيل فوج، دشمن کان وڌيڪ تيزيءَ سان حرڪت ڪري، درست چرپر ڪري ۽ تيزيءَ سان آتش بازي ڪري جي قابل ٿيندي." "سڀ کان اھم ڳالھ تہ اھڙي فوج زخم سھي، وري تيار ٿي ۽ ٻيھر وڙھڻ جي ٻ قابل ٿي ويندي." "جاسوس بنائڻ جو بھترين طريقو ھي آھي تہ ھڪ ھاريءَ جي چونڊ ڪريو، ھن جي گھرواريءَ کي گرفتار ڪريو، ۽ پوءِ ان ھاريءَ سان ھڪ فوجي سندس نوڪر طور مقرر ڪري ان کي دشمن جي ڪيمپ ۾ موڪليو." بن جاين تي فريڊرڪ "وچ جي تيزيءَ" واري اٽڪل کان ڪم ورتو، جڏھن ھن 1741ع ۾ سليسيا ۽ 1756ع ۾ سيڪسني کي، دشمن جي ردعمل ڪرڻ کان اڳ ئي، شڪست ڏيڻ چاھي ٿي. پر ھي ناڪام ٿيو ۽ ٻئي لڙائيون ڏڪھيون ٿي ويون.

ڪامت دي گبرٽ: فرانسيسي انقلاب جتي سماجي ۽ سياسي علمن ۾ وڏي تبديلي آندي تہ اُتي ئي جنگي علم ۾ پڻ انقلاب برپا ڪري ڇڏيو. ان تبديلي بابت سياسي ميدان ۾ جتي روسو اھم ڪردار ادا ڪيو تہ اُتي ئي جنگي ميدان ۾ وري جيڪس انتوني ھپولت، ڪامت دي گبرٽ وڏو نالو ڪمايو. گبرٽ جي ڪم جي پس منظر ۾ ست سالا جنگ (89_1763ع) ھئي. ان تڪرار ۾ فرانسيسي فوج جي ڪارڪردگي بيڪار ھئي توڙي جو آسٽريا ۽ روس فرانس جا اتحادي ھئا ۽ ان کي معاشي، عددي ۽ جاگرافيائي فائدا ٻ حاصل ھئا. گبرٽ ان ست سالا جنگ ۾ فرانسيسي ڪمانڊر جي اسسٽنٽ طور ڪم ڪيو. گبرٽ لاءِ وڏو سوال اھو ھو تہ ايندڙ وقت ۾ انھن ناڪامين کان ڪيئن بچجي ۽ ڪارڪردگي کي بھتر ڪيئن بڻائجي؟ ان سلسلي ۾، ھن Essai tactique generale جي عنوان سان 1772ع ۾ ڪتاب ڇپايو. تڏھن ھي فقط 29 سالن جو ھو. ھن جي مدد سان 1791ع وارو آرڊيننس پيش ڪيو ويو جنھن جي بنياد تي فرانسيسي فوج انقلابي ۽ نيپولييني جنگيون ڪيون. سندس پيش ڪيل چار جنگي اصولن سبب ھن جي ھمعصرن ۾ ھن کي وڏيڪ عزت ملي. "پھريون، ھيٽائي (ضعيفپڻي) تي قابو پائڻ، ڇاڪاڻ تہ مستقبل جي جنگ فقط باقاعدہ فوج جي مدد سان نہ پر سموري قوم جي متحد قوتن جي بنياد تي وڙھٽي پوندي. ٻيو، اھڙي وسيع شرڪت کي ممڪن بنائڻ لاءِ، عام زبردستي پرتي متعارف ڪرائڻ. ٽيون، ايڏين وڏين فوجن ۽ خزاني کي بچائڻ لاءِ ڪاڏ خوراڪ ۽ سامان سڙي جي بندوبست جو نظام سڌارڻ ۽ جنگ ڪرڻ لاءِ جنگ ئي ڪرڻ. چوٿون،

انهن ساڳين وڏين فوجن کي هڪ بلاڪ وانگر، جيئن صدين کان وٺي فريڊرڪ تائين مروج معيار رهندو پئي آيو، ائين نه پر آزاد صورت ۾ چرپر ڪرڻ" جهڙا اصول شامل هئا. پر ان باوجود، گبرٽ ايڊا تائين تدبيرن ۽ حڪمت عمليءَ جي فرق کي نه سمجهي سگهيو. پر هڪ ٻئي فرانسيسي سپاهي، عالم Joly de Maizeroy "حڪمت عملي" واري معاملي کي سلجهائڻ جي ابتدا ڪئي. هن جي خيال مطابق تدبيرن مان مراد "فقط مشيني انداز" سان فوجن جي ترتيب ۽ تنظيم، چرپر ڪرڻ ۽ اڳتي وڌڻ جا طريقا، اٽڪلون ۽ ويڙهه شامل هئا جن بابت اڳوڻن جنگي ماهرن پڻ ٻڌايو هو. پر هن اهو به ٻڌايو ته حڪمت عملي دشمن خلاف سموري جنگي آپريشن ڪرڻ سان تعلق رکي ٿي.

ڊئنرچ وون بيولو: حڪمت عملي بابت سڀ کان آڳاٽن مسودن کي گڏائڻ جو سهرو هڪ جرمن آفيسر ۽ ليکڪ، ايڊم هينرچ ڊئنرچ وون بيولو، ڏانهن وڃي ٿو، جنهن جو ڪتاب "جنگ جي جديد نظام جو روح" 1799ع ۾ پڌرو ٿيو. هن نقشن ۽ سڌارا آڻي جنگ جي سائنس ۾ زبردست ڪارنامو سرانجام ڏنو. چاڪاڻ ته ان کان اڳ، جنگ جي ميدان ۽ پسگرادائي، فوجن جي ترتيب ۽ پرتيءَ وارن رستن ۽ رُخن جو خاڪو ناهڻ لاءِ فقط نمونا (ماڊلز) استعمال ڪيا ويندا هئا جن ۾ فقط اوپر ۽ اولهه جا نشان هوندا هئا باقي ڏکڻ ۽ اُتر جا نشان نه هوندا هئا. هن ڏُکن بدران ٽڪندي ماپ جي بنياد تي فرانس جهڙي وڏي ملڪ جو پهريون نقشو ناهيو. ان ڪانپوءِ فقط گهوڙي جي ڪنن پٺيان بيهي نه پر آفيس ۾ هڪ نقشي جي مدد سان، جنگ ڪرڻ جي فن ۽ حڪمت عمليءِ جو تعين ٿيڻ لڳو. جنهن ڪانپوءِ، محاذ تي مقرر ٿيل هڪ فوج جي جاءِ هڪ هيڊڪوارٽر (چانوٽي) والاري، هن جي نظر ۾ اها جاءِ هڪ نقطو نه پر مخصوص رخن ۽ مخصوص علائقي جو تصور هو. هاڻي فوجي هيڊڪوارٽر ۾ ويهي جاگرافيائي بيهڪ جو خاڪو يا نقشو آڏو رکي جنرل طئي ڪري سگهندا ته فوج پنهنجي هڪ مقصد (هدف) يا گهٽن مقصدن ڏانهن ڪهڙي رُخ ۾ وڌي، يا ان هيڊڪوارٽر ۽ هدف جي وچ ۾ آپريشن جي هڪ ڊگهي قطار، يا قطارون ڪهڙيون هونديون، انهن ئي قطارن سان گڏ هڪ رخ ۾ رسد ۽ تازي پرتي ۽ ٻئي رخ ۾ زخمين، بيمارن ۽ قيدين کي پهچائڻ جو وهڪرو ۽ سلسلو پيو هلندو. جديد دور ۾ آتش بازي جي وڏندڙ ڪردار بارود جي طلب کي تمام گهٽو وڌائي ڇڏيو، ائين انهن رسد وارين قطارن جي اهميت به وڌي وئي ۽

انهن قطارن جو نظام حڪمت عملي جي ڪنجي ٻڌجي ويو. مثال طور: هڪ جنرل جيڪو پاڙيسڑي ملڪ تي حملي بابت غورويچار ڪري ٿو، اهو شايد هڪ، يا ٻن يا ان کان وڌيڪ قطارن ۾ اڳتي وڌي. ان جو دارومدار هيڊڪوارٽر جي پکيڙ، چونڊيل هدفن جي جاءِ ۽ تعداد تي آهي، اهي قطارون يا ته هڪ نقطي کان ٻن يا مختلف رخن ۾ وڌن، يا ٻن نقطن کان هڪ نقطي ڏانهن رسڻ يا هڪٻئي سان گڏوگڏ هلن. انهن قطارن سان گڏ حرڪت ڪندڙ فوجي ڪالم تعداد ۾ ڪيترا ۽ مضبوط هجن، اهو سڀ ڪجهه سمجهڻ لاءِ حسابن جي ضرورت پيش پيئي. بهرحال، ٻن نقطن کان هڪ نقطي ڏانهن وڌڻ بهترين طريقو آهي. ڪشش جي طاقت وانگر، حملي آور ڌر جيئن جيئن دشمن جي علائقي ۾ اڳتي وڌندي ويندي تيئن تيئن اُها ڪمزور ٿيڻ شروع ٿيندي. اڳتي وڌندڙ فوج کي پاسرائين کان حملو ڪري سڏائتو ڏڪ هٽي سگهجي ٿو پر جيڪڏهن ائين نه ٿي سگهي ته آپريشن جي قطار جي ڊيگهه ۽ هيڊڪوارٽر وچ ۾ مخصوص تعلق کي بگاڙڻ سان ٻه نتيجا حاصل ڪري سگهجن ٿا. اهڙي ريت، حڪمت عمليءَ جو سمورو فن هڪ سادي جاگرافيائي فارمولي تائين گهٽجي ويو.

صنعت ۽ جنگ

جتي صنعتڪاري يورپ جي صدين جي معاشي، سياسي، سماجي، اخلاقي، ادبي ۽ ثقافتي ڍانچي کي بدلائي ڇڏيو. اُتي ئي ننڍن ۽ سستن هٿيارن جي اچڻ ۽ عام شهرين کي فوج ۾ پرتي ڪرڻ سان فوجن جي تعداد ۾ پڻ تيزيءَ سان واڌ ٿي. ايڏين وڏين فوجن کي سنڀالڻ ڏکيو ڪم ٿي پيو ان ڪري انهن کي ڊويزنن ۽ بعد ۾ ڪور ۽ ورهائڻ جي ضرورت پيش ٿي. فرانس وٽ اٽڪل پنج لک فوج هئي ۽ بعد ۾ پوري يورپ ان جو نقل ڪيو. ان سان گڏ، هلڪي وزن واري توبخاني، ڏگهي مفاصلي تائين گولا اڇلائيندڙ گشتي توبچي (Cannon) به متعارف ٿي. باقائده پگهاردار فوجون تيار ڪيون ويون. آتشي هٿيارن ۾ پڻ نيون ايجادون ٿيون. ريلوي رستن جي ايجاد فوجن ۽ جنگي سامان جي تيزيءَ سان چرپر کي آسان بڻائي ڇڏيو. ٽيليگراف مهڙ واري محاذ ۽ پڇڙ وارن فوجي اڈن ۽ هيڊڪوارٽر جي فرق کي ختم ڪري ڇڏيو. پرشيا ۾ نئين قسم جو فوجي ادارو، جنرل اسٽاف، جوڙيو ويو. تربيت ۽ امتحان ذريعي فوج ۾ داخلا ٿيڻ لڳي. آهستي آهستي يورپ ۾ پنهنجو پاڻ، انفرادي طور تي، جنگي علم سکڻ وارو دور ختم ٿي ويو ۽ ان جي جاءِ تي اهڙن سپاهين ورتي جيڪي ڪميشن پاس ڪري فوجي اڪيڊمي ۾ پڙهڻ لڳا جنهن جي ابتدا 1770ع کان فرانس ۽ جرمني ۾ ٿي. ائين جنگي فن ۽ سائنس ۾ پڻ انقلاب اچي ويو.

جديد صنعتڪاري، آتشي هٿيار ۽ پرچار جي طريقن جي ترقي، قومي مقابلو ۽ قومي فوجن جنگ جي انتظام، نوعيت ۽ نظريي ڪي ئي بدلائي ڇڏيو. اٽڪل ڏيڍ صديءَ تائين (نيپولين بوناپارٽ کان ويندي بي عالمي جنگ تائين) "فيصلاڪن" لڙائين جي روايت تي عمل ڪيو ويو جنهن جو مقصد دشمن جي فوج کي مڪمل طور تي نيست ۽ نابود ڪرڻ هو.

آمريڪا جي دريافت کانپوءِ يورپي ملڪن نيون ڪالونيون ٺاهڻ ۽ جنگيون ڪري علائقن تي قبضا ڪرڻ شروع ڪيا. ان سموري عرصي دوران تجارت، نوان ملڪ دريافت ڪرڻ ۽ جنگ ڪرڻ، جڏ ته، هڪڙي ئي قسم جا ڏندا هئا. انهيءَ ڊوڙ ۾ بحري جنگ وڏي ترقي ڪئي ۽ ان ڊوڙ ۾ برطانيہ، طاقتور صنعتي ملڪ هجڻ

ڪري ٻين سڀني کي ملت ڏئي انڪل ڏيڊ صديءَ تائين سمنڊ تي راج ڪيو. پر يورپ ڪنڊ تي برطانيہ جي بالادستي کي انقلابي فرانس ۽ نيپولين للڪارڻ شروع ڪيو.

فرينچ انقلاب

فرانسيسي انقلاب ڪانپوءِ پراٽيون جنگي روايتون بدلجي ويون. هاڻي ڏگهين مهمن ۽ زمين تي قبضو ڪرڻ بدران فيصلاڪن لڙائين ۾ دشمن جي فوج کي مڪمل طور تي ختم ڪرڻ مقصد بڻجي ويو. جنهن کي ڪلازيوٽز منظم نظريي جي صورت ڏني. پراٽين پاڙي وارين ۽ بادشاهي فوجن بدران لکين شهرين کي هٿياربند ڪري فوج جو حصو بڻائي انهن کي قومي وجود ڏنو. اينگلس لکيو تہ "جديد جنگ فرانسيسي انقلاب جي لازمي پيداوار آهي. سرمائيدارن ۽ ننڍن هارين جي سماجي ۽ سياسي آزادي ان (جديد جنگ) جا اولين شرط آهن. سرمائيدارن ڏوکڙ مهيا ڪيا، ننڍن هارين سپاهي ڏنا."[111]

طاقتور ۽ فيل مست يورپي طاقتون، هڪڙي ڪمزور ملڪ فرانس سان 23 سالن تائين وڙهنديون رهيون. ساڳئي وقت، فرانسيسي انقلاب سبب فرانس اندر مسلسل گهرو جنگ بہ هلندي رهي جنهن ۾ هڪ طرف، بورجوا، عام ماڻهو ۽ نان_ڪميشنڈ فوجي آفيسر ۽ سپاهي هئا تہ ٻئي طرف بادشاهہ، نواب ۽ اعليٰ آفيسر هئا. ان دوران فرانس، انقلاب، جبري پرتي، تنظيمي، جنگي حرفتن ۽ نيپولين جهڙي ڪمانڊر ذريعي يورپ جي صدين جي جنگي روايت کي بدلائي ڇڏيو. بعد ۾ وري ٻين يورپي طاقتن فرانس کي منهن ڏيڻ لاءِ فرانس جو ئي جو نقل ڪيو.

1789ع ۾ فرانس ۾ انقلاب آيو ان جي خبر يورپي ملڪن، خاص ڪري بادشاهي محلن، ۾ هلچل پيدا ڪري ڇڏي. فرانس جي هٿياربند شهري رضاڪارن جي هجومن (قومي گارڊ) بادشاهہ (لوئي 16) کي نئون آئين منظور ڪرڻ تي مجبور ڪيو جنهن ۾ بادشاهہ ۽ وزيرن جي اختيارن کي گهٽايو ويو هو. تنهن ڪانپوءِ، (1791ع جي جون ۾) بادشاهہ ڀڄڻ جي ڪوشش ڪئي پر انقلابين ان کي پڪڑي قيد ڪري ڇڏيو. جنهن تي يورپي بادشاهن (خاص ڪري آسٽريا ۽ پرشيا) کي اچي ڊپ لڳو تہ اسان سان بہ ساڳيو حشر نہ ٿئي. جڏهن انقلابين کي خبر پئي تہ آسٽريا فرانس ۾ هٿياربند مداخلت ڪرڻ لاءِ تياري ڪري رهيو آهي تڏهن هنن (20 اپريل 1792ع تي) اسيمبلي جو اجلاس

سڏايو ۽ "بادشاھ جي ناجائز جارحيت خلاف آزاد عوام جي جائز دفاع" خاطر اعلان جنگ ڪيو.[112] فرانس جي قانونساز اسيمبلي، انقلاب کي مضبوط ۽ مستحڪم بنائڻ لاءِ جنگ جي حمايت ڪئي. اڳوڻن نوابن ۽ جاگيردارن (Royalists) پڻ ان جي حمايت ڪئي ڇاڪاڻ تہ اهي اها اميد ڪيو وينا هئا تہ ٻاهرين جنگ انقلابين کي ڪمزور ڪندي ۽ سندن آئيني بادشاهت کي وڌيڪ مضبوط ٻڌائيندي.

توڙي جو، ان وقت فرانس ڪنهن بہ قسم جي سرگرم فوجي آپريشن لاءِ مڪمل طور تي تيار نہ هو، سياسي حالتون انتشار جو شڪار هيون، مالي صورتحال خراب هئي ۽ شاهي فوج تباھ حال هئي. "آزادي، برابري ۽ پائپي" جي اصولن لاءِ ٿلندڙ سياسي جدوجهد سبب فوج ۾ بغاوتون پئي ٿيون. ان کوڙ کي منهن ڏيڻ لاءِ اسيمبلي قومي محافظن (National Guard) مان هڪ لک رضاڪارن کي پرتي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. انهن بدتر حالتن هوندي انقلابي فرانس هڪ لک 30 هزار فوج سان پهرين جنگي مهم شروع ڪندي بيلجيم ۽ بعد ۾ آسٽرين نيدرليند تي ڪاھ ڪري ڏني. پر ان مهم ۾ فرانس جي فوج ڊير ٿي پئي ۽ آسٽريا ڪجھ علائقن تي قبضو بہ ڪري ورتو. اها خبر ٻڌندي پئرس ۾ بادشاھ جي سئس (Swiss) فوج بغاوت ڪري ڏني پر انقلابين انهن 600 گارڊن کي قتل ڪري بادشاهت کي ئي معطل ڪري ڇڏيو.

وري آسٽرين ۽ پرشين فوج فرانس تي حملي لاءِ وڌڻ شروع ڪيو. نيٽ، 20 سيپٽمبر 1792ع ۾ گڏيل فرانسيسي فوج ۽ پرشين ۽ آسٽرين فوج جي وچ ۾ والمي جي ميدان تي ٽڪر ٿيو. ڏهن ڏينهن جي سخت ويڑھ ڪانپوءِ، پرشين جنرل ڪالهيون ڪري پرامن نموني پٺتي هٽي ويو. جيتوٽيڪ، ان لڙائيءَ ۾ ڪجھ سو حياتيون قربان ٿيون پر اهو جنگ جي سموري تاريخ جي وهڪري جو چوڙ هو. جتان، مارشل فوڪ جي لفظن ۾، "بادشاهن جي جنگين جي پڄاڻي ٿي ۽ عوامي جنگين جي ابتدا ٿي."[113] ان کان اڳ جنگ ۽ امن جا فيصلا بادشاھ ڪندا هئا، عوام کان نہ ڪو پڇيو ويندو ۽ نہ ئي ويڑھ ۾ انهن جو ايترو عمل دخل هوندو هو. ارڙهين صدي دوران جنگ جي محدود ۽ روايتي نوعيت، سياسي، سماجي، اقتصادي ۽ فوجي حدبندين جو نتيجو هئي. ان کان اڳ باقائده فوجون هوندیون هيون پر اهي قومي فوجون نہ هيون. انهن جا بالا آفيسر نوابن ۽ جاگيردارن مان کنيا ويندا هئا. انهيءَ (والمي) لڙائيءَ واري ڏينهن،

نئين چونديل اسيمبلي (قومي ڪنوينشن) جو پئرس ۾ اجلاس ٿيو ۽ ٻئي ڏينهن بادشاهت جو خاتمو ڪندي فرانس کي هڪ جمهوري ملڪ قرار ڏنو ويو.
19 نومبر تي، ڪنوينشن فيصلو ڪيو ته "جيڪي ماڻهو پنهنجي آزادي حاصل ڪرڻ چاهين ٿا، انهن سڀني جي مدد ڪئي ويندي"[114] ائين فرانس جي انقلابين سموري يورپ جي سياسي ۽ سماجي نظامن کي للڪارڻ، جنوري 1793ع ۾ بادشاهه کي ڦاهي ڏئي ڇڏي. ڪنوينشن انگلينڊ ۽ هالينڊ خلاف پڻ اعلان جنگ ڪيو. جنهن جي نتيجي ۾، انقلابي فرانس خلاف آسٽريا، پرشيا، ساردينا، نيپلز، اسپين، ننڍين جرمن رياستن، انگلينڊ، هالينڊ ۽ پورچوگال پاڻ ۾ پهريون اتحاد (First Coalition) جوڙيو جيڪو فرانس جي مقابلي ۾ انتهائي طاقتور بلاڪ هو. ان وچ ۾، ڪنوينشن اندر وچٿرن گروندنس (Moderate Girondins) ۽ سخت جيڪبنس (Radical Jacobins) جي وچ ۾ سخت تڪرار شروع ٿي پيو. جنهنڪري، فرانسيسي فوج جي رسد جو نظام ٽڪرن ۾ ورهائجي ويو. 1793ع جي فيبري ۾ آسٽرين فوج فرانس جي فوج کي شڪست ڏئي بيلجيم مان تڙي ڪڍيو. وري انقلاب دشمن اڳوڻن حڪمرانن (Royalists) بغاوت ڪري ڏني پر (مئي ۾) جيڪبنس، سياسي دشمنن کي ڦاهيون ڏئي، ڪنوينشن جو ڪنٽرول حاصل ڪري ورتو. ائين ٻاهرين دشمنن جي گهيري هيٺ آيل فرانس ۾ گهرو ويڑهه به شروع ٿي وئي. آسٽريا، پرشيا، برطانيه ۽ اسپين جي فوجن اڳتي وڌندي فرانس کي چوڌاري وڪوڙي ڇڏيو. پئرس ۾ ڪنوينشن جي پبلڪ سيفٽي ڪميٽي، جنهن جو اڳواڻ رابسپيري هو، ان قومي ۽ تنظيمي ٻڌيءَ لاءِ آمريت لاڳو ڪندي (هزارين انقلاب دشمنن کي مارڻ ڪانپوءِ) انقلاب کي بچائي ورتو. ان وقت، فرانس جا فوجي معاملا، لازري ڪارنوٽ جي حوالي هئا جيڪو انجنيئرن جو ڪيپٽن هو ۽ زبردست منتظم به هو. 23 آگسٽ تي (1793) 18 کان 25 سالن واري جمار جي سڀني غيرشادي شده شهرين کي هٿياربند ڪرڻ جو قانون پاس ڪيو ويو.[115] ان عام جبري پرتي سبب ڪارنوٽ کي، مخالفن جي پيشور ننڍين فوجن جي پيٽ ۾، عددي برتري حاصل ٿي وئي. انهيءَ سال جي آخر ۾ فرانس 5 لک فوج کڻي ڪري ان دور جي طاقتور ترين ڌر بڻجي وئي. پر ان باوجود هڪ ٻن لڙائين ۾ شڪستون به کاڌائين، ان ويڑهه دوران اٽڪل 17 جنرلن کي ڦاهيون ڏنيون ويون ڇاڪاڻ ته جيڪو به جنرل لڙائي هارائيندو هو ته ان کي ماري ڇڏيندا هئا. ان وقت تائين،

فرانس سميت سموريون يورپي طاقتون ارڙهين صديءَ جي پراٿي محاصري ڪرڻ واري (Cordon) حڪمت عمليءَ تي عمل ڪنديون هيون، جنهن مطابق پنهنجين فوجن کي محاذن جي ڏڳهين سنهين قطارن ۾ بيهاريو ويندو هو جنهن ڪري کاٻ ڏر کنهن هڪ مخصوص جاءِ تي گهٽي فوج گڏ نه ڪري سگهندي هئي. انهن لڙائين دوران، هڪ نوجوان آرٽلري آفيسر، ڪيپٽن نيپولين، پنهنجن ڪارنامن سبب انقلابي فرانسيسي فوج ۾ ممتاز حيثيت حاصل ڪري ورتي هئي، جنهن کي جلدئي ترقي ڏئي ميجر، ليفٽننٽ ڪرنل، ۽ تولن واري ويڙهه ڪانپوءِ، برگيڊيئر جنرل جو عهدو ڏنو ويو.

يورپي طاقتن جي بدترين گهيري واري صورتحال هوندي فرانس 1793ع جي بحرانن کي منهن ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ۽ نين انقلابي ڪمزور فوجن، جن کي پورو ڪاڏو به نه ملندو هو ۽ هٿيار به گهٽ هوندا هئا، انهن وري هڪ سال لاءِ انقلاب کي بچائي ورتو ۽ ٻئي سال فوج ۾ سڌارا آڻي ان کي بهتر بڻايو ويو. جنهنڪري، اتحادين جي طاقتور پر روايتي فوجي نظام ۽ ڪمانڊرن لاءِ نئين قسم جي انقلابي ۽ عوامي جنگ کي منهن ڏيڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو. ڪارنوٽ جي سربراهيءَ ۾ 1794ع دوران فرانسيسي فوج پنهنجي پرپور طاقت سان، لڳاتار حملا ڪندي، "پهرين اتحاد" کي ختم ڪري ڇڏيو. جيئن ئي هنگامي صورتحال پڄاڻي تي پهتي ته پئرس ۾ سياسي تبديلي آڻيندي اپوزيشن (جيڪبنس)، رابسپيري ۽ سندس پوئلڳن جو تختو اونڌو ڪري انهن کي ڦاهيون ڏئي ڇڏيون. نون حڪمرانن "دهشت" کي ٽورو مانو ڪيو. ڪنوينشن آڪٽوبر 1795ع تائين پنهنجو سفر جاري رکيو ۽ انهن جي جاءِ تي ڊائريڪٽري (Directory) نئين حڪومت قائم ڪئي. جيڪبنس ۽ رايلسٽ انهن کي سخت ناپسند ڪندا هئا. انهن اندروني تڪرارن باوجود فرانسيسي فوج ٻاهرين دشمنن سان ويڙهه ڪندي رهي ۽ برطانيه، آسٽريا ۽ ساردينا ڪانسواءِ ٻين کي شڪستون ڏنيون ۽ ناهه ڪيا. توٽي جو، فرانس جنگي فتحون ماٽيون پر ملڪ اندروني طور تي وري هڪ پيرو ٻيهر ورهائجي ويو. غريبن جن پنهنجو رت ڏنو هو، اهي حڪومت جي شاهوڪار ميمبرن جون عياشيون ۽ ڪرپشن ڏسي ڪاوڙجي پيا. برٽني (Brittany) ۽ ويندي (Vendee) ۾ بغاوتون ٿيون. ڇهن مهينن تائين سخت ويڙهه ٿيندي رهي. نيٺ، ويندي واري مسئلي کي نيپولين حل ڪيو. پر ان کان وڌيڪ خطرو پئرس ۾ پيدا ٿي پيو جتي آڪٽوبر ۾

هٿياربند قومي محافظن، اڳوڻن رايلسٽن جي سهائتا سان، عام ماڻهن کي اپاريو. انهن کي منهن ڏيڻ لاءِ باراس، جيڪو ڊائريڪٽرن مان هڪ هو، سميت جنرل بوناپارٽ کي گهرايو ويو جيڪو تازو جيل مان آزاد ڪيو ويو هو چاڪاڻ ته هن تي جيڪبنس سان لاڳاپن جو شڪ هو. انهن بغاوتن کي منهن ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿيڻ تي نيپولين کي اتليءَ جي هڪ ڊويزن جو جنرل مقرر ڪيو ويو.

1796ع ۾ ٿيل ويڙهه جا نتيجا اُهي نه نڪتا جن جي ڪارنوٽ توقع پئي ڪئي. اينگلس لکيو ته "جيتري وڌيڪ جاچ پڙتال ڪجي ٿي ته معلوم ٿئي ٿو ته اتحادين (Coalition) جي شڪستن جو ڪارڻ (فرانسيسي فوج) ڪنوينشن (Convention) جون ڪرامتون نه هيون... نيپولين اڪثر چوندو هو ته مڪيه ڪردار ته اتحادين جي غلطين ادا ڪيو... اتحادين جي شڪستن جو الزام سپاهين تي نٿو هٽي سگهجي پر انهن جي خود هاءِ ڪمانڊ ٻڌڻ جو شڪار هئي. جيڪڏهن اهي سموري قطار تي هڪ پرپور اڳرائي ڪن ها ته يقيني طور تي فرانسيسي رضاڪارن جو تختو اونڌو ٿي وڃي ها. ۽ جيستائين اتحادين سوچ ويچار پئي ڪيو تيستائين انهن جا سپاهي بيمار ٿي پيا."[116]

جڏهن نيپولين ڏٺو ته فرانسيسي فوج ايتري مضبوط ناهي جو سمنڊ رستي برطانيه سان ويڙهه ڪري سگهي تڏهن هن پنهنجي فوج جو رُخ مصر ڏانهن ڪيو جتان هن برطانيه ۽ انديا جي وچ ۾ ٽيندڙ شاهوڪار تجارت ۾ رُخنو وجهڻ چاهيو پئي. ۽ نيپولين ڪامياب نه ٿي سگهيو ته 1797ع جي اونهاري ۾ مصر جي جنگي مهم کي الودا چئي پئرس موٽي آيو. ان وچ ۾ برطانيه، روس، آسٽريا، عثمانيه سلطنت، پورچوگال، نيپلز ۽ پوپن جي رياستن گڏجي، انقلابي فرانس خلاف هڪ پيرو ٻيهر اتحاد جوڙيو. فرانس ان نئين اتحاد کي منهن ڏئي سگهيو پئي ۽ حڪمران ڊائريڪٽري ڪرپٽ ٿي چڪي هئي ۽ فرانسيسي فوج تباهه حال هئي. برطانيه، روس ۽ آسٽريا وري حملا ڪري ڏنا ۽ فرانس کان اتلي ۽ جرمنيءَ جا ڪجهه علائقا کسي ورتا. فرانسيسي فوج جا سپاهي موجوده ڊائريڪٽري کان بيزار هئا ۽ خود ڊائريڪٽري به چوٽڪارو ڏيارينڊ جي ڳولا ۾ هئي. ان مرحلي تي نيپولين بوناپارٽ، پنهنجن اڳوڻن ڪارنامن واري مان مرتبي سان، پئرس موٽي آيو. هڪ مهيني اندر هن ڊائريڪٽري کي تڙي ڪڍي ڇڏيو ۽ ٽن ماڻهن جي حڪومت قائم ڪري بعد ۾ پاڻ کي شهنشاهه بڻائي ڇڏيو.

نيپولين بوناپارٽ (1769_1821ع) (فرانسيسي جنرل)

فرانس جي شهنشاه جي حيثيت ۾، نيپولين بن ڏهاڪن تائين يورپي کنڊ جي سياسي ۽ جنگي زندگيءَ تي حاڪميت ڪئي. هن پنهنجي جنگي هنرمندي سان فرانس جي سلطنت کي يورپي کنڊ جي اڪثر علائقن، ايشيا ۽ آفريڪا تائين وڌائي ڇڏيو. نيپولين فقط مختلف علائقن تي قبضا نہ ڪيا پر پنهنجا جنگي ۽ سياسي خيال ۽ طريقا بہ انهن تائين پهچايا ۽ پوري دنيا جي فوجن ۽ حڪومتن تي اثرانداز ٿيو. نيپولين هڪ حڪمران ۽ جنرل جي حيثيت ۾ "عظيم" حڪمت عمليءَ" کان ڪم ونڊندي سياسي ۽ معاشي قدم پٽ ڪنيا. ائين ڪندي هن پنهنجو پاڻ کي دنيا جي تاريخ تي سڀ کان گهٽو اثرانداز ٿيندڙ رهنمائن مان هڪ ثابت ڪيو.

نيپولين فرانس جي هڪ جزيري ڪروسڪا ۾ پيدا ٿيو. جواني ۾ فرانسيسي فوج ۾ پرتي ٿيو. جڏهن 1789ع ۾ فرانس ۾ انقلاب برپا ٿيو تہ نيپولين سياسي طور تي جيڪبن (Jacobins) سان گڏ هو. فرانسيسي انقلاب جي ناڪامي ڪانپوءِ فرانس اندر انتشار هو. ان مونجهاري ۽ انتشار کان بيزار ماڻهو ڪنهن اهڙي ماڻهو جي اميد ڪيو وينا هئا جيڪو اچي نظر ۽ ضبط قائم ڪري. نيپولين اها تاريخي ڪوٽ عارضي طور تي پوري ڪئي. نيپولين جي جنگي ڪارنامن جو داستان اٽليءَ واري ويڑهہ کان شروع ٿئي ٿو جيڪو ثانوي قسم جو جنگي ميدان هو پر اُتان کان جنگ اهم موڙ ورتو ۽ اُتي نيپولين بوناپارٽ، فرانس جي جوڪائتي ۽ غيريقيني دفاعي ويڑهہ کي، فيصلاڪن فتح ۾ بدلائي ڇڏيو.[117] نيپولين چيو تہ "اٽليءَ واري جنگ ۾ اسانجي پيٺ ۾ دشمن جي طاقت ٽيٽي هئي. پر منهنجن ماڻهن جو مون تي اعتماد هو. عددي برتري کان وڌيڪ اها اخلاقي سگهہ هوندي آهي جيڪا فتح جو فيصلو ڪندي آهي" "اڳواڻن ۽ عوام جي وچ ۾ ذاتي تعلق ڪامياب قيادت جو راز آهي"[118] نيپولين چيو تہ "فوج ڪانسواءِ نہ ڪا سياسي آزادي هوندي آهي ۽ نہ شهري آزادي"[119] هن سول قانون کي معيار مطابق ٻڌايو جيڪو نيپولياني قانون


نيپولين بوناپارٽ

طور سڃاتو ويو، ان کوڊ ۾ سڀني شهرين لاءِ مذهب جي آزاديءَ سميت فرانسيسي انقلاب ۾ حاصل ڪيل حقن ۽ آزادين جي ضمانت ڏنل هئي.

هن زبردستي پرتيءَ ذريعي نئين فوج ناهي وري آسٽريا تي حملو ڪيو ۽ رائن دريا کي فرانس جي سرحد طور مجرائي امن جي ڳالهين لاءِ راضي ڪيو. نيپولين انتهائي تيزيءَ سان، گوهيون گتون هٽڻ ۽ پرتشدد حملن ذريعي آسٽريا (1805)، پرشيا (1806)، روسي فوج (1807) سان لڙائيون ڪيون ۽ انهن کي شڪستون ڏنيون. 1807ع ۾ پورچوگال تي قبضو ڪيو ۽ اسپين کي زبردستي ڳنڍڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ هڪ ڏکهي ويڑهه شروع ٿي وئي جيڪا 1813ع تائين هلندي رهي. ان عرصي تائين نيپولين مسلسل فتحون حاصل ڪندو رهيو. جيتوڻيڪ، عددي حوالي سان آسٽريا، پرشيا ۽ روس جون فوجون نيپولييني فوج کان تمام گهٽيون هيون پر سوپ نيپولين کي ملي. انهن سڀني لڙائين بدران هتي فقط بن لڙائين جو ذڪر ضروري آهي جن مان هڪ الم جي لڙائي جيڪا هن بغير ڪنهن خونريزيءَ جي ڪٽي ورتي ۽ بيءَ آسٽرلز جي لڙائي جنهن ۾ هن جنگ جي فن کان سهڻي نموني ڪم ورتو.

1805ع جي اونهاري ۾ برطانيه، آسٽريا، روس، نيپلز ۽ سئيڊن گڏجي فرانس خلاف ٽيون پيرو اتحاد جوڙيو. جاسوس ادارن نيپولين کي اڳواٽ خبردار ڪيو تہ اوپر کان حملو ٿي سگهي ٿو. نيپولين انتهائي تيزيءَ سان اوپر طرف رخ ڪيو. ان وچ ۾ آسٽريا جي فوج، فرانس جي اتحادي بويريا (علائقي) ۾ گهڙي آئي ۽ الم پرسان اٽڪل 50 هزار مضبوط فوج ڪٺي ڪئي، ٻئي طرف، ان کان ٻہ وڏي ٻي فوج اترين اٽليءَ کي واپس حاصل ڪرڻ لاءِ رواني ٿي، جڏهن تہ ٽين فوج (23 هزار) ٽارول ذريعي ڪميونيڪيشن جي بچاءَ ڪرڻ لاءِ مقرر ڪئي. مٿان روس جي فوج ٻہ اڇڻ واري هئي. 26 آگسٽ تي، نيپولن عظيم فوج کي حرڪت ۾ آندو ۽ الم وٽ دشمن فوج خلاف ڪمان وانگر مڙيل انداز ۾ مقرر ڪندي، ٻن فوجن کي، روسي فوج جي ايندڙ گس کان، موڪلي آسٽرين فوج کي الم وٽ گهيري ۾ آڻي ڇڏيو. جنهن 20 آڪٽوبر تي هٿيار ڦٽا ڪيا. تنهن ڪانپوءِ نيپولين اڳتي وڌي آسٽريا جي گاديءَ واري شهر ۾ داخل ٿيو ۽ موروريا ۽ بوهيما (علائقن جا نالا) ڏانهن وڌڻ شروع ڪيو. ان مرحلي تي، عظيم فوج انتهائي مشڪل جنگي صورتحال ۾ اچي وئي. اتي روس ۽ آسٽريا وٽ، محفوظ ڪميونيڪيشن هوندي، اٽڪل 90 هزار فوج هئي

جڏهن ته نيپولين وٽ 65 هزار سپاهي هئا پر انهن جي پکيڙ تمام ڊگهي هئي ۽ ان جو هڪ حصو ڪاڏ خوراڪ جي ڳولا ۾ چڙوچڙ هو.[120] نيپولين وٽ به گس هئا يا ته الم تائين پنڌتي هڻي وڃي يا هڪ فيصلاڪن فتح حاصل ڪري. نيپولين وقت، ۽ مفاصلي جو اندازو لڳائيندي فوج کي جبري مارچ ڪرڻ جو حڪم ڏنو ۽ زار (روس) کي ظاهري ڪمزوريءَ جو ڪوڙو ڏيک ڏئي، آسٽرلز پرسان پنهنجي چوندبل ميدان تي، وقت کان اڳ حملي آور ويڙهه ڪرڻ لاءِ لالچايو.

2 ڊسمبر 1805ع تي آسٽرلز جي پرسان لڙائي ٿي جيڪا نيپولين طرفان انتهائي باريڪ بيني ۽ احتياط سان ڪيل نغمي جي سرن واري جنگي ويڙهه هئي. جاٽي ٻجهي هن پنهنجي ساڄي پاسي واري فوج کي ظاهري طور تي ڪمزور ڪري پيش ڪيو. ايتريقدر جو، پريزن جي چوٽين واري سڌي دفاعي پوزيشن کي ڦٽو ڪري، دشمن کي پنهنجو محاذ وڌائڻ ۽ حملو ڪرڻ لاءِ اڪسايو. تنهن ڪانپوءِ، هن دشمن جي قطار جي مرڪز تي وار ڪندي ان کي هڪٻئي کان ڪٽي ڇڏيو، جڏهن ته هن جي ڪابي پاسي واري فوج دشمن جي پاسرائي ۽ پڇڙ تي حملو ڪري ڏنو. منجهند تائين، اتحادي فوجن جو ٽيهه سيڪڙو حصو تباهه ٿي ويو. بن ڏينهن ڪانپوءِ دشمن جنگ بنديءَ لاءِ راضي ٿيو ۽ روس پنهنجون فوجون واپس گهر اُماٽي ڇڏيون.

انهن بنهي ڪاميابين سميت بين ڪيترن لڙائين ۾ نيپولين فتحون ماڻيون پر ان ڪانپوءِ هن اسپين ۽ روس کي فتح ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر اُن ۾ ڪڏهي نه سگهيو ۽ انهن جنگين ذري گهٽ نيپولياني فوج کي تباهه ڪري ڇڏيو. ان جي مکيه سببن ۾ برطانيه جي ساموندي ناڪابندي هئي جنهن جنگي اقتصادي عنصر ذريعي نيپولياني فوجن کي نقصان رسايو. ويڙهه بدران بُک ۽ ٺڪاوٽ ئي فرانس جي هزارين فوجن کي موت جو شڪار بڻائي ڇڏيو ۽ پيو روس جي جاٽي ٻجهي "جنگ کان نٽائڻ" ۽ "پنڌتي هڻڻ" واري جنگي حڪمت عملي هئي پر انهن بنهي جنگين ۾ اسپينين ۽ روسين طرفان گوريلا جنگ نيپولياني عام فوج جو ساهه سُڪائي ڇڏيو.


اسپين ۽ روس جون لڙائيون: نيپولياني فوج اسپين جي باقائده فوج کي آسانيءَ سان هارائي ڇڏيو. توٽي جو، اها فرانس جي فتح هئي پر اها ڪاميابي ئي کين ناڪاميءَ طرف وڌي وئي. انهن شڪستن سبب اسپيني فوج چڙوچڙو ٿي گوريلا ڪارروائيون ڪرڻ تي مجبور ٿي. مارڪس اسپين جي گوريلا جنگ

بابت تبصرو ڪندي لکيو ته "اسپيني فوج، جيڪڏهن هرهنڌ شڪست ڪاڌي، تڏهن به اها هر جاءِ تي موجود هئي. ويهه پيرن کان وڌيڪ چڙوچڙ ٿي، پر وري دشمن کي محاذ ڏيکارڻ لاءِ تيار هوندي هئي، ۽ اڪثر ڪري شڪست کانپوءِ وري واڌو طاقت سان ظاهر ٿيندي هئي. انهن کي ڪُٽڻ مان ڪو فائدو نه هو، چاڪاڻ ته، اهي تيزيءَ سان پڄي ويندا هئا، انهن جا سپاهي گهٽ مرندا هئا ۽ علائقي جي نقصان کي ته هُو ڪاتي ۾ نه آڻيندا هئا. گوريلن جي ڪا ٺوس شڪل نه هئي ان باوجود فرانس لاءِ وڏو خطرو بڻيل رهيا. اهڙي ريت، هنن (اسپيني گوريلن) فرانسيسي فوج جي رابطي جا سمورا گس بند ڪري ڇڏيا. هزارين دشمن هوندي به انهن مان هڪ (گوريلي) کي ڳولي نه سگهندا هئا. ڪوبہ ٽپالي (حڪمناما ۽ خبرون پهچائيندڙ) پڪڑجڻ کانسواءَ نه پئي وڃي سگهيو، ڪابہ رسد رڪاوٽ کانسواءَ نه پئي وڃي سگهي، مختصر لفظن ۾، سوين اڪين جي ڏسڻ کانسواءَ ڪابہ چرپر نه پئي ٿي سگهي. ساڳئي وقت، ان قسم جي (گوريلا) فوج کي ڏڪ هٽڻ جا ڪي به ذريعا نه هئا. فرانسيسي هڪ اهڙي دشمن خلاف مسلسل هٿياربند ٿيندا رهيا جيڪو مسلسل اڏامي ويندو هو، وري وري ظاهر ٿيندو هو ۽ ڪنهن جي به ڏسڻ کانسواءَ هر هنڌ موجود هو."[121] ان جنگ ۾ برطانيہ اسپين جي مدد ڪئي نيٺ پيننسولر واري جنگ ۾ فرانس کي ٽي سو هزار سپاهين جو موت نصيب ٿيو پر ڪابہ فتح نه ملي. اينگلس لکيو ته "اسپين ۾ 1809ع ۾، توٽي جو فرانسيسي فوج عددي ۽ معياري حوالي کان پنهنجن مخالفن کان ٽيڻ تي وڌيڪ طاقتور هئي پر انهن جي ايڏي وڏي طاقت فالج زده ٿي وئي چاڪاڻ ته نيپولين جي غيرموجودگي سبب ان جي مارشلن هڪٻئي تي گندين اٽڪلن جا سمورا قسم استعمال ڪيا."[122] اسپين واري ڏهٻ ۾ ڦاسڻ باوجود، نيپولين روس تي (24 جون، 1812ع) ڪاهہ ڪري ڏني.

روس تي ڪاهہ نيپولين ڇهہ لک فوج ۽ 50 هزار گهوڙن سان روس تي حملو ڪيو (اها ڇهہ لک عظيم فوج (Grand Army) يورپي تاريخ جي سڀ کان وڏي فوج هئي.) ان فوج ڪيترين ئي لڙائيون ڪٽيون ۽ سمولينسڪ وٽ آگسٽ ۾ وڏي لڙائيءَ ۾ به سوپ ماٿي پر سمولينسڪ واري واقعي ۾ فاتح کي سڙي رک ٿيل شهر کانسواءِ ڪجهہ به حاصل نه ٿيو. روسي فوج ٽن مهينن تائين پٺتي هٽندي رهي پر ان سان گڏوگڏ هلڪي ڪازڪ گهوڙي سوار فوج مٿن لڪي لڪي حملا به ڪندي رهي. آخرڪار، 7 سيپٽمبر تي بوردنو واري لڙائي

لڳي جيڪا نيپولييني لڙائين ۾ سڀ کان وڏي ۽ سڀ کان وڏيڪ خونريزه ويڙهه هئي جنهن ۾ انڪل اڍائي لک فوج حصو ورتو ۽ هڪڙي ڏينهن اندر انڪل 70 هزار فوجي مارجي ويا، فتح نيپولين کي ملي پر ان باوجود هي روسي فوج کي ختم ڪرڻ ۾ ڪامياب نه ٿيو. روسي جنرل ڪتزوف، بوردينو واري لڙائيءَ ڪانپوءِ وري پٺتي هٽڻ واري حڪمت عمليءَ تي عمل ڪيو.

جڏهن نيپولين 14 سيپٽمبر تي ماسڪو ۾ داخل ٿيڻ لاءِ وڃي رهيو هو تہ هن کي اهو ٻُڌي حيرانگي ٿي تہ شهر مان ڪوبہ وفد هن کي ونڊڻ لاءِ نہ پيو اچي. چاڪاڻ تہ ان ڪان اڳ روسي فوج پٺتي هٽي چڪي هئي ۽ ماسڪو جا شهري شهر خالي ڪري چڪا هئا. ايتريقدر جو هنن فرانسيسين کي تنگ ڪرڻ لاءِ جيلن ۾ قيد ڏوهارين کي چڏي ڏنو، پر سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ شهر کي ساڙي چڏڻ جو بہ حڪم ڏنو ويو. روسي بادشاهہ آڏ مڃڻ کان انڪار ڪري چڏيو ۽ نيپولين مجبور ٿي، آڪٽوبر ۾، ماسڪو کان پٺتي هٽڻ شروع ڪيو.


روس مان موٽندڙ نيپولييني فوج

ائين نيپولين ان ساڳئي رستي کان موٽيو جتان هُو آيو هو. پر سڄي واٽ تي روسي گوريلا فوج هنن جي فوجي جٿن تي حملا ڪندي رهي ۽ هنن جي رسد کي بہ نشانو بڻائيندي رهي. گاهہ پڻو نہ ملڻ ڪري گهوڙا بک ۾ مري رهيا هئا ۽ گهوڙا گهٽجڻ ڪري گهوڙي سوار فوج پنڌ هلڻ تي مجبور هئي ۽ ڳرين توبن کي بہ ڇڏو ڪيائون. نيٺ، نومبر ۾ بيريزنا نديءَ پار ڪرڻ وقت روسي فوج ٻن طرفن کان حملا ڪري فرانسيسي فوج کي صفا تباهہ ڪري چڏيو. آخر ۾ نيپولين جي فوج ۾ فقط 27 هزار سپاهي بچيا هئا، عظيم فوج انڪل 3 لک 80 هزار فوجي مارائي ۽ هڪ لک قيد ڪرائي موٽي آئي.

نيپولين جهڙي وڏي جنگي ماهر کي روس ۾ شڪست ڇو ملي؟ ان ناڪاميءَ جا مکيہ سبب رسد جي کوٽ، ڪمزور ضابطو، بيماريون، سخت گرمي ۽ سرديءَ جي موسم ۽ سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ روسين جي جنگي حڪمت عملي هئي. هن جو منصوبو هو تہ 20 ڏينهن اندر روسين کي هڪ وڏي لڙائيءَ وڙهڻ

تي مجبور ڪري جنگ ڪٽي ونڊس. تنهنڪري، هن پنهنجي ڪاڏ خوراڪ وارين گاڏين ۾ فقط 30 ڏينهن جو راشن ڪنيو. پر جنگ اينگهائجي وئي ۽ خوراڪ ڪٽي پئي ۽ ان ڪوٽ ڪي روسين پنٽي هٽندي ۽ سپ ڪجهه ساڙيندي شديد بٽائي چڏيو. پهرين مهيني اندر اٽڪل 10 هزار گهوڙا مري ويا. سپاهي به بُکن ۾ پاهه ٽي ڪمزور ٽيندا ويا ۽ جيت جٽين سبب بيمار ٽي پيا. بهرحال، ڪيئن به ڪري ٽن مهينن ڪانپوءِ نيپولين جڏهن ماسڪو پهتو تڏهن اٽڪل ٻه لک سپاهي بيمارين ۽ ٽڪاوٽ سبب مري چڪا هئا يا اسپتالن ۾ داخل هئا. صورتحال اها وڃي بيٺي جو آخر ۾ ايندڙ ڪيترائي فوجي يونٽ بلڪل غائب ٿي ويا چاڪاڻ ته سپاهي ڪاڏي جي تلاش ۾ نڪرندا هئا ۽ غائب ٿي ويندا هئا. ائين ضابطي تي عمل نہ ٽيڻ سبب فوج ذري گهٽ هڪڙو هجوم بڻجي وئي جنهن ۾ نہ ڪا هر آهنگي هئي ۽ نہ ئي اها اثرائتي ثابت ٿي. سپ ڪان اهر ڳالهه ته روسي فوج قابل رهنمائن جي اڳواڻيءَ ۾ ويڙهه ڪئي. جنهن ۾ وٽگينسٽائين ۽ ڪتزوف جهڙا عظيم ڪمانڊر شامل هئا.[121]

ان شڪست ڪانپوءِ، نيپولين بچيل سپاهين ۽ ٻي نئين پرتي جي مدد سان وري فوج ناهي اتحادي دشمنن سان ويڙهه ڪئي. پر آڪٽوبر 1813ع ۾ ليپزگ جي مقام تي نيپولين کي شڪست ملي ۽ هن اوپر فرانس ڏانهن موٽ ڪئي. نيٽ، اپريل 1814ع ۾، پنهنجن مارشلن جي صلاح تي، ايلبا جي ٻيٽ ڏانهن پڃي وڃڻ تي راضي ٿيو. بهرحال، نيپولين گهٽو وقت جلاوطنيءَ واري زندگي برداشت نہ ڪري سگهيو. 1815ع جي مارچ ۾ ٻيٽ تان پڃي نڪتو. فرانس جي حڪومت هن کي پڪڙڻ لاءِ فوج روانو ڪئي پر اها فوج هن سان وڙهڻ بدران نيپولين سان گڏجي وئي ائين وري نيپولين فوج ساڻ ڪري حملا ڪندو سويون ماڻيندو رهيو. پر نيپولين جو نئون اپار فقط 100 ڏينهن هلي سگهيو. جنهن ڪانپوءِ، 18 جون 1815ع تي واٽرلو (Waterloo) جي ميدان تي برطانيہ ۽ پرشيا جي فوج نيپولين کي شڪست ڏني. ائين يورپ مٿان نيپولين جي حاڪميت به پڇاڻيءَ تي پهتي. نيپولين کي جلاوطن ڪري برطانوي جزيري هيلنا ۾ رکيو ويو. جتي 5 مئي 1821ع تي فوت ٿي ويو. ڪن محققن جو خيال آهي ته هن کي آهستي آهستي اثر ڪندڙ زهر ڏنو ويو.[124]

نيپولين جي ڪردار تي تبصرو ڪندي اينگلس لکيو ته "جيستائين جنگ جي جديد فن جو تعلق آهي ته ان کي نيپولين مڪمل طور تي ترقي ونرائي. ان جا ٻه

محور (نقطا) آهن: ماڻهن، گهوڙن ۽ بندوقن جي وڏي تعداد ذريعي حملا ڪرڻ ۽ انهن ذريعن جي آزاد چرپر... جيستائين حالتن ۾ ڪا خاص تبديلي نه آئي تيستائين نيپولين جو ئي نقل ڪيو ويو."[125]

نيپولياني جنگ جي فن جي اهم عنصرن ۾ (1) ڪمانڊ ۾ وحدت (خاص ڪري تڏهن جڏهن سياست ۽ جنگ جا معاملا ڪنهن هڪ فرد جي هٿ ۾ هُجن) (2) جنرل شپ ۽ سپاهگيري (3) رٿابنديءَ جو نظام شامل هئا.

هن جي جنگ جا اصول هن ريت هئا. (1) حملو: هميشہ پهريائين حملو ڪرڻ گهرجي، ان کان اڳ جو اوهين حملي جو شڪار ٿيو. جيئن سڪندر، هيني بال، سيزر، گستاوس ۽ فريڊرڪ ڪيو. (2) تيزي ڪي نيپولياني جنگين جو روح چئي سگهجي ٿو. تيزي ڪنهن فوج جي طاقت ۾ اضافو ڪري ٿي، هوئن به جنگ ۾ وقت انتهائي قيمتي عنصر هُجي ٿو ۽ هڪ وجايل علائقو وري واپس حاصل ڪري سگهجي ٿو پر وجايل وقت وري واپس نٿو ملي. (3) گڏجڻ ۽ چڙوچڙ ٿيڻ: نيپولين جي خيال ۾ اهو اصول جنگ جي فن جو مکيہ اصول آهي. جنگ جي بين سمورين مهمن ۽ لڙائين کي چڏي فيصلاکن جاءِ، وقت ۽ لڙائيءَ تي فوج کي گڏ ڪجي. انهن کي وري اهڙي نموني چڙوچڙ ڪريو جو اُنهن کي وري تيزيءَ سان گڏائي سگهجي."[126]

نيپولياني جنگين جي نتيجن ۾ فيصلاکن ڪردار ادا ڪندڙ عنصر ڪهڙا هئا؟ هڪ ته جنهن دور ۾ بيون فوجون هڪ منٽ اندر 70 قدم هلنديون هيون فرانسيسي فوج هڪ منٽ اندر 120 قدم هلندي هئي. ان دور ۾ اهو فرق بنيادي نوعيت جو هو. ان تيزيءَ سبب نيپولياني فوج ڪنهن جاءِ تي تيزيءَ سان برتر قوت سان گڏ ڪري وڃندي هئي. نيپولين جا سپاهي چوندا هئا ته "بادشاهه جنگ وڙهڻ جو نئون طريقو دريافت ڪيو آهي، هي بندوقن بدران اسانجي جنگهن کي استعمال ڪري ٿو."[127]

ٻيو وڏو ڪم "فوجي تنظيم اندر مستقل الڳ ڊويزنل سرشتو" قائم ڪرڻ هو. نيپولين بوناپارٽ فوج ۾ ڊويزنل سرشتي (Divisional System) جو بنياد وڌو جنهن مطابق فوج کي مستقل منظم ڊويزنن جي صورت ۾ ورهائڻ، جيڪي آزاديءَ سان حرڪت ڪرڻ ۽ عمل ڪرڻ جي قابل هُجن. ائين هن جنگ ۾ انقلاب برپا ڪري چڏيو.

نيپولين يورپ جي انڪل چار صدين کان هلندڙ جنگي حڪمت عملي (ولي حڪمت عملي Dilatory) جو خاتمو آڻي ڇڏيو. جيتوڻيڪ، گستاوس، ڪراموبل، يوگني ۽ مارلبرگ به ڪجھ پيش رفتون ڪيون پر نيپولين دشمن کي مڪمل طور تي نيست ۽ نابود ڪرڻ کي جنگي حڪمت عملي، جو مقصد سڏيو.

ٽيون اهم عنصر "رسد جو نظام" هو جنهن لاءِ انقلابي فوجن پراڻي روايت "بهراڙين تي گذارو ڪرڻ" تي عمل ڪيو پر هاڻي فرق اهو ته الڳ ڊويزنون هيون جيڪي پنهنجي رسد جو بندوبست پاڻ ڪنديون هيون ۽ فوجن کي وزن نه ڪٽڻو پوندو هو ان هلڪائي سبب نيپولياني فوجون ٻيلن ۽ جبلن ۾ به آزادي، سان حرڪت ڪري سگھنديون هيون. چوٿين اهم خاصيت بذات خود نيپولين بوناپارٽ جي ذهين شخصيت هئي جنهن چگي نموني جنگي تاريخ جو مطالعو ڪيو هو. هن انتهائي وسيع پيماني جي جنگي مقصدن ۽ هدفن کي گڏائي حڪمت عملي، جي سائنس ۾ انقلابي تبديلي آندي. نيپولين جو خيال هو ته "جنهن مهل کان جنگ جو اعلان ٿئي ته ٻين سمورين شين سان گڏ ٻه ٽي سالن تائين چا ٿيندو اهو اڳ ۾ ئي ڏسڻ گھرجي." "آءُ هميشه ٻه ٽي مهينا اڳ ۾ سوچيندو آهيان ۽ بدترين حالتن جي توقع جي بنياد تي تياري ڪندو آهيان." "اها منهنجي عادت آهي ته آءُ ايترا احتياط ڪندو آهيان جو ڪابه شي اتفاق جي آسري نه ڇڏيندو آهيان. تڏهن ئي جنگ ۾ فتح حاصل ٿي سگھندي."[128]

بهرحال، نيپولين پنهنجي دور جو سڀ کان وڏو فوجي جنرل هو. هن کي گھڻيون نيون دريافتون نه ڪيون. پر جيڪي هٿيار، تدبيرون ۽ طريقا اڳ ۾ موجود هئا انهن کي سھڻي نموني ۽ ماهراڻي انداز سان استعمال ڪيو. توڻي جو، نيپولين موت ۽ تباهي ڦھلائي پر هن فتح ڪيل علائقن ۾ اُتان جي عوام کي آزادين جي ضمانت به ڏني جيڪي آزاديون هنن ان کان اڳ ڪڏهن به نه ڏنيون هيون. هن پنهنجي جنگي فن بابت لکت ۾ ڪجھ به نه ڇڏيو. اهو ڪر ڪلازيوٽز ۽ جومني سرانجام ڏنو. لڊل هارٽ لکيو ته "جنرل بوناپارٽ هڪ نظريي کي عمل ۾ آندو جنهن سان هن پنهنجي لاءِ هڪ سلطنت تخليق ڪئي. شهنشاهه نيپولين پنهنجي عمل ذريعي ان سلطنت کي برباد ڪري ڇڏيو. ۽ اُن عمل کي ڪلازيوٽز منظر لکت جي صورت ڏني جنهن هڪ صديءَ کانپوءِ، ٽن سلطنتن کي ڊير ڪرائي ڇڏيو."[129]

انتوني هينري جومني (1779_1869ع) (فرانسيسي جنرل)

نيپولينني جنگين جي پڃاڻيءَ کانپوءِ انڪل ٻن نسلن تائين يورپي فوجي سربراھ جومني جي لکڻين کي جديد جنگ جي بائيبل طور پڙھندا رھيا. جومني جنگ جي انتظام کي چند رھنما اصولن ۾ سموئڻ جي کوشش ڪئي. آمريڪي گھرو ويڙھ دوران ٻنھي طرفن جي جنرلن ۽ اٺويھين صديءَ جي وچ ڌاري يورپي فوجي سربراھ، وڏي سطح جا فوجي آپريشن ڪرڻ لاءِ جومني جي "جنگ جي فن جو تت" (Summary of the Art of Warfare) کي پنھنجي اولين رھنما طور ڪتب آڻيندا رھيا.

جومني اٺويھ ورھين ۾ فرانس جي مدد سان ھلندڙ سئس فوج ۾ پرتي ٿيو. نيپولين بوناپارٽ پڻ ھن جي لکڻين کان متاثر ٿي ھن کي 1805ع ۾ ڪرنل جي عھدي تي مقرر ڪيو. پر نيپولين جي مارشل ۽ ھن وچ ۾ تڪرار ٿي پيو جنھن کانپوءِ جومني ھڪ ئي وقت فرانس ۽ روس جي فوج ۾ جنرل طور، 1814ع تائين، ڪم ڪندو رھيو. توڙي جو جومني نيپولين جي فوج ۾ ڪم ڪيو پر ھن نيپولين خلاف وڙھندڙ روسي فوج جي اڪيڈمي جا بنياد پڻ وڌا. ھن فريڊرڪ، فرانسيسي انقلاب ۽ نيپولين جي جنگين کي قلمبند ڪرڻ لاءِ 27 واليومز لکيا.

ھن جو خيال ھو تہ "جنگ جي فن ۾، عام طور تي، پنج خالص فوجي شاخون ٿين ٿيون جن ۾ حڪمت عملي، وڏيون چالون، رسد جو نظام، انجنيئرنگ ۽ ننڍيون چالون وغيرہ شامل آھن پر ان ۾ ڇھين ۽ لازم شاخ ۽ ھجي جنھن کي ھن مھل تائين مڃتا نہ ملي آھي، ان کي جنگ سان واسطو رکندڙ سفارتڪاري سڏي سگھجي ٿو. توڙي جو اھو ھڪ سياستدان جو ڪم آھي پر فوج جي سربراھ لاءِ ۽ ضروري آھي."[1304]

ھن انھن شاخن مان ھرھڪ جي ڪم ۽ فرق کي بيان ڪندي لکيو تہ "حڪمت عملي نقشي تي جنگ ڪرڻ جو فن آھي، ۽ اھا آپريشنس جي سموري دائري کي نظر ۾ رکندي آھي. وڏي چال جنگ جي ميدان تي، زمين جي حساب سان، فوجن کي مقرر ڪرڻ، انھن کي عمل ۾ آڻڻ جو فن ۽ ھڪ نقشي جي بنياد تي کيل رڃابنديءَ سان فرق رکندي ميدان تي وڙھڻ جو فن آھي. رسد جي نظام (Logistics) ۾، حڪمت عملي ۽ چالن جي رڃا کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ ذريعا ۽ بندوبست شامل آھي. حڪمت عملي فيصلو ڪندي تہ ڪٿي عمل ڪرڻو آھي،

رسد جو نظام ان جاءِ تي فوجون آڻيندو، جڏهن ته چالون فوجن جي استعمال ۾ آڻڻ جي طريقي جو فيصلو ڪن ٿيون.[131]

جنگ جو علم سائنس آهي يا فن؟ مثال طور جيڪڏهن هڪ جنرل جنهن جنگ جو نظريو پڙهيو آهي ۽ ان تڏي دماغ ۽ هنرمنديءَ سان جنگي منصوبو ناهيو آهي پر جڏهن دشمن سان مقابلو ٿئي ۽ اُهو انهن اصولن کي عمل ۾ نه آڻي سگهي ته پوءِ؟ فوج ۾ ضابطو ۽ همت نه هجي ته پوءِ؟ هن جا ماتحت ان سان دوکو ڪن ته پوءِ؟ چالون درست هجن پر فوج جي نفسياتي پوزيشن خراب هجي ته پوءِ؟ اهي ۽ اهڙا ٻيا سوين امڪان ٿي سگهن ٿا. پر ان باوجود انهن سڀني مان اهو نتيجو نڪو ڪڍي سگهجي ته جنگ ۾ ڪي به ٺوس قانون نه ٿا ٿي سگهن جن تي عمل ڪرڻ سان ڪاميابي ملي سگهندي. پر ان اهم ۽ تاريخي سوال جي جواب ۾ جومني کان اڳ مارشل ڊي سيڪس لکيو هو ته "جنگ جي سائنس اٽڪل ۽ مبهم آهي جنهن ۾ اڳوٽ پڪ ۽ خاطري بابت ڪجهه نڪو ٻُڌائي سگهجي. سمورين سائنسن جا اصول هوندا آهن پر جنگ جا ايجا تائين ڪي به اصول نه آهن." جومني پڙ لکيو ته "جنگ، پنهنجي مڪمل پوشاڪ ۾، (مجموعي طور تي) هڪ سائنس ناهي پر فن آهي. توڙي جو، حڪمت عملي کي، بين سائنسن وانگر، بيشڪ طئي ٿيل قانون هلائين ٿا، پر جيڪڏهن جنگ کي ڪُلي طور تي ڏسبو ته (اها) ائين ناهي. مختصر هي ته هر شي جنهن کي جنگ جي شاعري ۽ ميٽافزڪس سڏي سگهجي ٿو، اها جنگ جي نتيجن ۾ هميشه اثرانداز ٿيندي رهندي."[132] پر ان مان جومني جو مطلب اهو نه هو ته ڪي اصول يا قانون ٿي ئي نٿا سگهن. "جنگ، جيڪا هڪ ٽُڙ سائنس هجڻ کان ڪوهين (ميل) پري آهي، هڪ خطرناڪ ۽ جوشيلو ڊرامو آهي، (پر) ان کي ٿي يا چار عام اصول هلائين ٿا، پر ان جا نتيجا ڪيترن ئي اخلاقي ۽ جسماني پيچيدگين تي آڌار رکن ٿا."[133] هن جو خيال هو ته انساني ذهن ان قابل آهي ته اهڙا منظم طريقا دريافت ڪري جيڪي جنگ ۾ ڪاميابيءَ جي ضمانت ڏئي سگهن. هن سوال ڪيو ته "ڇا هڪ نظريي کي بيڪار سڏجي ڇاڪاڻ ته ان جي ڪامياب ٿيڻ جا فقط ٿي پاڪي چار امڪان آهن؟" ان سوال جي جواب ۾ لکي ٿو ته جنگ سان واسطو رکندڙ هر اصول سنو هوندو جيڪڏهن اهو فيصلاڪن جاءِ ۽ وقت تي وڌ کان وڌ طاقت گڏ ڪرڻ جي نشاندهي ڪري."[134] "درست اصولن تي بينل، جنگ جي حقيقي واقعن تي قائم

دائم، ۽ صحيح جنگي تاريخ ۾ واڌارو ڪندڙ درست نظريا جنرلن جي تربيت لاءِ حقيقي اسڪول ناهيندا. جيڪڏهن اهي ذريعا وڏا ماڻهو نٽا پيدا ڪري سگهن ته اُهي گهٽ ۾ گهٽ بهتر هنرمند جنرلن کي پيدا ڪندا جيڪي جنگ جي فن جي قدرتي ماهرن کان ٿورو گهٽ هوندا."[135] هينري جومني لکيو ته جيڪڏهن ڪجهه تعصبي فوجي ماڻهو، هن ڪتاب پڙهڻ کانپوءِ، اجاتائين چون ٿا ته جنگ جا نه ڪو اصول ٿيندا آهن ۽ نه ئي ڪي قانون. مونکي انهن تي ترس اچي ٿو ۽ انهن لاءِ فريڊرڪ جا مشهور لفظ آهن ته "هڪ خچر جيڪو شهزادي يوگني جي سربراهيءَ ۾ 20 مهمون وڙهيو، پر جنگي چالن جو سٿو ماهر نه ٿيو."[136]

ارڙهين صديءَ جي بين نظريدانن وانگر هن جو به خيال هو ته جنگ گهٽي قدر "علائقي تي قبضي ڪرڻ" جو معاملو آهي. جڏهن ته سندس همعصر ڪلازيوٽز جي نظر ۾ دشمن جي فوج کي تباهه ڪرڻ ذريعي ئي فتح حاصل ڪري سگهجي ٿي ۽ نيپولين جي اهائي وڏي خاصيت هئي. ڪلازيوٽز سياست ۽ جنگ جي تعلق تي وڌيڪ روشني وڌي آهي. جڏهن ته جومني آپريشنل حڪمت عملي، رڀابندي، جاسوسي ۽ جنگي مهم جي انتظام ڪرڻ تي گهڻو زور ڏنو آهي ۽ هن "سياستدان" بدران "فوجي جنرلشپ" تي بحث ڪيو آهي.[137] بهرحال، پنهنجي دور جي جنگي فن ۾ جومني غيرتڪراري ماهر طور مڃتا ماڻي.

ڪلازيوٽز: جنگ ۽ سياست جو تعلق

جديد يورپ ۾ جنگ جي سائنس ۽ فن ۽ طاقت جي حوالي سان پهريائين برتري فرانس کي هئي، بعد ۾ برطانيہ هڪ وڏي ساموندبي قوت طور بالادستي حاصل ڪئي، جيڪا اٽڪل 150 سالن تائين دنيا تي ڏاڪو جمايو وينو هئي. انگريزن وليم فاتح (1027_1087)، اولیور ڪراموِيل (1599_1658)، ويلنگٽن (1769_1852)، جان چرچل (ڊيوڪ آف مارلبرگ) (1650_1722) جهڙا قابل جنرل ۽ ڪمانڊر پيدا ڪيا. ان عرصي دوران، يورپ ۾ جيڪڏهن سڀ پڇ جنگ جي علم ۾ اضافو ڪنهن ڪيو ته اُهو جرمني (Prussia) کيو. (ڪلازيوٽز پڻ جرمني جو هو.) پيا ڪيترائي وڏا جنرل فريڊرڪ ڪان ويندي هٽلر تائين پڻ جرمنيءَ پيدا ڪيا.

يورپ ۾ پهريون پيرو، جنگ جي علم بابت منظم صورت ۾ نظريو ڪلازيوٽز پيش ڪيو. جيڪو اڄُ سوڌو يورپ جي جنگ جي ماهرن لاءِ نصابي حيثيت رکي ٿو.


کارل وون کلازيوٽز

ڪلازيوٽز جنگ جي فن بابت تاريخ جو سڀ کان وڏيڪ پڙهيو ويندڙ ۽ حوالن طور ڪم ايندڙ ڪتاب "جنگ بابت" (Vom Kriege) جو ليکڪ آهي. جنهن ۾ هن سياست، جنگ ۽ آبادي، سميت جنگ ۾ اتفاق ۽ حالتن جي هڪجهڙي سان ڳانڊايي تي بحث ڪيو آهي. جنگ بابت هن جون لکٹيون ارڙهين صدي کان وٺي اڄ ڏينهن تائين فوجي سربراهن جي سوچ کي اثرانداز ڪندیون رهيون آهن. هن جرمن فوج ۾ سڌارا آندا جيڪي اڳتي هلي نيپولين جي شڪست جو به هڪ ڪارڻ بڻيا ۽ هن جنرل اسٽاف جي فوجي تنظيم مرتب ڏني بعد ۾ اهو ادارو منظم انداز سان مسلسل جرمن فوجن ۽ پوري دنيا ۾ استعمال ۾ آندو ويو. هي 12 سالن جي ڇمار ۾ جرمن فوج ۾ پرتي ٿيو. ويڙهه دوران ڦرانسيسي فوج هٿان پڪڙجڻ تي هڪ سال قيد ۾ رهيو. هن "جنگ جا اصول" نالي ڪتابچو لکيو جنهن ۾ هن دفاع ۽ حملي وچ ۾ لاڳاپي ۽ ڪهڙي مهل دفاع کان حملي ڏانهن تبديلي عمل ۾ ايندي آهي، ان جي اهميت بابت بحث ڪيو. هن اها به پيشنگوئي ڪئي ته جيڪڏهن نيپولين روس تي حملو ڪندو ته ناڪام ٿيندو ڇاڪاڻ ته روس هڪ وسيع ايراضي وارو علائقو آهي ۽ هتي سياري جي موسم سخت ٿيندي آهي. روس هڪ اهڙو ملڪ آهي جنهن کي فوج جي طاقت سان فتح نٿو ڪري سگهجي. اهڙي ملڪ کي اندران ئي اندران پنهنجين ڪمزورين سان آڻ ميڙائي سگهجي ٿي.

جڏهن جرمني (Prussia) ۽ فرانس پاڻ ۾ اتحاد ڪيو ته ڪلازيوٽز، جرمني جي اتحادي نيپولين جو ساٿ ڏيڻ بدران جرمن فوج مان پڇي وڃي روسي فوج ۾ شامل ٿيو. وري جڏهن جرمني روس سان اتحاد ختم ڪيو ته وري نيپولين خلاف وڙهندڙ جرمن فوج ۾ شامل ٿيو. بعد ۾ هن کي ترقي ڏئي برلن جي جنگ جي ڪاليج جو سربراه مقرر ڪيو ويو. ايڪونجاهه سالن جي ڇمار ۾ وفات ڪري ويو. بعد ۾ هن جي زال هن جي مسودن کي گڏ ڪري ڇپايو.

ڪلازيوٽز جي نظريي جي مکيه نقطن ۾ (1) جنگ ۽ سياست جو تعلق (2) حتمي جنگ (3) عظيم حڪمت عملي ۽ ڪشش جو مرڪز (4) ويڙهه جا اصول

(5) دفاعي حڪمت عملي (6) فيصلاڪن لڙائي (7) عوامي گوريلا جنگ ۽ ٻيا عنصر شامل آهن.

عام طور تي سمجهيو ائين ويندو آهي ته ڪن اتفاقن سبب اوچتو جنگيون لڳيو وڃن. صدين کان جنگ جي اڳواڻي جنرل، بادشاهه ۽ شهنشاهه ڪندا رهيا آهن. تنهنڪري ڇڪ سگهجي ٿو ته ڪن حڪمرانن (مثال طور هٽلر، نيپولين، چنگيز خان وغيره) جي اڳرائيءَ ۽ انفرادي طور تي طاقت جي لالچ سبب جنگ ٿي وئي. يا وري هڪڙي ڏر ٻي ڏر کان بدلو ونڊ لاءِ جنگ ڪري ٿي. مثال طور، افغانستان تي آمريڪا طرفان ڪيل قبضي جو ظاهري سبب ته يارنهن سيپٽمبر وارو واقعو ٻڌايو وڃي ٿو. پر ڇا اصل سبب اهوئي هو؟ ڪلازيوٽز ان ڳالهه جو درست جواب ڏنو ۽ خود سن زو ٻه ان حوالي سان لکيو هو ته جنگ پس و پيش رياست جو معاملو آهي. جنگ ڪنهن جنرل يا فوجي سربراهه جي خواهش جي ڪري نٿي ٿئي پر اها سياسي مقصدن کي حاصل ڪرڻ جو پرتشدد ذريعو هجي ٿي. جنگ جي نظريي ۾ ڪلازيوٽز جو نمايان ڪارنامو "جنگ ۽ پاليسي جي تعلق" جي وضاحت ڪرڻ هو. هن ٻڌايو ته جنگ ڪو الڳ ۽ آزاد معاملو ناهي پر هڪ سياسي اوزار (ذريعو) آهي، ۽ جنگ هڪ انساني سماجي لقاءَ آهي. جنگ ڇا آهي؟ ان سوال جي جواب ۾ ڪلازيوٽز لکيو ته "جنگ، ٻين ذريعن سان، سياست جو تسلسل آهي." تنهنڪري سياسي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ جنگ کي سياسي اڳواڻن جي رهنمائي هيٺ هلڻ گهرجي. هن وڌيڪ لکيو ته "جنگ نه فقط هڪ سياسي عمل آهي، پر هڪ حقيقي سياسي اوزار ٻه آهي، سياسي تجارت جو هڪ تسلسل آهي، جنهن کي ٻين طريقن (جنگي طريقن) سان سرانجام ڏنو وڃي ٿو."[138]

ڪلازيوٽز جي وصف موجب "جنگ وڏي پيماني جي جهيڙي ڪانسواءِ ڪجهه ٻه ناهي. لاتعداد جهيڙا گڏجي هڪ جنگ کي ناهين ٿا. جنهن ۾ هرهڪ پنهنجي طاقت جي زور تي پنهنجي مرضي مجرائڻ لاءِ ٻئي کي مجبور ڪري ٿو. جنگ طاقت جو هڪ اهڙو عمل آهي جيڪو اسانجي دشمن کي اسانجي مرضي مجرائڻ تي مجبور ڪري ٿو."[139] ان مان هن جي مُراد فقط دشمن جي فوج جي شڪست يا لڙائيءَ ۾ سوپ ملڻ ناهي پر ان ۾ هي ڪنهن ٻه جنگي مهم جي ڪاميابيءَ جو پيمانو طئي ڪري ٿو. ڇاڪاڻ ته جنگ ڪانپوءِ اهو ضروري ناهي ته فاتح يا قابض ڏر کي قبضي هيٺ آيل علائقي جا شهري قبول ٻه ڪن يا اهي

گوريلا کارروائيون ڪري قابض ڏر ڪي امن سان هلڻ ئي نہ ڏين تہ ان ڪي بہ فتح نٿو ڇئي سگھجي. ڇاڪاڻ تہ جيڪا مرضي توھان مجرائڻ ڇاھي پئي اھا اجا تائين حاصل نہ ٿي سگھي آھي. ھن جو خيال ھو تہ "دشمن کان پنھنجي مرضي مجرائڻ اسانجو مقصد ھجي ٿو پر ان ڪي حاصل ڪرڻ جو ذريعو پرتشدد عمل آھي پر ان تشدد کي آخري حد تائين وڌي وڃجي."

جديد جنگ جو فلسفي ڪلازيوٽز خونريزيءَ کانسواءِ جنگ ۾ سوچ ماڻڻ کي خام خيالي سمجھي ٿو. ھن جو خيال ھو تہ "فقط وڏيون ۽ عام لڙائيون ئي وڏا نتيجا پيدا ڪري سگھن ٿيون. فتح جي قيمت خون آھي. اھي جنرل جيڪي بغير خونريزيءَ جي فتح ماڻڻ چاھين ٿا انھن کي ٻڌڻ ئي نہ گھرجي." ان قسر جي سڪيا سبب جنرل فائديمند موقعا پيدا ڪرڻ بدران پھرئين ئي ڏڪ ۾ لڙائيءَ ڪرڻ کي ترجيح ڏين ٿا. نتيجي طور سندس پيروڪار پڻ "بحرانن جو حل خونريزيءَ" ۾ ئي ڳولين ٿا. پھرين عالمي جنگ ۾ جنگ جو فن باھمي ڪوس تائين محدود ٿي ويو ۽ ٻي عالمي جنگ ۾ جرمنيءَ جي ھٽلر پڻ ڪلازيوٽز جون حدون پار ڪري ڇڏيون. ڪلازيوٽز جي خيال ۾ "نرم دل ماڻھو متان ائين سمجھندا ھجن تہ گھٽو خون وھائڻ کانسواءِ دشمن کي شڪست ڏجي يا ٻي ھٿيار ڪجي ۽ متان اُھي جنگ جي فن جو حقيقي مقصد بہ ان ڳالھ کي سمجھن. اھو خيال جيترو وڌندڙ لڳي ٿو، اھا ھنن جي پُل آھي جنھن کي عيان ڪرڻ کپي. جنگ ھڪ خطرناڪ ڪاروبار آھي." مثال طور الر واري لڙائيءَ ۾ نيپولين پنھنجي مخالف فوج کان وڌيڪ فوج گڏ ڪئي ۽ پاسراٽين کان ڏڪ ھڻڻ جي پوزيشن ۾ ھو جنھن ڪري مخالفن ھٿيار ڦٽا ڪيا. ان لڙائيءَ کي نيپولين جي، بغير خونريزي واري سوچ طور مڃيو وڃي ٿو. پر ڪلازيوٽز لکيو تہ "الر وٽ ھٿيار ڦٽا ڪرڻ ھڪڙو نرالو واقعو ھو جيڪو ڪڏھن بہ عمل ۾ نہ اچي ھا جيڪڏھن نيپولين خونريزي ڪرڻ لاءِ تيار نہ ھجي ھا."[140] ھن وڌيڪ لکيو تہ "اسانکي انھن جنرلن ۾ دلچسپي ناھي جيڪي خونريزيءَ کانسواءِ فتحون حاصل ڪرڻ چاھين ٿا. دير سوير کوبہ تکي تلوار ڪٽي ايندو ۽ اسانجي ٻانھن کي ڪٽي ڇڏيندو."[141]

ڇا جنگ ھڪ سائنس آھي يا ان جا ڪي دائمي اصول ٿين ٿا؟ ان سوال جي حوالي سان ڪلازيوٽز لکيو تہ "جنگ سمورين انساني سرگرمين ۾ سڀ کان وڌيڪ جوا جي راند وانگر آھي. جنگ جي فن جو واسطو ھڪ جاندار قوت

سان هجي ٿو تنهنڪري ان ۾ هر وقت اتفاق جي گنجائش هجي ٿي. جنگ خطري جو جهان آهي. غيريقينيت ۽ اتفاق جو جهان آهي." توڻي جو انساني دماغ کي هميشہ چٽائيءَ جي تلاش هوندي آهي. جنگ جهڙي موضوع بابت چٽا ۽ واضح خيال هجڻ جملي طور تي بيڪار ناهن. جنگ ۾ نتيجا ڪڏهن بہ حتمي نہ ٿيندا آهن، مفتوح بٽايل ماڻهو وري ويڑهہ ڪري سگهن ٿا." تنهن ڪري "جنگ امڪان جي قانون (Law of Probability) تي عمل ڪري ٿي. پر هڪ عنصر لازمي هجي ٿو اُهو آهي سياست." "جيڪڏهن پاليسي عظيم ۽ طاقتور هوندي تہ جنگ بہ ائين ئي هوندي."

"جنگ جي فن لاءِ سائنسي نظريو تعمير ڪرڻ انتهائي مشڪل ڪم آهي، ۽ ان سلسلي ۾ ڪيترين ئي ڪوششون ناڪام بہ ٿيون آهن جنهن ڪري گهٽا ماڻهو چون ٿا تہ اهڙو نظريو ناممڪن آهي ڇاڪاڻ تہ ان لاءِ ڪي بہ مستقل قانون نہ ٿا مهيا ڪري سگهجن. متان ڪو متفق هجي ۽ اها ڪوشش ڇڏي ڏئي پر ڇا اها واضع حقيقت ناهي تہ گهٽي مشڪل ڪانسواءِ وڏي حد تائين اصول ٻڌائي سگهجن ٿا. مثال طور ناڪاري مقصد سان، دفاعي جنگ ويڑهہ جي وڌيڪ مضبوط صورت آهي، هاڪاري مقصد سان، حملي آور جنگ ويڑهہ جي ڪمزور صورت آهي، وڌيون ڪاميابيون ننڍيون سوپون ڏيارين ٿيون، فتح ۾ نہ صرف جنگي ميدان تي قبضو، پر دشمن جي فوج جي جسماني ۽ نفسياتي تباهي بہ شامل آهي، جيڪا هڪ ڪامياب لڙائيءَ جي پوئواري ڪرڻ تائين اڪثر ڪري حاصل نہ ڪئي ويندي آهي، هر حملو جيئن جيئن اڳتي وڌي ٿو تہ ان مان اها طاقت گهٽجندي وڃي ٿي وغيره."[142]

ڪلازيوٽز جو سڀ کان اهم ٻيو نظريو "عظيم حڪمت عملي ۽ ڪشش جي مرڪز" واري نقطي جي وضاحت آهي. ان بابت ڪلازيوٽز لکيو تہ عظيم حڪمت عمليءَ جو جوهر حڪمت عمليءَ جو پاليسيءَ جي ماتحت هجڻ آهي. ڪشش جي مرڪز واري نظريي ۾ عظيم حڪمت عملي جو تصور "دشمن جي جسر (فوجي، سياسي، سماجي وغيره) جي اُها جاءِ جتي ان کي شڪست ڏني وڃي يا ڏيڻ گهرجي تہ سموري قومي طاقت جو ڌانچو ڌير ٿي پوي." ان جي وضاحت ڪندي هن وڌيڪ لکيو تہ "سڪندر جي ڪشش جو مرڪز ان جي فوج هئي، ساڳيو معاملو گستاوس ادولفس، چارلس (12) ۽ فريڊرڪ سان بہ هو. انهن جي فوجن کي تباهہ ڪرڻ سان کين شڪست ملي ها، انتشار جو شڪار

رياست جو مرڪز ان جي گادي‌ءَ جو هنڌ هجي ٿو، ننڍين رياستن جو دارومدار وڏين رياستن ۽ انهن جي گڏيل فوجن تي هجي ٿو، قومي بغاوت ۽ عوامي راءِ عامہ جو مڪيہ مرڪز اڳواڻن ۾ هجي ٿو. انهن کي شڪست ڏيڻ لاءِ ڪشش (انهن) جي مرڪزن خلاف قوت لڳائڻ گهرجي." نيپولين کي جيڪڏهن شڪست ڏيڻي هُجي ته پئرس (مرڪز) کي فتح ڪرڻ گهرجي. انهيءَ اصول بابت نيپولين کي به ڄاڻ هئي ته برطانيہ جيڪو اتحادين جو مرڪز آهي ان کي شڪست ڏيڻ سان سڀ ڏير ٿي پوندا. پر هن وٽ بحري طاقت نہ هئي جنهن ڪري اتحاد جو مرڪز برطانيہ ان کان بچيل رهيو. جيڪو اڳتي هلي هن جي شڪست جو ڪارڻ بڻيو.

ڪلازيوٽز جي نظر ۾ عظيم حڪمت عملي واري مقصد جي طئي ٿيڻ ڪانپوءِ بيو مسئلو اهو پيدا ٿئي ٿو ته جنگ جي رڪابنديءَ ۽ ان کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ ڪهڙا اصول ڪتب ايندا؟ "پهريون ته دشمن جي طاقت کي چند ڪشش جي مرڪزن تائين محدود ڪجي، ممڪن هجي ته هڪ هنڌ تائين محدود ڪجي، پوءِ ٻيا سمورا ڪم ان جي ماتحت هجڻ گهرجن. ٻيو ته جيترو ممڪن هجي اوتري تيزيءَ سان عمل ڪجي. سمورين قوتن کي هڪ نقطي تي استعمال ڪري فيصلاڪن لڙائي ڪجي. اچرج ۾ وجهڻ واري اهم عنصر کي ڪتب آڻجي. پر فتح جا ميوا دشمن جو پيڇو ڪري ان کي ختم ڪرڻ سان ملندا." ابتدا ۾ دفاعي نوعيت جي ويڙهہ ڪجي ته جيئن دشمن جي تورتڪ ڪري سگهجي. دفاع جي ڊِڪ ۾ حملي آور ٿي دشمن کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي. ان جا مڪيہ اصول (1) جنگ جي هدف يا مقصد کي برقرار رکڻ (2) چرپر جو تحفظ (3) چرپر جي آزادي (4) حملي آور طاقت جو استعمال (5) گهٽ کان گهٽ خرچ ڪرڻ (6) فوج کي گڏ ڪرڻ (7) حيرت ۾ وجهڻ وغيره جا ست اصول آهن جيڪي هن نيپولييني جنگ مان اخذ ڪيا.

ڪلازيوٽز جنگ جي دفاعي صورت کي وڌيڪ اهميت ڏئي ٿو، ان حوالي سان هن لکيو ته "دفاع جو مقصد چا آهي؟ محفوظ رهڻ. حاصل ڪرڻ کان بچاءُ ڪرڻ وڌيڪ آسان آهي، جيڪڏهن ٻنهي پاسي قوت برابر هجي ته حملي آور ٿيڻ کان دفاع ڪرڻ وڌيڪ آسان آهي. جنگ جي دفاعي صورت پنهنجو پاڻ ۾ حملي آور نوعيت جي جنگ کان وڌيڪ مضبوط آهي. پر اسانکي ان تي

تيستائين عمل ڪرڻ گهرجي جيستائين اسانجي ڪمزوري اسانکي ائين ڪرڻ تي مجبور ڪري."[143]

ڪلازيوٽز جي دفاعي حڪمت عملي بنيادي طور تي "دير سان ٽيندڙ حملي آور حڪمت عملي" (Delayed Offensive) آهي. جنهن کي "دفاعي_حملي آور حڪمت عملي" چئي سگهجي ٿو، جنهن جو پهريون مرحلو "دشمن کي ٽڪائڻ" (Attrition) ٻيو مرحلو "جوابي حملو" ڪرڻ آهي. ڪلازيوٽز جي نظر ۾ حملي آور حڪمت عمليءَ جو هڪ فائدو هي آهي ته "حملي آور هُجڻ جي صورت ۾ دشمن کي ابتدائي طور تي حيرت ۾ وجهي سگهجي ٿو."

"جنگ جي معاملي ۾ ويڑهه ئي حقيقي جنگي سرگرمي آهي باقي ٻيون سڀ شيون ان جون مددگار آهن. جنگ جو جوهر ٽڪراءَ ۾ آهي جيڪو مڪيه فوجن ۾ ٿئي ٿو. تنهنڪري جنگ جي ڪشش جو مرڪز هميشه فوج ئي هوندي آهي. فوج جي تباهي کي ئي هرهنڌ فوقيت هوندي آهي." نيپولييني جنگين جو مڪيه مقصد به دشمن جي فوج کي مڪمل طور تي تباهه ڪرڻ هو. "هڪ فوج جو اولين ترين مقصد فيصلاڪن لڙائين ۾ دشمن جي مڪيه قوت کي تباهه ڪرڻ آهي." "عام حڪمت عملي کي دشمن جي فوج کي تباهه ڪرڻ تي فوڪس ڪرڻ گهرجي."[144]

"گوريلا جنگ" جي حوالي سان هن لکيو ته ان جو جوهر دنڀلي ڪوهيڙي وانگر هجڻ گهرجي، ان کي ڪڏهن به ٺوس جسم جي صورت نه ڏجي، نه ته ٻي صورت ۾ دشمن فوج موڪلي ان جي مرڪز کي تباهه ڪري ڇڏيندو. ان ۾ ننڍا ننڍا جٿا هجن ۽ اهي ايترا وڏا نه هجن."

ڪلازيوٽز جي نظريي مطابق ڪابه جنگ (1) تشدد_نفرت (2) اتفاق ۽ فوجي هنر ۽ (3) سياسي مقصد جي ٽن عنصرن جو گڏيل عمل هوندي آهي.[145] ڪلازيوٽز توڙي جو نيپولييني جنگين جو اکين ڏٺو شاهد هو ۽ انهن جنگين ۾ حصو به ورتو هئائين. پر عجيب ڳالهه هي آهي ته هن نيپولين جي جنگي قابليت ڏانهن ٿورڙو به ڌيان نه ڏنو آهي ۽ ٻي عجيب ڳالهه ته نيپولين حملي آور ويڑهه جي صورت تي عمل ڪيو ۽ هن دفاعي نوعيت جي حڪمت عمليءَ تي وڌيڪ زور ڏنو آهي. ڪلازيوٽز جو اصول هو ته سموري قوت کي هڪ مرڪوز نقطي تي استعمال ڪجي ۽ مڪيه قوت مان ٿورڙو حصو به الڳ نه ڪجي. ۽ ان ته نيپولين دشمن کي ڦاسائڻ لاءِ اڪثر ڪري پنهنجي فوج کي ورهائي ڇڏيندو

هو ۽ جڏهن به هڪ حصي سان دشمن جو ٽڪر ٽيندو هو ته ٻيا حصا انتهائي تيزيءَ سان ان سان گڏبا هئا.[146]

بهرحال، تنقيد نگارن جي خيال ۾، نه حملي آور ۽ نه ئي دفاعي حڪمت عملي مضبوط يا ڪمزور هجن ٽيون پر ٻئي نسبتي، اضافي (Supplementary) مهمون آهن. ڪلازيوٽز اهو ڏسڻ ۾ ناڪام رهيو ته جنگ جو مقصد امن آهي ۽ جنگ جي پٺيان سياست آهي پر سياست جي پٺيان معاشيات آهي. "جنگ بابت" ڪلازيوٽز جي ڪتاب جو گهڻو حصو جنگ ۽ آپريشنس جي ٽيڪنيڪل پاسن کي بحث هيٺ آڻي ٿو. ان ڪتاب ۾ اجائي لباڙ ۽ ورجاءُ ۾ گهڻو آهي. جومني جي خيال ۾ ڪلازيوٽز جنگ جي سائنس کي ئي ناممڪن بڻائي ڇڏيو ڇاڪاڻ ته هن جنگ بابت گهڻو بحث امڪاني انداز ۾ ڪيو آهي.[147]

پهرين عالمي جنگ ۾ ٽيل قتل و غارت گريءَ ڪانپوءِ وارن سالن ۾، سڌي ريت نه سهي، پر جنگي ماهرن ڪلازيوٽز کي ڏميوار قرار ڏنو. جي ايف سي فلر لکيو ته ڪلازيوٽز اها ڳالهه ڪڏهن به نه سمجهي سگهيو ته جنگ جو اصل مقصد فتح نه پر امن آهي. تنهنڪري پاليسيءَ جو مکيه مقصد امن هجڻ گهرجي. فتح فقط ان مقصد کي حاصل ڪرڻ جو هڪ ذريعو آهي. ڪلازيوٽز ويهين صديءَ ۾ ٽيل لامحدود جنگين لاءِ ذميوار آهي.[148]

چيني سن زو جي جنگي فن ۾ "گهٽ ۾ گهٽ قوت استعمال ڪرڻ ۽ اٽڪلن ۽ چالبازين تي زور ڏيڻ" جو رجحان ملي ٿو جڏهن ته ڪلازيوٽز جي خيال ۾ جتي به ممڪن هجي اُتي وڏ کان وڏ طاقت سان هڪ فيصلاڪن نقطي کي نشانو بنائڻ تي زور ڏنل آهي.

برطانوي جنگي تاريخ نويس ليڊل هارٽ هن کي ڏوهاري ٺهرائيندي چيو ته ڪلازيوٽز "وڏ کان وڏ فوج ۽ جيترو ممڪن هجي وڏي سطح جا حملا ئي فتح حاصل ڪرڻ جي ڪنجي آهن" واري اصول تي زور ڀريو هو. ڪلازيوٽز کي نيپولييني جنگين جو تجربو هو جنهن مان هن پنهنجا اصول اخذ ڪيا. ڪلازيوٽز ۽ نيپولين جي ان تعلق جي حوالي سان ليڊل هارٽ لکيو ته ٻين وڏن مدبرن وانگر نيپولين به پنهنجي رهنما اصولن جو اظهار تمثيلن جي صورت ۾ ڪندو هو. هن چيو ته "جنگ جو اصول گهيري ڪرڻ وانگر ئي آهي. آتشي هٿيارين کي ڪنهن هڪ نقطي تي استعمال ڪريو ۽ جيئن ئي کو گهارو (ڌار) پيدا ٿئي ته (دشمن جو) توازن بگڙجي ويندو ۽ باقي ٻيو ڪجهه به ناهي."


پر بعد جي جنگي نظريدانن "توازن" واري لفظ بدران "نقطي" تي زور ڏنو. پهرين جو واسطو جسماني طاقت سان آهي پوئين جو تعلق نفسياتي عنصر سان آهي. بهرحال، نيپولين جي ان راءِ بابت هڪ ڏر (ڪلازيوٽز) اها تشريح ڪئي ته ان جو مقصد دشمن جي مضبوط ترين جاءِ تي مرڪوز ڏڪ هٽڻ آهي ۽ ان سان ئي فيصلاڪن نتيجا ملندا. اهو دليل ڏيندڙ شايد ان حقيقت کان لنوائين ٿا ته ان قسم جي فتح جي ڳري قيمت ادا ڪرڻي پوندي آهي. ٻين ان جي تشريح اها ڪئي ته دشمن جو سڀ کان ڪمزور ترين نقطو (جاءِ) ئي هدف هجڻ گهرجي. پر اڪثر ڪري اهڙي جاءِ کي ڇاڻي ٻجهي چڊي ڏٻو آهي، هڪ ته اها جاءِ مرڪز کان پري هوندي آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن حملي آور کي قاسائڻ لاءِ ان کي ڪمزور رکيو ويندو آهي. پر نيپولين جي ڪيل جنگين مان ثابت ٿئي ٿو ته "نقطي" نه پر "جوڙ" کي نشانو بڻائڻ ضروري آهي. ڇاڪاڻ ته اها اهم ۽ نازڪ جاءِ هوندي آهي.[149]

ڪلازيوٽز توڙي جو هڪ رجمينٽل آفيسر رهيو. پر هي پنهنجي دور جي پيداوار هو، نئين روشني جي دور جو ٻار هو، جرمن رومانويت جو همعصر هو، هڪ دانشور، هڪ عملي اصلاح پسند، عمل پسند، پنهنجي معاشري جو تنقيدنگار ۽ ان جي تبديليءَ لاءِ جاکوڙيندڙ انسان هو. جهڙي ريت ڪلازيوٽز ذري گهٽ جنگي مشڪلاتن جو حل ڏنو، ساڳئي ريت مارڪس سياسي مشڪلاتن جو حل ڏنو. ٻئي ساڳئي جرمن خيال پرستيءَ واري دور جي ثقافتي ماحول ۾ ايريا. بهرحال، مارڪس جي مقصدن ۽ ڪلازيوٽز جي مقصدن ۾ وڏو فرق هو. ڪلازيوٽز جي خواهش هئي ته هُن کي لنڊن جو سفير مقرر ڪيو وڃي. هي مروج سماجي نظام ۾ رهندي تبديليءَ جو خواهشمند هو جڏهن ته مارڪس سماجي نظام کي ئي بدلائڻ جي ڳالهه ڪري تاريخ جو رخ ئي موڙي ڇڏيو. مارڪس انقلاب جو پيغمبر هو. اينگلس مارڪس کي خط ۾ لکيو ته "آءٌ ڪلازيوٽز جو "جنگ بابت" ڪتاب پڙهان پيو. جنگ کي فلسفياڻو بنائڻ جو عجيب انداز ائس، پر تمام سٺو آهي. جنگ جي سائنس يا فن جي سوال بابت ڳالهائيندي، هي چوي ٿو ته، ڪنهن به هي شي کان وڌيڪ، جنگ واپار سان هڪجهڙائپ رکي ٿي. جنگ ۾ ويڙهه ائين آهي جيئن تجارت ۾ روڪڙا ادائگي.[150]

جهڙي ريت پهرين عالمي جنگ جو نظرياتي ابو ڪلازيوٽز ڪي سڏيو وڃي ٿو جنهن ڪي عملي صورت مختلف جنگي جنرلن ڏني تہ ساڳئي ريت پهرين پورهيت انقلاب، روسي آڪٽوبر انقلاب، جو نظرياتي ابو ڪارل مارڪس هو جنهن ڪي عملي صورت لينن ڏني.

ڪارل مارڪس ۽ "جنرل" اينگلس

مارڪس ۽ اينگلس توڙي جو ہ فرد هئا (جن بعد ہ ادارا ہ جوڙيا) پر ہنهي فردن انساني فڪر ۽ عمل تي جيترا اثر وڌا شايد ئي تاريخ ہ ڪن ہ فردن ايترا گهڻ طرفا اثر ڇڏيا هجن. ڪارل مارڪس (5 مئي 1818ع _17 مارچ 1883ع)



۽ فريڊرڪ اينگلس (28 نومبر 1820ع _5 آگسٽ 1895ع) ٻئي جرمنيءَ ہ ۽ ان جي ساڳئي صوبي رائن ہ جنم ورتو. جنهن دور ہ هنن اڪيون ڪوليون اهو دور يورپ ۽ آمريڪا ہ جنگين ۽ انتشار جو دور هو. فرانسيسي انقلاب جون يادون اڃا تازيون هيون. يورپ تازو تازو نيپولين جي فتحن ۽ شڪستن ڪي ڏسي چڪو هو. مارڪس ۽



اينگلس ڪي وڌا جنگي جنرل نہ هئا ۽ نہ ئي ڪي ڪمانڊر هئا، نہ ئي هنن خالص جنگ جي شعبي ہ ڪي وڌا واڌارا ڪيا. پر هنن پنهنجي دور جي ٽيندڙ هٿيارٻند ٻاهوتن، لڙائين ۽ جنگين تي ماهراڻي انداز سان تبصرا ۽ تجزيا ڪيا ۽ انهن مان نتيجا اخذ ڪيا. پر هنن نہ فقط "جنگ" پر "سموري انساني سماج جي ترقي ۽ واڌاري جي قانونن" جي باري ہ ٻڌائي انساني سوچ ۽ فڪر جي تاريخ ہ انقلاب برپا ڪري ڇڏيو. ڇاڪاڻ تہ هنن ڪان اڳ سماجي سرگرميءَ جي محرڪن جي تلاش فقط انساني ذهنن ۽ جذبن، اڻ ڏٺل مافوق الفطرتي قوتن، ابدي ۽ اٽل فطري قانونن ہ تلاش ڪئي پئي وئي. هنن ٻنهي فڪري جنرلن جنگ سميت سمورين انساني سرگرمين جي اصل محرڪن بابت ٻڌايو. هنن انساني تاريخ ہ پهريون پيرو سائنسي انداز سان ٻڌايو تہ دنيا جي ڪمزورن ڪي طاقتورن سان ويڙهاند ڪري هن ڌرتيءَ ڪي انسانن لاءِ جنت بنائڻ گهرجي ۽ ان عالمي انقلابي ويڙهہ جا هي ٻئي ڪمانڊر ان چيف هئا.

اينگلس کي جنگ جي سائنس ۾ مهارت حاصل هئي پر هن مهل تائين جنگ بابت سندس لکيل مواد کي کا منظم صورت نہ ڏني وئي آهي. اينگلس جنگ جي موضوع تي کيترائي مضمون لکيا آهن جن ۾ "جرمنيءَ ۾ هاري جنگ" (1850) "فرانس خلاف مقدس اتحاد جي جنگ جو مستقبل" (1851) "انقلابي اسپين، گوريلا جنگ" (مارکس 1854) "يورپ جون فوجون" (1855) "افغانستان بابت" "ماضي ۽ حال ۾ جابلو جنگ" "پو ۽ رائن" "آمريکي گهرو ويڑهه جا سبق" "تاريخ ۾ طاقت جو کردار" ۽ مارکس ۽ اينگلس وچ ۾ ٿيل خط و کتابت سميت ٻين کيترن مضمونن ۾ اهم مواد شامل آهي، جنهن کي اڀان سهيڑڻ جي ضرورت آهي. مارکس اينگلس پنهنجي خط و کتابت ۾ عرب، هندستان، چين ۽ ايران جي تاريخ ۾ جنگ جي کردار بابت انتهائي اهم ۽ بنيادي قسم جا تجزيا کيا آهن. اينگلس کي پنهنجي ابتدائي جنگي تجربن تي هميشہ فخر هوندو هو. سندس جگري دوست مارکس کيس "جنرل" جي نالي سان سڏيندو هو.

انساني تاريخ جي مارکسي نظريي ۽ فوج جي وچ ۾ لاڳاپي بابت مارکس (اينگلس ڏانهن خط ۾) لکيو تہ "پيداواري قوتن ۽ پيداواري رشتن جي وچ ۾ لاڳاپي (ڳانڍاپي) واري اسانجي نظريي (تصور) جي سڃائي فوج جي تاريخ کان وڌيڪ چٽيءَ طرح کابہ بي شي نٿي ڏئي. . اقتصادي ترقيءَ لاءِ، عام طور تي، فوج اهم هوندي آهي. . . مثال طور پهريون مڪمل طور تي سٽريل اجوري (پگهارن) جو نظام آڳاٽي وقت ۾ فوج ۾ ملي ٿو. . . وڏي پيماني تي مشين جو استعمال پڻ فوج ۾ ٿيو. . . ايتريقدر جو، ڏاتن جي خاص اهميت ۽ انهن کي ڏوکڻن وانگر ڪتب آڻڻ جو ڪم بہ فوج ۾ ٿيو. . . هڪڙي برانچ اندر پورهيي جي ورچ پڻ پهريائين فوجن ۾ ڪئي وئي."[151]

اينگلس جنگ ۽ انساني تاريخي ترقي جي هڪجهڙي سان لاڳاپي جو تاريخي تجزيو ڪندي لکيو تہ "جيئن تہ انسان جانورن جي دنيا مان پاڻ کي ٻاهر ڪڍي پنهنجو پاڻ کي تاريخ ۾ داخل ڪيو، پر اڃان تائين هُو اڃ جانور هو تہ اڃ وحشي، اڃان تائين فطرت جي قوتن اڳيان بيوس هو، اڃان تائين پنهنجي قوت کان بہ بي خبر هو، ۽ نتيجي طور تي جانورن جهڙو ئي غريب ۽ انهن کان ٿورو وڌيڪ پيداواري هو."[152] ان جانورن واري سطح ۽ صورتحال مان نکرڻ لاءِ انسان کي "وحشي طريقا" استعمال ڪرڻا پيا آهن.

ايتريقدر جو اينگلس جي خيال ۾ جنگ ۽ جنگي قيدين جي نتيجي ۾ پيدا ٿيل آڳاٽي غلاميءَ کانسواءِ جديد يورپ ۽ جديد سوشلزم ۾ نه هجن ها. "انسان کي پنهنجي روزمره جي گذرسفر جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ سان گڏوگڏ پنهنجي گهرج کان وڌيڪ پيدا ڪرڻ جي ضرورت هئي. (ان دور ۾ اهڙي گهرج پوري ڪرڻ لاءِ) اهڙيون قوتون جنگ مهيا ڪري ڏنيون..... اڳ، خبر نه هوندي هئي ته جنگ جي قيدين جو ڇا ڪرڻو آهي ۽ تنهنڪري انهن کي ماري ڇڏيندا هئا، پر ان کان ۾ اڳي ته انهن کي کائي ڇڏيندا هئا. بهرحال، هڪ مرحلي تي انهن قيدين جي قيمت ٿهڻ لڳي، انهن کي زنده رهڻ ڏنو ويو ۽ انهن کي پورهيي لاءِ استعمال ڪيو ويو. اهڙي ريت طاقت، معاشي صورتحال ۽ مفادن جي ضرورت جو پورائو ڪندي غلاميءَ کي ايجاد ڪيو ويو..... اها غلامي ئي هئي جنهن سڀ کان پهريائين زراعت ۽ صنعت جي وچ ۾ پورهيي جي ورڇ کي ممڪن بڻايو. غلاميءَ کانسواءِ، نه ڪو هجن ها يوناني شهري رياستون، نه هجي ها يوناني ادب ۽ سائنس. غلاميءَ کانسواءِ رومي سلطنت ۾ نه هجي ها. پر وڏي ڳالهه ته يوناني ثقافت ۽ رومي سلطنت جي بنيادن کانسواءِ ته جديد يورپ ۾ نه هجي ها. ان بنياد تي اسين اهو چوڻ ۾ حق بجانب هونداسين ته "آڳاٽي غلاميءَ کانسواءِ جديد سوشلزم ۾ نه هجي ها."[151]

عام طور ائين سمجهيو ويندو آهي ته "جيڪو ڏاڍو سو گابو" مطلب ته طاقت ئي تاريخ جي ڦيٽي کي ڏکيندڙ قوت آهي. سمورن سماجي واقعن ۾ تشدد بنيادي عنصر آهي. طاقت جي پس برده اصل قوت کهڙي آهي؟ اينگلس لکيو ته "طاقت پيسا (ملکيت) کونه ناهيندي آهي پر اها ڏوکڙ کسي وڃندي آهي جيڪي اڳ ۾ ئي ٿهيل هوندا آهن. تنهنڪري، کنهن ۾ طاقت جي استعمال لاءِ ڏوکڙ گهرجن جيڪي معاشي صورتحال پيدا ڪندي آهي...." "ريوالور تلوار کي شڪست ڏئي ڇڏي. پر کنهن ۾ هٿيار جي فتح هٿيارين جي مجموعي پيداوار تي دارومدار رکي ٿي، ۽ اها پيداوار وري عام پيداواري (معاشي طاقت) تي ۽ اها "معاشي صورتحال" مادي ذريعن تي مدار رکي ٿي." ساڳئي طرح، اينگلس جي خيال ۾ جنگي نظريدانن ۽ جنرلن، جنگي فن، حڪمت عملي ۽ چالن جو واڌارو پڻ ان دور جي مجموعي معاشي ۽ سماجي حالتن تي آڌاريل هوندو آهي. "....(جنگي حڪمت عمليون، چالون، وغيره) مدبر جنرلن جي "آزاد دماغن جي تخليق" نه هوندیون آهن. جن جا انقلابي اثر ٿيندا آهن.... (پر)

ڪنهن مخصوص دور ۾ پيداوار ۽ ان سان گڏ آمدرفت جنهن مرحلي تي پهتل هوندي، هٿيار، فوجي تنظيم، ترتيب، تدبيرون ۽ حڪمت عملي ان تي آڌاريل هوندپون."

سماجي تحريڪن ۾ طاقت، هٿيارن ۽ تشدد جو ڪهڙو ڪردار رهيو آهي؟ ان سوال تي روشني وجهندي اينگلس چيو ته "طاقت تاريخ ۾ هڪ انقلابي ڪردار به ادا ڪري ٿي، طاقت اهو اوزار آهي جنهن جي مدد سان سماجي تحريڪون پنهنجو رستو ناهين ٿيون ۽ پراڻا ڍانچا بڻيل سياسي نظامن جي لاش کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري چڏين ٿيون."[154] ان حوالي سان مارڪس پڻ لکيو ته "طاقت هر پراڻي معاشري جي پيٽ ۾ نئين جي جنر لاءِ دائپي جو ڪر ڪندي آهي."[155] اينگلس آتشي هٿيارين جي تاريخي حيثيت بيان ڪندي لکيو ته "آتشي هٿيارن نہ فقط جنگ جي انتظام ۾ پر بالادست ۽ زيردست جي سياسي رشتن ۾ به انقلاب آڻي چڏيو. بارود ۽ آتشي هٿيارن لاءِ صنعت ۽ ڏوکڙ گهرجن پيا، سي شهر جي صنعتڪارن جي هٿن ۾ هئا... نوابن جا فوجي قلعا جن جون ديوارون ناقابل پهچ هيون، اهي شهري صنعتڪارن جي توبن اڳيان ڍير ٿي پيون، جن جي گولين سردارن جي زرهه ۽ ڍال کي پورا پورا ڪري چڏيو....." "سموري عوام کي هٿياربند ڪرڻ جو انقلابي نظام جلدئي زبردستي پرتي تائين محدود ٿي ويو (چاڪاڻ ته امير ماڻهو وري پئسا ڏئي پاڻ کي آجو ڪرائي چڏيندا هئا)."

جاگيردار ۽ سرمائيدار دور جي جنگ جي فرق بابت اينگلس لکيو ته "...انقلابي فوجن کان اڳ واري سستي ۽ ڪاهلائپ جاگيرداري نظام جي ڪري هئي. خود آفيسرن جي گاڏين جو وڏو تعداد به ان سموري آزاد چرپر اڳيان وڏي رڪاوٽ هو..." "...وڏي تعداد واري فوج ۽ آزاد چرپر جديد سٽريل فوجن جون اهم خاصيتون آهن. هارين ۽ سرمائيدارن جي آزادي جديد جنگ جا شرط آهن جيڪي ان آزاديءَ جو فوجي اظهار آهن...."

مٿين نقطن ۾ ته اينگلس سرمائيدار انقلاب ۽ جنگ بابت ذڪر ڪيو آهي پر اهم سوال خود پورهيت انقلاب ۽ ان جي جنگي طريقي ڪار جو آهي. ان حوالي سان اينگلس چيو ته "جنگي معاملن ۾ پورهيتن جي نجات جي ويڙهه جو اظهار خاص هوندو ۽ ان کي خاص جنگي طريقا تخليق ڪرڻا پوندا."[156] "جنگ جي سائنس ۾ نيپولين جي شاندار دريافتن کي هڪ معجزي سان ڍاهي نہ ٿو سگهجي. جنگ جي نئين سائنس به نون سماجي ناتن جي لازمي پيداوار هوندي جيئن انقلاب ۽ نيپولين

هٿان جنگ جي سائنس جنم ورتو جيڪي انقلاب جي ڪري آيل نون رشتن جو لازمي نتيجو هئا. پر ائين ئي جيئن پورهيت انقلاب ۾ صنعت وارو سوال اسٽيم مشين کي ختم ڪرڻ نہ پر انهن کي ضرب سان وڌائڻ جو سوال آهي. ساڳئي طرح جنگ جي معاملي ۾ فوج جي وڏي تعداد ۽ چرپر جي آزادي کي گهٽائڻ نہ پر ان کي شديد بنائڻ جو سوال آهي."

"نيپولييني جنگ لاءِ پيداواري قوتن ۾ اضافو اولين شرط هو؛ ساڳئي ريت، جنگ ۾ هر نئين ڪاميابي لاءِ نيون پيداواري قوتون اولين شرط آهن. ريلوي ۽ اليڪٽرڪ ٽيليگراف اڄ ۾ ئي جنگ جي وزير يا جنرل کي يورپي سطح جي جنگ جو انتظام ڪرڻ جي سهولت مهيا ڪري ڏني آهي. ريلوي جي مڪمل جار وچائڻ ڪانسواءِ، نہ ڪو فوجن کي هڪ هنڌ وڏي تعداد ۾ گڏ ٿو ڪري سگهجي ۽ نہ ئي ڪاڏو، ۽ نہ ئي بارود پهچائي ٿو سگهجي يا انهن کي حرڪت ڪرڻ جي لائق بڻائي ٿو سگهجي. اليڪٽرڪ ٽيليگراف ڪانسواءِ ايڏي وڏي تعداد جي فوجن کي هدايتون ڏيڻ ناممڪن آهن. چوڻ جو مطلب هي آهي تہ انقلاب کي انهن عام جديد جنگ جي ذريعن ۽ طريقن سان جنگ وڙهڻي پوندي. جنگ جي فن ۾ پراڻن هٿيارين (ذريعن) سان نوان نتيجا پيدا ڪرڻ ناممڪن آهي." "انقلاب کي جنگ جي جديد ذريعن ۽ جنگ جي جديد فن خلاف جنگ جي جديد ذريعن ۽ جنگ جي جديد فن سان ويڙهه ڪرڻي پوندي."[157] جنگ جو اهو جديد فن ۽ ذريعا مارڪس ۽ اينگلس جي دور ۾ تہ پيدا ڪونہ ٿي سگهيا پر روس ۾ اهڙيون حالتون پيدا ٿيون جن لينن کي اهو مواد مهيا ڪري ڏنو جو هن بالشوڪ پارٽيءَ جي اڳواڻي ۾ پهرين منظم سرخ فوج ناهي ملڪ ۾ انقلاب برپا ڪيو.

جيتريقدر جنگ جي سائنس ۽ فن جو تعلق آهي تہ اينگلس جنگ جي علم جو ڄاڻو هو. هن "جرمني ۾ انقلاب ۽ رد انقلاب" جي مضمون ۾ هٿياربند بغاوت جي حوالي سان لکيو تہ "بغاوت جنگ وانگر هڪ فن آهي." ان فن جا اصول هن ريت آهن

(1) جيستائين اوهين مڪمل طور تي تيار نہ هجو تيستائين بغاوت جهڙي اهم ڪم سان ڪڏهن بہ کيڏڻ نہ گهرجي. (چاڪاڻ تہ) اوهانجي مخالف قوتن وٽ تنظيم، ضابطو ۽ اختيار آهن، جيستائين ان خلاف مضبوط مخالفت نہ ڪندا تہ توهان تباهہ ٿي ويندا.

(2) جڏهن بغاوت شروع ڪجي ته پختي نموني اهو سمجهڻ گهرجي ته ان ڪي توڙ تائين وڙهڻو وڃڻو آهي.

(3) فيصلاڪن وقت ۽ فيصلاڪن نقطي تي وڏي برتريءَ سان مرڪوز قوت استعمال ڪجي، نه ته بي صورت ۾، دشمن جنهن کي بهتر تياري ۽ تنظيم جو فائدو هوندو اهو بغاوت کي ڪچلي وڌيندو.

(4) هڪ پيرو جڏهن بغاوت شروع ڪجي ته پختي ارادي ۽ سمورن وسيلن سان عمل ڪندي، ڪنهن ناڪاميءَ کانسوا حملي آورانه انداز ۾ وڌڻ گهرجي. دفاعي نوعيت جي ويڙهه هر هٿياربند بغاوت جو موت آهي.

(5) دشمن کي اچرج ۾ وجهڻ جي ڪوشش ڪجي ۽ ان لمحي جو فائدو وٺجي جڏهن دشمن جون فوجون چڙوچڙ هجن.

(6) روزانو ڪاميابين لاءِ ڪوشش ڪجي، پلي پوءِ اهي ڪيترين ئي ننڍين چو نه هجن (ڪلاڪن کن جون ئي چو نه هجن). ۽ هر قيمت تي اخلاقي چڙهائي کي برقرار رکجي. وڇڙن ۽ ٻڌتر جو شڪار ماڻهن کي پنهنجي پاسي ڪجي."

هن سمورن انقلابن جي سبقن کي ڄاڻڻ جي لفظن ۾ بيان ڪندي چيو ته "بيباڪي (بي ڊپائي)، بيباڪي، ۽ هڪ پيرو وري بيباڪي."[158]

جيئن ته مارڪس ۽ اينگلس اڳ ۾ ئي چئي چڪا هئا ته سرمائيداري نظام جي ڦهلجڻ سان دنيا ۾ هڪ وڏي عالمي مارڪيٽ وجود ۾ ايندي ۽ اها دنيا ڏينهون ڏينهن ڳنڍجي هڪڙي عالمي ڳوٺ مثل ٿي ويندي. اهڙي ڳوٺ ۾ ٽيندڙ جنگ پوري ڳوٺ جي هر گهر کي متاثر ڪندي. اينگلس پنهنجي آخري ڏينهن ۾ يورپ جي صورتحال جو جائزو ونڊندي اندازو لڳايو ته ايندڙ جنگ ۾ يورپ اهڙو تجربو ڪندو جيڪو ان کي ٽڪائي ڇڏيندو ۽ ان جنگ جو فيصلو "ناڪابندي" ذريعي ئي ٿي سگهندو. "برطانيه جيڪا آساني سان ناڪابندي ڪري ڪنهن به ڏر کي ٻُک ماري سگهي ٿي ۽ پوءِ انهن مان ڪنهن کي به امن ڪرڻ لاءِ مجبور ڪري سگهي ٿي."[159]

اينگلس جي ڪيل اڳڪٿي پهرين عالمي جنگ ۾ بلڪل سورنهن آنا سچ ثابت ٿي.

1866ع جي اپريل ۾ مارڪس پنهنجي دوست اينگلس ڏانهن موڪليل هڪ خط ۾ لکيو ته "اهو غالب امڪان آهي ته پرشين (Prussian) ڪارل ڪُتا (Curs) پنهنجا پُڇ پنهنجين ڇنگهين ڏانهن واپس ڪن، پر اها ڳالهه صاف ۽ ايتريقدر جو جٽ (آزاد خيال جرمن سرمائيدارن) لاءِ به چٽي آهي ته جيستائين جرمني ۾ هڪ انقلاب نٽو اچي، تيسين آسٽريا (Hapsburgs) ۽ پرشيا (Hohenzollerns) (جا بادشاهه) ڪارل ڪُتا اسانجي ملڪ

کي هڪ دفعو ٻيهر واپس 50_100 سالا (بادشاهن جي) گهرو جنگ ۾ اچلي ڇڏيندا."[۱۶۳]
انڪل 50 سال اڳ مارڪس جا چيل اهي لفظ پهرين عالمي جنگ (1914ع) ۾ بلڪل سچ ثابت ٿيا ڇاڪاڻ ته، خاص ڪري پهرين عالمي جنگ ۽ بعد ۾ ٻي عالمي جنگ ۾ به، مکيه اڳرائي ڪندڙ ڏرين ۾ جرمني، جو حڪمران ٽولو ئي هو جنهن پوري دنيا جي ڪروڙين انسانن کي جنگين جي اوڙاهه ۾ اڇلائي ڇڏيو.
اينگلس پنهنجي دور جي حالتن جو جائزو ونڊ ڪانپوءِ لکيو ته "جنگي جنون پوري يورپ کي ڳڙڪائي ڇڏيو آهي. پر اها جنگي جنونيت پنهنجي تباهي جو ٻج به ڪنيو پئي هلي. سموريون رياستون هر سال فوج، بحريه ۽ توبخاني تي وڏ ڪان وڌ خرچ ڪرڻ جي ڊوڙ ۾ مصروف ٿي ويون آهن جنهن ڪري هنن جي مالي صورتحال ابتر ٿيندي وئي. ٻيو ته سڀني شهرين لاءِ فوجي تربيت لازمي ٻڌجي وئي، ان عمل سموري عوام کي هٿيارن کان باخبر ڪري ڇڏيو ۽ ڪين ان لائق ٻڌايو ته جيڪڏهن ڪنهن مرحلي ۾ اهي پنهنجن ڪمانڊرن خلاف اٿي ڪڙا ٿين ته ٿي سگهن ٿا. صرف فرانسيسي انقلاب جهڙي هڪ انقلاب جي ضرورت آهي، جنهن شهري صنعتڪارن ۽ خاص ڪري هارين کي اقتصادي نجات ڏياري، ساڳئي وقت عوامي فوجون ۽ چرپر ڪرڻ جون آزاد صورتون دريافت ڪيون جن پراٽين سخت طريقن کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو. (اهڙي انقلاب جي ضرورت آهي.)"[۱۶۴] فقط 19 ۽ 22 سال پوءِ پهرين عالمي جنگ (1914ع) ۽ روسي فيبروري انقلاب ۽ آڪٽوبر انقلاب (1917ع) جي صورت ۾ اينگلس جي لکيل لفظن حقيقي روپ ورتو.

ويهين صدي

ويهين صدي انساني تاريخ جي هزارين سالن جي سفر ۾ هر حوالي سان سڀ کان وڌيڪ تيزترين ۽ شاهوڪار صدي هئي. جنگ جي معاملي ۾ انهن سو سالن دوران به عالمگير جنگيون لڳيون جن جو مثال پوري تاريخ ۾ نٿو ملي. ان صديءَ دوران پهريون پيرو ڪامياب پورهيت انقلاب آيا ۽ سوشلسٽ ملڪن جنم ورتو. لينن، اسٽالن، مائوزيتنگ، هوچي منهه، جياپ ۽ ڪم ال سنگ جهڙن عوامي انقلابي جنگي جنرلن ۽ نظريدانن سميت مارشل فوڪ، چرچل، هٽلر، مسوليني، چيانگ ڪائي شيڪ، زوڪوف، ڪانيف، روڪوسووسڪي، گدرين، روميل، منٽومگري، ائزن هاوور، ميڪ آرٿر، جارج سي مارشل جهڙن جنگي ماهرن ۽ جنرلن تاريخ جو رخ ئي موڙي ڇڏيو. جڏهن ته ٻئي طرف جي ايف سي فلر، ڪيپٽن لڊل هارٽ، هينز گدرين جهڙن روايتي جنگي نظريدانن صديون پراڻي جنگي علم ۾ جدتون آنديون ۽ پاڻ مڃايو. ٽينڪ، آبدوز، بکتربند، جهاز، پيراشوٽ جهڙين ٽيڪنيڪل جنگي ايجادن صدين جي محدود ۽ جامد جنگي طريقن ۽ تصورن جي جاءِ تي انتهائي تيز رفتار حڪمت عملين جنم ورتو ۽ گشتي جنگ جاءِ والاري ۽ ائٽم بم جهڙن خطرناڪ بمن جا تجربا به ڪيا ويا. فضائي جاچ پڙتال، گئس، پيٽرول، ٽيليفون ۽ ريڊيو ٽيليگرافي، آبدوز ٻيڙن، سيٽ لائيٽ، انٽرنيٽ، موبائل ۽ ٽرانسپورٽ نه صرف جنگ پر پوري سماجي زندگيءَ جي رنگن کي ئي بدلائي ڇڏيو.

پهرين عالمي جنگ

پهرين عالمي جنگ 4 آگسٽ 1914ع ۾ لڳي جنهن ۾ هڪ طرف (Entente) جرمني، آسٽريا هپس برگ ۽ ترڪي هئا ۽ ٻئي طرف (Central Powers) برطانيه، روس، فرانس، ۽ بعد ۾ آمريڪا، ان ۾ شامل هئا. هن جنگ کي "خندقي جنگ" سڏيو وڃي ٿو ته ڇاڪاڻ ته ان جنگ ۾ ٻئي ڌريون هڪٻئي جي سامهون چند ڪلوميٽرن ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته ميٽرن جي مفاصلي تي خندقن ۾ لڪي

هڪيئي مٽان فائرنگ ۽ گولابارو ڪنديون رهنديون هيون. انهن خندقن اڳيان ميلن تائين ڪنديدار تارون وڇايل هونديون هيون ۽ انهن خندقن ۾ فوجين کي پنهنجو بچاءُ ڪرڻ لاءِ بندوقون ۽ خندقون کوٽڻ لاءِ کوڏرون ۽ بيلچا هوندا هئا. ان قسم جي دفاعي ٽه مورچي گولي، کوڏر ۽ ڪنديدارن تارن لکين فوجن جي چرپر کي جمود جو شڪار ڪري ڇڏيو. هر ڏر ۾ي ڏر جي دفاعي محاذ کي ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪندي رهي. پر ان لاءِ گولين ۽ شيل ناڪافي هئا. هڪڙي هنڌان ناڪام ٿين ٽه وري ٻئي هنڌان ڪوشش ڪن پر وري ٻه ناڪامي، چاڪاڻ ٽه اُتي ٻه تارون، خندقون ۽ بندوقون ۽ کوڏرون هونديون هيون. برطانيه ۽ فرانس هڪڙي لڙائيءَ ۾ جرمني جي محاذ کي ٽوڙي فقط 3 هزار وار گهرائيءَ تائين جو علائقو حاصل ڪيو پر ان لاءِ هنن کي اٽڪل اڍائي لک فوج جي قرباني ڏيڻي پئي. ان تڪرار کي پڇاڻي تي پهچائڻ لاءِ باهمي ڪوس کانسواءِ ٻيو ڪوبه حل نظر نه ٿي آيو. ان کان اڳ چيو ويندو هو ٽه "توبخانو (Artillery) فتح ڪندو ۽ پيادا فوج قبضو ڪندي آهي." پر هتي قصو الٽو ٿي پيو. وڏي تعداد ۾ ڳري توبخاني استعمال ٿيڻ جي نتيجي ۾ زمين ۾ وڏا وڏا ڪڏا پيدا ٿي پوندا هئا جتان رسد نه پئي پهچائي سگهجي. جيڪڏهن ڊنل رود پيا ٽاهجن ٽه دشمن، ان وچ ۾، وري ڪا ٻي خندق ٽاهي وٺندو هو. 31 جولائي تي ائپرس (Ypers) جي ٽين لڙائيءَ ۾ برطانيه وڏي تعداد ۾ توبخانو استعمال ڪندي اٽڪل 45 لک شيل اڇلايا جن زمين جي سطح کي ئي غيرهموار بڻائي ڇڏيو، سمورا رود رستا اکيڙي ويا. اٽڪل 5 لک فوجين جو نقصان پڻ ٿيو. دفاعي خندقون قطار در قطار هڪيئي پٺيان کوٽيل هونديون هيون. ان صورتحال ۾ حملي آور جي قوت ڏهوڻي هجڻ باوجود دفاع کندڙ ڏر جي هڪوڻي قوت ٻه ڪافي هئي. ويندي 1917ع تائين اهائي صورتحال رهي، جنگ ۾ شامل ڏرين مسلسل خندقي جنگ ڪري هڪيئي کي ٽڪائي ڇڏيو. ٻئي ڏريون هڪيئي جو خون وهائيندیون رهيون.

چرپر جي آزاديءَ جو ٻيهر جنم

بلاڪ (Bloch) مستقبل جي جنگ بابت تبصرو ڪندي اڳڪٿي ڪئي هئي ٽه "مستقبل جي جنگ لڙائين سان نه پر ڏُڪار (سوڪهڙي) ذريعي کٽي ويندي." اها ڳالهه پهرين عالمي جنگ جي نتيجن بابت بلڪل سچ ثابت ٿي.

اتحادي ڏرين مان ڪن جو خيال هو ته جرمن فوج کي نشانو بڻائجي ۽ ٻين جو خيال هو ته جرمنيءَ کان اڳ ۾ ان جي اتحادين کي شڪست ڏجي. جرمني جي اوپر واري محاذ جي پيٽ ۾ اولهه (فرانس ۽ جرمنيءَ جي سرحد) واري محاذ وٽ ويڪر سوڙهي هئي تنهنڪري اوڏانهن چرپر ڪرڻ، گوهيون ۽ گٽون هٽڻ جي گنجائش گهٽ هئي. اتحادي فوج ڪلازيوٽز جي "ڪشش جي مرڪز" واري اصول تي عمل ڪندي، جرمنيءَ جي اتحادين بدران خود جرمنيءَ کي ڊيرڪرڻ ۾ لڳي پئي هئي. برطانيه جي وزير لائڊ جارج ڪلازيوٽز کي الٽ ڪندي جرمني جي اتحادين کي تباهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. بهرحال، ان خندقي جنگ مان جان ڇڏائڻ لاءِ جرمن فوج ان جو حل ڪڍيو ۽ زهريلي گئس ڪتب آندائون جنهن جو مقصد خندقن کي ڊاهڻ نه پر انهن خندقن کي فوجين کان خالي ڪرڻو هو. پر ان جي جواب ۾ ٻين ملڪن به زهريلي گئسن جو استعمال ڪيو. وري گولين کان بچاءِ جي زرهه (Bullet-proof shield) متعارف ڪرائي وئي ۽ ان کان به وڌي ۽ خطرناڪ شي "ٽينڪ" متعارف ڪرائي وئي جنهن کي شروعات ۾ "گشتي قلعو" ۽ "زميني ٻيڙو" جو نالو ڏنائون. ان جو پهريون تجربو 1916ع ۾ ڪيو ويو. بعد ۾ بڪتر بند (Armour) فوج به ميدان تي لاڻي وئي. ٽينڪن ۽ جهازن جي گڏپ سان وڙهڻ جو تجربو ڪيو ويو. بهرحال، ابتدائي طور تي ٽينڪ جو اثر هٿيار کان وڌيڪ نفسياتي ٿيو. مطلب ته پهرين عالمي جنگ ۾ فيصلاڪن ڪردار عددي برتري نه ڪري سگهي. پر مڪيه طور تي ٽن عنصرن جنگ ۾ فيصلاڪن ڪردار ادا ڪيو (1) ٽيڪنالوجي ۾ ٽيل نين ايجادن جنگ جي حڪمت عمليءَ تي وڏا اثر وڌا. مثال طور فضائي جاچ پڙتال (Aerial Reconnaissance)، زهريلي گئس، ٽينڪ، ٽينڪ جون نيون حرفتون، ٽيليفون ۽ ريڊيو ٽيليگرافي ۽ آبدوز ٻيڙا (2) برطانيه جرمنيءَ جي ناڪابنديءَ ڪري ان جي ماٺهن کي بُک ذريعي ساڻو ڪري ڇڏيو (3) جرمن فوج ۾ وڙهڻ جي اهليت نه رهي چاڪاڻ ته حملن ۽ شڪستن (خاص ڪري 8_11 آگسٽ 1918ع ۾ امينس جي لڙائي) سبب جرمن فوج ٽڪجي چڪي هئي. ٻيو ته جرمنيءَ جي اندر به ڪاڏي جي ڪوٽ ۽ صنعت جي تباهيءِ عام بغاوت کي جنم ڏنو هو. هن جنگ ۾ فوجن جي تعداد نه پر ٽيڪنيڪل برتري (خاص ڪري ٽينڪ) ۽ جنگي حڪمت عمليءَ اهم ۽ فيصلاڪن ڪردار ادا ڪيو.

ان جنگ هلندي هڪڙو تاريخ ساز واقعو پيش آيو جنهن سموري انساني تاريخ جي ڪايا ئي پلٽي ڇڏي. 1917ع جي فيبروري مهيني ۾ روس جي شهر پيٽروگراد ۾ ڪُڙبڙ شروع ٿي وئي، شاهي محافظن بغاوت ڪري ڇڏي ۽ انقلاب شهر کي ڀهاري ڇڏيو. عبوري حڪومت جو اعلان ڪيو ويو. روسي انقلاب جي خبر اولهه جي ملڪن ۾ باهه وانگر ڦهلجي وئي. جرمني، فرانس ۽ اٽليءَ جي فوجن ۾ به بغاوتون شروع ٿي ويون. انقلابين جي نعري تہ "هيءَ جنگ مزدورن جي نہ پر سامراجين جي جنگ آهي" جنگي جنرلن ۽ رهنمائن جون ننڊون حرام ڪري ڇڏيون. انهيءَ سال جي آڪٽوبر مهيني ۾ لينن جي اڳواڻي هيٺ بالشوڪن پورهيت انقلاب آندو.

لينن (1870_1924ع) ۽ **روسي آڪٽوبر انقلاب** (1917ع)

لينن هڪ سياسي رهنما، نظريدان، حڪمت عمليءَ جو ماهر، پورهيت انقلابي پارٽيءَ ۽ انقلاب جي خالق سميت هڪ گهڻ رخي شخصيت هو. هن مزدورن جي فوج تيار ڪئي جنهن وٽ نہ ڪي هٿيار هئا ۽ نہ ئي انهن جي فوجي تربيت ٿيل هئي. هن ان مزدورن جي سرخ فوج کي فقط هڪ فوج وانگر نہ پر هڪ انقلابي تنظيم طور منظم ڪيو ۽ تربيت ڏني. هن روس اندر پهريون ڪامياب سوشلسٽ انقلاب برپا ڪيو.

لينن نہ صرف سياسي رهنما هو پر ساڻئي وقت جنگي رهنما به هو جنهن سياسي ۽ جنگي حرفت کان ڪم وٺندي پهرين عالمي جنگ دوران پوري دنيا جي عالمي سامراجين کي نفسياتي ۽ سياسي طور تي پٽتي ڏکي ڇڏيو ۽ انهن ملڪن جي مزدورن کي "آقائن" لاءِ نہ پر "پنهنجي لاءِ" جنگ ڪرڻ جو درس ڏنو. پنهنجي ملڪ اندر پهرين ڪامياب عوامي هٿياربند بغاوت جي اڳواڻي ڪئي. ملڪ کان ٻاهر دشمن (جرمني، بعد ۾ پولينڊ) سان عارضي طور تي ناهه ڪري انهن کي شڪست ڏياري. سُرخ فوج پهرين عوامي فوج هئي جنهن هڪ پورهيت انقلابي سياسي پارٽيءَ جي رهنمائي هيٺ وڙهه ڪري سوشلسٽ رياست جو بنياد وڌو. لينن جنگ جي نظريي جي حوالي سان به اهم ڪم ڪيو. اينگلس وانگر لينن به ڪلازيوٽز جهڙن جنگي نظريدانن کي پڙهيو هو. هن "گوريلا


لينن

جنگ"، "ماسکو جي بغاوت جا سبق"، "پورهيت انقلاب جو فوجي پروگرام"، "سوشلزم ۽ جنگ" ۽ "جنگ ۽ انقلاب" "روسي انقلاب ۽ گهرو جنگ" جهڙا مضمون لکيا. لينن پنهنجي سياسي لکڻين ۾ به گهڻو ڪري جنگي اصطلاح ڪتب آڻيندو هو. مثال طور سياسي جدوجهد کي "لڙائي" ۽ "جنگ"، پارٽيءَ کي "فوج" ۽ "جنگجو تنظيم"، اخبار کي "سياسي هٿيار" وغيره لکندو هو.

لينن 1870ع ۾ روس ۾ پيدا ٿيو. هي 1895ع ۾ "پورهيت طبقي جي آزاديءَ جي ليگ" ۾ شامل ٿيو ۽ گرفتار ٿي پيو. روس ۾ 1898ع ۾ روسي سوشل ڊيموڪريٽڪ پورهيت پارٽيءَ جو بنياد پيو جنهن جي بي ڪانگريس ۾ لينن شرڪت ڪئي. ان ڪانگريس کان پهريائين (1902ع ۾) هن "هاڻي ڇا ٿيڻ گهرجي؟" جي عنوان سان هڪ ڏگهو مضمون لکيو. جنهن ۾ هن پورهيتن جي انقلابي نظريي ۽ پارٽي جي تجويز تي تفصيلي روشني وڌي. هن جي خيال ۾ روس جهڙي ملڪ ۾ يورپي قسم جون وسيع جمهوريت جي اصول تي هلندڙ سياسي پارٽيون نه هلي سگهنديون. هن سخت ضابطي ۽ جمهوري مرڪزيت جي اصولن تي هلندڙ ننڍي پيشيور انقلابين جي هڪ نئين قسم جي پارٽيءَ جو خاڪو ڏنو جيڪا پارٽي پورهيت طبقي جي هراول دستي ۽ منظم فوج وانگر ڪم ڪري. توڙي جو ان پارٽيءَ جو ڪم ۽ نوعيت سياسي هو پر ان جو تنظيمي ڍانچو ۽ ضابطو فوجي نوعيت جو هو.

مارڪس ۽ اينگلس سرمائيداري جي اُپار وارو دور ڏٺو هو ۽ انهن ڏينهن ۾ سوشلسٽ انقلاب عملي طور تي اڃڻ اٽڪل نه پئي لڳو ۽ نه ئي مستقبل جي عظيم انقلابي لڙائين لاءِ پورهيتن جي تياري جو ڪم ڪو ترت ٿيڻو هو. تنهنڪري اهي مستقبل جي انقلاب جي تدبيرن ۽ حڪمت عملين جي سائنس تي گهڻو ڪم نه ڪري سگهيا. مارڪس ۽ اينگلس ڪانپوءِ عالمي پورهيت تحريڪ ٻي انٽرنيشنل جي موقعي پرست رهنمائن جي حوالي ٿي وئي. جن جو سڄو زور فقط "پارلياماني" جدوجهد جي صورت تي هو. جڏهن ته لينن جدوجهد جي پارلياماني ۽ غيرپارلياماني، ڪليل ۽ ڳجهن، جمهوريت ۽ مرڪزيت سميت پُرامن توڙي پُرتشدد طريقن، بنهي کي وقت ۽ حالتن پٽاندڙ، استعمال ڪرڻ جي ڳالهه ڪئي. انهن موقعي پرست پورهيت اڳواڻن کي جواب ڏيندي لينن چيو ته "مارڪسزم سوشلزم جي سمورن آڳاڻن نمونن کان ان ڳالهه ۾ مختلف آهي ته اُها ڪنهن تحريڪ کي جدوجهد جي مخصوص صورت تائين

پابند نہ ٿي بٹائي..." "...ٻيو تہ مارکسزم جدوجهد جي صورت واري سوال جو جائزو تاريخي نقطہ نظر کان ڪري ٿي." "يورپي سوشل ڊيموڪريٽس موجوده دور ۾ پارلياماني ۽ مزدور جماعتن واري تحريڪ کي جدوجهد جي مکيہ صورت سمجهن ٿا، اهي ساڳيا ماڻهو (هٿياربند) بغاوت (Insurrection) کي ماضيء ۾ مجتا ڏيندا هئا ۽ هاڻي غيرسياسي ذريعن (پرتشدد طريقن) سان سرمائيداري جو تختو اونڌو ڪرڻ کي رد ڪن ٿا..." "...هڪ مارکسوادي سماجي امن کي نہ پر طبقاتي جدوجهد کي بنياد بٹائي ٿو." "....مخصوص سياسي ۽ اقتصادي بحرانن جي ڏينهن ۾ طبقاتي جدوجهد پڇي ستو گهرو جنگ جي صورت ونڊي ٿي. اهڙن دورن ۾ مارکسوادي تي فرض ٿئي ٿو تہ ان گهرو جنگ ۾ حصو وٺي." "....گهرو جنگ دوران پورهيتن جي آدرشي پارٽي ويڑهاڪ پارٽي هوندي. پر ان معاملي ۾ (اسان) انارکسزم، بلانڪيوزم ۽ دهشتگردي جي بي عقلاڻي طريقن وارين گوريلا کارروائين کي رد ڪريون ٿا."[162]

روس ۾ 1905ع ۾ پهريون انقلاب آيو جنهن ۾ پورهيتن "مزدورن جي ڊپٽيز جون سوويتون" قائم ڪيون. پر ان ۾ بالشوڪ پارٽي وڏو ڪردار ادا نہ ڪري سگهي. توڻي جو 1905ع وارو روسي انقلاب ناڪام ٿيو. جنهن لاءِ چيو ويو تہ مزدورن طرفان تڪڙ ۾ هٿيار کڻڻ ۽ بي وقتائتين هڙتالن سبب انقلاب ناڪام ٿيو پر لينن ان جو جواب ڏيندي لکيو تہ "6 ڊسمبر تي مزدور ڊپٽيز (Deputies) جي سوويت طئي ڪيو تہ "هڙتال کي هٿياربند بغاوت ۾ بدلائجي." پر ان وچ ۾ دشمن انقلاب_مخالف قوتن کي منظم ڪري ورتو ان ردعمل مارکس جي ڳالهہ کي سچو ثابت ڪيو تہ "انقلاب جي ترقي هڪ مضبوط ۽ متحد انقلاب_مخالف قوت کي جنم ڏيندي." پر سوشل ڊيموڪريٽڪ پورهيتن جي ڪمانڊر ان چيف اڊنگي انداز ۾ فوجن کي مقرر ڪيو جو انهن مان گهٽي فوج لڙائي ۾ حصو ئي نہ وٺي سگهي. پر پليخانوف جي خيالن کان وڌيڪ ٻي ڪا تنگ نظري نہ پئي ٿي سگهي جنهن چيو تہ "هڙتال بي وقتائتي هئي ۽ انهن (مزدورن) کي هٿيار نہ کڻڻ گهرجن ها." حقيقت ۾، ان جي ابتڙ اسانکي پرپور توانائي، پختي ارادي ۽ جارحاڻي انداز سان هٿيار کڻڻ گهرجن ها. اسان کي گهرجي ها تہ عوام کي ٻڌايون ها تہ پرامن هڙتالن تائين محدود رهڻ ناممکن آهي ۽ هڪ ٻي خوف ۽ لڳاتار هٿياربند ويڑهہ جي ضرورت آهي.

جيڪڏهن اسان ائين نہ ڪيو تہ اسان پنهنجو پاڻ ۽ عوام سان دوکو ڪيو. اهوئي ڊسمبر جي واقعن جو سبق آهي."[163]

جيئن تہ هڪ انقلابي قوت، جيڪا پنهنجي مدمقابل هڪ باقائده پگهاردار رياستي فوج جي پيٺ ۾ ڪمزور هوندي آهي، جيڪڏهن اها هٿياربند بغاوت ڪندي تہ ان لاءِ باقائده جنگ ڪرڻ ممڪن نہ ٿيندو ۽ ابتدائي طور تي ان کي گوريلا ڪارروائين ذريعي ويڑهه ڪرڻي پوندي. پر اڪثر يورپي پورهيت اڳواڻ گوريلا ڪارروائين کي "انتشار ڦهلائيندڙ" سمجهي رد ڪندا رهيا ۽ خود روس ۾ آيل پهرين انقلاب (1905ع) جي ناڪاميءَ جو سبب بہ انهن چڑوچڙ گوريلا ڪارروائين کي سمجهيو ويو. جنهن تي لينن لکيو تہ "...چيو وڃي ٿو تہ گوريلا ڪارروائيون اسانجي ڪم کي منتشر ڪن ٿيون. (حقيقت ۾) 1906ع واري تحريڪ جي انتشار جو الزام گوريلا جنگ تي نٿو هٿي سگهجي..." "...اهي گوريلا ڪارروائيون نہ آهن جيڪي تحريڪ کي منتشر ڪن ٿيون، پر هڪ پارٽي جي ڪمزوري آهي جيڪا اهڙي قسم جي عمل کي پنهنجي ضابطي هيٺ آڻڻ جي صلاحيت نٿي رکي." لينن گوريلا جنگ جي وصف هن ريت بيان ڪئي آهي تہ "...گوريلا جنگ هڪ وقت تي جدوجهد جي اٿڻ صورت آهي جڏهن عوامي تحريڪ حقيقت ۾ بغاوت جي ان نقطي تي هجي ۽ جڏهن گهرو جنگ ۾ "وڏين مهمن" جي وچ ۾ ڊگها وقفا ٿيندا هجن..." لينن گوريلا جنگ کي حتمي ۽ قطعي حيثيت ۾ نٿو ڏسي، هن جي خيال ۾ "پورهيتن جي پارٽي ڪڏهن بہ، فقط گوريلا جنگ کي، جدوجهد جو مکيہ، طريقو نہ ٿي سمجهي، ان جي معنيٰ آهي تہ ان طريقي کي بين طريقن جي ماتحت هجڻ گهرجي."[164]

وري جڏهن 1914ع ۾ پهرين عالمي جنگ لڳي تہ دنيا جي اڪثر "سوشلسٽن" پنهنجي پنهنجي ملڪ جي جنگ کي "مادر وطن جي دفاع" جي جنگ سڏي سڏي ۽ اٽسڌي ريت ان جنگ جي حمايت ڪئي ۽ مزدورن کي ان ۾ حصو وٺڻ لاءِ جواز مهيا ڪري ڏنا. توڙي جو لينن جو ملڪ (روس) بہ ان جنگ ۾ مکيہ ڌر هو پر لينن پهرين عالمي جنگ کي سامراجي جنگ سڏيو ۽ اهو لکيو تہ "اها جنگ اڃ ۾ ورهايل دنيا کي ٻيهر ورهائڻ لاءِ ڪئي پئي وڃي." هن ان وقت اعلان ڪيو تہ "روس جي سرمائيدارن خلاف روسي پورهيت اڄي ڪڙا ٽين ۽ هن سامراجي جنگ کي گهرو ويڑهه جي صورت ڏين."

پهرين عالمي جنگ اڃان هلندڙ هئي ان دوران لينن ملکي ۽ بين الاقوامي حالتن جو جائزو وٺڻ کانپوءِ ان نتيجي تي پهتو ته هٿياربند بغاوت جو وقت اچي ويو آهي. انقلاب وارن ڏينهن ۾ ته مرڪزي ڪميٽي جي اهم اڳواڻن (ريازانوف، ڪامنيف ۽ زنوويف) هٿياربند بغاوت خلاف مسلسل مهم هلائي. جنهن جي جواب ۾ 31 آڪٽوبر تي لينن "ڪامريڊن ڏانهن خط" ۾ لکيو ته "يا ته اسان پنهنجي نعري "سمورو اقتدار سوويتن کي ڏيو" تان هٽ ڪٽون يا ته هڪ هٿياربند بغاوت ڪريون. وچ وارو ڪوبه گس ناهي."[۱۵۶] هن پارٽيءِ جي اڳواڻن کي دليل ڏيندي 25 آڪٽوبر (7 نومبر) تي ٽيندڙ سموري روس جي سوويتن جي بي ڪانگريس کان اڳ ڪارروائي ڪرڻ تي زور پريو. "اسانکي انتظار نه ڪرڻ گهرجي! بالشوڪن لاءِ "رسمي" اڪثريت جو انتظار ڪرڻ بيوقوفي ٿيندي. اسان کان هر شي وڃائجي ويندي! 25 آڪٽوبر واري ووٽنگ جو انتظار فضول ٿيندو. حڪومت لوڏي ۾ آهي. ان کي هر قيمت تي تباهه ڪرڻ ضروري آهي."[۱۵۷] لينن پارٽيءَ اندر ڪنهن ڏڦيڙ کي روڪڻ لاءِ پيٽروگراڊ آيو ۽ 25 آڪٽوبر (7 نومبر) تي بغاوت جي تياري لاءِ "انقلابي فوجي ڪميٽي" جوڙي. ٻئي ڏينهن تي، سينٽ پيٽر ۽ سينٽ پال جي فوجي قلعن تي قبضو ڪرائي، اٽان 10 هزار رائفلون هٿ ڪيون ۽ اُهي سرخ فوج ۾ ورهايون. جُون مهيني کان وٺي ڪارخانن اندر سرخ فوج جون ڪمپنيون جڙي چڪيون هيون. جنهن ڪانپوءِ عبوري حڪومت "فوجي ڪميٽي" کي غيرقانوني قرار ڏئي ڇڏيو. لينن ويس بدلائي لينوئي کان سمولني پهچي ذاتي طور تي بغاوت کي منظم ڪيو. سرخ محافظن کي ٽيلفون ايڪسچينج، ريلوي اسٽيشنس، ٽيليگراف آفيس، پاور هائوس، اسٽيٽ بئنڪ ۽ بين اهم جاين ڏانهن اُماٽيو. اٽڪل صبح 10 بجي تائين سمورو حڪومتي ڍانچو ڍير ٿي پيو ۽ لينن اعلان ڪيو ته سموري روس جي مزدورن، فوجين جي عيوضين جي بي ڪانگريس شروع ٿي چڪي آهي. جنهن کي مزدورن، فوجين ۽ هارين جي وسيع اڪثريت جي حمايت حاصل آهي. ڪانگريس اقتدار پنهنجي هٿن ۾ وٺي ٿي. سوويت حڪومت سمورين قومن کي ترت امن ۽ سمورن محاذن تي جنگ بنديءَ جي آڇ ڪري ٿي" ان وچ ۾ سرڪاري ملازمن هڙتال ڪري ڇڏي ان جي ردعمل ۾ حڪومتي ڪاروهنوار هلائڻ لاءِ لينن ترت نوان وزير (ڪميسار) مقرر ڪري ڇڏيا اها تاريخ جي وڏي سياسي ۽ جنگي فتح هئي جيڪا بغير ڪنهن وڏي

خونريزيءَ جي حاصل ڪئي وئي. اهڙن ماڻهن لاءِ جنگ جي ماهر سن زو لکيو هو تہ عظيم جنرل اهي آهن جيڪي بغير وڙهڻ ۽ ماڻهو مارڻ جي جنگ ڪٽي ونندا آهن. لينن پنهنجن لفظن کي گولين طور ڪتب آندو، پنهنجين تقريرن کي بارود بڻائي دشمنن جي هزارين سال پراڻن روحاني قلعن کي پورا پورا ڪري ڇڏيو. هن جي ڪتابن ائٽم بم جهڙا ڌماڪا ڪيا جن هزارين سال مدي خارج ريتن رسمن، ظلم ۽ ڏاڍ، جابر حڪمرانن جي محلاتن کي ساڙي خاڪ ۾ ملائي ڇڏيو.

روس ۾ انقلاب تہ اچي ويو پر هاڻي ان انقلاب ۽ خود روس کي وڏو خطرو جرمنيءَ مان ٿي پيو جيڪا زار شاهي جي فوج کي ذري گهٽ هارائي چڪي هئي. مُلڪ جون حالتون بدترين بحران جو شڪار هيون ۽ فوج تباه حال هئي هاڻي ان صورتحال ۾ بالشوڪ پارٽي ڇا ڪري؟ يا تہ جرمنيءَ سان جنگ جاري رکي يا شڪست قبول ڪري؟ حقيقت ۾ روس ۽ بالشوڪ پارٽي جرمنيءَ سان ويڙهه ڪرڻ جي پوزيشن ۾ نہ هئا. لينن کي چگي ريت ڄاڻ هئي تہ جنگ فقط ويڙهاند جو نہ پر سفارتي، نفسياتي ۽ اقتصادي معاملو پڻ آهي. تنهنڪري، جرمنيءَ خلاف ويڙهه ۾ فقط فوجي ذريعن تي پاڻڻ بدران لينن سفارتي ۽ نفسياتي جنگ بہ جاري رکي. هن جي خيال ۾ جيئن پهرين عالمي جنگ دوران پروپيگنڊا ذريعي زار شاهي جي فوج جي ضابطي ۽ ارادي کي ڪاٽ هنيو ويو هو ساڳي ريت سرمائيدار ۽ سامراجي طاقتن جي فوجن کي بہ اندران ئي اندران ڪاٽ هٽي سگهجي ٿو. ائين بالشوڪن نفسياتي حملي آور لڙائي ڪندي لفظن ۽ پمفليٽن جي هٿيارن سان ويڙهه ڪئي. بالشوڪن جنگ کي سامراجي جنگ سڏي امن جو نعرو بلند ڪيو، (جنگ جي تباهين ۽ قتل عام سبب ٿڪل ۽ بيزار ڪروڙين عوام ۽ خاص ڪري فوجين لاءِ اهو نعرو سندن دل جي ڳالهه هو.) اتحادين ۾ ٽيل ڳجها عهدناما پڌرا ڪري ڇڏيا، (جنهنڪري، سامراجي مُلڪن جا حڪمران طبقا ذليل ۽ خوار ٿي ويا) بريسٽ لٽوسٽڪ جنگ بنديءَ ۽ امن ڪانفرنسن کي عوامي فورم طور استعمال ڪندي پنهنجن خيالن جو پرچار ڪيو. بالشوڪن اڪثر ڏهه لکن کان وڌيڪ پمفليٽ جرمن فوجين ۽ جنگي قيدين ۾ ورهايا. ايتريقدر جو، جڏهن جرمن قيدي، روس مان واپس ٽيا تہ جرمنيءَ پنهنجن فوجين کي ٽيهن ڏينهن لاءِ الڳ ڪري رکيو. جرمن جنرل هاف من چيو تہ روس مان واپس ٽيل جرمن فوج ايترو تہ "بالشوازم جي گند"

سان پريل هئي جو هن کي اها جرائت نہ ٿي ته اُن فوج جي ڪجھ حصي کي اولھندي محاذ ڏانھن منتقل ڪري."[167]

روس مجبور ٿي جرمنيءَ سان بريسٽ لٽوسٽڪ معاھدو ڪيو جيتوٽيڪ، اھو امُن معاھدو ھو پر ان پنيان دشمن سان ويڑھ جي جنگي حڪمت عملي ب ھئي. برطانوي ايجنٽ بروس لوڪارٽ (Bruce Lockhart)، لينن سان ان ڊپ جو اظھار ڪيو ته جيڪڏھن توھان جرمنيءَ سان امن معاھدو ڪندا ته پوءِ جرمني پنھنجي سموري فوج کي اولھندي محاذ ڏانھن اماڻيندو. اُھي (جرمن) اتحادين (برطانيہ، فرانس وغيرہ) کي تباھ ڪري ڇڏيندا ۽ ان کانپوءِ بالشوڪ کيڏانھن ويندا؟ ان تي لينن مسڪرائيندي چيس ته "تون ب پنھنجي مُلڪ واسين وانگر نوس فوجي انداز سان سوچين ٿو. تون نفسياتي عنصر کي نظرانداز ڪرين ٿو. ھن جنگ جو معاملو خندقن (مُھڑ) ۾ نہ پر پنڌين حصي (rear) ۾ طئي ٿيندو... ھن ڏاڙيل امن واري ناھ جي نتيجي ۾، جرمنيءَ کي اوپر طرف ٿوري نہ پر تمام گھٽي فوج برقرار رکڻي پوندي... ھڪ فوج جيڪا ويڑھ نٽي ڪري سگھي، ان کان وڌيڪ طاقتور ھٿيار مانيٽي (غيرمتحرڪ) مزاحمت (Passive resistance) آھي."[168] بھرحال، ان معاھدي جي تمام ڳري قيمت ادا ڪرڻي پئي ڇاڪاڻ ته لينن جرمني سان بريسٽ_لٽوسڪ جو امن معاھدو ڪري عارضي طور تي پنڌي ھٽي ته ويو پر تمام وڏو علائقو ۽ وسيلا (انڪل 34 سيڪڙو آبادي، 32 سيڪڙو زرعي زمين، 54 سيڪڙو صنعت ۽ 89 سيڪڙو ڪوئلي جا ذخيرا) جرمني جي حوالي ڪيا ويا. لينن جي خيال ۾ "جڏھن انقلابي پارٽين حملو ڪرڻ سکي ورتو ھجي، ته انھن کي اھو ب سمجھڻو پوندو ته ان ڇاڻ سان گڏ اھو ب معلوم ڪرڻ گھرجي ته پنڌي ڪيئن ھٽجي." "تيسين فتح حاصل ڪرڻ ناممڪن آھي جيستائين توھين اھو نٿا سکو ته درست نموني ڪيئن حملو ڪجي ۽ ڪيئن پنڌي ھٽجي."[169]

اڄان جرمنيءَ سان ٽيل (بريست لٽوسڪ) معاھدي وارن ڪاغذن تان مس ئي نہ سکي ھئي ته سَوويت حڪومت کي باھرين مداخلت ۽ ملڪ اندر گھرو ويڑھ کي منھن ڏيڻو پئجي ويو. بالشوڪن ۽ سفيد فوج جي وچ ۾ ٽيل جنگ دوران ماسڪو کي گھيرو ڪيو ويو ۽ ائين پئي لڳو ته شايد سوويت حڪومت بچي نہ سگھي. پيٽروگراڊ واري محاذ تي شھر جي مزدورن آخري خندق تائين دشمن کي روڪي رکيو. پر سڀ کان وڌيڪ خطرناڪ ته ڏاکڻي رخ کان ايندڙ سفيد

فوج هئي جنهن کي اڳتي وڌڻ کان روڪڻ انتهائي ڏکيو ڪم هو پر تيسين ان جي اڳيرائيءَ کي روڪڻ ۾ Tsaritsyn (جنهن کي بعد ۾ اسٽالن گراد سڏيو ويو) وٽ ٽيل گهيري اهم ڪردار ڪيو جتي اسٽالن، وروشلوف ۽ بديني جهڙن جنرلن سوويت فوج جي اڳواڻي ڪئي ۽ سفيد فوج هٽان بالشوڪ راج کي ختم ڪرڻ واري سگهه مان ساهه ئي ڪيي چڏيو. 1919 ۽ 1920ع دوران هڪ هڪ ڪري سفيد روسي جنرلن کي شڪستون ڏنيون ويون. بن سالن کان مٿي هليل ان جنگ ۾ انقلاب جو بچي وڃڻ ڪنهن معجزي کان گهٽ نه هو. ان دوران بالشوڪن نه صرف هٿيارن ۽ قلم ذريعي به ويڙهه ڪئي. ان جنگ ۾ سرخ فوج سميت اسٽالن، ٽراٽسڪي، فرنز، وروشلوف ۽ تمشينڪو جهڙن اهم جنگي سربراهن به پاڻ مڃايو.

روسي انقلاب جتي سياسي ۽ سماجي ادارن جي پراڻن تصورن کي ٻهاري چڏيو ساڳئي طرح فوجي تنظيم ۽ جنگي اصولن ۽ حڪمت عمليءَ جي پراڻن تصورن کي به بدلائي چڏيو. جيئن فرانسيسي انقلاب بادشاهن ۽ نوابن جي فوج جي جاءِ تي عوامي فوج کي آندو ۽ جنگ کي "آزادي، برابري ۽ پائپيءَ" جهڙن مقصدن کي حاصل ڪرڻ جي اوزار طور ڪتب آندو. بالشوڪن زار جي فوج کي هٽائي مزدورن ۽ هارين جي سرخ فوج ٺاهي جنهن 24 فيبروري 1918ع ۾ جنم ورتو. هڪ اهڙي فوج جيڪا اندرين ۽ ٻاهرين دشمنن خلاف انقلاب جي دفاع لاءِ مظلوم ۽ پيڙهيل عوام جو هٿيار هئي.

جنگ جي سائنس ۽ فن جي حوالي سان لينن لکيو ته "جيستائين (هٿياربند) بغاوت کي هڪ فن وانگر نه ٿو سمجهيو وڃي تيستائين مارڪسزم سان وفادار رهڻ ۽ انقلاب سان وفادار رهڻ ناممڪن آهي. ڪامياب ٿيڻ لاءِ، بغاوت کي نه سازش تي ۽ نه ئي هڪ پارٽي تي، پر سڌريل طبقي تي پاڙڻ گهرجي. اهو آهي پهريون نقطو. بغاوت کي عوام جي انقلابي ايار تي پاڙڻ گهرجي. اهو آهي ٻيو نقطو. بغاوت کي ترقي ڪندڙ انقلاب جي تاريخ جي موڙ تي پاڙڻ گهرجي جڏهن عوام جي سڌريل صفن جي سرگرمي پنهنجي عروج تي هجي ۽ جڏهن دشمن جي صفن ۾ ۽ انقلاب جي ڪمزور، ٻڌتر ۽ بد دل دوستن جي صفن ۾ سگهاري ترين اُڻ تڻ هجي. اهو آهي ٽيون نقطو. ۽ بغاوت واري سوال جي حوالي سان اهي ٽئي شرط مارڪسزم کي بلانڪزم کان نمايان ڪن ٿا."[1704]

جنگي حڪمت عمليءَ بابت لينن جي تصور متعلق تبصرو ڪندي لڊل هارٽ لکيو ٿ "لينن وٽ هڪ بنيادي حقيقت جو تصور هو، جڏهن هن چيو ٿ "جنگ ۾ سڀ کان معقول ترين حڪمت عملي اها آهي ٿ آپريشن کي تيستائين ملتوي ڪجي، جيستائين دشمن اخلاقي طور ڏيوالي جو شڪار نه ٿو ٿئي ۽ پوءِ ان کي موتمار ڏڪ هڻڻ ممڪن ۽ آسان بڻجي ويندو" "سڀ کان معقول ترين حڪمت عملي اها آهي ٿ ڪنهن به جنگي مهم ۾ تيستائين لڙائي کي ملتوي ڪجي ۽ سڀ کان معقول ترين تدبير اها آهي ٿ تيستائين حملي کي ملتوي ڪجي، جيستائين دشمن جو اخلاقي انتشار ۽ مونجهارو، فيصلاڪن ڏڪ هڻڻ کي قابل عمل نٿو بڻائي."[۱۲۱۳]

طبقاتي جدوجهد، سياست، انقلاب ۽ جنگ جي تعلق جي حوالي سان لينن لکيو ٿ "هٿياربند بغاوت سياسي جدوجهد جي هڪ خاص صورت آهي."[۱۲۱۴] "جيڪي چون ٿا ٿ سوشلسٽ سمورين جنگين جي مخالفت ڪن ٿا ۽ سامراجيت جي دور ۾ قومي جنگيون ممڪن نه رهيون آهن اهي غلط آهن پهرين ڳالهه ٿ سوشلسٽ، انقلابي جنگين جا نه ڪڏهن مخالف رهيا آهن ۽ نه ئي ڪڏهن ٿي سگهن ٿا ٻيو ٿ، گهرو ويڑهه ٻين جنگين وانگر هڪ جنگ آهي. جيڪو ماڻهو طبقاتي جدوجهد جي ڳالهه ڪري ٿو اهو گهرو ويڑهه کي قبولڻ کان انڪار نٿو ڪري سگهي. هر طبقاتي معاشري ۾ گهرو ويڑهه ٿيڻ فطري عمل آهي ۽ مخصوص حالتن اندر اها طبقاتي جدوجهد جو تسلسل، واڌارو ۽ شدت ۽ اٿڻ صورت آهي. ان جي ثابتي هر وڏي انقلاب ۾ ملي ٿي. جيستائين اسين سموري دنيا جي سرمائيدارن جو تختو اونڌو نٿا ڪريون تيسين جنگيون ٿينديون رهنديون. "مادر وطن جي دفاع" جي لفاظي جي ڪري هلندڙ جنگ (پهرين عالمي جنگ) کي "جائز" جنگ نٿا مڃي سگهون. اها ڳالهه نه وسارڻ گهرجي ٿ هر جنگ ٻين ذريعن سان پاليسيءَ جو تسلسل آهي. موجوده سامراجي جنگ وڏين طاقتن جي بن گروهن جي سامراجي پاليسين جو تسلسل آهي. انهن حالتن ۾ انقلابي قومي بغاوتون ۽ جنگيون، سرمائيدارن خلاف پورهيت جنگيون ۽ بغاوتون، ۽ بنهي قسمن جون انقلابي جنگيون ٿيڻ ممڪن ۽ اٿڻ آهن."[۱۲۱۵]

لينن کي خبر هئي ٿ سرمائيداري ۽ سوشلزم ۾ جنگ اتي ئي ختم ڪانه ٿيندي. ان حوالي سان هن اڳواڻ ئي لکيو هو ٿ "بين الاقوامي سرمائيداريت

جو تختو اونڌو ڪرڻ لاءِ جنگ، هڪ اهڙي جنگ جيڪا رياستن جي وچ ۾ هوندي، عام سخت ترين جنگين کان سوين دفعا وڌيڪ مشڪل، ڏکوئيندڙ ۽ پيچيده هوندي."[174] بلڪل ائين ئي ٿيو ته 1939ع ۾ ٻي عالمي جنگ جي ابتدا ٿي جنهن جنگ جي سموري تاريخ جا اڳوٽا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا. ان ۾ ڪوبه شڪ ناهي ته ٻي عالمي جنگ دوران نازي درندن خلاف ڪيل ويڙهه ۾ سوشلسٽ نظريي اهم ڪردار ادا ڪيو. پر فقط اخلاقي سگهه ڪافي ناهي هوندي ان لاءِ مادي وسيلا، ضابطو ۽ جنگي سائنس ۽ فن جي مهارت به گهربل هجي ٿي. ٻي عالمي جنگ (1939ع) لڳڻ تائين سوويت يونين فقط 15 سالن جي مختصر عرصي اندر پاڻ کي دنيا جي طاقتور ترين ملڪن جي فهرست ۾ آڻي بيهاريو.

جي ايف سي فلر (1878_1966ع) (برطانوي جنرل)

جي ايف سي فلر (J. F. C. Fuller) جديد جنگ جي تصوراتي نظريي ۽ جديد هٿيارن وارن آپريشنس جي حوالي سان ويهين صديءَ جو مڃيل جنگي تجزيي نگار هو. جنگي مسئلن، جنگ جي سياسي ۽ سماجي پاسن ۽ جنگي تاريخ بابت هن جي لکڻين ٻي عالمي جنگ ۽ ان کانپوءِ جي جنگي رهنمائن تي نمايان اثر وڌا. هن جنگ جي فن ۾ اهو تصور پيش ڪيو ته "مستقبل جي لڙائين جي ڪاميابيءَ جي ڪنجي (لفافي وانگر) ويڙهڻ بدران اندر گهڙي وڃڻ (Penetration) واري اٽڪل هوندي." ۽ ٻيو ته هن ٽينڪ جي جنگ جو تصور ڏنو ۽ پهرين تجربي جي اڳواڻي به ڪئي ۽ وڏي تعداد ۾ ٽينڪن جي حملي جو تصور به ڏنو.

جي ايف سي فلر جو خيال هو ته "هر نئون يا سڌريل هٿيار يا حرڪت ڪرڻ جا نوان طريقا جنگ جي فن ۾ تبديلي جي تقاضا ڪن ٿا. ٽينڪ جي اچڻ کانپوءِ ان فن ۾ مڪمل طور تي انقلاب اچي ويو آهي. ٽينڪ جي متعارف ٿيڻ سان

(1) جسماني طاقت بدران مشيني طاقت جاءِ والاري
(2) ٽينڪ چرپر جي آزاديءَ ۾ اضافو ڪيو
(3) ٽينڪ جي موٽي لوهي چادر گوليءَ جي اثر کان بچاءُ ڪرڻ جي صلاحيت ۾ اضافو ڪري ڇڏيو
(4) ٽينڪ، سپاهين کي ڳرا هٿيار کڻي هلڻ ۽ گهوڙن کي هڪلڻ کان ڇوٽڪارو ڏياري حملي آور طاقت ۾ اضافو ڪيو ۽ بارود جي اضافي رسد سبب هٿيارين جي تباهه ڪندڙ طاقت ۾ پڻ واڌارو ڪيو.

(5) ٽينڪ زمين جي هموار ۽ غيرهموار سطح تي آساني سان هلي سگهي ٿي، جنهن ڪري، جڏ تہ، زمين هاڻي سمند وانگر بڻجي وئي. مطلب تہ ٽينڪ ڪنهن بہ ملڪ جي سموري علائقي کي جنگ جو ميدان بڻائي ڇڏيو.

(6) ٽينڪ جي ڪري وقت جي بچت ٿئي ٿي ۽ جنگ ۾ وقت جي وڏي اهميت هوندي آهي."

ٽينڪن جي استعمال صديون پراڻن جنگ جي طريقن ۽ پيادا فوج جي اهميت کي بہ گهٽائي ڇڏيو. ٽينڪ جي اچڻ سان اهو ٿيو تہ پيادا فوج جيڪا صدين کان مکيہ قوت پئي رهي آهي سا مددگار قوت بڻجي وئي ۽ بعد ۾ جتي جتي ٽينڪ حرڪت ڪري سگهي اتي پيادا فوج بيڪار ٿي وئي. ان حقيقت اسانجي موجوده دور جي جنگي تصورن ۾ انقلاب آڻي ڇڏيو آهي ۽ جنگي انڪلن ۾ هڪ نئون دور شروع ڪري ڇڏيو آهي. پهرين عالمي جنگ دوران مشين گن، ڪنڊيدار تارن جي رڪاوٽن ۽ ڳري توبخاني واري "خندقي جنگ" دوران ڪوبہ هٿيار اهڙو نہ هو جيڪو دشمن جي دفاعي محاذ ۽ ان جمود کي ٽوڙي سگهي. انهن ڏينهن ۾ 1916ع ڌاري ٽينڪ کي پهريون پيرو ميدان تي لاتو ويو. انهن ڏينهن ۾ فلر چيو هو تہ "گهٽ ۾ گهٽ اها ئي ڪاميابيءَ سان اندر گهڙي وڃڻ جو وسيلو ٿي سگهي ٿي." بعد ۾ هن وڏي تعداد ۾ ٽينڪن جي حملي جو پهريون منصوبو ناهيو جنهن مطابق ٽينڪون جرمنيءَ جي دفاعي قطار ۾ اندر گهڙي ويون ۽ ڪيمبرائي وٽ 20 نومبر 1917ع ۾ فتح حاصل ڪئي وئي. فلر پهرين عالمي جنگ کي ختم ڪرڻ لاءِ آخري منصوبو تيار ڪيو هو جنهن ۾ انڪل 4 هزار نيون ٽينڪون اندر گهڙڻ لاءِ ۽ پوءِ وري ان جو فائدو وٺڻ لاءِ هڪ هزار ٽينڪون استعمال ٿيٽيون هيون. پر اهو منصوبو عمل ۾ نہ اچي سگهيو. بعد ۾، بي عالمي جنگ وقت نازي فوج "وڄ جي تيزيءَ" واري حڪمت عمليءَ تي عمل ڪندي فلر جي منصوبي کي عملي جامو پهرايو. هن گهوڙن واري فوج بدران مشينن ذريعي جنگ ڪرڻ جي ڳالهہ ڪئي جنهن تي برطانيہ جا روايتي فوجي سربراه هن کان ناراض ٿيا.

جي ايف سي فلر جي خيال مطابق، ٽينڪ جي اچڻ سان حڪمت عمليءَ تي فرق نہ پوندو جيڪا ڪلازيوٽز واري اصول "دشمن جي ويڑهاڪ قوت کي تباهہ ڪرڻ" تي عمل ڪري ٿي. هاڻي سوال هي ٿو پيدا ٿئي تہ دشمن جي فوجي

تنظيم کي تباھ ڪيئن ڪجي؟ (1) ان کي ٽڪائي ختم ڪرڻ سان يا (2) ان کي ناڪارا بڻائڻ سان؟ جنگ ۾ پھرين طريقي مان مراد آھي دشمن کي مارڻ، پڪڙڻ يا بي ھٿيار ڪرڻ. ٻئي طريقي جو مطلب آھي فوجي دماغ (ھاءِ ڪمانڊ) کي ناڪارا بڻائڻ. مثال طور ڪنھن ماٹھوءَ جي جسم جي مختلف حصن تي ڏڪ ھڻي يا زخمي ڪري مارجي يا ان جي دماغ کي ڏڪ رسائجي. ڪنھن ۾ فوج جو دماغ ان جي فوج، ڪور ۽ ڊويزنل ھيڈڪوارٽر، جو اسٽاف ھوندو آھي. پر انھيءَ فوجي (دماغ) اسٽاف تائين پھچڻ لاءِ پھريائين محاذ تي موجود فوج، خندقن، ڪنڊيدار تارن، بارودي سرنگھن کي منھن ڏيڻو پوندو. تنھنڪري ان قسر جي مزاحمتي پٽيءَ (محاذ) کان بچڻ لاءِ ٻن قسمن جا ھٿيار ڪر اڇي سگھن ٿا (1) جھاز ۽ (2) ٽينڪ. جھاز سيني قسمن جي رڪاوٽن تي غالب ٿي سگھي ٿو پر ان کي زمين تي لھڻ لاءِ مناسب ميدان گھرجي ۽ جھازن ۾ ايتري فوج ۽ ھٿيار نہ ڪٹي سگھبا جيترا دشمن وٽ ھوندا. جيتوڻيڪ، ٽينڪ جي استعمال ۾ ٻہ مسئلا آھن پر اھي عارضي آھن. جيئن تہ دشمن جي طاقت ان جي مھڙ واري محاذ وٽ نہ ھوندي آھي، پر ان جي پٺيان ھوندي آھي. بچت فوج ئي ان جي فتح جي ضامن ھوندي آھي. تنھنڪري، "دشمن جي فوج کي تباھ ڪرڻ ڪانپوءَ ان جي ڪمانڊ کي تباھ ڪرڻ صحيح نہ ٿيندو، پر دُشمُن تي حملي ڪرڻ کان اڳ، ان (فوج) کي چڙوچڙ ۽ غيرمنظر ڪجي تہ جيئن حملو آسانيءَ سان ڪري سگھجي. ۽ ائين ڪرڻ جو سڀ کان بھترين ۽ آسان طريقو ان جي ھاءِ ڪمانڊ کي ڏڪ رسائڻ آھي."[175] ان لاءِ ھن "ھڪبئي جي سامھون طئي ٿيل دفاعي محاذن" تي وڙھڻ بدران دشمن جي "دفاعي قطار ٽوڙي اندر گھڙي وڃڻ" وارو تصور ڏنو جنھن تي پڻ برطانيہ عمل نہ ڪيو ۽ ٻي عالمي جنگ دوران نازي جرمنيءَ ان مان فائدو ورتو. (فلر جي ان تصور سبب ھن جا سينئر فوجي عملدار (جيڪي گھوڙن تي ھلڻ جا عادي ھئا) سي پڻ ھن کان ناراض ھئا.) ھن، ٻي عالمي جنگ کان اڳ ۾ ئي چيو ھو تہ "فرانس جي ميجنوٽ دفاعي قطار "فرانس جو مقبرو" ثابت ٿيندي."[176] اھا ڳالھ سچ ثابت ٿي. بھرحال، بعد ۾، روسي ۽ جرمن فوج ھن جي ڏنل اصولن تي عمل ڪيو. ھن "ھٿيار ۽ تاريخ" "اولھ جي دنيا جي فوجي تاريخ" جھڑا ڪتاب لکيا.

جي ايف سي فلر جنگ جي فن جي حوالي سان لکيو تہ "فوج جو جنگ جي ميدان تي ڪنو ٽيڻ (Concentration) جي معنيٰ عددي برتري يا ھٿيارن جي

برتري ناهي. ان جو سڀ کان فائديمند استعمال تڏهن ٿيندو جڏهن حيرت ۽ وجهڻ وارو عنصر ان سان گڏيل هجي، چاڪاڻ ته جيترو وڌو اچرج ۽ وجهندڙ عمل هوندو اوترا سپاهي ۽ هٿيار گهٽ استعمال ٿيندا. حيرت ۽ وجهڻ، تحفظ، گڏجڻ وارا عمل گهٽ نقصان ڏين ٿا ۽ فائدو به ڏين ٿا ۽ انهن سان ڪامياب حملي آور عمل ۽ هلچل کي برقرار رکي سگهجي ٿو. هڪ جنرل جو مقصد فقط فتح ماڻڻ نه آهي پر جيترو جلد ٿي سگهي جنگ کي ڪامياب توڙ تائين پهچائڻ آهي."[177]

ڪيپٽن لڊل هارٽ

هن وقت يورپ ۽ جنگ جي علم جو وڏي ۾ وڏو ماهر بي ايڇ لڊل هارٽ کي سمجهيو وڃي ٿو. جنهن جنگ جي سائنس ۽ تمام گهڻا واڌارا ڪيا. اُن لاءِ هڪڙي اسرائيلي جنرل لکيو ته "هي جنرلن جو ڪيپٽن آهي."[178] (ڪيپٽن هينئين رينڪ جو هوندو آهي ۽ جنرل جي حيثيت مڃانهين هوندي آهي.) جديد اسرائيل جي فوجي تنظيم ڪاريءَ ۾ هن جو وڏو هٿ آهي. لڊل هارٽ جنگي حڪمت عملي جي حوالي سان تمام وڏا ڪم ڪيا.


لڊل هارٽ

ڪيپٽن بي ايڇ لڊل هارٽ آڪٽوبر 1895ع ۾ پئرس ۾ پيدا ٿيو، پهرين عالمي جنگ لڳي ته هي انگريز فوج ۾ پرتي ٿيو. پر گئس جو شيل لڳڻ سبب ستن هفتن کانپوءِ هن کي سپاهي جي ڊيوٽي تان هٽائي انسٽرڪٽر طور مقرر ڪيو ويو. نيٽ، 1927ع ۾ فوج مان ڪيپٽن طور رٽائر ٿيو. بعد ۾ جنگ بابت صحافت ڪندو رهيو. هن ڪيترائي ڪتاب لکيا جن ۾ "ٽڪريءَ جي ٻئي پاسي" (1948)، "روميل جا ڪاغذ" (1953)، "پهرين عالمي جنگ جي تاريخ" "بي عالمي جنگ جي تاريخ" "تاريخ جون فيصلاڪن جنگيون" "عظيم ڪپتانن تان پردو ڪجي ٿو" "نيپولين جو پوت" جهڙا ڪيترائي ٻيا اهم تاريخي ڪتاب شامل آهن. انهن ڪتابن ۽ هن جي مضمونن ۽ تجزين سبب هن کي جديد دور جي جنگي فن ۽ سائنس ۾ جنگي تاريخ نويس ۽ نظريدان طور وڏي مڃتا ملي. پر سندس زال لکيو ته "سندس مُلڪ (برطانيه) هن جو قدر نه ڪيو." لڊل هارٽ ۽ جي ايف سي فلر جنگ کي مشيني بنائڻ جا وڏا حمايتي هئا.

جڏهن کا جنگ لڳندي آهي تہ سڀ کان پهريائين چا ٿيندو آهي؟ لڊل هارٽ جو خيال هو تہ جنگ کان اڳ ۽ کا بي شي ٿيندي آهي. جنهن کي هن عظيم حڪمت عملي (Grand Strategy) سڏيو آهي. عظيم حڪمت عمليءَ مان مراد، پاليسي واري مقصد جي پوئواري ڪندي، امن ۽ جنگ جي دوران شڪستن جي امڪانن کي گهٽائڻ ۽ فتح جي امڪانن کي وڌائڻ خاطر، سياسي، معاشي، نفسياتي ۽ فوجي طاقتن کي ترقي ونرائڻ ۽ استعمال ڪرڻ جي سائنس ۽ فن آهي. جيتوٽيڪ، "فقط جنگي حڪمت عملي ۽ جنرل جو ڪردار هوندو آهي ۽ اهو اُن کي عملي شڪل ڏيارينڊو آهي. پر ائين ناهي تہ جيڪڏهن جنرل چاهي تہ جنگ کي جيڏانهن ۽ جيترو وڌيس ونڊي وڃي. نہ اهو عمل، انفرادي طور تي، جنرل جي مُوڊ سان بدّل ناهي پر جنگ جي حڪمت عملي، عظيم حڪمت عمليءَ جي ماتحت هوندي آهي."[179]

لڊل هارٽ جو خيال هو تہ "هر حالت ۾ جنگ وڙهڻ جي ضرورت ناهي، چاڪاڻ تہ عظيم حڪمت عمليءَ ۾ جنگ فقط اُن جو هڪ جُزُ آهي." جنگ کا آخري ۽ حتمي فيصلاڪن شيءِ ناهي جيڪا مسئلن کي حل ڪري سگهي. جيئن تہ اڳ ۾ جنگ کي الڳ ڪري ڏٺو ويندو هو، ٻي عالمي جنگ دوران ۽ بعد ۾ اهو ثابت ٿيو تہ جنگ کا الڳ شي ناهي چاڪاڻ تہ جنگ سان گڏُ ٻيا ڪيترا شعبا ٿين ٿا جن جو سڌي ريت جنگ سان واسطو هجي ٿو. مثال طور، جديد جنگ ۾ اٽڪل 26 کن شيون (ڪوئلو، لوهه، تيل، ربڙ، سلفر، نائٽرڪ ايسڊ، بارود، اسٽيل، ڪپهه وغيره) اهڙيون شيون آهن جيڪي جنگ پيدا نہ ٿي ڪري پر ملڪ جي ڪارخانن ۾ نهن ٿيون. تنهنڪري ڪنهن ملڪ جي اقتصادي حالت ٺيڪ نہ هوندي تہ اُهو ملڪ جنگ جاري رکي نہ سگهندو ۽ ڪيس شڪست نصيب ٿيندي. ان حوالي سان عظيم حڪمت عمليءَ جو ڪم آهي تہ "جنگ جي سياسي مقصد جي حاصلات لاءِ هڪ قوم جي سمورن وسيلن (صنعت، سفارتڪاري، تجارت، اخلاقي سگهه) کي مربوط (ترتيب) ڪري ۽ انهن جي نگراني (۽ رهنمائي) ڪري. جنگ کانپوءِ امن ڪرائڻ ۾ عظيم حڪمت عمليءَ جي دائري ۾ اچي ٿو ۽ اها عظيم حڪمت عملي ناهڻ حڪومت جو ڪم آهي."[180]

عظيم حڪمت عملي مطابق ڪنهن مُلڪ کان پنهنجا مُطالبا مجرائڻ لاءِ سڀ کان پهريائين سفارتي دباءُ پيدا ڪجي. ان لاءِ سفارتي ۽ نفسياتي جنگ ڪجي، بعد ۾ سياسي جنگ ۾ ڪئي وڃي، ۽ اُن ۾ اخلاقي مورچي تي ۾ ويڙهه ڪرڻي

پوندي. چاڪاڻ تہ اخلاقي طرح دشمن جي فوج کي ڪمزور ڪرڻ سان ويڑھ ۾ تمام ٿوري توانائي خرچ ٿيندي. اخلاقي طور تي ملڪ جي عوام کي حڪومت ۽ فوج کان ڪٽي ان جي مزاحمت کي گھٽائي سگھجي ٿو. لڊل هارٽ لکي ٿو تہ "فطري رڪاوٽون، پلي ڪيتريون ئي جوکائتيون ڇو نہ ھجن، پر ويڑھ جي خطري کان گھٽ خطرناڪ ۽ گھٽ غيريقيني ھونديون آھن. سمورين حالتن کي ڌُٽپ ۾ آڻي سگھجي ٿو، پر انساني مزاحمت جو اڳواٽ تخمينو ڪرڻ ۽ ان کي ڪچلڻ تمام ڏکيو ڪم آھي. اُن لاءِ سياسي، اخلاقي، سفارتي انڪلن ۽ ٻين طريقن سان اھڙو بندوبست ڪرڻ گھرجي." مثال طور، آمريڪا طرفان عراق ۽ افغانستان تي قبضو ڪرڻ لاءِ پھريائين اخلاقي، سفارتي، سياسي ۽ معاشي دباءُ پيدا ڪيا ويا، بعد ۾ جنگيون ٻہ ڪيون ويون. آمريڪا پھريائين صدام کي چوٽ ڏئي ھن جي ھٿان عراقي عوام سان زيادتيون ڪرايون، پوءِ پاڙيسرين (ايران، ڪوويت) سان ٻہ وڙھايائونس. ساڳي ريت، افغانستان سان ٻہ ائين ڪيائون. پھريائين طالبان کي طاقتور بٹايائون پوءِ اُنھن جي ھٿان افغاني عوام سان جُنيون ڪرايائون ۽ پاڙيسرين سان تعلقات خراب ڪرائي اُن کي اڪيلو ڪري ڇڏيائون. وري نائن اليون جو واقعو ڪري افغانستان کي عالمي سطح تي خوار ۽ ذليل ڪيائون تہ جيڪڏھن آمريڪا افغانستان تي حملو ڪري تہ ڪير ٻہ ائين نہ چوي تہ ڪو غلط ڪم پيا ڪريو!

خالص جنگ جي حڪمت عمليءَ تي بحث ڪندي لڊل هارٽ وڌيڪ لکي ٿو تہ حڪمت عمليءَ بابت ڪلازيوٽز جي وصف ۾ خرابي ھي آھي تہ ھي "جنگي مقصد (توڙ) تائين پھچڻ جو ذريعو فقط لڙائيءَ کي سمجھي ٿو." جڏھن تہ لڊل هارٽ جي خيال ۾ "حڪمت عمليءَ جي وصف آھي تہ جنگي ذريعن جي ورچ ۽ ترسيل ذريعي پاليسيءَ جي مقصد (توڙ) کي پورو ڪرڻ." جيئن تہ ڪلازيوٽز جي نظر ۾ خالص ويڑھ ۽ لڙائي ئي حقيقي "جنگ" آھي، جڏھن تہ لڊل هارٽ هر حالت ۾ لڙائي ۽ ويڑھ کي فيصلاڪن عمل نٿو سمجھي ھن جي نظر ۾ پھريائين دشمن کي، بغير ڪنھن خونريزه لڙائي جي، منجھائڻ، ٽيڙڻ ۽ پريشان ڪري شڪست ڏئي سگھجي ٿي، يا (ويڑھ ڪانسواءِ) دشمن کي اڳواٽ ڪمزور ڪرڻ ڪانپوءِ لڙائي ڪرڻ جي ڳالھ ڪري ٿو.

لڊل هارٽ چيو تہ جنگ ۾ انساني ارادو، جيڪو مزاحمت جي صورت ۾ ظاھر ٿئي ٿو ۽ تدبيرن (چالن) جي سطح سان لاڳاپو رکي ٿو، ان جو اڳواٽ اندازو

نٽو لڳائي سگهجي. (تنهنڪري) حڪمت عمليءَ جو ڪم ان مزاحمت کي آڻ ڏيڻ نہ آهي پر ان جو مقصد آهي تہ مزاحمت جي امڪان کي ئي گهٽائي ڇڏجي ۽ ان لاءِ تيزيءَ سان حرڪت ۽ اچرج ۾ وجهندڙ عنصرن کان ڪم ونجي. حڪمت عمليءَ جي ماهر کي گهرجي تہ دشمن کي مارڻ نہ پر دشمن کي مفلوج زده بنائڻ واري انداز ۾ سوچي.[181] دشمن جي ترتيب کي ٽيڙي ڇڏي. اوچتو "محاذ جي تبديلي" جي مجبوريءَ هيٺ دشمن فوجن جي ترتيب، تنظيم ۽ ورچ کي هيٺ مٿي ڪرڻ (يا جاءِ تان هٽائڻ ۽ بي ترتيب ڪرڻ) تي مجبور ڪجي. بهترين طريقو هي آهي تہ گهٽ ۾ گهٽ مزاحمت واري لائين ونجي." "ڪماندر جي دماغ کي ٽيڙڻ سان هن جي سموري فوج ٽڙي ويندي."[182]

جنگ، جيئن تہ، هڪ غيريقيني ۽ مبهم عمل آهي جيڪو هزارين رازن، دوکن، نڳين ۽ چالن جي چادرن ۾ ويڙهيل هجي ٿو ۽ دُشمن جي ٻئي قدم جي باري ۾ اڳواٽ جاڻڻ انتهائي ڏکيو ڪم آهي. تنهنڪري، لڊل هارٽ جي خيال ۾ هڪ هدف (مقصد) جي يقيني حاصلات لاءِ متبادل هدف (مقصد) هجڻ گهرجي. هڪ حملو جيڪو بن رُخن کان هڪ هدف (Convergence) کي نشانو بڻائي ۽ ساڳئي وقت ڪنهن ٻئي (هدف خلاف) بن رُخن ۾ حملي ڪرڻ (Divergence) جي اهل هجي. فقط ان قسم جي لچڪدار مقصد سان ئي جنگ جي غيريقينت کي منهن ڏئي سگهجي ٿو.

اهڙي دور ۾ جڏهن سڄو محاذ جي مهڙ تي حملو ڪرڻ جي جنگي روايت هجي ان وقت لڊل هارٽ "اٽڪل رسائي" جي حڪمت عمليءَ جي اهميت کي پٽرو ڪيو. لڊل هارٽ 1924ع ۾ پنهنجي مضمون ۾ "نيپولياني غلطي" (Napoleonic Fallacy) "دشمن جي مکيہ قوت خلاف قطعي جنگ ڪرڻ" واري اصول تي تنقيد ڪندي "اٽڪل حڪمت عملي" جي وڪالت ڪئي.[183] هن جي خيال ۾ ڪنهن بہ سنجيده ويڙهہ ڪانسواءِ ڪو فيصلو پيدا ڪرڻ حڪمت عمليءَ جي ڪاميت آهي. تاريخ ۾ ڪيترائي مثال ملن ٿا جن ۾ حڪمت عمليءَ، فائديمند حالتن جي مدد سان، ان قسم جا نتيجا پيدا ڪيا. جهڙوڪ سيزر جي اليرڊا جي مهم، ڪراموِيل جي پرسٽن واري مهم، نيپولين جي الم واري مهم، مولٽڪي طرفان ميڪ ماهن جي فوج جو گهيرو وغيره. انهن لڙائين ۽ مهمن ۾ دشمن جي فوج کي تباهہ ڪرڻ ڪانسواءِ دشمن جي فوج طرفان هٿيار ڦٽا ڪرڻ يا انهن کي بي هٿيار ڪرڻ ذريعي فيصلو پيدا ڪيو ويو. جنهن مان اهو ثابت ٿئي ٿو

ته ڪنهن به فيصلي لاءِ دشمن جي تباهي لازمي ناهي. جيتوڻيڪ، تاريخ ۾ خونريزيءَ کانسواءِ جنگين ۾ فتح جا مثال تمام گهٽ ملن ٿا.

هن يورپ جي جنگ جي آڳاٽي ۽ جديد تاريخ جو گهرائي سان تجزيو ڪيو ۽ ٻڌايو ته يورپ جي سموري جنگي تاريخ مان فقط "27 جنگيون اهڙيون آهن جن يورپي تاريخ ۾ فيصلاڪن تبديليون آنديون. انهن 27 جنگين ۾ 240 مهمون وڙهيون ويون. پر انهن مان فقط ڇهن جنگي مهمن ۾ دشمن جي مڪيه قوت تي "سڌي حملي" سان فيصلاڪن نتيجا مليا آهن. باقي سيئي جنگي مهمون "اٽسڌي رسائيءَ" سان ڪٽيون ويون." "اٽسڌي رسائي حڪمت عملي جي سڀ کان سستي صورت آهي. ڇاڪاڻ ته ان ۾ گهٽو ڪري دشمن جي اقتصادي هدف، رسد واري قطار يا ذريعي، کي نشانو بڻايو ويندو آهي." "ڦهريائين دشمن جي ڪمزور ساڻيءَ کي نشانو بڻائجي ۽ پوءِ مضبوط مرڪز کي شڪست ڏيڻ جي ڪوشش ڪجي."[184]

لڊل هارٽ انتهائي شاندار نموني "اٽسڌي رسائي" جي حڪمت عمليءَ وارو تصور پيش ڪيو جيڪا هن جي خيال مطابق بهترين حڪمت عملي آهي. جنگ ۾ جسماني (طبعي) پاسي جي مطالعي سان گڏ نفسياتي پاسي کي ڪڏهن به نظرانداز نه ڪرڻ گهرجي. انهن ٻنهي جي گڏپ سان ئي سچي پچي اٽسڌي رسائي واري حڪمت عملي جڙي سگهندي. آپريشنل سطح تي ان حڪمت عمليءَ جو تت (جوهر) هي آهي ته دشمن کي سڌو طاقت استعمال ڪرڻ لاءِ للڪارڻ نه پر دشمن تي اُن وقت حملو ڪجي جڏهن اُهو، هڪ غيرمتوقع رُخ کان دشمن جي رسائيءَ سبب، اڳ ۾ ئي اچرج، مونجهاري جو شڪار ٿي پنهنجو توازن بگاڙي چڪو هجي. مثال طور سڪندر ايران ڏانهن پيش رفت ڪرڻ کان اڳ مصر ۽ فلسطين تي قبضو ڪيو، ۽ سپيو (Scipio) ڪارٿيج تي حملو ڪرڻ کان اڳ اسپين کي فتح ڪيو. اٽسڌي رسائي ان ڏر لاءِ ضروري آهي جنهن کي لڙائيءَ ۾ دشمن جي پنهنجي چونڊيل ميدان تي ان کي مارڻ جي سگهه ۽ پڪ نه هجي. جنگ جي تاريخ ۾ ڪيترن ئي مثالن ۾ هن جو خيال بيشڪ درست ثابت ٿيو آهي. حقيقت ۾ هن جي نظريي جو مڪيه نقطو هي آهي ته بن مخالف قوتن جي وچ ۾ لڙائيءَ جي آزمائش کان اڳ، جنگي انڪلن ۽ گوهين گُٽن، نه ڪي ويڙهه، ذريعي توازن کي بگاڙي ڇڏجي. خاص ڪري

جيڪا ڏر عددي حوالي سان ڪمتر هجي ان کي دشمن سان سڌو ٽڪر کائڻ بدران اڪلن کان ڪر ونڻ گهرجي.
پر اهائي ڳالهه سن زو به چئي هئي ته "سمورين جنگين ۾، لڙائي ۾ شامل ٿيڻ لاءِ سڌو طريقو استعمال ٿيندو هوندو، پر فتح کي يقيني بنائڻ لاءِ اٽسڏي طريقي جي ضرورت پوندي." "اٽسڏيون اڪلون (چالبازيون)، سهٽي نموني عمل ۾ آندیون وڃن، ته اهي ڏرتي ۽ آسمان وانگر، دريائن ۽ وهڪرن وانگر، سڄ ۽ چنڊ وانگر، ڪڏهن به نه ڪٽندڙ آهن. هنرمند رهنما دشمن جي فوج کي بغير وڙهڻ جي آڻ مجائيندو آهي."[185]
لڊل هارٽ دفاع جي حوالي سان به "طئي ٿيل دفاعي پوزيشن" بدران "لچڪدار دفاع" جو حامي هو. فلر ۽ لڊل هارٽ پهرين عالمي جنگ جي تباهه ڪن تجربي کي ڏسڻ کانپوءِ ايندڙ جنگ ۾ وسيع تر عوام کي شامل ڪرڻ کان ڌنل هئا، هنن فوج جي سائيز گهٽائڻ ۽ فوج جي جاءِ تي جديد هٿيارن کي استعمال ڪرڻ جي وکالت ڪئي.

هينز گدرين (1888_1954ع) جرمن جنرل

لڊل هارٽ، جي ايف سي فلر سميت هينز گدرين انهن چند جنگي نظريدانن مان هئا جيڪي جنگ ۾ مشيني قوت استعمال ڪرڻ جا حمايتي هئا. هي جرمنيءَ ۾ پيدا ٿيو. توٽي جو، جرمني پهرين عالمي جنگ ۾ شڪست کاڌي ۽ برطانيه ۽ فرانس فاتح بڻيا پر انهن بنهي (برطانيه ۽ فرانس) پنهنجي جنگي حڪمت عمليءَ ۽ سائنس ۾ ڪا جدت نه آندي ۽ پهرين عالمي جنگ ۾ حاصل ٿيل فتح جي خمار ۾ غش رهيا پر انهن جي ابتڙ جرمني پنهنجي جنگي سائنس ۾ جدت آڻڻ جي ڪوشش ڪئي. انهيءَ سلسلي ۾ 1937ع ۾ جرمني جي هينز گدرين پنهنجي ڪتاب پينزر (Achtung! Panzer) ۾ هڪ وڏي ٽينڪ فوج ٺاهڻ جي تجويز ڏني. هن جو خيال هو ته پهرين عالمي جنگ دوران 8 آگسٽ 1918ع ۾ جرمن فوج جي ناڪاميءَ جو سبب "ٽينڪ جي دهشت" هئي. هن ٽينڪن ۽ جهازن جي گڏپ سان "وڃ جي تيزيءَ" (Blitzkrieg) واري حڪمت عمليءَ تحت عام حملي جو تصور ڏنو. بعد ۾ گدرين ٻي عالمي جنگ دوران نازي فوج جي مختلف جنگي مهمن جي اڳواڻي ڪئي ۽ دنيا کي اچرج ۾ وجهي ڇڏيندڙ فتحون حاصل ڪيون هن پولينڊ، فرانس ۽ سوويت يونين تي ٿيل نازي حملن ۾ حصو ورتو ۽ هي هٽلر جي فوج جو آخري چيف آف اسٽاف هو.

پهرين عالمي جنگ تائين جنگ جو طريقو اهو هو ته پهريائين دشمن جي مهڙ واري دفاعي محاذ کي مڪمل طور تي ختم ڪجي پوءِ اڳتي وڌجي ۽ جيڪڏهن وري دشمن ٻيو دفاعي انتظام ڪري ته وري ويڙهه ڪري ان کي تباهه ڪجي ۽ ائين مرحليوار اڳتي وڌجي. جيڪڏهن دشمن جي علائقي ۾ تيزيءَ سان اڳتي نڪري وڃبو ته دشمن رسد جي قطار کي ٽوڙي سگهي ٿو ۽ اڳتي وڌيل فوج کي پاسن کان حملا ڪري سگهي ٿو.

پر هينٽز گدرين جو خيال هو ته "ٽينڪن جي مدد سان دشمن جي دفاع کي ٽوڙي الڳ، نموني اندر گهڙي وڃڻ" گهرجي. هن لکيو ته چيو وڃي ٿو ته "فقط حرڪت جي آزادي فتح ڏيارينديِ آهي." آءٌ ان اصول جي تائيد ڪريان ٿو ۽ اها خواهش اٿر ته جديد ٽيڪنيڪل ذريعن سان ان جي سچائيءَ کي ثابت ڪريان." (جيئن ته جنگ ۾ طرفو (ڪڏهن ڪڏهن گهڻ طرفو) معاملو هوندو آهي. جتي هر ڌر حرڪت جي آزادي چاهيندي آهي.) هن جو خيال هو ته جڏهن ۾ دشمن سان ويڙهه ٽيندي آهي ته دشمن جا آتشي هٿيار اسانجي چرپر کي روڪي چڏيندا آهن. وري دشمن کي فالج زده ڪرڻ لاءِ اسين ۾ ان کان وڌيڪ آتشي هٿيار استعمال ڪندا آهيون. پر ان قسم جي لڙائيءَ وڙهڻ لاءِ وسيع تعداد ۾ هٿيار ۽ تمام وڏي مقدار ۾ بارود گهربل هوندو آهي. ان جو بندوبست ڪرڻ ۾ ۽ تمام گهٽو وقت لڳندو آهي ۽ وڏي ڳالهه تي ان قسم جي بندوبست کي لڪائڻ مشڪل ٿي پوندو آهي. جنهن ڪري اچرج ۾ وجهڻ وارو عنصر عمل ۾ نه اچي سگهندو آهي ۽ اڳتي وڌڻ وڌيڪ مشڪل ٿي پوندو آهي. تصور ڪريو ته پهرين حملي وقت دشمن کي بي خبريءَ سان اچرج ۾ وجهڻ ۾ ڪامياب ٿياسين ۽ اڃوڪي دور ۾ اهو ممڪن آهي ته دشمن ان جاءِ تي تيزيءَ سان بچت فوج گهرائي وٺندو ۽ وري اسانجي اڳتي وڌڻ کي روڪي چڏيندو. اڃوڪي دور ۾ گاڏين جي اچڻ سان نئون دفاعي بندوبست ڪرڻ آسان ٻڌجي ويو آهي. "تنهنڪري ان جو بهترين حل اهو آهي ته جيترو تيزيءَ سان ٿي سگهي اڳتي وڌجي ۽ دشمن جي دفاعي فائرنگ باوجود اڳتي وڌندو رهجي، اهڙي طرح دشمن لاءِ نئين دفاعي قطار تعمير ڪرڻ وڌيڪ ڏکيو ٻڌجي پوندو. ائين آخرڪار دشمن جي دفاع کي ٽوڙي اندر گهڙي وڃجي."[184] هن پنهنجي اڳواڻيءَ ۾ پهريون پيرو ٻي عالمي جنگ ۾ فرانس تي ڪيل حملي وقت ان تجويز کي عمل ۾ آندو.

ٻي عالمي جنگ کان اڳ جنگ جي عمل ۽ نظريي ۾ انقلابي تبديليون اٿن ۾ فقط مغرب جي نظريدانن ۽ جنرلن جو نہ پر وڏو ۽ اهم ڪردار ايشيا جو به هو پر ان جو ذڪر اڻپتي ڪيو ويو آهي.

ٻي عالمي جنگ (1939_1945ع)

ٻي عالمي جنگ جي باقائده ابتدا 1 سيپٽمبر 1939ع تي پولينڊ تي ٽيل حملي سان ٿي پر حقيقت ۾ ان کان اڳ جاپان، اٽلي، اسپين ۽ جرمنيءَ طرفان مختلف علائقن ۾ جنگيرن ٿي چڪيون هيون ۽ هلندڙ هيون. هن جنگ ۾ هڪ طرف، مکيہ ڏريون، جرمني، اٽلي ۽ جاپان هئا تہ ٻئي طرف سوويت يونين، برطانيہ، فرانس ۽ آمريڪا هئا. باقي ٻيا ڪيترائي ملڪ انهن جا اتحادي هئا يا انهن جون ڪالونيز هئا. ٻي عالمي جنگ ۾ هٿيارين جي صنعتڪارن، سرمائيدارن، بئنڪارن، فوجي جنرلن، جاگيردارن ۽ سياسي ذهني مريضن پنهنجو منافعو ۽ طاقت وڌائڻ لاءِ ڪروڙين ماڻهن (فوجين توڙي شهرين) جي هجومن کي بي عقل وحشي بنائي جنگ جو ڪاڇ بڻايو. دنيا جي تاريخ ۾ جيترين بہ جنگيون ٿيون آهن انهن ۾ ايتري تباهي، خونريزي ۽ نقصان نہ ٿيا هوندا جيترا هن جنگ ۾ ٿيا. لمحن اندر شهرن جا شهر رک جو ڍير بڻجي ويا. اڳ ۾ ڪڏهن بہ اهڙا هٿيار، بارود ۽ ٽيڪنالوجي استعمال نہ ٿي جهڙي هن جنگ دوران ٿي. نون هٿيارن آبدوز، ٽينڪ ۽ جهاز جي اچڻ سان جنگ جو طريقي ڪار ئي بدلجي ويو. مستقل بيٽل محاذن جي جاءِ گشتي محاذن والاري ساڳئي طرح، جنگ جي فن ۾ بہ ڪمال جا ڪارناما سرانجام ڏنا ويا جن کي ڏسي جنگي رهنمائن ۽ نظريدانن کي ڏندين آڱريون اچي ويون. هن کان اڳ ۾ ڪن بہ ٻن ملڪن يا گهٽن ملڪن ۾ ٽيل لڙائيون سال، ٻہ سال، پنج سال ۽ ايتريقدر، ٽيهہ سال ۽ سو سال بہ هلنديون رهنديون هيون. پر هن جنگ ۾ فقط هڪ ٻن ڏينهن، ۽ هڪ ٻن هفتن اندر بہ مُلڪن جا مُلڪ جنگيون هارائي ويا. (مثال طور: فرانس، پولينڊ، ناروي، هالينڊ) فقط هڪ لڙائي ۽ مهم ۾ دوکي جي فن کان ڪم نہ ورتو ويو پر پوري جا پوري جنگ جنهن ۾ اٽڪل 60 يا 70 لک فوجون استعمال ڪيون ويون اهڙو جنگي دوکو اڳ ۾ نہ ڏنو ويو. (مثال طور: هٽلر طرفان سوويت يونين تي ڪاهہ، برطانيہ ۽ آمريڪا طرفان نازين جي قبضي هيٺ آيل فرانس تي حملو) هڪ ئي وقت، سمندن، ريگستانن، هموار زمين ۽ آسمانن ۾ لڙائيون ٿينديون رهيون. بهرحال، جنگ جي فن ۽ سائنس ۾ ڪمال

ڪري ڏيکارينڊڙن ۾ اسٽالن، زوڪوف، ڪانيف، روڪوسووسڪي، هٽلر، گدرين، روميل، چرچل، منٽومگري، ائزن هاوور، ميڪ آرٿر، جارج سي مارشل، يامامونو، توجو ۽ بين جنگي ماهرن ۽ جنرلن حدون ڪري ڇڏيون. پي عالمي جنگ بنيادي طور تي گشتي جنگ هئي جنهن ۾ هڪ ئي وقت باقائده جنگيون به ٽيون ته گوريلا ويڙهون به ٽيندیون رهيون. هن جنگ ۾ مکيه ڏريون جرمني، سوويت يونين، برطانيه، فرانس، اٽلي، آمريڪا ۽ جاپان هيون. هتي فقط انهن جي مختصر پس منظر ۽ حڪمت عمليءَ جو تت بيان ڪجي ٿو.

جرمني: هٽلر اڳوڻن جرمن جنرلن، ملڪي ۽ بين الاقوامي سرمائيدارن جي مدد سان ويهه سال اڳ تباهه ٿيل جرمنيءَ کي انتهائي تيز رفتاريءَ سان مٿي کڻي آيو. هٽلر جي جنگي جنونيت جو اظهار ان وقت جي جرمن معاشري جو جائزو وٺڻ سان ملي ٿو جتي اسپارٽا کان وڌيڪ هڪ رياست ۽ پوري جو پوري قوم کي نسل پرست جنگ لاءِ تيار ڪيو ويو. جتي عام شهرين جي تعليم، تربيت، شاديون، صنعت، سفارتڪاري، ڪائڻ ۽ ڪارائڻ سميت سمورين سرگرمين جو مقصد فقط جنگ لاءِ تياري ڪرڻ هو. هٽلر سياسي مهم ۾ نفسياتي حڪمت عمليءَ کان ڪم وٺندي جرمنيءَ جو ڪنٽرول حاصل ڪيو ان لاءِ هن جرمن جمهوريه جي ڪمزورين مان فائدو ورتو، سرمائيدارن کان فنڊ ورتا ۽ قومي سوشلزم جو نعرو بلند ڪيو. زبردست پروپيگنڈا ذريعي پرامن مارچن جي آڙ ۾ آسٽريا ۽ زيڪوسلاويڪا کي (عالمي سامراج جي ڳڙ جوڙ سان) اڳ ۾ ئي مفلوج زده ٻڌائي ڇڏيو هو ۽ 1939 ۾، بغير ڪنهن خونريزيءَ جي، فقط قبضو ڪيو. مختلف پاڙيسڑي ملڪن سان اُمن معاهدا، جنگ نه ڪرڻ جا معاهدا ۽ اتحاد ڪري مٿن اوچتو ۽ دوکي سان جنگيون ڪيون.

جنگ ۾ سياڻپ اها آهي ته دشمن کي ڪمتر نه سمجهيو وڃي. ساڳئي طرح، دشمن جي طريقن ۽ ان جي دماغ کي به سمجهڻ اوتروئي اهم آهي. هٽلر ۾ اها صلاحيت هئي. هٽلر جي ظاهري بي ڏياني ۽ لاپرواهي جي پٺيان اها سوچ هئي ته ماڻهو اڪثر ڪري جيڪا شي سامهون هوندي اٿن ان کي وساري ويهندا آهن. رازداريءَ جو فن به ان ۾ آهي ته گهٽيون شيون ايتريون ڪليل ڇڏجن جو ڪجهه شيون، جيڪي اهم هجن، ايتريقدر جو انهن جو وجود به مشڪوڪ بڻجي وڃي.[187] هٽلر جو چوڻ هو ته اصل ۾ اسانجون حقيقي جنگيون فوجي آپريشنس جي شروع ٿيڻ کان اڳ وڙهيون ويندیون. ان لاءِ مونکي ان معاملي

ھڪ وڏيڪ دلچسپي آهي تہ "دشمن جي اخلاقي سگھ کي جنگ ٽيڙ کان اڳ ئي کيئن تباھ ڪجي؟" ائين ھٽلر جرمن جنگي سوچ جي عقيدي پرستاڻي رجحان، جيڪو ھڪ صديءَ کان لڙائين تي مرڪوز ھو، ان ۾ ڦيرو آڻي ڇڏيو. ھن چيو تہ اسانجي حڪمت عملي دشمن کي اندران ئي اندران تباھ ڪرڻ آهي.[188] جيتوڻيڪ، ھٽلر جي ذات جنگي جنون سان پريل ھئي پر دشمنن کي شڪست ڏيڻ لاءِ فقط خونريزہ لڙائين بدران ھن پروپيگنڊا، سازشن، انتشار ۽ بغاوتون ڪرائي انھن کي ذليل ۽ خوار ڪرڻ ذريعي لڙائيون کٽيون. جنھن مان ثابت ٿئي ٿو تہ ھٽلر کي جنگ ۾ نفسياتي ھٿيارن جي ڪردار ۽ اھميت جي ڄاڻ ھئي.

جنگ جي تاريخ ۾ جن واقعن، ايجادن ۽ نظرين جنگ جي فن ۽ سائنس ۾ انقلاب برپا ڪري ڇڏيا انھن ۾ گھوڙو، ڊگھو نيزو، قديمي ڳرن ھٿيارن سان مسلح فوج (phalanx)، لچڪدار لشڪر (legion)، ٽيڙي/ترچي ترتيب (oblique order)، تيرانداز گھوڙي سواري، ڊگھي ڪمان (bow long)، بندوقچي (musket)، بندوق، آزاد نقل و حرڪت ڪرڻ لاءِ فوج جي مختلف ڊويزنن جي تنظيم ۽ ترتيب وغيرہ شامل آھن. ساڳئي وقت ڪجھ فوجي ماھرن جو خيال آهي تہ جرمن فوجي قيادت جي جنگي حڪمت عملي يعني (Blitzkrieg) "وڄ جي تيزي وانگر" الڳ الڳ ھٿياربند فوجن (جھازن، ٽينڪن ۽ پيادا فوج) طرفان تيزي سان اندر داخل ٽيڙ جي جنگي حڪمت عملي پڻ جنگ جي تاريخ ۾ انقلاب برپا ڪري ڇڏيو. ھي عالمي جنگ جي ابتدا ۾ جرمنيءَ جي جنگي حڪمت عملي وڏي حد تائين ڪامياب رھي ڇاڪاڻ تہ ٽينڪن ۽ جھازن جي ڳانڍاپي سان جرمن فوج "وڄ جي تيزيءَ" واري اصول تي عمل ڪندي ناقابل عبور رستن (جھڙوڪ اردينز) تان اچرج ۾ وڃھندڙ حملا ڪيا ۽ يورپي مدي خارج ۽ پراڻن جنگي تصورن کي پورا پورا ڪري ڇڏيو. جرمن فوج فقط 17 ڏينھن ۾ پولينڊ جي اڌ، مھيني اندر فرانس، ھڪ ڏينھن اندر ناروي، ھفتي اندر يونان ۽ يوگوسلاويا سميت ھالينڊ، بيلجيم، ڊينمارڪ، آفريڪا جي وسيع ريگستانن جھڙن ننڍن توڙي وڏن ملڪن تي قبضا ڪري ورتا. فقط پنجن مھينن اندر (22 جون کان 5 ڊسمبر 1941ع تائين) سوويت يونين جي وسيع ايراضي واري علائقي تي قبضو ڪري ذري گھٽ ماسڪو کي فتح ڪري ورتو ھو. ان تيزترين فتح جا مکيہ سبب ۽ ھئا، ھڪ جرمن جنگي حڪمت عملي ۽ ھيو

جهازن ۽ توبن ۾ ٽيڪنيڪل برتري. چاڪاڻ ته تعداد جي حوالي سان ڏسبو ته پولينڊ، فرانس، برطانيہ، بيلجيم، هالينڊ، ناروي وٽ ايتري فوج هئي جو انهن مان هرهڪ يا گڏيل نموني اُهي جرمنيءَ کي شڪست ڏئي سگهيا پئي يا روڪي سگهيا پئي يا جنگ کي اينگهائي سگهيا پئي. جڏهن ته جرمن فوج وٽ ابتدا ۾ فقط 98 ڊويزنون هيون جنهن مان 52 سرگرم ۽ باقي 36 ڊويزن فوج جا سپاهي پهرين عالمي جنگ ۾ وڙهي چڪا هئا يعني انهن جي اوسط عمر 40 سال هئي. ان جرمن جنگي سائنس ۽ فن ۾ مکيہ ڪردار ارون روميل، هينز گدرين ۽ ارڪ وون مينشٽن جهڙن ماهر جنگي جنرلن جو هو جن ابتدا ۾ جرمنيءَ کي سوپون ڏياريون. جيتوٽيڪ، اهو بہ چيو وجي ٿو ته ان ۾ مکيہ ڪردار هٽلر جي جنگي مهارت جو هو. بهرحال، اڄڪلهي هلي جرمن جنگي غلطين جرمنيءَ جي سموري ڪوششن کي مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيو. مثال طور: ڊنڪرڪ وٽ جرمن فوج کي اڄڪلهي وڏڻ کان روڪڻ، جنهن ڪري لکين برطانيہ ۽ فرانس جا فوجي پڇي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا، ماسڪو ۽ اسٽالن گراد وارين لڙائين ۾ زوري اڳرائي جاري رکڻ، هڪ ئي وقت ۾ن محاذن تي دشمن سان وڙهڻ وغيرہ. پر وڏي ۽ اهم غلطي هيءَ هئي ته هٽلر جي سربراهيءَ ۾ نازي سلطنت دنيا کي ڦهائڻ لاءِ جيڪو گرهہ هنيو هو اهو انهن جي نڙيءَ ۾ ڦاسي پيو. ايڏي وڏي علائقي تي کيل قبضي کي برقرار رکڻ، ايڏي وڏي تعداد جي فوجن، هٿيارن، بارود ۽ کاڌ خوراڪ جو مسلسل بندوبست ڪرڻ لاءِ گهربل وسيلا پڻ ڪٽي پيا.

"وڄ جي تيزي" (Blitzkrieg) واري جرمن حڪمت عمليءَ جي اصليت بابت تبصرو ڪندي جرمن تاريخ نويس ڪارل هينز فريزر لکيو ته "اولهہ واري مهم فتح جي رٽيل مهم نہ هئي. پر نااميدي واري جنگي صورتحال مان نڪرڻ لاءِ مايوسيءَ وچان کيل جنگي مهم هئي. جنهن کي وڄ جي تيزي واري حڪمت عملي سڏيو وجي ٿو اها حڪمت عملي اولهہ واري جنگ تائين نہ اُسري نہ هئي. هڪ اهڙي شي جنهن مئي 1940ع ۾ هر ڪنهن کي اچرج ۾ وجهي ڇڏيو، جيڪا بعد ۾ هٽلر جي مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪتب آندي وئي."

جهڙي طرح، سڪندر ۽ چنگيز خان سڄي دنيا کي فتح ڪرڻ جا خواب ڏٺا پر اهي خواب سندن مرڻ ڪانپوءِ پورا ٿي ويا. پر ان کان بہ وڌيڪ بُرو حشر هٽلر سان ٿيو. چاڪاڻ ته هن جي ٺهيل نازي سلطنت سندس زندگيءَ ۾ ئي ڍهڻ شروع ٿي ۽ اهو صدمو برداشت نہ ڪندي هن خودڪشي ڪري ڇڏي.

سوويت يونين: هي عالمي جنگ بنيادي طور تي سوويت يونين ۽ نازي جرمنيءَ جي وچ ۾ ٽيل ويڙهه هئي. تنهنكري، سوويت يونين جي جنگي فن ۽ سائنس جي ڄاڻ كانسواءِ هي عالمي جنگ كي سمجهڻ ناممكن ٿيندو. ان ويڙهه ۾ مارشل اسٽالن سموري عوام كي هٿياربند كرڻ ۽ فوج ۽ عوام جي ڳانڍاپي واري ماركسي اصول كي عملي جامو پهرائي نازي درندن سان مقابلو كيو. هٽلري فوج طرفان سوويت يونين تي كيل كاهه كان اڳ ۾ ئي سوويت عوام كي نفسياتي طور تي تيار كيو. مارشل اسٽالن فوجي تياري، جنگ جي فن ۽ جنگ جي سائنس كي هارين، مزدورن، شاگردن ۽ ملازمن جي روزمرهه جو كم بڻائي ڇڏيو. ان قسم جي بندوبست ذريعي پوري قوم كي مشيني جنگ جي دور لاءِ مشيني نفسيات ۽ دشمن خلاف سرگرم مزاحمت كرائڻ لاءِ دفاعي ذهنيت ناهي. هٿيار هلائڻ ۽ گاڏين هلائڻ سميت جنگ جي عام ڄاڻ سموري آباديءَ كي مهيا كئي وئي. ايتريقدر جو دنيا جو شايد ئي كو اهڙو ملك هجي جنهن ۾ ايڏي وڏي تعداد ۾ ايتري مختصر عرصي ۾ ۽ ايتري اثرائتي نموني عورتن (خاص كري ڊاكٽريائين ۽ نرسن) جنگي سرگرمين ۾ حصو ورتو هجي. 1936ع جي سوويت آئين ۾ فوجي سروس كي سمورن شهرين لاءِ ضروري قرار ڏنو ويو. ان كان اڳ اهو كم فقط مزدورن ۽ هارين لاءِ مختصص هو. اهي ئي سبب هئا جنهنكري جنگ جي سموري تاريخ ۽ خاص كري هي عالمي جنگ جي تاريخ ۾ ماسكو، لينن گراڊ، اسٽالن گراڊ ۽ سيوستاپول جهڙين عظيم لڙائين جي داستانن سونهري ورقن ۾ جاءِ والاري.

نازي جرمنيءَ طرفان پولينڊ تي كيل حملي كان اڳ تائين سرخ فوج جي جنگي حكمت عملي هك ستريل ۽ هم آهنگ نظريي جي صورت وٺي چكي هئي. فوجي قيادت كي اڳواڻ ئي خدشو هو تہ ابتدائي طور تي كجهه وقت لاءِ شايد سوويت يونين كي دفاعي نوعيت جي ويڙهه كرڻي پوي. سوويت جنگي حكمت عملي (مهڙ كان پٽ تائين) اونهي دفاع جي تصور تي آڌاريل هئي. جيكا مضبوط قلعن ۽ محاذن تي جمي بيهڻ بدران لچكدار ۽ گوهيون گتون هڻڻ وارن جنگي اصولن تي آڌاريل هئي. فوجي ريگيوليشن ۾ ان ڳالهه جي نشاندهي كئي وئي هئي تہ جديد هٿيارن، خاص كري ٽينك، كي حكمت عمليءَ جي سطح تائين دفاع ۽ حملي لاءِ بہ استعمال كري سگهجي ٿو. سرخ فوج وٽ دفاعي ۽ حملي آور آپريشنس ۾ هوائي ۽ زميني فوج جي گڏپ جو

جديد تصور پڻ هو. نئين سوويت جنگي تصور مطابق "وڃ جي تيزي" جنگ جي ابتدا ۾ نه پر ان جي پڇاڙ ۾ عمل ۾ آندي وئي.
سرخ فوج (مهڙ کان پٺ تائين) اونهي دفاع واري حڪمت عمليءَ تحت پوليند ۽ فن ليند (جي ڪجھ علاقي) تي قبضو ڪيو ته جيئن تازي فوج جي "وڃ جي تيزي" واري حڪمت عمليءَ ۽ اڇرج ۾ وجهندڙ ڏڪ کان بچي سگھجي. نازي حملن جو شڪار ٿيل مُلڪن ۽ انهن جي فوجن جو حشر ڏسي اهو اندازو لڳايو ويو ته ڪنهن به قيمت تي سرخ فوج کي سالم رکڻو آهي. ان لاءِ هنن وڌيڪ وقت حاصل ڪرڻ بدلي زمين جو سودو ڪيو ته جيئن جرمن فوج کي هڪ ڊگھي جنگ ۾ ڦاسائجي، ان کي ڪو فيصلاڪن موقعو ڏيڻ کانسواءِ جرمن فوج کي سوويت يونين ۾ اندر آڻي ٽڪائي جوابي ڏڪ هڻجي. سوويت ڪمانڊ شروعات ۾ جنگ کي تارڻ ۽ ملتوي ڪرڻ جي انڪل کان ڪم وٺندي رهي. پر هٽلر (برطانيہ، فرانس ۽ آمريڪا جي ڳجهي مدد سان) سوويت يونين تي دوکي سان اچرج ۾ وجهندڙ ڪاهه ڪري ڏني. سُرخ فوج 1941ع دوران پٺتي هٽڻ واري حڪمت عمليءَ تي عمل ڪندي سرگرم دفاع جي پاليسي کان ڪم ورتو. جنهن مطابق سرخ فوج پنهنجي ڊگھي مدي واري هدف ۽ رٿابنديءَ جي پوئواري ڪندي زمين جي هر انچ، هر ڳوٺ ۽ هر شهر کي جيستائين ممڪن هجي ۽ جيترو وقت حاصل ڪري سگھجي تيستائين ويڙهه ڪئي، ۽ جيترو ممڪن هجي ته وڏن جوابي حملن، "سپ ڪجھ ساڙي اڇڻ" ۽ گوريلا جنگ ذريعي دشمن کي نقصان رسائجي.
دنيا جي تاريخ ۾ شايد ئي ڪو اهڙو ملڪ هجي جتي سوويت يونين وانگر پنهنجي سموري عوام کي هٿياربند ڪيو هجي. ان جو مکيہ سهرو مارشل اسٽالن ڏانهن وجي ٿو جنهن انتهائي سمجهداريءَ کان ڪم وٺندي هر حال ۾ جاپان سان رشتو نه ٽوڙيو ۽ هڪ ئي وقت ۾ محاذن تي وڙهڻ جي پاليسيءَ تي عمل نه ڪيو. اسٽالن جيڪو پنهنجو پاڻ هڪ قدآور ۽ سگھارو ماڻهو هو، جنهن وٽ هڪ ڊگھي مفاصلي تائين پٺتي هٽڻ واري انتهائي ڳري، ڏکئي ۽ جوکم واري ڪم کي سرانجام ڏيڻ لاءِ ۽ ان قسم جون ذميواريون نڀائڻ لاءِ مضبوط دل، اسٽيل جون رڳون ۽ برف جون نسون هيون. مارشل اسٽالن جو قد ڪاٺ ان حقيقت مان به ماپي سگھجي ٿو ته هن جا فيصلا پنهنجي ذاتي مان مرتبي ۽ حڪومت لاءِ نه هئا پر اهي فوجي فيصلا هئا. هٽلر جي ابتڙ، اسٽالن

هڪ پيرو بہ صورتحال جي بنيادي سچائيءَ کي نہ بگاڙيو ۽ آخري جنگي فتح جي مقصد کي عارضي مقبول مطالبن، نعرن ۽ دٻائن آڏو آڻ مجي ڏنو نہ ڪيو. اسٽالن جنگ ۾ اقتصادي وسيلن جي اهميت کان چڱي ريت واقف هو. هن سوويت يونين جي مهڙ وارن علائقن جا اڪثر ڪارخانا انتهائي تيزيءَ سان ڏورانهن علائقن ڏانهن منتقل ڪري چڏيا جتي اُهي جرمن فوج جي پهچ کان پري هئا. جيڪو ڪجهہ ڪٽي نہ سگهيا ان کي باهہ ڏئي ساڙي چڏيائون تہ جيئن نازي فوج انهن شين مان فائدو نہ وٺي سگهي. جرمني سوويت يونين جي تمام وڏي ايراضي تي قبضو ڪري ورتو هو پر سوويت يونين کي اقتصادي پيداواري گنجائش ۽ سُرخ فوج جي مزاحمت ۾ جرمني ان کي مات نہ ڏئي سگهي. ائين عارضي طور تي دفاعي حڪمت عملي اختيار ڪندي آهستي آهستي (هٽيارن ۽ بارود جي) پيداوار ۽ سرخ فوج جي عدد ۾ برتري حاصل ڪري ورتي ۽ سوويت يونين جوابي حملا ڪري نازي جرمنيءَ کي ٻُري شڪست ڏني.

برطانيہ: برطانيہ سموري جنگ ۾ "جنگ کان نڀاڻ ۽ دشمنن کي پاڻ ۾ وڙهي تباهہ ٿيڻ" واري حڪمت عمليءَ تي عمل ڪيو. جنگ کان اڳ برطانيہ، پولينڊ سان مدد جو واعدو ڪيو پر وقت اچڻ تي ان جي مدد نہ ڪئي، وري ناروي ۾ فوجون لاهي مڙئي نمائشي لڙائي ڪري فوجون واپس گهرايون، وري جڏهن هٽلر فرانس تي حملو ڪيو تہ ڊنڪرڪ وٽان پنهنجيون فوجون ڪڍي پڇي ويا، وري يونان ۾ اٺپوريون فوجون لاهي هٽلر کي يونان تي حملي ڪرڻ جو بهانو مهيا ڪري ڏنائون ۽ پاڻ پڇي ويا. جرمنيءَ طرفان برطانيہ سان جنگ شروع ڪئي وئي پر اها بہ مڙئي ڏيڪ ڏيڻ لاءِ وقفي وقفي سان هلندي رهي. وري جڏهن اسٽالن برطانيہ ۽ آمريڪا تي زور پريو تہ هٽلر جي خلاف يورپي محاذ تي ٻئي پاسي کان ويڙهہ ڪريو. تنهن تي هنن سڏو جرمنيءَ سان ويڙهہ ڪرڻ بدران جنگ کي اينگهائڻ لاءِ يورپ تي ڏکڻ (آفريڪا ۽ اٽليءَ) کان حملو ڪرڻ جو منصوبو ٺاهيو. ساڳئي وقت، برطانيہ جرمنيءَ سان سڌي ريت وڙهڻ بدران ان جي ڪارخانن، تعميرات ۽ شهرن مٿان بمباري ڪندي رهي. برطانيہ اهڙي نموني اٽڪل سان وڙهندي رهي جو "نانگ بہ مري ۽ لٺ بہ بچي" پنهنجن دشمنن (سوويت يونين ۽ نازي جرمني) کي شڪست ڏيڻ، پاڻ پوري دنيا جو مالڪ ٿيڻ ۽ گهٽ کان گهٽ نقصان پوڳڻ لاءِ برطانيہ، انتهائي مڪاري، دوکي

۽ نڱيءَ سان، جنگ کان ٽنائڻ جي حڪمت عمليءَ تي عمل ڪيو ۽ پورا جا پورا ملڪ نازي درندن هٿان تباهه ۽ برباد ڪرايا.

جاپان ۽ آمريڪا: هي عالمي جنگ ۾ جاپان آمريڪي بحري اڈي پرل هاربر تي حملو ڪري دنيا کي اچرج ۾ وجهي چڏيو. پر هنن جو خيال هو ته ائين آمريڪا کي ڊيڄاري ڳالهين جي ميز تي آڻيندا سين. پر ائين نه ٿيو. جاپان پنهنجي وت ۽ وس کان وڌيڪ ايراضيءَ کي پنهنجي قبضي ۾ ڪيو جرمنيءَ وانگر جاپان لاءِ به اهو وڏو گرهه هو جيڪو هي هضم نه ڪري سگهيا. 1942ع جي پوئين حصي ۾ جاپاني اڳرائي جهڪي ٽيڻ شروع ٿي. آمريڪا ڏٺو ته جاپان سمنڊ ۾ موجود ننڍن ننڍن ٻيٽن تي اڃ ڪٽ مضبوط فوجي ڇانوڻيون ناهي چڏيون آهن. تنهنڪري هنن مضبوط ڇانوڻين کان پاسو ڪندي، انهن جي رسد واري قطار کي ٽوڙيندي، ڪمزور دفاعي ٻيٽن تي قبضو ڪرڻ شروع ڪيو. اهو سلسلو تيستائين جاري رکيائون جيستائين هي جاپان جي ويجهو وڃي پهتا ۽ شهرن مٿان بمباري شروع ڪيائون. پر تيسين سوويت يونين جون فتحون ڏسي آمريڪا کي اچي ڊپ لڳو ته متان ڪٿي سوويت يونين نه جاپان کي فتح ڪري وڃي. نيٺ، آمريڪا جاپاني شهرن تي ائٽم بم ڪيرائي تاريخ ۾ پهريون پيرو ان قسم جي خطرناڪ هٿيارن جو تجربو ڪيو ۽ جاپان کي آڻ مڃڻي پئي.

هي عالمي جنگ ۾ جنگي فن جي اصولن دوکي، اچرج ۾ وجهڻ، جاسوسي، تحفظ، تيزي، گڏجڻ ۽ ڇڙوڇڙ ٽيڻ جا ڪيترائي مثال ملن ٿا. پر هتي فقط ڪجهه اهم لڙائين جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

پولينڊ: تيزترين گشتي جنگ

جرمني طرفان پولينڊ سان ڪيل جنگ تيزترين ۽ گشتي جنگ جو اعليٰ نمونو هئي. جرمني 1 سيپٽمبر 1939ع ۾ پولينڊ تي حملو ڪري ڏنو. جرمني ان جنگ ۾ بکتربند ۽ هوائي فوج جي گڏپ سان حرڪت جي آزادي جي نظريي کي عملي صورت ڏني ان جو پهريون تجربو ڪرڻ لاءِ پولينڊ جهڙو وسيع ميداني علائقو بلڪل مناسب هو. توٽي جو پولينڊ ۾ سنا رود گهٽ هئا، ڍنڍون ۽ ٻيلا گهٽا هئا پر انهن رڪاوٽن جي اهميت کي وقت واري عنصر گهٽائي چڏيو جيڪو جرمن ٽينڪن ۽ جهازن جي ڪري حاصل ٿيو. ايتريقدر جو پولينڊ جي پيادا فوج کي ايترو وقت به نه مليو جو اُها پٺتي هٽي سگهي ها. ٻيو ته جرمني ٻن رخن کان حملو ڪري وڏا گهيرا ڪري پولينڊ جي فوج کي ڦاسائي چڏيو.


ان کان اڳ جو پولينڊ جي سموري بچت فوج پهچي ها، جرمن مشيني فوج پولينڊ کي اچرج ۾ وجهي 17 ڏينهن اندر شڪست ڏئي ڇڏي. ان جنگ ثابت ڪيو ته فوج کي مڪمل طور تي متحرڪ نه ڪرڻ کان وڏيڪ هاجيڪار چرپر جي آزاديءَ جي ڪوٽ آهي. جڏهن ته فرانس پنهنجي اتحادي (پولينڊ) کي بچائڻ لاءِ 17 سيپٽمبر تي مڙئي ننڍي سطح تي ۽ سوڙهي محاذ تي ٿورا گهٽا ڏڪ هنيا پر محاذ جو دائرو ننڍو هجڻ ڪري جرمني ان کي روڪڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي. اصل مسئلو هي ۽ هو ته فرانس ان عرصي تائين پنهنجي فوج کي متحرڪ ئي نه ڪري سگهي هئي.

تعداد جي حوالي سان ڏسبو ته پولينڊ وٽ ايتري فوج هئي جو اها جرمنيءَ کي روڪي سگهي پئي يا جنگ کي اينگهائي سگهي پئي. پولينڊ جي فوج ۾ 30 سرگرم ڊويزن فوج هئي، 10 ڊويزن بچت فوج هئي، 12 گهوڙي سوار برگيڊس هيون، ۽ اهم ڳالهه ته پولينڊ وٽ انڪل اڊائي لک تربيت يافته ماڻهو هئا جن کي متحرڪ ڪري سگهجي پيو. ٻئي طرف سندس اتحادي فرانس وٽ 110 ڊويزن فوج هئي ۽ اها انڪل پنج لک ماڻهن کي متحرڪ ڪري سگهي پئي. جڏهن ته جرمن فوج ۾ فقط 98 ڊويزنون هيون جنهن مان 52 سرگرم ۽ باقي 36 ڊويزن فوج جا سپاهي پهرين عالمي جنگ ۾ وڙهي چڪا هئا يعني انهن جي اوسط عمر 40 سال هئي. فرانس ۽ پولينڊ وٽ ڪُل 130 ڊويزن فوج هئي. پر جرمني جي جاگرافيائي بيهڪ ٻنهي جي وچ ۾ هئي ان ڪري اها کنهن به هڪ ڪمزور ڏر کي پهريائين نشانو بڻائي پوءِ ٻئي سان ويڙهه ڪري سگهي پئي.

وڏي ڳالهه هي هئي ته پولينڊ جي فوجي ڪمانڊ جا خيال مدي خارج هئا هنن وٽ ڪي به بڪتربند ۽ موٽر واريون فوجون نه هيون. هنن جي فوج جو گهڻو حصو گهوڙي سوار فوج تي مشتمل هو. ان گهوڙي سوار فوج جي رفتار ۽ طاقت جرمن جهازن ۽ ٽينڪن اڳيان کنهن به ڪر جي ثابت نه ٿي. جيستائين اها فوج کنهن علائقي تائين پهچندي هئي تيسين دشمن اچي انهن جي پٺيان کان پهچندو هو. پولينڊ وٽ جهازن ۽ ٽينڪن کي نشانو بڻائيندڙ هٿيار به گهٽ هئا. ان جنگي مهر مان اهو سبق ملي ٿو ته مدي خارج فوج کي ننڍي ٽينڪ فوج، جهازن جي مدد سان تباهه ڪري ڇڏيو. ان کانپوءِ جرمن فوج ڊينمارڪ، ناروي، بيلجيم، هالينڊ ۽ به ساڳئي طرح وچ جي تيزيءَ وانگر فتحون حاصل ڪيون.

فرانس: اچرج ۽ وجهندڙ ڪاهه

ٻي عالمي جنگ دوران هٽلري فوجن فرانس تي اوچتو غيرمتوقع جاءِ تان حملو ڪري جنگ جي تاريخ ۾ اچرج ۽ وجهندڙ حملي جو رڪارڊ قائم ڪيو. فرانس ۽ جرمني ٻئي پاڙيسڙي ملڪ آهن ۽ سندن سرحدون هڪٻئي سان ڊگهي مفاصلي تائين هڪٻئي سان ڳنڊيل آهن. پهرين عالمي جنگ جي خاتمي کانپوءِ فرانس کي جرمني مان هر وقت حملي ٿيڻ جو خطرو هو ۽ ان حملي کان بچڻ لاءِ فرانس پنهنجي سرحدي پٽيءَ تي هڪ مضبوط ۽ ناقابل عبور ڊگهي "دفاعي قطار" (Maginot Line) نهرائي هئي. جنهن ڪري فرانس طرفان توقع اها ڪئي پئي وئي ته هٽلر ان قطار وٽان ته حملو نٿو ڪري سگهي ۽ اها مڪمل محفوظ جاءِ آهي. ساڳئي ريت هٽلر به ائين سمجهيو پئي ته اها قطار ناقابل عبور آهي. تنهنڪري، هٽلر پهريائين سڌي ريت فرانس تي حملي ڪرڻ بدران (10 مئي 1940ع) تي اردينز واري علائقي وٽان هالينڊ تي ڪاهه ڪري ڏني (جيڪو فرانس ۽ جرمنيءَ جي هڪڙي پاسي ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ هو).



نتيجي طور، فرانس ۽ برطانيہ پنهنجي فوج جو وڏو حصو هالينڊ سان ملندڙ ملڪ بيلجيم تي پنهنجي (فرانس جي) سرحد ڏانهن اُماڻيو. فرانس وٽ 117 ڊويزن فوج هئي، جنهن مان 50 ڊويزن فوج بيلجيم، 41 ڊويزن فوج ميجنوٽ واري قطار وٽ ۽ 5 ڊويزن اتر طرف دفاع لاءِ مقرر ڪيون ويون ۽ باقي بچت

ھر رکيون ساڻگئي وقت، اتحادي فوج ھر برطانيہ، بيلجيم ۽ ڊچ فوج پڻ شامل ھئي.) 9 مئي تي جرمن فوج لڪسمبرگ تي قبضو ڪري ورتو. 10 مئي تي جرمن فوج بيلجيم وٽ اوچتو فوج لاٿي، ان تي ترت ردعمل ڪندي فرانس پنھنجيون بھترين فوجون ڏکڻ ڏانھن روانيون ڪيون. نتيجي طور، فرانس جي فوج ٻن متوقع حملي وارين جاين تي مقرر ڪئي وئي پر ھٽلري فوجن اوچتو اردينز واري علائقي (جنھن بابت ان وقت ڪنھن ٻہ ڪي توقع نہ ھئي تہ ڪو اتان ٻہ حملو ٿي سگھي ٿو چاڪاڻ تہ اھو گھاٽن ٻيلن وارو ۽ غيرھموار جابلو ۽ انتھائي ڏکيو علائقو ھو) وٽان حملو ڪري ڏنو ۽ ائين مھيني اندر، ڪنھن ٻہ وڏي نقصان کانسواءِ، فرانس جھڙي طاقتور ملڪ کي جرمني شڪست ڏئي ڇڏي.[187]

سوويت يونين: وڏي ۾ وڏو جنگي دوکو

سوويت يونين جھڙي طاقتور ملڪ کي تيزي سان شڪست ڏيڻ لاءِ ھٿيارن، جھازن، ٽينڪن ۽ تعداد ۾ برتري تہ لازم ھئي پر اھم ڳالھ جنگ جي فن کان ڪم وٺڻ جي ٻہ ھئي. جرمني پنھنجي جنگي فن جي ڪمال جون جھلڪيون پولينڊ، بيلجيم، ناروي، ھالينڊ، فرانس، آفريڪا ۽ برطانيہ سان ٽيل مختلف لڙائين ۾ ڪري چڪو ھو. جيئن تہ ڪنھن ويڑھ ۾ دشمن کي دوکو ڏيڻ جا مختلف دائرا ۽ سطحون ٽين ٽيون جن ۾ لڙائي (سيڪٽر سطح) مھم (وڏي محاذ) ۽ جنگ (سڄي محاذ) تي دوکي سان حملو ڪرڻ شامل آھن. سوويت يونين تي ٽيل حملو بنيادي طور تي جنگي حملو ھو جيڪو سڄي جي سڄي محاذ تي 30 لک فوج ۽ بي شمار ھٿيارن سان ڪيو ويو. انھيءَ منصوبي کي ڪاميابي سان عمل ۾ آڻڻ لاءِ عيار ھٽلر انتھائي رازداريءَ سان وڏي جنگي دوکي جي تياري ڪئي. لکن جي تعداد ۾ جرمن فوج ۽ جنگي سامان (ھٿيار، توبون، گاڏيون، آرٽلري وغيرہ) کي جرمني، فرانس ۽ پولينڊ جي علائقن مان گذاري سوويت سرحد ڏانھن منتقل ڪرڻ تمام ڏکيو ڪم ھو. ان دوکي کي راز رکڻ لاءِ ڪيتريون ئي انڪلون ۽ حرفتون ڪيون ويون جيڪي ھيٺين ريت ھيون:

- ظاھري طور تي سوويت يونين سان اتحاد وارو تاثر پيدا ڪرڻ لاءِ جرمني طرفان Non-Aggression Pact ڪيو ويو.

- هڪ طرف جنگ جون تياريون پئي ڪيون ويون تہ ٻئي طرف سفارتي طور تي اهو تاثر ڏيارڻ لاءِ تہ سوويت يونين ۽ جرمني جي وچ ۾ سفارتي تعلقات پنهنجي معمول مطابق هلي رهيا آهن ان لاءِ روسي ۽ جرمن پرڏيهي وزيرن ۾ مسلسل ملاقاتون پڻ ٿيندیون رهيون.
- برطانيہ خلاف هلندڙ جنگ کي مڙئي ظاهري طور وقفن وقفن سان جاري رکيو ويو تہ جيئن اهو تاثر ملي تہ جرمني، حقيقت ۾، برطانيہ سان جنگ ۾ مصروف آهي. نتيجي طور، ڳاڙهي فوج جي هاءِ ڪمانڊ کي اها پڪ ٿي وڃي تہ "جرمني هڪ ئي وقت ٻن محاذن تي ٻن وڏين طاقتن سان جنگ نہ وڙهندو."
- اوپر يورپ (سوويت يونين طرف) محاذ تي لکين جرمن فوجن جي موجودگي، چرپر ۽ سرگرمي کي اهو رنگ ڏنو ويو تہ يوگوسلاويا ۽ يونان سان ٿيندڙ جنگ سبب فوج جي نقل و حرڪت ڪئي پئي وڃي.
- سوويت يونين ۽ جرمني وچ ۾ تجارتي/واپاري معاهدا ڪيا ويا.
- جرمني جي پروپيگنڈا شعبي کي ڪم ڏنو ويو تہ اهو تاثر پيدا ڪري تہ جرمن هاءِ ڪمانڊ برطانيہ تي فوجي ڪاهہ ڪرڻ جو منصوبو جوڙيو آهي. ان لاءِ ريڊيو، افواهون، فوج جي مختلف يونٽن ڏانهن موڪليل هدايتون، رياستي آدرياءُ ۽ اخباري بيانن ذريعي ان قسم جي راءِ عامہ پيدا ڪئي وڃي. جرمن فوجين کي انگريزي ٻولي سکڻ ۽ برطانيہ جي جاگرافي بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ جون هدايتون ڏنيون ويون. تہ جيئن جرمن فوج اهو سمجهي تہ برطانيہ تي حملو ڪرڻ پيا وڃون.
- فوجين جي نالن ۾ ريڊيو تان هلندڙ پروگرامن تي مشهور گائن جون فرمائشون ڪيون ويون تہ جئين اهو سمجهيو وڃي تہ جرمني جي اهم فوج اولهندي محاذ تي موجود آهي ۽ اتان کان فرمائشون موڪليون پيون وڃن.
- 25 مئي کان 22 جون تائين جرمني 75 ڊويزن فوج کي پولينڊ تائين پهچائي چڪو هو، پر تصوير اها پيش ڪئي وئي تہ برطانيہ خلاف هلندڙ جنگ سبب خطرو آهي تہ متان سوويت يونين اسان تي حملو نہ ڪري. يعني سوويت يونين جي امڪاني جنگي خطري کي روڪڻ لاءِ فوجون موڪليون پيون وڃن.
- مختلف افواهون ڦهلايون ويون؛ مثال طور "اسٽالن چار هفتن جي آرام ۽ علاج لاءِ بيدن (جرمني جو شهر) ايندو" ان جو تاثر اهو پيدا ٿيو تہ "سوويت يونين ۽ جرمني جا تعلقات ڪاميابي سان جاري آهن" بي افواهہ "ايندڙ هفتي اولهہ طرف

ريل گاڏيون نہ ويندیون" ۽ ان جو اثر اهو ٿيو جو ماڻهن سمجهيو "مطلب تہ برطانيہ تي حملو ٿيڻ وارو آهي."

- سوويت يونين سان ملندڙ سرحدي پٽيءَ تي جرمني (پنهنجي قبضي هيٺ آيل علائقن ۾) تمام ٿورڙي فوج مقرر ڪئي. مثال طور لٽيانا جي 230 ڪلوميٽر سرحد تي پيادا فوج جون فقط چار ڊويزنون مقرر هيون، تہ جيئن ڳاڙهي فوج سمجهي تہ جرمني پرامن آهي.
- حملي کان صرف 12 ڏينهن اڳ بکتربند فوج ۽ ٽينڪن کي آندو ويو، پيادا فوج ۽ بکتربند ۽ ٽينڪ فوج کي رات جي اونداهي ۾ سفر ڪرايو ويندو هو ۽ فوجي ڏينهن جو فوجي ٻيلن ۾ آرام ڪندا هئا.
- حملي لاءِ ڏينهن ۽ وقت جي چونڊ پڻ اهم ڪردار ادا ڪيو، چاڪاڻ تہ 22 جون آچر جو ڏينهن هو، ائين پهرين ڏينهن ئي جرمن فوج کي 18 ڪلاڪ ڏينهن جي روشني ۾ ڪارروائي ڪرڻ جو موقعو ملي ويو.[190]

ان سموري بندوبست کانپوءِ 22 جون، 1941 تي نازي جرمني ۽ سندس اتحادين (هنگري، رومانيہ، اٽلي) سوويت يونين خلاف 190 ڊويزن فوج، 4 هزار کان وڌيڪ توبن، اٽڪل 5 هزار جهازن ۽ 200 کن جنگي ٻيڙن جي گڏيل قوت سان، بالٽڪ کان ڪاري سمنڊ تائين، اٽڪل 930 ميل محاذ تي اچرج ۾ وڇندڙ جنگي حملو ڪيو. نازي فوج سوويت يونين جي بالٽڪ سمنڊ کان ڪارپيٿين جبلن تائين ڊگهي سرحدي پٽي تي ٽن هنڌن کان ٻوڏ وانگر ڪاهي پئي. هٽلر طرفان سوويت يونين مٿان ٿيل حملو جنگ جي تاريخ جي وڏي ۾ وڏي جنگي ڪاهه هئي. اوچتي ۽ دوکي سان ڪيل حملي سبب اڳرائي ڪندڙ (نازي فوج) کي عارضي طور تي وڏي جنگي اڳپرائي ملي ۽ ان پيشقدمي هٽلري فوج کي ان لائق بڻايو تہ سوويت يونين جي وڏن علائقن تي آساني سان قبضو ڪري سگهي نازي فوجن 22 جون کان 3 ۽ 4 ڊسمبر (1941ع) تائين روس جي تمام وڏي علائقي تي قبضو ڪري ورتو. هٽلر جي نظر ۾ باقي آخري جاءِ ماسڪو (روس جي گاديءَ جو هنڌ) بچيل هو جتي فيصلاڪن لڙائيءَ ڪانپوءِ جنگ پوري ٿي وڃي ها. ان کان اڳ هٽلري فوج پولينڊ، بيلجيم، ناروي، هالينڊ، فرانس، آفريڪا ۽ برطانيہ سان ٿيل مختلف لڙائين ۾ ناقابل شڪست قوت طور پاڻ مڃائي چڪي هئي. پر ماسڪو واري لڙائيءَ ۾ هٽلر سان بہ نيپولين جهڙو

حشر ٿيو، جيڪا هٽلر جي پهرين وڏي شڪست هئي، جڏهن ته فيصلاڪن ويڑهه اسٽالن گراڊ جي ميدان تي ٿي.

اسٽالن گراڊ: اخلاقي سگهه جو شاندار مثال

اسٽالن گراڊ وٽ ڳاڑهي فوج جي فتح کي ٻي عالمي جنگ جي تاريخ ۾ اهم حيثيت حاصل آهي. اها لڙائي جنگي حڪمت عملي، اخلاقي سگهه، دوکي، حيرت، ڏکوئيندڙ رسد، انفرادي ويڑهه ۽ گهيري جي عنصرن جو مرڪب هئي. هن لڙائي ۾ حاصل ٿيل فتح ديرپا اثر ۽ وسيع تر فوجي ۽ سياسي نتيجا ڏني. وولگا ندي وٽ ٿيل ان لڙائي نه صرف نازي جرمني خلاف سوويت يونين جي عظيم محب وطن جنگ، پر جنگ جي تاريخ ۾ پڻ سونهري ورقن ۾ جاءِ والاري.

نيپولين جو مشهور قول هو ته جنگ ۾ "اخلاقي سگهه جسماني طاقت کان ٽيڻ تي وڌيڪ طاقتور هوندي آهي." اها اخلاقي سگهه جائز مقصد ۽ فتح ۾ يقين مان جنم وٺندي آهي. اسٽالن گراڊ شهر ۾ ٿيل ويڑهه دوران سوويت فوج ۽ شهرين جنهن قسم جي اخلاقي سگهه جو مظاهرو ڪيو اهڙو مثال شايد جنگ جي سموري تاريخ ۾ ورلي ڪٿي ملي سگهي. ان ويڑهه جي شروعات 1942ع جي جولاءِ کان ٿي ۽ اٽڪل ڇهن مهينن تائين جاري رهي. ان ويڑهه هلندي جرمن جهازن اسٽالن گراڊ شهر مٿان ايترا بم ڪيرايا جو شهر جي زمين ائين پٽي لڳي جڏ ته ان کي به پيرا مڪمل هر ڏنو ويو هجي. شهر جون عمارتون پراڻي ڪنڊر جو ڏيڪ ڏيڻ لڳيون. اهڙي لڳ ڀڳ ڪانڊارينڊ حالت ۾ عام انسان جو زنده رهڻ ناممڪن هو پر روزانو مسلسل بمباري هيٺ ڳاڑهي فوج نه صرف موجود رهي پر زبردست نموني وڙهندي به رهي. ايترڙي ننڍڙي علائقي ۾ ايڏي وڏي مقدار ۾ بارود، هٿيار ۽ فوج جو استعمال ڪيو ويو جنهن جو مثال شايد پهرين عالمي جنگ جي "وردن (Verdun) واري لڙائي" جي برابر ٿي سگهي جتي 1916ع جي ڇهن مهينن دوران اٽڪل 5 لک جرمن ۽ فرانسيسي فوجي قتل ٿيا.

ان دوران سوويت هاءِ ڪمانڊ طرفان هدايت ڪئي وئي ته "آخري سپاهي تائين هر حال ۾ ويڑهه ڪرڻي آهي" شهر اندر هر گهٽي، هر گهر ۽ هر پٽ لاءِ ڳاڑهي فوج، هر پيري جاءِ ۽ طريقا تبديل ڪندي، حملي پنڌيان حملو، پوئتي هٽڻ ۽ وري واپس اچڻ، هڪڙي رندڪ پنڌيان بي ۽ بي پنڌيان ٽين رندڪ وجهڻ جو سلسلو جاري رکيو. ڳاڑهي فوج بدتر حالتن ۾ هينڊ گرنيڊن، پستلن، ڪوڙن،

بيلجن ۽ ٽريڪر سان ۽ ڪڏن ۾ دشمن سان دوبدو ويڙهه ڪئي، جيئن ئي هڪڙي فوج ختم پئي ٿي ته وري ٻي فوج پرتي ڪندي ويڙهه جاري رکي، ان دوران ڳاڙهي فوج جي وڙهندڙ سپاهين مان گهٽن کي اکوات ئي پڪ هوندي هئي ته "24 ڪلاڪن کان وڌيڪ زنده نه رهندا" پر ڳاڙهي فوج جي تربيت ئي ڪجهه اهڙي ٿيل هئي جو انهن لاءِ اها ڳالهه ايتري اهم نه هئي. 10 سپاهي هڪ پوري بٽالين وانگر ويڙهه ڪندا هئا.

ڪيترائي پيرا نازي فوج شهر جي وڏي حصي تي قبضو به ڪري ورتو، پر مڪمل ريت قبضو نه ڪري سگهيا. جيڪي علائقا ڏينهن جو جرمن فوجون قبضو ڪنديون هيون، ته وري ڳاڙهي فوج اهي ساڳيا علائقا رات جو واپس کسي وٺندي هئي. ان سموري گولاباري، بمباري، توبن جي گونج ۽ نازي فوج جي انڌاڌند ڪارروائين باوجود ڳاڙهي فوج جي سپاهين طرفان وڙهڻ جو مثال جنگ جي تاريخ ۾ ورلي ملندو.

شهر ۾ اٽڪل ڇهن مهينن تائين مسلسل خونريزه ويڙهه هلندي رهي. سرخ فوج آخري حدن تائين جنگ جاري رکندي، آخري برگيڊ فقط 19 ٽينڪن سان لڙائي ۾ لاٿي. جنهن مان صبح تائين فقط هڪڙي ٽينڪ اهڙي بچي جيڪا فائر ڪري سگهي پئي پر اها حرڪت نه پئي ڪري سگهي ۽ تيسين برگيڊ ۾ باقي فقط 100 سپاهي بچيا هئا. وري (15 سيپٽمبر) 13 گارڊ رائفل ڊويزن پهتي ۽ ائين اسٽالن گراڊ ڊير ٽيڊ ڪان هڪڙي ڏينهن لاءِ بچي ويو. پر 24 ڪلاڪن ڪانپوءِ اها ڊويزن به ختم ٿي وئي. صورتحال وڃي اها بيني جو وڏين فوجن بدران سپاهين جي انفرادي ويڙهه شروع ٿي وئي. سوويت نشاني بازن نازي فوج جون متيون منجهائي ڇڏيون، هنن کي ته اهو به معلوم نه پئي ٿي سگهيو ته گولي ڪٽان آئي ۽ نشاني باز ڪيڏانهن ويو!!

اچرج ۾ وجهندڙ لڳاتار حملا ۽ گهيرن مٽان گهيرا

اسٽالن گراڊ واري جنگ هلندي جرمن فوج لاءِ ڪيترائي مسئلا پيدا ٿي پيا ۽ سندن حڪمت عمليءَ ۾ ڪيترين ئي ڇڪون ظاهر ٿي پيون. ڪاڪاسس ڏانهن وڌندڙ جرمن فوج جي رسد جي قطار تمام ڊگهي ٿي چڪي هئي. ٻيو ته اسٽالن گراڊ ۽ ڪاڪاسس طرف وڙهندڙ جرمن فوجون هڪٻئي کان ايترو پري هيون جو اهي هڪٻئي جي مدد به نه پئي ڪري سگهيون. ٽيون ته سوويت گوريلا جٿن کارروائيون ڪري نازي فوج ۽ ڪمانڊ لاءِ ڏرتي ٽامو بڻائي ڇڏي

هئي. چوٽون، جرمن فوج جي جنگ جو طريقي کار موجب گڏيل آپريشن جي اصول تحت توبون، پيادا، انجنيئر، آرٽلري ۽ جهاز باهمي مشق ڪندا هئا. ان قسم جي گڏيل طاقتور حملي آور طريقن کي منهن ڏيڻ انتهائي مشڪل هو. تنهنڪري، سوويت ڪمانڊ نازي فوج کي ويجهڙائي کان وڙهڻ (پاڪر پائڻ) وارين تدبيرن تي عمل ڪيو. جنهن ڪري جرمن پيادا فوج يا ته پنهنجي رسڪ تي وڙهي مري يا پنهنجن جي فائرنگ جو ڪاڇ بڻجي ۽ ائين آرٽلري ۽ فضائي مدد به نه پئي ٿي سگهي. پنجون، جديد دور جي لڙائي جي ميدان جا نقشا جيڪي ڪلوميٽرن جي مفاصلن جي حساب سان تيار ڪيا ويندا آهن، سي ميٽرن جي ماپ ۾ بدلجي ويا. جن ذريعي گهٽين، ڪندن ۽ الڳ الڳ عمارتن بابت سمجهاڻي ڏني ويندي هئي. ڇهون، جرمن ننڍڙي سطح جا حملا جاري رکيا، پر شهر هجڻ سبب توبن کي 30/20 جي ننڍين ٽولين ۾ استعمال ڪيو. اهڙي حالت ۾ ظاهري ڳالهه آهي ته توب مخالف هٿيارن کي فوقيت حاصل ٿيندي. هوائي فوج جي مدد گهٽجي وئي ۽ سمورو وزن پيادي فوج تي پيو. ستون، نازي فوج جيڪا هن مهل تائين هفتن ۾ سوين ڪلوميٽر جا علائقا قبضو ڪري ونندي هئي اها هاڻي هڪڙي عمارت تي قبضو جمائڻ لاءِ ڏينهن جا ڏينهن وڙهڻ تي مجبور ٿي پئي. مطلب ته اهو طريقي کار نازي هاءَ ڪمانڊ جي طئي ڪيل جنگي هدفن ۽ رڪاوٽن سان بلڪل ٽڪراءِ ۾ هو. انون، نازي حملي آورن کي روزمره لڙائي ۾ ٿيندڙ نقصان سبب جرمن فوجن جي اخلاقي سگهه پڻ ڪمزور ٿي چڪي هئي. پهريائين، نازي جرمني پراڻي حڪمت عملي تي هلڻ جي قيمت ادا ڪئي ۽ پوءِ وري ان مدي خارج حڪمت عملي تي عمل نه ڪرڻ جي سزا پوڳي. انهن پهلوئن ۽ رخن جو جائزو ونڻ ڪانپوءِ سوويت ڪمانڊ جو خيال هو ته ڳاڙهي فوج طرفان جوابي حملي لاءِ حالتون پڄي راس ٿي چڪيون آهن.

پر ان هوندي سوويت يونين طرفان نومبر تائين اٽڪل 10 لک ڳاڙهي فوج جمع ڪئي وئي. ايتري وڏي تياري ڪيئن ڪئي وئي؟ اسٽالن گراڊ واري لڙائي جي فتح سوويت هاءَ ڪمانڊ جي جنگي فن ۽ سائنس جو بيمثال نمونو هئي. هن مهل تائين، جنهن قسم جي گهيرن واري حڪمت عملي تي نازي فوج عمل ڪندي رهي هئي اها الٽو ڪين ڳڇي ۾ پئي. دوکي ڏيڻ ۽ اچرج ۾ وجهندڙ حملي ڪرڻ لاءِ لازم آهي ته دشمن کي غلط جاڻ ڏجي ۽ ڪوڙو ۽

سچو تاثر پيدا ڪجي. يعني اهڙي صورتحال پيدا ڪجي جو دشمن کي ڪجھ شيون حقيقت ۾ لڳن ۽ ڪجھ تي اُن کي اعتبار نہ اچي. ان لاءِ سوويت ڪمانڊ هڪڙي جامع منصوبي جي تياري ڪئي.

ان منصوبي کي ايترو راز ۾ رکيو ويو جو مختلف محاذن ۽ فوجي گروپن جي ڪمانڈرن (ڪنسٽانٽن، روکوسووسکي ۽ اريمنڪو) کي پٽ آڪٽوبر جي وچ ۾ ٻڌايو ويو. ان دوران کين ڪنهن به قسم جي پيش قدمي ڪرڻ کان منع ڪيو ويو. ٻئي طرف، دشمن کي غلط ڄاڻ ڏيڻ لاءِ فوجن کي چيو ويو تہ دفاع جي تيارين ۾ جنبي وجو، هنن خندقون کوٽڻ شروع ڪيون جنهن مان دشمن اندازو لڳايو تہ ڳاڙهي فوج حملي بدران دفاع لاءِ تياريون ڪري رهي آهي. ۽ ڪنهن به وڏي فوجي گروپ جي هيڊ ڪوارٽر کي لڪائڻ ڏکيو هو تنهنڪري جنرل وتوتن کي 28 آڪٽوبر تائين حملي جي ابتدا واري جاءِ تي نہ آندو ويو. دفاع جي تعميراتي ڪمن ۾، پنجين ٽينڪ فوج کانسواءِ، فقط هڪڙي فوج جي سپاهين حصو ورتو، باقي جيڪا بچت فوج هئي ان کي جاءِ واردات (اسٽالن گراڊ) کان 200 ميل پرتي رکيو ويو. ايتريقدر جو، پنجين ٽينڪ فوج کي اسٽالن گراڊ کان 500 ميل پري (ماسڪو جي پرسان) بيهاريو ويو جنهن کي ٽن هفتن دوران رات جي اونداهي ۾ 9 نومبر جي رات تائين اسٽالن گراڊ وٽ پهچايو ويو.

ٻئي طرف، يورنس آپريشن جي مدد لاءِ ماسڪو واري محاذ وٽ مرڪزي جرمن گروپ واري فوج خلاف ٻئي دوڪي (آپريشن مريخ) جو بندوبست ڪيو ويو. جنهن ۾ وڏي تعداد ۾ جنگي هٿيار ۽ فوجون جرمن مرڪزي گروپ خلاف جمع ڪيون ويون ۽ ان ذريعي اهو تاثر ڏنو ويو تہ اصل ۾ حملي جي تياري اوڏانهن ڪئي پئي وڃي، نہ ڪي ڏکڻ اولهہ واري محاذ ڏانهن.

مريخ وارو منصوبو، صرف ڏيڪ ڏيڻ لاءِ حقيقي مڪمل آپريشنل حملي جي تياري جي روپ ۾ ڪيو ويو. مطلب تہ نازي ڪمانڊ لاءِ ٻنهي پاسي صورتحال اهڙي ٻڌائي وئي جو انهن لاءِ ڏکيو هو تہ ڪهڙي پاسي جي چونڊ ڪن. حقيقت ۾، سوويت ڪمانڊ مريخ وارو دوکو، ڏيان هٽائڻ (Diversionary) طور ڪتب آڻيندي دشمن کي منجهائي ڇڏيو. نازي ڪمانڊ لاءِ اها ڳالهہ مڃڻ جهڙي نہ هئي تہ دشمن (ڳاڙهي فوج) آسان رستو (ماسڪو وارو محاذ) ڇڏي ان کان وڌيڪ

مشڪل رستو (اسٽالن گراڊ) وٺندو. چاڪاڻ ته جرمن ڪمانڊ جو خيال هو ته جنگي حوالي سان ماسڪو جي وڏي اهميت آهي تنهنڪري سوويت ڪمانڊ اسٽالن گراڊ جي پيٺ ۾ ماسڪو کي وڌيڪ ترجيح ڏيندي. ايتريقدر جو جرمن جاسوس اداري رپورٽ ڏني ته جيڪڏهن ڳاڑهي فوج حملو ڪيو ته به پهريائين مرڪزي فوجي گروپ (ماسڪو) خلاف ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ ڏکڻ طرف هلان ٿي سگهي ٿي.

سوويت جنرل ويسلوسڪي ۽ زوڪوف، دشمن جي نرم جاين وٽ سوويت جوابي حملا ڪرڻ ۽ مختلف هنڌن تي زوردار ڏڪ هڻڻ جي لڳاتار سلسلي ذريعي دشمن جي بدتر حالتن کي بدترين بٽائڻ ۽ حڪمت عملي جي وڌيڪ فائديمند ۽ گهٽ ٽڪائيندڙ صورت تي عمل ڪرڻ جو منصوبو جوڙيو. نفسياتي ۽ جنگي حوالي سان اٽسڌي حڪمت عملي اختيار ڪئي وئي.

19 نومبر جي صبح سادي ستين وڳي ڌاري، ڳاڑهي فوج آرٽلري ۽ مارٽرن جي برسات کانپوءِ پنجين ٽينڪ ۽ 21 هين ڳاڑهي فوج حملي جي ابتدا ڪئي. پر جيستائين ان حملي جي رپورٽ ڇهين جرمن فوج جي ڪمانڊر تائين پهتي تيستائين گهڻي دير ٿي چڪي هئي. ائين 3 لک جرمن فوج گهيري ۾ اچي وئي، جنهن گهيري جي جستجو نازي پاڻ ڪندا رهيا پر النو پاڻ اهڙي ئي گهيري ۾ ڦاسي پيا. جنهن کانپوءِ جرمن فوجن جي رسد واري لائين ڪٽجي وئي. نيٺ، ڪيترائي جرمن فوجي ڪاڏي جي ڪوٺ، شديد ٺڏ ۽ هٿيار نه هجڻ سبب مارجي ويا ۽ زخمي ٿيا. ۽ هٽلر جي حڪمن جي انحرافي ڪندي، نيٺ 31 جنوري (3 فيبروري) 1943 تي، جنرل پالس هٿيار ڦٽا ڪندي ڇهين فوج سميت پنهنجو پاڻ کي ڳاڑهي فوج وٽ پيش ڪيو. اٽڪل 99 هزار (22 ڊويزون) جرمن فوجي قيد ڪيا ويا جنهن ۾ 22 جنرل به شامل هئا.

اسٽالن گراڊ جي لڙائي سوويت فوجي هاءِ ڪمانڊ جي تنظيمي قابليتن ۽ جنگي هنر، سوويت سپاهين جي همت ۽ هيروازم جو هڪ بيمثال نمونو هئي. اسٽالن گراڊ جي ويڑهه نازي فوج جي زوال تي مهر هڻي ڇڏي ان فتح اهو ثابت ڪيو ته ڪاميابي ان فوج کي ملندي جنهن وٽ اقتصادي ۽ افرادي قوت هوندي، جيڪا بهتر هٿيارن سان ليس ۽ تربيت يافته هوندي ۽ وٽس بلندترين اخلاقي سگهه هوندي ۽ جنگي فن هوندو.

رسد ۽ دوڪي جو اعليٰ مثال

ال امين جي بي لڙائي جيڪا 23 آڪٽوبر کان شروع ٿي ۽ 5 نومبر 1942 تي پڄاڻيءَ تي پهتي. ان لڙائيءَ ۾ رسد، جاسوسيءَ، دوڪي جي عنصرن اهم ڪردار ادا ڪيو.

بي عالمي جنگ دوران، هٽلر جو خيال هو ته سوئز ڪينال، جيڪو اتحادي فوجن جي رسد لاءِ شهہ رڳ جي حيثيت رکندو هو، ان تي قبضو ڪرڻ لنڊن تي قبضي ڪرڻ کان وڌيڪ اهم آهي. ٻيو ته ان سان تيل جي ذخيرن تي پڻ قبضو ٿي وڃي ها. ائين هٽلر سوويت يونين ۽ برطانيہ کي قابو ڪري سگهي ها. بهرحال، اولهہ جي معاشري جي زندگيءَ جو اهو تاريخي فيصلو اُتر آفريڪا جي سُنسان ريگستان ۾ ٿيو.

ال امين اهڙو علائقو هو جتي ٻئي ڏريون هڪٻئي جي سامهون هيون، اُتي ٻنهي ڏرين جي پاسن تي حملو نہ پئي ٿي سگهيو. زمين تمام سخت هئي. ان جنگ ۾ ڪاميابي ان ڌر کي ملي ها جيڪا رسد جو مسئلو حل ڪري سگهي ها. مثال طور، برطانيہ جي (ائين) فوج جي صرف هڪ بکتربند ڊويزن لاءِ روزانو 70 هزار گيلن پيٽرول، سادا ٽي سو ٽن گولا بارود ۽ 50 ٽن واڌو (فالتو) پرزا گهربل هئا. برطانيہ کي هڪڙو فائدو اهو هو ته پيٽڻ جي تازي پاڻيءَ جا آبشار برطانيہ جي مقبوضہ علائقي ۾ هئا جڏهن ته جرمن فوج کي پاڻي ڪٽڻ لاءِ به گهٽو پري وڃڻو ٿي پيو. ال امين واري جنگي ميدان تي موجود جرمن فوج کي رسد پهچائيندڙ ساموندي اڏو اٽڪل 6 سو ميل پري هو ۽ برطانوي فوج جي رسد سوئز ڪينال کان ٽيندي هئي جيڪو اٽڪل 2 سو ميل پري هو.

هڪڙي پاسي انگريز جنرل منٽگمري هو ۽ ٻئي پاسي جرمن جنرل روميل هو. منٽگمري کي مشيني جنگ جي فن تي مهارت حاصل هئي جڏهن ته فيلڊ مارشل ارون روميل "ريگستاني جنگ" ۾ ڪمال ڏيکاري پنهنجي لاءِ "ريگستاني لومڙ" جو لقب ماڻي چڪو هو. جرمن فوج ۽ ايتريقدر جو دشمن به هن جو احترام ڪندا هئا. ال امين واري لڙائيءَ لاءِ روميل جيڪو نقشو تيار ڪيو اهو اڳرائي ڪرڻ ۽ ڪجهہ دفاعي انتظام ڪرڻ تي مشتمل هو. هن ڪنديدار تارون ۽ بارودي سرنگهون وڇايون. پر اهي دفاعي قسم جون تياريون ڪنهن مخصوص وقت لاءِ ڪيون ويون. جيڪڏهن هن وٽ هڪ هزار گيلن پيٽرول هجي ها ته هُو لڙائي شروع ڪري ڇڏي ها. هن جي فوج ٽڪجي چڪي


هئي پر انهن جو حوصلو بلند هو. روميل جي ويڑهه جو طريقي کار اهو هو ته دشمن کي آرام سان ويهڻ جو موقعو نه ڏيڻ ۽ اوچتو حملو ڪرڻ. ال امين واري ميدان جنگ ۾ به هن جلدئي سڙ ڪينال تائين پهچڻ پئي چاهيو. ساڳئي ريت، منٽگمري به لڙائيءَ جو نقشو تيار ڪري چڏيو هو پر هي ڪنهن به چرپر کان اڳ ۾ جنگي ساز سامان ۾ برتري حاصل ڪرڻ ضروري سمجهندو هو.

هاڻي "ريگستاني لومڙ" کي چڪما ڏيڻ جون انڪلون شروع ٿي ويون. وڏو حملو اتر کان ڪرٽو هو پر منٽگمري اهڙا ڪم ڪيا جن مان روميل کي اهو ڪوڙو تاثر مليو ته اتحادي فوج ڏکڻ کان حملو ڪندي. اُتر واري پاسي گڏ ٿيندڙ فوج کي لڪائڻ لاءِ هرممڪن قدم کنيا ويا. ٽينڪن جي اصل صورت لڪائي رات جي اونداهيءَ جو فائدو وٺي وڏي تعداد ۾ گڏيون ٽينڪون جمع ڪيون ويون جڏهن ته ڏکڻ پاسي وري ڪوڙا انبار لڳايا ويا، هٿرادو ڪوڙيون ٽينڪون ۽ جهاز پري پري تائين رکيا ويا، ته جيئن روميل جي جاسوس جهازن کي اهو تاثر ملي ته هن طرف (ڏکڻ) کا وڏي تياري پئي ٿئي. هزارين ماڻهو رسد جو سامان لاهڻ ۾ مصروف هئا. هڪ جاءِ کان ٻي جاءِ ڏانهن ڊوڙن پيا. بهرحال، جنگي نمائش جو اهڙو بندوبست ڪيو ويو جو دوکو ڪامياب ٿي ويو. ٻئي طرف، جرمن هاءِ ڪمانڊ، روميل کي پڪ ڏياري ته اتڪل ڇهه هزار ٽن پيٽرول اڃي پيو (جيڪو ڪڏهن به نه پهتو) پر ان آسري تي روميل حملو ڪري ڏنو. موٽ ۾، برطانوي فوج جوابي ڏڪ هڻندي جهازن ذريعي روميل جي فوج کي نشانو بڻائڻ شروع ڪيو ائين روميل جي فوج منٽگمري جي ڪوڙڪي ۾ ڦاسي پئي. انگريز جنرل ٻيو اهو ڪيو ته روميل تائين اهڙا جاگرافيائي نقشا پهچايا جن مان واضح ٿيو پئي ته اوسي پاسي جي زمين ٽينڪن جي استعمال لاءِ موزون آهي. جڏهن روميل جون ديوقامت ٽينڪون اُتي پهتيون ته نرم ريگستان ۾ ڦاسي پيون. ائين ٽن ڏينهن تائين وڙهندي وڙهندي، پوئتي هٽڻ تي مجبور ٿي ۽ پڇي جان بچائي. نيٺ، آهستي آهستي اتحادي ٽينڪن ۽ جهازن جرمني ۽ اٽليءَ جي فوجن کي آفريڪا مان ڪڍي چڏيو. جنهن کانپوءِ برطانيہ لاءِ جنگ ڦيرو کائڻ شروع ڪيو.

نارمنڊي: جاسوسي ۽ جوابي جاسوسي

فرانس جي ساحلي پٽي، نارمنڊي، وٽ انگريز ۽ آمريڪي فوجن طرفان 6 جون 1944 تي ڪيل حملي ۽ ان جي نتيجي ۾ جاسوسي ۽ جوابي جاسوسي جو اهم ڪردار هو.

بي عالمي جنگ دوران نازي فوج جي قبضي هيٺ آيل فرانس تي حملو ڪرڻ لاءِ اتحادي فوج طرفان نارمنڊي (علائقي جو نالو) ۾ فوجون لاهڻ جو منصوبو ناهيو ويو. جنگ جي تاريخ ۾ خاص ڪري بي عالمي جنگ ۾ اهو منصوبو هڪ ئي وقت گهڻن دوڪن کي ڪمال سان سرانجام ڏيڻ جو شاهڪار نمونو آهي. اصل ۾ فوجون فرانس جي سامونڊي ڪناري نارمنڊي وٽ لاهڻيون هيون پر ان اصل حملي کي لڪائڻ لاءِ هنن اهڙا بندوبست ڪيا جو جرمن ڪمانڊ کي يقين ٿي ويو ته دشمن ناروي تي ڪاهه ڪندو ۽ ساڳئي وقت ۾ پڪ اها ٿين ته فرانس تي اصل حملو نارمنڊي (سامونڊي ڪناري) کان نه پر پاس ڊي ڪلاس (سامونڊي ڪناري) کان ٿيندو. اهڙي دوکي ڏيڻ جو مقصد اهو هو ته جرمني پنهنجي فوج جو گهڻو حصو نارمنڊي واري محاذ تي مقرر نه ڪري ۽ ٻين علائقن ڏانهن اماڻي جتي هن کي خطري جو يقين ڏياريو وڃي. ان قسم جي دوکن ڪانسواءِ اهو آپريشن ڪامياب ئي نه ٿي سگهي ها چاڪاڻ ته فرانس جي ساحلي پٽي تي جرمن فوج مضبوط دفاعي قطارون ناهي چڏيون هيون. تنهنڪري، برطانيه ۽ آمريڪا جي فوجن لاءِ سمنڊ رستي ساحلي ڪنارن تي لڪن جي تعداد ۾ فوج لاهڻ ۽ جنگي هٿيار ۽ سامان لاهڻ انتهائي ڏکيو عمل هو.



دشمن کي کوڙو تاثر ڏيڻ ۽ دوکي کي کامياب ڪرڻ لاءِ کوڙيون رپڙ جون ٺهيل ٽينڪون، جهاز ۽ ٻيو جنگي سامان اصل جاءِ بدران ٻئي هنڌ رکيو ويو. غيرجانبدار ملڪن جي سفارتي چينلن ذريعي ڄاڻي واڻي جرمن ڪمانڊ تائين رازداريءَ سان ڪجهه سچي ۽ ڪجهه کوڙي معلومات موڪلي وئي. (مثال طور، غيرجانبدار سوئيڊن جي حڪومت سان برطانيہ ڳالهيون پئي ڪيون ته اسانجي جهازن کي پنهنجي ملڪي سرحدن مان لنگهڻ جي اجازت ڏيو ۽ انهن ۾ پيٽرول پرڻ جي به اجازت ڏيو. ان مان جرمني کي تاثر اهو مليو ته برطانيہ ناروي واري پاسي حملي جون تياريون پئي ڪري.) وائرليس ٽريفڪ سميت مشهور شخصيتن کي عوامي ميڙاکن سان گڏ ڏيکاريو ويو. پر انهن سڀني کان وڌيڪ اهم ۽ ڪارائتو ڪم به طرفن جاسوسن (Double-Agents) ڪيو، برطانيہ جرمن جاسوسن کي استعمال ڪري جرمن هاءِ ڪمانڊ تائين کوڙي معلومات پهچائي. پاس ڊي ڪلائس جنگي حوالي سان بهتر علاقو هو ڇاڪاڻ ته اهو برطانيہ ۽ فرانس جي وچ ۾ تمام گهٽ مفاصلي تي واقع هو. نتيجي طور، جرمن فوج ائين پئي سمجهيو ته اتحادي فوجون اتان ضرور ايندیون. ايتريقدر جڏهن نارمنڊي وٽ حملو ٿي چڪو هو تڏهن به جرمن فوج ائين پئي سمجهيو ته اهو کوڙو يا ڏيان هٽائڻ وارو حملو آهي اصل حملو ته پاس ڊي ڪلائس وٽان ٿيڻو آهي. جرمن فوج کي اها پڪ ان ڪري ٿي ڇاڪاڻ ته پاس ڊي ڪلائس جي بلڪل سامهون برطانوي ساحلي ڪنارن تي تمام وڏي تعداد ۾ کوڙيون ٽينڪون، جهاز ۽ ايتريقدر جو عمارتون به ڪڙيون ڪيون ويون هيون. وڏي ڳالهه ته ڳجهي ٻولي موڪلڻ ۽ پڙهڻ واري جرمن مشين جو توڙ برطانيہ ڪڍي چڪي هئي جنهن سان هنن کي پڪ پئي ٿي ته جرمن ڪمانڊ کي اسانجن دوکن تي اعتبار اچي چڪو آهي.

نيٺ، 6 جون 1944ع تي اتحادي فوج طرفان حملو ڪيو ويو جنهن ۾ اٽڪل ست هزار جنگي ٻيڙين، 12 هزار جهازن، 10 هزار ٽن بم شامل هئا.[19] نارمنڊي واري لڙائيءَ ۾ ڪاميابي کانپوءِ هٽلر هڪ ئي وقت ٻن محاذن (اوپر ۾ سوويت يونين ۽ اولهه ۾ فرانس، برطانيہ ۽ آمريڪا سان) وڙهڻ تي مجبور ٿيو. جن اڳتي هلي نازي سلطنت جي محل کي ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيو.

جديد ايشيا ۾ جنگ جو فن

يورپ پنهنجي هڪ هزار سالا اونداهي دور گذرڻ کانپوءِ اڻڪل پنج صدين تائين پوري دنيا تي ڪاهون، حملا ۽ قبضا ڪندو رهيو آهي. اهو سلسلو اڄ تائين هلندو پيو اچي. تاريخي تناظر ۾ ڏسجي تہ اها ويڑهہ پڻ ڪمزور ايشيا ۽ طاقتور يورپ ۽ آمريڪا جي وچ ۾ گذريل پنج سو سالن کان ٿيندڙ لڙائي آهي. پر ان پنج صدين واري يورپي (بعد ۾ آمريڪي) بالادستي ۽ تسلط کي تباهہ ڪرڻ جي ابتدا، خاص طور تي جاپان، بعد ۾ چين، ڪوريا، ويٽنام، انڊيا ۽ ٻين ايشيائي، آفريڪي، لاطيني آمريڪي ملڪن ۾ ٿي. ان تاريخي ويڑهہ ۾ پهريون پيرو ڦيرو تڏهن آيو جڏهن 1905ع ۾ جاپان روس سان ويڑهہ ڪري روس کي شڪست ڏني ۽ وري ٻي عالمي جنگ دوران ڪيترن ايشيائي ملڪن تان يورپي قبضا ختم ڪرائي پاڻ قبضا ڪيا. تنهن کانپوءِ، چين 1949ع ۾ يورپي ۽ آمريڪي سامراجين کي شڪست ڏئي پنهنجي حدن مان تڙي ڪڍيو. بعد ۾ ويٽنام ۽ فرانس ۽ آمريڪا جهڙين خطرناڪ عالمي فوجي طاقتن کي ٽوڙا ڇپائي پنهنجي گهرن ڏانهن واپس اُماڻي ڇڏيو. ائين فقط چار پنج ڏهاڪن اندر ايشيا مٽان سڏي يورپي بالادستي ختم ٿيڻ شروع ٿي ۽ ڪيترائي ملڪ آزاد ٿيا. اصل ۾، ويهين صدي دوران يورپي بالادستيءَ جي عروج جي انتها ۽ هئي تہ ان صديءَ دوران ان جي تاريخي زوال جي ابتدا ٿي. پر ايشيا کي اڃان پنهنجن پيرن تي بيهڻ، ترقي يافتہ ۽ طاقتور خطو ٻڌجڻ ۾ وقت گهربل آهي. هن وقت ۽ ايشيا جا تمام گهٽا ملڪ پنٽتي پيل آهن. پر ان سموري لڦاءُ ۾ حيران ڪندڙ ڳالهہ هيءَ آهي تہ ايشيا جا ڪمزور، پنٽتي پيل ۽ سُجا ماڻهو يورپ ۽ آمريڪا جي طاقتور، ترقي يافتہ ۽ شاهوڪار ملڪن سان ڪيئن ٿا جنگيون ڪن!

جيترو جنگ جي سائنس ۽ فن ۾ ايشيائي ماهرن ماضيءَ ۾ ڪمال ڪري ڏيکاريو هو ساڳئي طرح ويهين صديءَ ۾ ۽ مائوزيتنگ، هوچي منهہ، گياپ، ڪم ال سنگ، چيانگ ڪائي شيڪ، مصطفیٰ ڪمال اتاترڪ، لن پيائو، ياماموتو جهڙن جنگي جنرلن ينهنجين جنگي اڻڪلن، حرفتن ۽ طريقن جا نوان

مثال قائم ڪري مغربي فوجي ماهرن ۽ جنرلن کي پريشان ڪري ڇڏيو ۽ اهو ڪجھ ڪري ڏيکاريو جيڪو اُنهن جي وهم گمان ۾ به نه هو. ماضيءَ ۾ عام روايتي جنگ وانگر ايشيا ۾ جاپان ۽ جديد انقلابي جنگ جي فن ۾ مهارت ۽ ڪمال جي باقائده ابتدا پڻ چين کان ٿي.

جاپان

اولھ جي 500 سالا تاريخي تسلط ۽ ھڪ ھنيءَ کي پھريون سنڌائتو ڏڪ 1905ع ۾ لڳو جڏھن جاپان ۽ روس جي وچ ۾ بحري ويڑھ ٿي. توٽي جو ان وقت، روس ھڪ وڏي بحري طاقت ھو. روس وٽ ست پھرين درجي جا جنگي ٻيڙا، نو ڪروزر ۽ ٻيڙا تباھ ڪندڙ 25 بحري جھاز ۽ جاپان وٽ ڇھ جنگي ٻيڙا، اٺ ڪروزر ۽ ٻيڙا تباھ ڪندڙ 19 بحري جھاز ھئا. جڏھن ته ٻنھي جي زميني فوج ۾ وڏو فرق ھو، روس وٽ اٽڪل ساڌا چار لک ۽ جاپان وٽ پوٽا ٽي لک فوجي ھئا. پر ڏور اوپر واري علائقي ۾ روس وٽ فقط ھڪ لک 38 ھزار سپاھي ھئا. روسي فوج سان وڏو مسئلو مفاصلي جو ھو، چاڪاڻ ته روسي فوجين کي ڏور اوپر واري محاذ تائين پھچڻ ۾ مھينو لڳي ويندو ھو. تعداد جو فرق زميني جنگ ۾ فيصلاڪن ھوندو آھي پر بحري جنگ ۾ فيصلاڪن اھميت سائنس ۽ مشيني اوزارن کي ھوندي آھي. ان حوالي سان روس جي بحري طاقت، جاپان جي پيٽ ۾، برتر ۽ فيصلاڪن ھئي. جاپاني جن کي "ننڍا زرد پولڙا" سمجھيو ويندو ھو، ان جي حيثيت ڪنھن به ريت يورپين سان نه پيٽ لائق نه ھئي.

روس، ان دور جي ٻين يورپي قوتن وانگر ھڪ وڏي ڪالونيل طاقت ھو، ان چين جي علائقي منچوريا تي قبضو ڪرڻ پئي چاھيو. پھريائين ته ھن چيني علائقي (منچوريا) مان ريلوي لائين جي لنگھ لاءِ رعايت ورتي ۽ بعد ۾ ليائو تنگ پيننسوليا جي ڏڳھي مدي واري ليز ورتي، جتي روس بحري اڈو تعمير ڪرڻ پئي چاھيو. جڏھن ته ٻئي طرف، خود جاپان ڪوريا ۾ اک وجھيو ويٺو ھو. ان تڪرار جي نبيري لاءِ ٻنھي جي وچ ۾ ڳالھيون ھلندڙ ھيون ته ان وچ ۾ روس، چين جي اجازت سان، منچوريا ۽ ڪوريا جي سرحد وٽ پنھنجيون فوجون لاٽيون. تنھن ڪانپوءِ ان ردعمل ۾، 8 فيبروري، 1904ع ۾ جاپاني بحري فوج، ايڊمرل ٽوگو جي سربراھيءَ ۾، پورٽ آرٿر وٽ روسي ٻيڙين تي حملو ڪري ڏنو. جاپاني فوج سان وڙھڻ لاءِ روس پنھنجي جنگي ٻيڙن جي پرتي

ڏور اوپر واري محاذ ڏانهن رواني ڪئي جيڪا ان کان اڳ جو تمام ڏڳهو ۽ ڏکيو سفر ڪري، ڏورانهين پورٽ آرٿر تائين پهچي روسي فوج کي چونڪارو ڏياري ها، سو اُها اچا (10 مارچ تائين) مدگاسکر وٽ ئي مس پهتي هئي، ته ان وچ ۾ 2 جنوري تي مڪدن وٽ روسي فوجين هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيا هئا ۽ جڙ ته جنگ ته ختم ئي چڪي هئي پر روسي جنگي سربراهه، روزونسڪي، کي رستو تبديل ڪرڻ جا آرڊر ئي نه ملي سگهيا. جنهن ڪري هي ساڳيو رستو ونڊي اڳتي وڌيو.

جاپاني ايڈمرل ٽوگو ته روسي بحري بيڙن جي تاڙ ۾ ويٺو هو. روسي جيئن ئي جاپان ۽ ڪوريا جي وچ واري سشيما سوڙهي لنگهه ۾ داخل ٿيا ته روزونسڪي، پنهنجي جنگي بيڙن کي هڪ ڪالم جوڙڻ بدران هڪبئي سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي سڌي قطار ناهڻ جو حڪم ڏنو ته جيڪڏهن جاپاني بيڙن جي ڪالم سان ٽڪر ٿئي ته هي سڀ ڦري دشمن کي پاسن کان آتش بازي ڪري سگهن. (ان اٽڪل کي بحري تدبيرن جي حوالي سان "ڪراسنگ ٽي" سڏيو ويندو هو. جنهن مطابق دشمن جنگي بيڙا، جيڪي هڪبئي جي پٺيان ڪالم جي صورت ۾ ايندا آهن، انهن جي مهڙ واري بيڙي کي نشانو بڻائي سگهبو آهي ۽ جيڪي ان مهڙ واري بيڙي جي پٺيان بيا بيڙا هوندا آهن اُهي فائر نه ڪري سگهندا آهن. ان وچ ۾ جيڪڏهن کو وڏو جنگي بيڙو ڪالم ٽپي ويندو هو ته اُهو هرهڪ بيڙي کي آسانيءَ سان هدف بڻائي سگهندو هو.) پر روسي فوج هڪ سڌي قطار بدران ٻه ڪالم ناهي سگهي. جاپانين به سڌيءَ ريت انهن ڏانهن وڌڻ بدران پاسن کان رسائي ڪئي. 27 مئي جي منجهند 1.40 منٽن تي، مکيه جنگي بيڙن جو هڪبئي سان مقابلو شروع ٿيو ۽ انهن هڪبئي خلاف فائر کولي ڇڏيا. ان وقت روسين جي ستن جنگي بيڙن ۽ نو (9) ڪروزرس جي پيٽ ۾ جاپانين وٽ چار جنگي بيڙآ ۽ اٺ ڪروزر هئا. پر روسي بيڙن تي ڪارو ۽ پيلو رنگ ٿيل هو تنهنڪري انهن کي آسانيءَ سان ڏسي سگهجي ٿيو، جڏهن ته جاپاني بيڙن تي پُورو رنگ ٿيل هو. ٽوگو پنهنجي تيز رفتاريءَ جو فائدو ونڊي روسي ڪالم کي پار ڪندي ڏهن بيڙن کي گڏائي مهڙ وارن ٻن روسي بيڙن تي فائر ڪري ڏنا. هڪ روسي بيڙو ته يڪدم تباهه ٿي ويو، باقي ٻيو 20 منٽن ڪانپوءِ ذرا ذرا ٿي ويو. ان مان هڪ تي

سوار روسي سربراهه زخمي ٿيڻ کري بيهوش ٿي پيو ۽ جڏهن هوش آيس تہ جاپاني اسپتال ۾ پيو هو

اُن جنگ ۾ ست روسي ٻيڙن مان پنج تہ ٻُڏي ويا، ٿي کروزر فلپائين پڇي ويا. روس کي کُل ملائي 37 ٻيڙن مان اٽکل 34 ٻيڙن جو نقصان پهتو. 4،830 روسي فوجي مارجي ويا، 5،917 پکڙيا ويا ۽ 1،862 ٻين جاين تي قاسي پيا. جڏهن تہ فقط 110 جاپاني فوجي مارجي ويا، ۽ ٽن کروزرس کي نقصان پهتو ۽ ٿي تارپيدو ٻُڏي ويا. ٽوگو ۽ ان جي سپاهين يورپي کاکاشين جي برتريءَ واري تاريخي حيثيت کي پورا پورا کري چڏيو. 1905ع کانپوءِ، جاپاني ۽ آمريکي بحري فوجن هڪٻئي کي اکيون ڏيکارڻ شروع کيون. نيٺ، 1941 ۾ جاپان ۽ آمريکا هڪٻئي خلاف اعلانِ جنگ کيو.

خودکش حملا

ٻي عالمي جنگ وقت يورپ ۽ اتر آمريکا کان ٻاهر فقط جاپان ئي هڪ سڌريل صنعتي ملڪ هو. پر سماجي طور تي جاپان جاگيردار معاشرو هو جنهن ۾ واپارين ۽ تجارتکارن جي پيٺ ۾ ويڙهاکن کي وڌيڪ پسند کيو ويندو هو. ايتريقدر جو، اڄ تائين، شهنشاهه کي خدائي مخلوق سمجهيو ويندو آهي. بهرحال، اُتي فوج جي بالادست حيثيت هئي، جيکا ڏارين جي سخت خلاف هئي. جيکا سموري اوپر ايشيا ۽ خاص کري چين تي پنهنجي بالادستي قائم کرڻ جي خواهشمند هئي. 1929ع واري معاشي بحران ان خواهش کي وڌيڪ تقويت بخشي. انهيءَ سلسلي ۾ 1931ع کان ونِي جاپان اڳرائي کندي منچوريا تي حملو کيو ۽ وري 1937ع ۾ چين تي قبضو کرڻ جي کوشش کئي کمزور چينن جي گوريلا جنگ هن کي منجهائي چڏيو جنهنکري جاپان چين جي رسد بند کرڻ لاءِ ڏکڻ پاسي (برما) رخ کيو. ان دوران جاپاني ايڊمرل ياماموتو، آمريکي بحري اڈي، پرل هاربر، تي اچرج ۾ وجهندڙ حملي جو منصوبو جوڙيو. جيتوٽيڪ، ان وقت آمريکا، برطانيہ، نيدرلينڊ ۽ فرانس (۽ انهن جون کالونيز انديا، آسٽريليا، چين، ملايا، فلپائين وغيره) ۽ ٻئي طرف جاپان جي جنگي ٻيڙن ۽ جهازن جو تعداد ذري گهٽ برابر هو. پر اهم فرق مقدار جو نہ پر معيار جو هو. جاپاني فوج کي ساموندي کنارن، جهنگن ۽ راتين ۾ وڙهڻ جي تربيت مليل هئي ۽ انهن جي هوائي جهازن جو معيار بهتر هو. 1941 جي 7 ڊسمبر جي صبح، جاپاني بحري فوج هوائي جهاز کڻي ويندڙ

چهن ٻيڙن جي مدد سان آمريڪي بحري اڈي پرل هاربر تي حملو ڪري ڏنو، جنهن ۾ ننڍن ٻيڙن سميت اٽڪل چار وڏا جنگي ٻيڙا ٻُڏي ويا. چار ٻيڙن کي سخت نقصان پهتو ۽ 188 جهاز تباهه ٿيا ۽ اٽڪل ساڍا ٽي هزار آمريڪي فوجي زخمي ٿيا ۽ مارجي ويا. ان اوچتي حملي دنيا کي چرڪائي ڇڏيو. ڇاڪاڻ ته ان وقت ايتري ڏگهي مفاصلي تائين جهازن جي اُڏام انتهائي ڏکيو ڪم هو. ان هڪ ڏڪ کانپوءِ، جاپان لاءِ برطانيہ، آمريڪا ۽ ڊچ جي قبضي هيٺ آيل علائقن تي لڳاتار حملا ڪرڻ لاءِ رستو صاف ٿي ويو. ڏسندي ڏسندي جاپان فقط ٽن مهينن اندر هانگ ڪانگ، ملايا، فلپائين، بورنيو ۽ سيليبيس، سينگاپور، جاوا، برما ۽ ٽائيليند سميت ڪيترن ننڍن وڏن ٻيٽن مان ڌارين کي تڙي ڪڍيو، عارضي طور تي يورپي غلاميءَ مان نجات ڏياري پر پاڻ قبضو ڪري ويهي رهيو.

پي عالمي جنگ ۾ جاپاني فوج جنهن جنون، چريائپ ۽ جوش سان ويڙهه ڪئي ان آمريڪين ۽ انگريزن کي ڏنڊين آگريون ڏياري ڇڏيون. پي عالمي جنگ تائين هوائي جنگي سائنس ۾ ٿُڙ نشاني تي حملو ڪرڻ ڏکيو هو. ٽلهي ليکي مخصوص دائري اندر ڪيترائي فائر ڪيا ويندا هئا يا ٻر ڪيرايا ويندا هئا جن ۾ ڪجهه نشاني تي لڳندا هئا ته ڪجهه نه لڳندا هئا. پر جاپاني پائليٽ پاڻ کي جهاز سميت وڃي بحري ٻيڙي مٿان ڪيرائيندا هئا.

آمريڪا اتر پيسفڪ سمنڊ جي ننڍڙن اليشن ٻيٽن (اتو ۽ ڪسڪا) مان جاپانين کي ڪڍڻ لاءِ جنگ ڪري قبضو ڇڏايو پر پئي درجي جي اهميت رکندڙ انهن ٻيٽن کي حاصل ڪرڻ لاءِ آمريڪا کي تمام ڳري قيمت ادا ڪرڻي پئي. 11 مئي 1943ع تي آمريڪي فوج اتو (Attu) جي علائقي ۾ لٿي جنهن کي ٽن جنگي ٻيڙن جي سپورٽ هئي. ٻن هفتن جي سخت لڙائيءَ کانپوءِ جاپاني فوج جبلن ۾ لڪي وئي ۽ بعد ۾، جاپانين چا ڪيو ته آمريڪي چونڪين کي تباهه ڪرڻ لاءِ خودڪش حملا ڪري ڏنا. وري آمريڪا ڪسڪا جي ٻيٽ تي قبضو ڪرڻ لاءِ هوا، زمين ۽ سمنڊ رستي اڀائي هفتن تائين بمباري ڪئي ۽ پنجن ڏينهن تائين پوري ٻيٽ ۾ جاپانين جي ڳولا ڪئي ۽ جڏهن کين پڪ ٿي ته هاٿي هٿي هڪڙو به جاپاني ناهي تڏهن سڪون جو ساهه کنيو. انهن ٻن ٻيٽن کي خالي ڪرائڻ لاءِ وڏي هوائي ۽ بحري فوج سميت اٽڪل هڪ لک آمريڪي فوج استعمال ڪئي وئي. آئوو جيما (Iwo Jima) جو ٻيٽ جيڪو اٽڪل چار ميلن تي پکڙيل آهي، آمريڪي فوج جي خيال ۾ اهو آسان هدف هو. جتي اٽڪل 25

هزار جاپاني فوج، لکل غارن ۾ هکبئي سان ڳنڍيل سرنگهن جو جار وڇائي ڇڏيو هو. پئسفڪ سمنڊ ۾ ٽيل سمورين لڙائين کان وڌيڪ ڏکهي بمباري ان ٻيٽ تي ڪئي وئي پر ان جو ڪوبہ فرق نہ ٿيو جيئن ئي آمريڪي بحري فوج (19 فيبروري جي) صبح جو ٻيٽ تي لهڻ جي ڪوشش ڪئي تہ جاپانين مٽن سخت گولي باري ڪري ڏني. تنهن ڪانپوءِ آمريڪي فوج آهستي آهستي، هڪ هڪ فٽ، رڙهندي اڳتي وڌندي رهي. پنجن هفتن جي سخت ويڙهہ ۾ اٽڪل 26 هزار سپاهين جو نقصان پوڳڻ ڪانپوءِ آمريڪا ٻيٽ حاصل ڪري ورتو. پر ننڍا ننڍا جاپاني ٽولا ايندڙ ٻن مهينن تائين وڙهندا رهيا. نيٺ، جاپان ڏانهن ويندڙ آخري رڪاوٽ، اوڪينوا جو ٻيٽ (Okinawa) جيڪو 60 ميل ڊگهو ۽ 8 ميل ويڪرو هو، اتي 1 اپريل تي ويڙهہ شروع ٿي، جيڪا جاپانين جي سخت مزاحمت سبب ٽي مهينن تائين هلي جنهن دوران جاپانين اٽڪل ڏهہ ڀيرا سوين خودڪش جهازن (Kamikaze) ذريعي سوين آمريڪي ٻيڙا ۽ جهاز تباهہ ڪيا ۽ آمريڪا کي اٽڪل 49 هزار فوجين جو نقصان پهتو. ان تڪليف ڏيندڙ تجربي کي ڏسي آمريڪا کي اچي ڊپ لڳو تہ جيڪڏهن جاپان تي حملو ڪيوسين تہ ڇا ٿيندو؟ ٻئي طرف، سوويت يونين جرمني کي هارائي چڪو هو ۽ اهو جاپان سان ويڙهہ ڪرڻ لاءِ آزاد ٿي چڪو هو. آمريڪا انهن ٻنهي خطرن جو حل ائٽم بم ۾ ڳوليو.

حيران ڪندڙ ڳالهہ هيءَ آهي تہ آمريڪا، برطانيہ، فرانس ۽ چين جهڙن طاقتور ديون کي پتڪڙي جاپان، عارضي طور تي، زبردست شڪستون ڏنيون. پر اڳتي هلي پنهنجي پتڪڙي وجود جي ڪري جنگ هارائي ويو. ڇاڪاڻ تہ اهو پتڪڙو وجود پنهنجن وڏن مقصدن ۽ محدود وسيلن سبب ڳري بنڊ هينان ڏبجي ويو. جاپاني سلطنت اصل ۾ سامونڊي سلطنت هئي جنهن جو گهٽو دارومدار ٻاهرين رسد تي هو ۽ انهن پنهنجي گنجائش کان وڌيڪ پکيڙ ڪري ڇڏي هئي. جاپان جي شڪست جو هڪ اهم ڪارڻ چين ۾ ٽيل جنگ ٻہ هئي.

چين ۽ مائوزيتنگ (1893_1976ع)

نيپولين چيو هو تہ "چين کي سمهڻ ڏيو. جڏهن اهو ائندو تہ دنيا کي ڏاڍو ڏک ٿيندو." جيتوڻيڪ، "مهذب" يورپي قبضاگيرن چين ۾ آفيم موڪلي پوري چين کي نشي جو عادي بنائڻ لاءِ (پهريائين 1839 کان 1842 تائين ۽ پوءِ 1856 کان 1858ع تائين) "آفيمي جنگيون" ٻہ ڪيون ۽ لکين ماڻهن کي موت جو ڪاڇ ٻہ

بڻايو. جڏهن ته اندروني طور تي 1644ع کان چين ۾ منچو گهراڻي جي بادشاهت هئي. انهن بنهي قسمن جي عذابن مان جان ڇڏائڻ ۽ چين کي نند مان جاڳائڻ لاءِ ابتدائي کوشش تائي پنگ جي بغاوت (1850ع) ۾ ٿي. پر "مهذب" يورپي حڪمرانن شاهي گهراڻي منچو جي حمايت ڪري ان بغاوت کي ڪچلي ڇڏيو. انهن ڏينهن دوران مارڪس لکيو هو ته "بي دُنيا کان مڪمل طور تي ڪٽيل هجڻ ڪري پراڻو چين اجاتائين ساڳي حالت ۾ آهي. پر انگريزن جي معرفت اها صورتحال بدلجي ويندي، جيئن هڪ محفوظ ٽيل پراڻي ممي کي کليل هوا ۾ آڻبو ته اُها ڀُري پوندي، تيئن انگريزن چين ۾ اهو انقلاب آندو آهي. تنهنڪري هاڻي سوال اهو آهي ته اُهو (چين) انگلينڊ ۽ انگلينڊ جي معرفت يورپ تي، پنهنجو ردعمل ڪيئن ٿو ڪري. انگلينڊ جي تجارت جي ڪري پيدا ٽيل معاشي حالتن کي ڏسي چئي سگهجي ٿو ته چيني انقلاب موجوده صنعتي نظام جي پريل کاڻ ۾ چٽنگ اچلائيندو ۽ ڏِگهي عرصي کان تيار ٽيل عام بحران ۾ ڏماکو ڪندو جيڪو ملڪ کان ٻاهر تائين ڦهلجي ويندو ۽ ائين پوري کنڊ ۾ سياسي انقلاب ايندا."[1924]

بعد ۾ (1911ع) سن يات سين انقلاب آڻي بادشاهي راڄ کي ختم ڪيو. جنهن جا اثر يورپ تي به پيا. تنهن کانپوءِ ان زرد ديو چين کي اُتارڻ جو ڪم مائوزيتنگ سرانجام ڏنو. مائو اهو شخص هو جنهن دنيا جي سڀ کان گهٽي آبادي، واري پنڌتي پيل، نيم نوآبادياتي، نيم جاگيردار ملڪ، چين ۾ هڪ ڏِگهي جنگ ڪري پورهيت انقلاب آندو. جيڪو ڪيترن ئي ٻين ملڪن ۾ ڪميونسٽ تحريڪ لاءِ اتساهه جو سبب بڻيو. مائو کي ويهين صديءَ دوران سڀ کان وڏيڪ اثرانداز ٽيندڙ سياسي ۽ فوجي رهنمائن ۾ ڳڻيو وڃي ٿو. مائوزيتنگ هڪ گهڻ رخي ۽ تاريخ ساز شخصيت هو. هي نه فقط هڪ فوجي جنرل هو پر ان سان گڏ جنگي نظريدان به هو ته سياسي رهنما به هو ۽ سياسي نظريدان به هو. فلسفي به هو ته اديب به هو، حڪمت عمليءَ جو ماهر به هو ته فن ۽ ثقافتي هٿيارن کي استعمال ڪرڻ جو به ماهر هو. نه فقط هڪ انقلابي هو پر باغي به هو. فقط ڳالهيون نه ڪيون پر انهن کي هن عمل ۾ به آڻي ڏيکاريو. استاد، مفڪر ۽ عوامي تعليم جو ماهر به هو.


مائوزيتنگ

مائو جو تعلق هڪ هاري خاندان سان هو. هن چين ۾ بادشاهت خلاف 1911ع ۾ ٽيل بغاوت ۾ حصو ورتو. بعد ۾، هن لائبريري ۾ ڪم ڪيو جتي مارڪس ۽ اينگلس سميت ڪيترن ٻين عظيم مفڪرن جي علمن کي پڙهيو. هي 1922ع ۾ چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ جو بنياد وجهندڙن ۾ شامل هو. 1923ع ۾ چيني ڪميونسٽ پارٽي ڪومنتانگ سان اتحاد ڪيو جيڪو 1927ع ۾ ٽٽي ويو. نتيجي طور، چين ۾ گهرو ويڑهه شروع ٿي وئي. بعد ۾، جڏهن جاپان حملو ڪيو ته هنن وري پاڻ ۾ اتحاد ڪيو ۽ جڏهن بين‌الاقوامي جنگ پڇاڙيءَ تي پهتي ۽ جاپان هٿيار ڦٽا ڪيا ته وري هنن ۾ گهرو ويڑهه شروع ٿي وئي. جيڪا 1949ع ۾ ختم ٿي ۽ چين ۾ پورهيت انقلاب اچي ويو. پر ان سموري تاريخ ۾ چيني ڪميونسٽ پارٽي اڪثر 23 سال مسلسل جنگ ڪندي رهي ۽ ان جنگ ۾ ڪاميابيءَ جو سهرو سرخ فوج ۽ ان جي سربراهه مائوزيتنگ ڏانهن وڃي ٿو.

مائوزيتنگ جنگ جي سائنس ۽ فن ۾ نوان واڌارا ڪري "عوامي جنگ" جي سائنس جا بنياد وڌا. جنهن ۾ هن ٻڌايو ته "ڪيئن هڪ ڪمزور ڌر طاقتور ڌر کي شڪست ڏئي سگهي ٿي؟" مائو جي جنگي نظريي کي سائنسي نظريو ان ڪري چئي سگهجي ٿو ڇاڪاڻ ته هن پنهنجن جنگي اصولن جي بنياد تي چين ۾ هڪ ڪمزور ڌر هٽان طاقتور دشمن کي شڪست ڏئي ان جي سڃائي ثابت ڪئي ۽ سوپ ماٽي ۽ پوري ملڪ کي بدلائي ڇڏيو ۽ ان ڪاميابيءَ ٻين ملڪن (خاص ڪري ڪوريا ۽ ويٽنام) ۾ به هن جي جنگي نظريي کي بنياد بڻائي جنگيون کٽيون ويون. صدين تائين آڳاٽن جنگي نسخن تي جيئن جو تيئن مشيني انداز سان سمجهڻ ۽ لاڳو ڪرڻ تي زور ڏنو ويندو رهيو آهي. مائوزيتنگ کان اڳ وارن خالص جنگي نظريدانن جامد، مشيني ۽ دائمي اصولن جي پوئواري ڪئي. جڏهن ته مائو جنگ جي سائنس کي جدلياتي انداز سان پيش ڪيو. مائو جي انقلاب بابت نظريي ۾ (1) فوجي طاقت جو فيصلاڪن ڪردار (2) ڀهراڙي جي فوجي اڏڻ جي اهميت ۽ (3) ڊگهي جدوجهد جهڙا اهم اصول شامل آهن.

جنگ ڇا آهي؟ جنگ ۽ سياست جو پاڻ ۾ ڪهڙو تعلق آهي؟ انهن سوالن جي جواب ۾ هن لکيو ته "جنگ خونريزه سياست آهي ۽ سياست خونريزيءَ کانسواءِ جنگ آهي." جنگ سياسي گروهن، رياستن، قومن، يا طبقن جي وچ ۾، تضادن کي حل ڪرڻ لاءِ طبقاتي جدوجهد جي سڀ کان اعليٰ ترين صورت

آهي."[193] پر ان جو هرگز اهو مطلب ناهي ته مائوزيتنگ جنگ کي دائمي ۽ قطعي لقاءَ طور ڏسي ٿو. دنيا جي ٻين جنگي جنرلن ۽ نظريدانن جي ٻيٽ ۾ مائو وٽ جنگ جو مقصد ڪنهن ٻئي علائقي تي قبضو ڪرڻ، بدلو وٺڻ، پنهنجو اثر رسوخ وڌائڻ وغيره ناهي پر هن جي خيال ۾ "جنگ جو مقصد جنگ جو خاتمو ڪرڻ آهي."[194] جيتوڻيڪ، اهو متضاد تصور آهي پر جيئن لوهه لوهه کي ڪٽيندو آهي ساڳئي طرح جنگ کي جنگ ذريعي ئي ختم ڪري سگهجي ٿو. توڻي جو اهو ڪو آخري ۽ حتمي طريقو ناهي پر طريقي جو دارومدار دشمن جي ڪردار، حالتن ۽ وقت تي منحصر ڪري ٿو.

عام روايتي خالص فوجي نقطه نظر بدران مائو جنگ کي سماج جي ٻين شعبن کان الڳ، ڪٽيل ۽ قطعي فيصلاڪن طاقت جي حيثيت ۾ نٿو ڏسي. هن جي خيال ۾ "جنگ ۾ فتح ۽ شڪست جا فيصلا، مڪمل طور تي بنهي ڌرين جون، فوجي، سياسي، معاشي ۽ فطري حالتون طئي ڪنديون آهن. فقط اهي به نه پر ان لاءِ هر ڌر جي موضوعي قابليت به فيصلاڪن هوندي آهي." هي جنگ کي سياست جي ماتحت ۽ خود جنگي سرگرميءَ لاءِ سياست کي ضروري به سمجهي ٿو "سياسي ڪم ئي اسانجي فوج جي شهه رڳ آهي."[195] مائو فوج کي فقط جنگي قوت طور ڪتب نه آندو پر ان کي سياسي مقصدن لاءِ به استعمال ڪيو. ان حوالي سان مائو جو جنگي اصول هو ته "عوام کي متحد، منظم ڪرڻ ۽ تعليم ڏيڻ لاءِ فوج کي چڙوچڙ ڪريو، دشمن تي حملو ڪرڻ لاءِ انهن کي هڪ جاءِ تي گڏ ڪريو." عوام جي نجات لاءِ خود عوام کي ئي ويڙهه ڪرڻي پوندي. تنهنڪري انقلاب ۽ عوامي جنگ ان ملڪ جي عوام کي ئي وڙهڻي پوندي. پر ان عوامي فوج جي رهنمائي ڪميونسٽ پارٽي ڪندي ته نجات ملي سگهندي. مائو جي خيال ۾ عوام ۽ فوج کي سياسي بنيادن تي ڳنڍيو وڃي.

مائوزيتنگ "پاڻ کي بچائڻ ۽ دشمن کي تباهه ڪرڻ" جي عمل کي جنگ جو بنيادي اصول سمجهي ٿو. هن جي خيال مطابق "جنگي آپريشنس جا سمورا رهنما اصول ان (اصول) مان ڦٽي نڪرن ٿا. انقلابي جنگ ۾ اهو اصول سڌي طرح بنيادي سياسي اصولن سان ڳنڍيل آهي. مثال طور جاپان خلاف چيني مزاحمتي جنگ جو بنيادي سياسي اصول آهي ته جاپاني سامراج کي نيڪال ڏيڻ ۽ هڪ آزاد، خودمختيار ۽ خوشحال نئون چين تعمير ڪرڻ. جنگي حوالي

سان ان اصول جي معنيٰ ٿيندي هٿياربند فوجن کي استعمال ڪري پنهنجي مادر وطن کي بچائڻ ۽ جاپاني حملي آورن کي نيڪالي ڏيڻ. اهو مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ هٿياربند فوج، هڪ طرف پنهنجو پاڻ کي بچائيندي ۽ ٻئي طرف دشمن کي تباهه ڪندي. هر جنگ هڪ قيمت گهري ٿي، ڪڏهن ڪڏهن ڳري قيمت ادا ڪرڻي پوندي آهي. ڇا ان ۾ تضاد ناهي ته قيمت به ادا ڪجي ۽ "پاڻ کي بچائجي به"؟ اصل ۾، قرباني ۽ پنهنجو بچاءُ ٻئي هڪٻئي سان متضاد به آهن ۽ هڪٻئي سان ڳنڍيل به آهن. نه صرف دشمن کي تباهه ڪرڻ لاءِ پر پنهنجو پاڻ کي بچائڻ لاءِ به قرباني لازم ٿيو وڃي جيڪو جزوي ۽ عارضي طور "عدم بچاءُ" هوندو، اها (جزوي قرباني، يا قيمت) مستقل ۽ عام بچاءُ خاطر ضروري آهي. ان بنيادي اصول مان ٻيا جنگي رهنما اصول ڦٽي نڪرن ٿا. مثال طور گولي هلائبي آهي ته جيئن پنهنجو بچاءُ ڪري سگهجي ۽ دشمن کي ماري سگهجي. سمورا ٽيڪنيڪل، تدبيري ۽ حڪمت عمليءَ وارا اصول ان بنيادي اصول جي لاڳو ٿيڻ جو عملي اظهار ڪن ٿا. پنهنجو پاڻ بچائڻ ۽ دشمن کي تباهه ڪرڻ جو اصول سمورن جنگي اصولن جو بنياد آهي.[۱۹۵]

عام طور، جنگ جي تاريخ ۾ "ڊگهي جنگ" کي نقصانڪار ويڙهه سمجهيو ويندو آهي. مثال طور سن زو لکيو هو ته "اهڙي هڪ به ملڪ جو مثال نٿو ملي جنهن کي ڊگهي جنگ مان فائدو مليو هجي."[۱۹۶] جيئن ته جنگ ترت ٽڪائيندڙ ۽ تباهه ڪن عمل آهي جيڪا ڪنهن ملڪ جي معيشيت تي وڏو بار هجي ٿي. تنهنڪري سن زو "مختصر ۽ تڪڙي جنگ" جي فائدي ۾ هو. پر مائو جي خيال ۾ "طاقتور دشمن سان وڙهڻ لاءِ هڪ ڪمزور ڏر کي ڊگهي جنگ ڪرڻي پوندي جنهن کي توڙ تائين پهچڻ ۾ سال لڳي ويندا." چين ۾ ان قسم جي ڊگهي جنگ وڙهڻ جا ڪهڙا سبب هئا؟ مائوزيتنگ لکيو ته "چيني انقلابي جنگ جون مکيه خصوصيتون چار آهن: (1) چين هڪ وسيع ايراضي وارو، نيم نوآبادياتي ملڪ آهي جتي نيم جاگيردار ۽ ڪمزور سرمائيدار معيشيت هڪ ئي وقت وجود رکن ٿيون، تنهنڪري هتي سياسي ۽ معاشي طور تي غيرهموار ترقي ٿي آهي ۽ چين 1924ع ۽ 1927ع وارن انقلابن مان گذري چڪو آهي. اها خاصيت اسانجي جنگي (۽ سياسي) حڪمت عمليءَ ۽ تدبيرن جو تعين ڪري ٿي. (2) دشمن وٽ وڏي ۽ طاقتور فوج آهي ۽ سڄي ملڪ ۾ ان جو سياسي اقتدار آهي. (3) سرخ فوج ننڍي ۽ ڪمزور آهي، ان جا

هٿيار سادا آهن ۽ اسانجو سياسي اقتدار چڑوچڑ ۽ جابلو علائقن ۾ آهي جنهن کي باهرين مدد ملڻ مشڪل آهي. (4) زرعي انقلاب ۽ ڪميونسٽ پارٽي جي قيادت جو هجڻ[198] ٻين ۽ ٽين خاصيت مان اهو نتيجو نڪري ٿو ته چيني سرخ فوج لاءِ تيزيءَ سان وڌڻ ۽ دشمن کي جلدي ۾ شڪست ڏيڻ ناممڪن آهي. ٻين لفظن ۾، جنگ ڊگهي هوندي ۽ ايتريقدر جو هارائي ٻه سگهجي ٿي جيڪڏهن ان کي صحيح نموني نه هلايو ويو." مائو "ڊگهي جنگ" جي وکالت ان ڪري ٻه ڪئي ڇاڪاڻ ته هن کي اهو ٻه خدشو هو ته ڪٿي اسين هارائي نه وڃون. تنهنڪري هن جو گهٽو زور پنهنجي بچاءَ ۽ ثابت قدميءَ سان مقصد کي ڇهڻيو رهڻ تي هو.

جنگ جي سموري تاريخ ۾ مختلف جنگي جنرل ۽ نظريدان حملي کي دفاع تي ترجيح ڏيندا رهيا آهن ۽ پنڌتي هڻڻ بدران هميشه اڳتي وڌڻ ۽ حملي آور ٽيڪ تي گهٽو زور ڏيندا رهيا آهن. ايتريقدر جو مارڪس ۽ لينن جو ٻه خيال هو ته "هڪ انقلاب يا هٿياربند (جنگي) بغاوت جي نوعيت حملي آور هوندي آهي." پر ان تي تبصرو ڪندي مائوزيتنگ لکيو ته مڪمل طور تي درست اصول هي آهي ته "هڪ انقلاب يا هڪ انقلابي جنگ حملي آور عمل هوندو آهي پر ان ۾ دفاع ۽ پنڌتي هڻڻ ٻه شامل هوندا آهن. دفاع ڪجي ته جيئن حملو ڪري سگهجي، پنڌتي هڻجي ته جيئن اڳتي وڌجي، پاسن ڏانهن وڃجي ته جيئن سامهون وڃي سگهجي، ۽ ڦيرو ڏجي ته جيئن ستو وڃي سگهجي، (جنگ ۾) اهو اٽٽر عمل آهي."[199] مائو پنهنجي "ڊگهي جنگ" واري حڪمت عمليءَ ۾ ان جنرل کي ترجيح ڏني جنهن ۾ "پنڌتي هڻڻ جي جرائت" هجي. جنگ جي سموري تاريخ ۾ ايتري ڊگهي عرصي ۽ مفاصلي تائين پنڌتي هڻڻ جو مثال ڪٿي ٻه نٿو ملي جيترو چين جي انقلابي جنگ ۾ ملي ٿو.

جنگ جي تاريخ ۾ چيني انقلابي جنگ ٻين لڙائين کان ڪيئن مختلف هئي؟ ان بابت هن لکيو ته "چيني گهرو جنگ ۾، ٻين سمورين، اڳاڻين ۽ جديد، جنگين وانگر، ويڑهه جون فقط ٻه صورت پئي رهيون آهن، حملو ۽ دفاع. چين جي گهرو ويڑهه جي خاص ڳالهه اها آهي ته ان ۾ ڊگهي مدي لاءِ "گهيرا ڪرڻ ۽ چيپاٽڻ" وارين مهمن ۽ جوابي مهمن جو لڳاتار ورجاءُ ٿيندو رهيو آهي جنهن ۾ وڏي جنگي منتقلي (لانگ مارچ) ٻه شامل هئي جيڪا ڏهه هزار ڪلوميٽرن کان وڌيڪ مفاصلي تي مشتمل هئي."[200] ان لاءِ هن سن زو جي اصول "جڏهن طاقتور هجو ته حملو ڪريو ۽ جڏهن ڪمزور هجو ته پنڌتي هڻو" تي عمل

کيو. جڏهن چيانگ کائي شيڪ، پنهنجي طاقتور فوج جي مدد سان، سرخ فوج خلاف لڳاتار چار پيرا "گهيرا ڪرڻ ۽ چيپاڻ" لاءِ حملا ڪيا. نيٺ، 1934ع ڏاري جڏهن چيانگ کائي شيڪ جي فوجن سرخ فوج کي چوڌاري گهيرو ڪري چڏيو تڏهن مائو پنتي هٺي پنهنجي فوج کي مڪمل طور تي تباهه ٿيڻ کان بچائي ورتو. ائين سرخ فوج اٽڪل 10 هزار ڪلوميٽر ڊگهو مارچ (لانگ مارچ) ڪيو، ان سفر ڪانپوءِ فقط چند هزار سرخ فوج سلامت بچي نڪتي. پر تيسين اها سرخ فوج تجربي ڪار، آزمايل ۽ مضبوط فوج بڻجي چڪي هئي. جنهن اڳتي هلي چين ۾ انقلاب برپا ڪري چڏيو.

مائو پيو اهم ڪارنامو اهو هو ته نيم جاگيردار ۽ نيم نوآبادياتي ملڪ چين جنهن جي آبادي۽ جو اسي سيڪڙو هاري هجن، جن تي سامراجين، جاگيردارن ۽ بيوروڪريٽ چيني سرمائيدارن جو ٽ طرفو عذاب هجي ۽ جن کي باقائده ڪابه تعليم ۽ فوجي تربيت مليل نه هجي، ته پوءِ اُهي طاقتور ڏر سان ڪيئن ويڙهه ڪن؟ ۽ سو به وري "ڊگهي عرصي تائين جنگ" ڪيئن وڙهن؟ مائو لکيو ته، چين ۾ عوامي جنگ ڪٽڻ لاءِ لازمي ۽ مکيه طور تي هارين تي پاڙٽو پوندو، جيئن ته "هڪ انقلابي جنگ عوامي ڏميواري آهي، ان ۾ اڪثر ڪري پهريائين سڪڻ ۽ پوءِ ڪرڻ وارو معاملو نه، پر پهريائين ڪرڻ ۽ پوءِ سڪڻ وارو عمل هوندو آهي، چاڪاڻ ته ڪو ڪم ڪرڻ بذات خود سڪڻ ۾ آهي. اسانجو مکيه طريقو آهي جنگ ذريعي جنگ سڪڻ"[201] تنهنڪري هن "وسيع تر عوام کي متحرڪ ڪرڻ، منظم ڪرڻ ۽ هٿياربند ڪرڻ جي ضرورت" تي زور ڏنو.

عام طور تي ڪابه جنگ ڪٽڻ لاءِ پهريائين ان ملڪ جي مرڪزي ۽ اهم علائقن (شهرن) تي قبضو ڪرڻ ضروري سمجهيو ويندو آهي. چاڪاڻ ته انهن مرڪزي علائقن ۾ ڪنهن به ملڪ جي رابطي (ٽپال، ٽيليفون، ٽيليگرام وغيره)، آمدرفت (روڊ رستا، گاڏين ۽ ريلن جا مرڪز)، حڪومتي ۽ انتظامي مرڪز هوندا آهن ۽ انهن کي کسڻ يا قبضو ڪرڻ سان سموري حڪومت (يا رياستي مشينري) تي قبضو ڪرڻ آسان ٿي پوندو آهي. ڪلازيوٽز پڻ ان قسم جي اصول جي وکالت ڪئي جنهن کي هن "ڪشش جو مرڪز" سڏيو آهي. ڪنهن به ملڪ جا اهم مرڪز ان جا شهر هوندا آهن. پر مائو ٽيون اهم تصور اهو پيش ڪيو ته "پهراڙيءَ وارن علائقن ۾ فوجي اڈا ناهي شهرن جو گهيرو ڪري قبضو ڪيو وڃي." اهو سڀ ڪجهه تڏهن ئي ممڪن ٿي سگهندو جڏهن ڊگهي جنگ ڪئي وڃي. ان جي پهرين مرحلي ۾ گوريلا جنگ کي اهميت ڏني وڃي

۽ فائديمند حالتن ۾ آهستي آهستي ننڍن ننڍن فوجي جٿن مان باقائده فوج ناهي گشتي جنگ ڪئي وڃي ۽ ساڳئي وقت گوريلا ڪارروائيون به جاري هجن، بعد ۾، ان باقائده فوج مان مستقل وڏي روايتي فوج ناهجي جيڪا دشمن سان باقائده روايتي جنگ ڪري ان کي شڪست ڏئي."

جنگ جي تاريخ ۾ "گوريلا جنگ" کي عام جنگ ۽ وڏي فوج جي ثانوي يا مددگار ڪارروائي طور ڏٺو ويندو رهيو آهي. ڪلازيوٽز به ان کي وڏي فوج جي مددگار قوت طور پيش ڪيو هن جي خيال ۾ انهن گوريلن جي ڪا ٺوس جسماني حيثيت نه پر هڪ ڏنڊلي صورت هجي. ايتريقدر جو مارڪس ۽ اينگلس جو خيال هو ته گوريلا جٿا ننڍا هوندا تڏهن ئي ڪامياب ٿي سگهندا. گوريلا جنگ فقط عام وڏين فوجن جي جوڙ (ڳانڍاپي) سان ئي ڪامياب ٿي سگهندي. لينن لکيو ته گوريلا جنگ جدوجهد جو مکيه طريقو ناهي. ان کي ٻين طريقن جي ماتحت هجڻ گهرجي. ۾ مائوزيتنگ "گوريلا جنگ" کي حڪمت عمليءَ جي سطح تائين پيش ڪيو. ان حوالي سان مائو لکيو ته "گوريلا جنگ ۾ حڪمت عمليءَ جو سوال ان ڪري پيدا ٿئي ٿو جو چين نه ڪو ننڍو ملڪ آهي ۽ نه ئي سوويت يونين وانگر طاقتور آهي، پر چين هڪ وسيع ايراضي وارو ۽ ڪمزور ملڪ آهي... ان تي هڪ ننڍي ۽ طاقتور ملڪ (جاپان) طرفان حملو ڪيو پيو وڃي... جاپان وڏي ايراضيءَ تي قبضو ڪيو آهي پر اهو گهٽي فوج مهيا نٿو ڪري سگهي ۽ ان کي ڪجهه وٽيون چڏٽيون پونديون. تنهنڪري جاپان خلاف اسانجي گوريلا جنگ ۾ (عام فوجن جي وڏين مهمن ۾ مدد لاءِ) نه صرف اندروني قطارن ۾ آپريشنس شامل آهن پر ان کي آزاداڻي نموني باهرين قطارن ۾ به آپريشنس ڪرڻا پوندا. تنهنڪري اسانجي جاپان مخالف گوريلا جنگ اصل ۾ وڏي سطح جي جنگ آهي. تنهنڪري، ان کي حڪمت عمليءَ جي نقطه نگاهه کان ڏسڻ جي ضرورت آهي. اهڙي وڏي پيماني جي ۽ ڊگهي گوريلا جنگ، جنگ جي سموري تاريخ ۾ بلڪل نئين شي آهي."[202] (پر ان باوجود مائو جي خيال ۾ سموري چيني جنگ ۾ گوريلا جنگ جي اهميت بنيادي ۽ اولين ناهي فقط مخصوص وقت ۽ حالتن اندر ان جي حيثيت اولين آهي.)

مائو جي نظر ۾ گوريلا جنگ جو بنيادي اصول حملي آور هجي ٿو، ۽ گوريلا جنگ عام جنگ کان وڌيڪ حملي آور نوعيت جي هوندي آهي. توڻي جو گوريلا جنگ جو ڪردار چڙوچڙ هجي ٿو پر دشمن تي حملي ڪرڻ وقت "وڌ کان وڌ

فوج گڏ ڪرڻ" واري اصول تي عمل ڪرڻ ضروري آهي. مائو گوريلا جنگ جي چالن ۽ اٽڪلن جي وضاحت هن ريت ڪئي آهي ته "دشمن حملو ڪري ته پٺتي هٽو، دشمن ڪيمپ هٽي ته ان کي پريشان ڪريو، دشمن ٽڪجي پوي ته حملو ڪريوس، دشمن پٺتي هٽي ته پيڇو ڪريوس." هن ويڑهه جا ڪيترائي سادا ۽ صاف طريقا تخليق ڪيا جن ۾ "جهرڪيءَ (Sparrow) واري جنگ" (جهرڪين وانگر تيزيءَ سان اوچتو ئي ظاهر ٿيڻ ۽ دشمن کي زخم رسائي يا ماري وري غائب ٿي وڃڻ) "بارودي ڪاٽيون" "سرنگهن (Tunnel) جي جنگ" "پيچ ڌاهه ڪرڻ" (Sabotage) ۽ "ڏنڊن ۽ دريائن ۾ گوريلا جنگ" شامل آهن.

مائو جي نظر ۾ "گوريلا جنگ ۾ پاڻ بچائڻ ۽ دشمن کي تباهه ڪرڻ جي مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ هيٺين مکيه اصولن تي عمل ڪرڻ جي ضرورت آهي: (1) دفاعي نوعيت جي جنگ اندر حملي آور پيش قدمي، لچڪداريت ۽ رٿابنديءَ جو انتظام ڪرڻ، ڊگهي جنگ اندر تکڙي فيصلي واريون لڙائيون، ۽ اندروني قطارن وارن آپريشنس اندر باهرين قطارن وارا آپريشنس ڪرڻ (2) باقاعده جنگ سان لاڳاپو (3) فوجي اڏڻ جو قيام (4) جنگي حڪمت عمليءَ جي سطح جو دفاع ۽ حملو (5) گوريلا جنگ جو گشتي جنگ ۾ واڌارو ۽ (6) ڪمانڊ جي وچ ۾ درست لاڳاپي، جهڙا ڇهه ڪم آهن جيڪي جاپان خلاف گوريلا جنگ ۾ پاڻ بچائڻ ۽ دشمن کي تباهه ڪرڻ جا ذريعا آهن.[203]

هن جو جنگي اصول هو ته "ويڑهه تڏهن ڪرڻ گهرجي جڏهن ڪاميابيءَ جي پڪ هجي." ۽ "جڏهن پڪ نه هجي ته پٺتي هٽي وڃجي." "پٺتي هٽڻ جي معنيٰ آهي وڌيڪ قوت گڏ ڪري دشمن تي ٻيهر حملو ڪرڻ" مائو بي خوف شاندار جواريءَ کان وڌيڪ فتح جي ضمانت ۽ عددي برتري کي ترجيح ڏني. مائو جو شاندار جنگي اصول هو ته "ڏهن جي مقابلي ۾ هڪ" اسانجي حڪمت عملي آهي ۽ "هڪ خلاف ڏهوڻ" جي قوت استعمال ڪرڻ اسانجي تدبير آهي. (مثال طور: دشمن جي ڪُل فوج 2 لک آهي ۽ چيني فوج جو تعداد 25 هزار آهي ته اها ٿي "ڏهن جي مقابلي هڪ" ۽ وري ڪنهن مهم يا لڙائيءَ ۾ "دشمن جي فوج 6 هزار هجي ۽ چيني فوج 60 هزار هجي ته اهو ٿيو "هڪ خلاف ڏهن" جو استعمال.) مائوزيتنگ ان کي "دفاعي جنگ اندر حملي آور لڙائي" (Offensive within Defensive) واري حڪمت عملي جي اصطلاح ۾ پيش ڪيو آهي. ان مان مراد آهي ته مجموعي دفاعي صورتحال جي دائري اندر رهندي اڳرائيون ۽

حملا ڪرڻ جي حڪمت عملي. پر مائوزيتنگ چيو ته اهو به تڏهن جڏهن حالتون فائديمند هجن ته "دفاعي جنگ اندر حملي آور لڙائيون" ڪرڻ گهرجن. مائوزيتنگ انقلابي جنگ ۽ روايتي جنگ جي فرق تي تفصيلي روشني وڌي آهي. پر هيٺ ڏنل ٽيبل ۾ فقط ان جو تت بيان ڪيو ويو آهي.

روايتي جنگ	انقلابي جنگ
فوج پنهنجي لاءِ نه پر سندن آقائن لاءِ وڙهندي آهي	فوج پنهنجو پاڻ لاءِ وڙهندي آهي
مقصد ناجائز هوندو آهي ان ڪري اها غيرمنصفاڻي جنگ هوندي آهي	جائز مقصد هجڻ ڪري اها منصفاڻي جنگ هوندي آهي
وسيع تر عوام جي حمايت کان محروم هجڻ سبب اها جنگ غيرمقبول هوندي آهي.	وسيع تر عوامي حمايت سبب مقبول عوامي جنگ هوندي آهي
استحصال ۽ ڦرلٽ کي برقرار رکندڙ	استحصال ۽ ڦرلٽ جو خاتمو آڻيندڙ
جنگ کي برقرار رکڻ	جنگ جو خاتمو ۽ امن قائم ڪرڻ
هٿيارن، فوج سان گڏ اخلاقي سگهه تي پاڙيندڙ	هٿيارن، فوج سان گڏ اخلاقي سگهه تي پاڙيندڙ
پگهاردار يا پاڙتو فوج	عوامي فوج
فقط جبري ضابطو	شعوري ۽ جبري ضابطو
تڪڙن نتيجن وارين جنگين تي زور ڏيڻ	تڪڙي ۽ ڊگهي جنگ
فقط فوج	پوري قوم ۽ عوام
حڪمران طبقي جي مفادن لاءِ	عوام جي مفادن لاءِ
عوام کي دوکو ڏيڻ	عوام کي حقيقتن کان آگاهي ڏيڻ ۽ تعليم ڏيڻ
اها جنگ بي پاڙي هوندي آهي	انقلابي جنگ جون پاڙون عوام ۾ ڪتل هونديون آهن

مائوزيتنگ ڊگهي جنگ ۾ ڪامياب ٿيڻ لاءِ حملي آور هوندي اُبهرائي، دفاع ڪندي رجعت پرستي، منتقلي وقت ويڙهه، گوريلاازم، تڪڙي فيصلي واري حڪمت عملي، طئي ٿيل صفن ۽ باقائده جنگ، هڪ ئي وقت ٻن رخن ۾ ڏڪ هڻڻ، قطعي مرڪزيت ۽ ڏاڙيلن وارن طريقن جي سخت مخالفت ڪئي ۽ جنگي

آپريشنس ۾ گوريلا ڪردار، ڏکڻ جنگ ۽ تڪڙين مهمن، لڇڪدار لاٽين ۽ گشتي جنگ، هڪ وقت هڪ رخ ۾ ڏک هٽڻ، نسبتا مرڪزي ڪمانڊ ۽ سخت سياسي ضابطي جي وکالت ڪئي.

بي عالمي جنگ کانپوءِ چين ۾ مائوزيتنگ جي ڪاميابيءَ کي ڏسندي عوامي جنگين ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا ۾ زور وٺڻ شروع ڪيو. ڪوريا، ويٽنام، لائوس، ڪيوبا، انڊونيشيا، الجيريا ۽ ٻين ملڪن ۾ ٻه سامراجيت خلاف عوامي جنگيون شروع ٿيون. (جيتوڻيڪ، هر هڪ انهن عوامي جنگين جي اڳواڻي ڪندڙ طبقا ساڳيا نه هئا.)

جنرل جياپ (1912 (ويٽنامي جنرل)

جاپاني، فرانسيسي ۽ آمريڪي سامراجي فوجن ۽ پنهنجي ملڪ جي عوام دشمن حڪمرانن جي سمورين ڪوششن ۽ سازشن باوجود، جديد گوريلا جنگ جي ماهر جياپ سوشلسٽ جمهوريه ويٽنام کي متحد ڪيو ۽ ان کي آزادي ڏياري. انتهائي طاقتور دشمن سان وڙهڻ لاءِ گياپ جا جنگي آپريشن ترقي پذير ملڪن ۽ قومن لاءِ مثالي نمونو پئي رهيا آهن.



گياپ جو تعلق هاري خاندان سان هو. ماسٽري دوران هي تاريخ جو موضوع پڙهائيندو هو. قانون جي تعليم پڻ ورتائين. 1934ع ۾ ڪميونسٽ پارٽي ۾ شامل ٿيو. ان دوران هن جنگ جي تاريخ ۽ فلسفي جو مطالعو ڪيو. جڏهن فرانس ڪميونسٽ پارٽي تي بندش وڌي ته هي چين پڄي ويو. جتي هن مائوزيتنگ جي رهنمائي هيٺ گوريلا جنگ جو علم حاصل ڪيو. هن جي زال، ٻار، پيءُ، ٻه پينرن ۽ خاندان جي ٻين پاتين کي سزائون ڏئي قتل ڪيو ويو.

بعد ۾ هوچي ۽ گياپ ويٽ منهه (Vietminh) محاذ جوڙيو. گياپ 1944ع ۾ ويٽنام واپس موٽي آيو. بي عالمي جنگ جي خاتمي وقت جڏهن جاپان هٿيار ڦٽا ڪيا ته هوچي منهه جي سربراهي ۾ هنائي ۾ حڪومت قائم ٿي. پر وري هوچي ۽ گياپ کي جهنگن ۾ گوريلا ويڙهه ڪرڻي پئي ڇاڪاڻ ته فرانس جي سامراجي حڪمرانن ٻيهر ويٽنام تي قبضو ڪيو. ايندڙ ائن سالن دوران گياپ اهڙي سياسي ۽ جنگي حڪمت عملي ناهي جو آخرڪار فرانس، بعد ۾ آمريڪا ۽

ڏکڻ ويٽنام جهڙين جديد ۽ طاقتور فوجن کي شڪستون نصيب ٿيون. آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ گياپ، هوچي جي مدد سان، ٽن مرحلن ۾ جدوجهد جو منصوبو ٺاهيو. پهرين مرحلي ۾ گوريلا کارروائيون ڪرڻ، ٻئي مرحلي ۾، گوريلا فوج کي باقاعده فوج ۾ٽائي حڪومتي چونڪين تي حملا ڪرڻ ۽ ٽئين مرحلي ۾، وڏي تعداد ۾ فوج کي مضبوط ڪرڻ ۽ وسيع تر عوام کي انقلاب جي حمايت ۾ اٿي کڙو ڪرڻ وارا مرحلا شامل هئا. پهريان ٻئي مرحلا ڪامياب ٿيڻ کانپوءِ، گياپ 1950ع ۾ جلدئي ٽئين مرحلي تي عمل ڪندي باقاعده روايتي جنگ ڪئي پر فرانس ان کي شڪست ڏئي چڏي. نتيجي طور، وري گياپ جهنگن ۽ جبلن ڏانهن رُخ ڪيو. گياپ کي ڪنهن وڏي لڙائيءَ ۾ ڦاسائڻ لاءِ فرانس ٽن سالن تائين ڪوششون ڪندي رهي. نيٺ، فرانس ڊين بين ڦو وٽ مضبوط فوجي اڈو قائم ڪيو ۽ فرانس جي جنرلن سمجهيو ته اڈي جي چوڌاري موجود جبل ان جو بچاءُ ڪندا باقي ان جي رسد لاءِ جهاز ڪتب آندا ويندا. فرانس جا حڪمران اها اميد ڪيو وينا هئا ته گياپ کي ان ۾ ڦاسائينداسين. بهرحال، فرانسيسن پنهنجي فيصلاڪن لڙائي لاءِ ميدان ته حاصل ڪري ورتو پر ويڙهه جي انهيءَ طريقي تي عمل نه ٿي سگهيو جيئن هنن منصوبو ٺاهيو هو. ان لڙائيءَ ۾ گياپ پاڻ کي شاندار بندوبست ڪندڙ (Logistician) جي ماهر طور پاڻ مڃايو. هن اهو ڪجهه ڪري ڏيکاريو جيڪو دشمن جي وهم گمان ۾ نه هو. ويٽنامي فوجي، فرانسيسي چانوٽيءَ کي نظرانداز ڪندي پنهنجي توبخاني ۽ جهاز مخالف هٿيارن کي مختلف حصن ۾ ورهائي جبلن تي مٽي کٽي ويندا هئا. ڏگهي گهيري کي برقرار رکڻ لاءِ هزارين ماڻهو سائيڪلن جي مدد سان، ڪيترائي ٽن رسد ۽ بارود پهچائيندا رهيا. 80 هزار فرانس جي فوج جي مقابلي ۾ گياپ اٽڪل 70 هزار فوج گڏ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو. سڀ کان وڏي ڳالهه ته ويٽنامي فوجين فرانسيسي جهازن کي نشانو ٻڌائي اڏي جي رسد کي، جڏ ته، روڪي چڏيو. ويٽنامي فوجي سرنگهن ۽ خندقن ۾ لڪندا وڙهندا رهيا. نيٺ، 7 مئي، 1954ع ۾ فرانس جي فوج هٿيار ڦٽا ڪيا. فرانس ويٽنام کي ٻن حصن ۾ ورهائي پاڻ واپس روانو ٿي وئي. اتر ويٽنام ۾ ڪميونسٽ حڪومت قائم ڪئي وئي.

1959ع ۾ وري اُتر ويٽنام، ڏکڻ ۾ ورهندڙ ڪميونسٽ گوريلن (ويت ڪانگ) جي مدد ڪرڻ شروع ڪئي. گياپ 1968ع ۾ ڊين بين ڦو وانگر ٽئين مرحلي تي

عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر آمريڪا ۽ ڏکڻ ويٽنامي حڪومت ان کي ناڪام بڻائي ڇڏيو. وري 1972ع ۾ ڪوشش ڪئي وئي پر اُهو حملو به ڪامياب نہ ٿيو. جنهن ڪري گياپ کي ان جي ڪمانڊ تان هٽائي دفاع جي وزارت جي ذميواري ڏني وئي. نيٽ، 1975ع ۾ ڏکڻ ويٽنام ۾ ڪميونسٽ ڪامياب ٿيا ان جي پنيان گياپ جي جنگي حڪمت عملي هئي پر گياپ نہ هو.

گياپ ڪڏهن به فوجي رهنما وانگر تربيت حاصل نہ ڪئي. تنهن باوجود ٽن وڏين طاقتور سامراجي طاقتن کي شڪست ڏني. هن جون جنگي انڪلون بلڪل سادیون هيون. هن کي ويٽنام ۾ "قومي هيرو" طور سڃاتو ويندو آهي ۽ پوري دنيا ۾ گوريلا جنگ جي ماهر طور سڃاتو ويندو آهي. هن جنگي فن ۾ اهو ڪمال ڪري ڏيکاريو تہ "ڪيئن هڪ ڪمزور ڌر پاڻ کان وڏيڪ طاقتور ڌر کي شڪست ڏئي؟" هن مشهور جديد جنگي تصور "عوامي جنگ، عوامي فوج" کي منظم صورت ڏني. گياپ فقط فوجي جنرل نہ هو پر ان سان گڏ هڪ سياسي رهنما به هو. ان حوالي سان گياپ چيو تہ "اسان فقط جنگ جي ميدان تي نہ پر سياسي، اقتصادي ۽ ثقافتي ميدانن تي به وڙهيا آهيون."

جنرل جياپ لکيو تہ "سوويت يونين، چين ۽ ويٽنام جي انقلابي جنگ جون بنيادي خاصيتون ساڳيون هيون، انهن جي نوعيت انقلابي ۽ عوامي جنگين واري هئي ۽ اهي جائز مقصدن لاءِ وڙهيون ويون. پر جيئن تہ سوويت فوج سوشلسٽ انقلاب جي دائري اندر، روس جهڙي هڪ آزاد ۽ هڪ حد تائين صنعتي ملڪ، اندر وڙهہ ڪئي. چين ۾ قومي جمهوري انقلاب جي دائري اندر هڪ نيم نوآبادياتي ۽ نيم جاگيردار وسيع ايراضي ۽ گهٽي آبادي رکندڙ ملڪ، ۾ ٽيندڙ وڙهہ هئي. جڏهن تہ ويٽنامي انقلابي جنگ پڻ قومي جمهوري انقلاب جي دائري اندر وڙهي وئي پر هڪ نوآبادياتي، ننڍي ايراضي واري ۽ گهٽ آبادي، واري ملڪ ۾ ٽيندڙ وڙهہ هئي. جنهن وٽ نہ ڪا وڏي ايراضي هئي ۽ نہ ئي ڪا باقائده فوج هئي."[204]

هن لکيو تہ ويٽنام جي فوج بلڪل نئين قسم جي سادن هٿيارن سان مسلح آهي ۽ ان وٽ ڪوبہ تجربو ناهي. جڏهن تہ دشمن هڪ سامراجي طاقت آهي جنهن کي بين سامراجي قوتن جي مدد حاصل آهي. تنهنڪري، اسانجي جنگ "سخت ۽ ڊگهي" هوندي. اسان لاءِ تڪڙي فتح حاصل ڪرڻ ناممڪن آهي. ضروري آهي تہ هزارين ننڍيون ننڍيون فتحون حاصل ڪري، آهستي آهستي

طاقت جي توازن ۾ تبديلي آڻي، وڏي سوچ ماڻجي. عوامي جنگ ۽ ڊگهي جنگ دوران ٽن مرحلن ۾ ويڙهه ڪجي. ڪاميابيءَ جي پڪ هجي تہ حملو ڪجي. ويڙهه دوران ئي پنهنجي طاقت پيدا ڪجي.[205] ڊگهي عوامي جنگ لاءِ، ابتدا ۾، مناسب ويڙهه جي صورت گوريلا جنگ آهي. "گوريلا جنگ اقتصادي طور تي پٺتي پيل ملڪ جي وسيع تر عوام طرفان انتهائي طاقتور هٿيارن سان مسلح ۽ تربيت يافتہ دشمن فوج خلاف وڙهڻ واري جنگ آهي. جنهن جون ڪي بہ طئي ٿيل حدبنديون نہ هونديون آهن، جتي بہ دشمن هوندو اهوئي محاذ هوندو. جنهن ۾ هر رهواسي فوجي هوندو، هر ڳوٺ قلعو هوندو، هر پارٽي سيل ۽ ڳوناٽي انتظامي ڪميٽي ان جو فوجي اسٽاف هوندو. اها گوريلا جنگ آهستي آهستي گشتي جنگ جي صورت ونندي."[206] جياپ وڌيڪ لکيو تہ "دشمن جي هٿيارين ۽ شين جي برتريءَ کي پنهنجي فوج جي سورهيائي سان شڪست ڏيڻي پوندي." عام نعرو اهو هجي تہ "جيتري وڌيڪ ٻڌي، اوتري وڏي فتح" فوج لاءِ عوام ائين آهي جيئن مڇيءَ لاءِ پاڻي. عوامي فوج فقط هڪ ويڙهاڪ فوج ناهي پر اها پورهيو ڪندڙ فوج آهي.[207] جيڪڏهن بغاوت هڪ فن آهي تہ ان فن جو مکيہ تت اهو ڄاڻڻ ۾ آهي تہ جدوجهد کي ڪهڙي صورت ڏجي جيڪا ان مرحلي جي سياسي صورتحال لاءِ مناسب هجي.[208]

جياپ جي خيال ۾ "دشمن جون طاقتون اسانجون ڪمزوريون آهن ۽ اسانجون طاقتون هُن جون ڪمزوريون آهن پر دشمن جون طاقتون عارضي آهن ۽ اسانجون ديرپا آهن. تنهنڪري دشمن جي جنگي حڪمت عملي تڪڙي فتح حاصل ڪرڻ آهي. جيترو جنگ ڊگهي ٿيندي اوترو هن جون طاقتون ڪمزور ٿيندیون ويندیون."[209] تنهنڪري اسان کي ڊگهي جنگ جي حڪمت عملي ئي ڪاميابي ڏيارينديِ. "جنگي حوالي سان ويٽنام جي آزاديءَ جي عوامي جنگ ثابت ڪيو آهي تہ هڪ عوامي فوج، جيڪا پوري طرح مسلح نہ هجي، اُها جائز مقصد ۽ مناسب حڪمت عمليءَ ۽ اٽڪل سان، جديد جارح سامراجي فوج کي شڪست ڏئي سگهي ٿي."[210]

"ويٽنام جي آزاديءَ واري جنگ" جي ڪاميابي جا مکيہ عنصر ڪهڙا هئا؟ ان بابت جنرل جياپ لکيو تہ "اها جنگ جائز جنگ هئي جنهن ڪري وسيع تر عوام ان ۾ شرڪت ڪئي ۽ عوام هر قسم جي قرباني ڏيڻ لاءِ تيار ٿيو، ٻيو تہ سورهيہ ويٽنامي عوامي فوج هئي جنهن کي سياسي ڪم، ڊگهي جنگ جي


حڪمت عملي ۽ اتحاد توانائي پئي بخشي، ٽيون، هڪ وسيع قومي متحده محاذ هو جيڪو پارٽيءَ جي قيادت هيٺ هليو، جنهن جي تنظيم ۽ رهنمائي پورهيت طبقي جي پارٽي (ويٽنامي ورڪرز پارٽي) ٿي ڪئي، چوٿون، اها پارٽي مارڪسزم ۽ لينننزم جي اصولن جي روشنيءَ ۾ هلي پئي."[211]

ويت ڪانگ: "سرنگهن وارا ڪٹا"

زميني، بحري ۽ هوائي ميدانن ۾ جنگيون ۽ لڙائيون ته صدين کان ٿيندیون پيون اچن ۽ انهن ٽنهين ميدانن ۾ جنگي حوالي سان ڪمال جي اتحاد، حرفتن ۽ سائنسن جنهن ورتو آهي. پر جيڪڏهن ڪنهن ڪمزور ڏر، جنهن جو دشمن انتهائي طاقتور ۽ خطرناڪ هٿيارن سان مسلح هجي، جيڪو زمين، پاڻي ۽ هوا جي ميدانن تي قبضو ڪيو ويٺو هجي، ته پوءِ اهڙي صورتحال ۾ ڪير وڙهي ته ڪيئن وڙهي ۽ ڪٿي وڙهي؟ ان جو ٽوڙ ويٽنامين ڪڍيو. جڏهن آمريڪا هنن لاءِ سمورا گس ۽ پيچرا بند ڪري ڇڏيا، جڏهن دريا، جهنگ، زرعي ميدان، جبل، آسمان، سمنڊ ويٽنامن لاءِ بند ٿي ويا، تڏهن هنن زير زمين 20 کان 30 ڪلوميٽر ڊگهيون سرنگهون کوٽي جنگ جي سائنس ۽ فن ۾ ڪمال ڪري ڇڏيو ۽ خطرناڪ ۽ طاقتور آمريڪي فوج جون وايون بتال ڪري ڇڏيو.

ڏکڻ ويٽنام جي ڪو چي (Cu Chi) جي جهنگن ۾ زيرزمين ويٽ ڪانگ جي فوجي اڈن جي حقيقت هيءَ هئي ته زير زمين، گهٽ ۾ گهٽ واريون سوڙهيون اونداهيون سرنگهون، جتان فقط هڪڙو ماڻهو ريڙهيون پائي لنگهي سگهيو ٿي، جن جا دروازا لڪل، جتي ٽورڙو به غلط موڙ ونڊ سان ماڻهو موتمار بانس جي ٺهيل نيزن جي ڪوڙڪي (سرڪڻ) ۾ ڦاسي پئي. سرنگهن جو اهو جال اتحاد 250 ڪلوميٽرن تائين پکڙيل هو. ويٽنامي فوجي سرنگهون هٿن سان کوٽيندا هئا. انهن سرنگهن ۾ هٿيارن جا اسٽور، رڌڻا، اسپتالون، بم کان بچاءِ جا ٺڪاڻا ۽ ايتريقدر جو سياسي ڊراما پيش ڪرڻ لاءِ ٿيٽر به ٺهيل هئا.

انهن سرنگهن جي مدد سان ويٽنامي فوجي آمريڪي فوجي اڈن جي هينان ئي هينان چرپر پيا ڪندا هئا، اوچتو ٻاهر نڪري حملو ڪري وري تيزيءَ سان غائب ٿي ويندا هئا. جنهن ڪري آمريڪي انهن فوجين کي "سرنگهن وارا ڪٹا" سڏيندا هئا. اهي رضاڪار سپاهين جا ٽولا هوندا هئا جيڪي بهادر ۽ اهر ڳالهه ته قد جا ننڍا هوندا هئا. انهن



"ڪُئن" وٽ سادي قسم جا هٿيار هوندا هئا. ٽيڪنالاجي جي خوالي سان دنيا جي انتهائي ترقي يافته ويڙهاڪ قوت سان وڙهڻ لاءِ انتهائي غريب هاري فوج دشمن سان هٿو هٽ ويڙهه ڪئي.

آمريڪي فوجي هر وقت پريشان هئا ته دشمن ڏڪ هٽڻ ڪانپوءِ ڪيڏانهن گم ٿي وڃي ٿو؟ جيڪڏهن اُهي سرنگهن ۾ گهڙن پيا ته کين خبر نه ٿي پئجي سگهي ته اها سرنگهه ڪيڏانهن پئي وڃي ۽ اڳيان ڇا آهي؟ فقط هڪ سپاهي ئي ان قسم جي سوڙهي سرنگهه مان لنگهي سگهندو هو. پر انهيءَ سرنگهه هيٺيان وري ٻي سرنگهه به هوندي هئي جتي ڪو ويٺنامي سپاهي ۽ سپاهڻ خنجر يا ڀالو کڻي تاڙ ۾ ويٺو يا ويٺي هوندي هئي. هڪڙو آمريڪي فوجي جيڪو اندر داخل ٿيو وري اهو موٽيو ئي ڪونه ته مٿي (سرنگهه کان ٻاهر) بينل ٻيا فوجي اندر وڃن ته ڪيئن وڃن؟

سرد جنگ ۽ جنگ جو مستقبل

ٻي عالمي جنگ کان پوءِ سوويت يونين جي ٽٽڻ تائين واري عرصي کي سرد جنگ (Cold War) جو دور سڏيو وڃي ٿو. ٻي عالمي جنگ جي خاتمي کانپوءِ دنيا تي بن وڏين طاقتن جو غلبو هو. هڪ طرف سوويت يونين هئي ته ٻئي طرف آمريڪا هو. سرد جنگ دوران سڀ کان وڏو خوف جيڪو هر وقت پوري دنيا مٿان لامارا ڏيندو رهيو ته جيڪڏهن کا نئين جنگ لڳي ته نيوڪلئير بمن سان پوري دنيا تباهه ٿي ويندي. ٻئي ڏرين کجهه لمحن اندر زمين، سمنڊ ۽ هوائن ۾ هڪٻئي کي آساڻيءَ سان نشانو بڻائي سگهن ٿيون. تنهنڪري ان سموري عرصي دوران جنگيون ٿيون پر مکيہ ڏرين (آمريڪا ۽ سوويت يونين) جي وچ ۾ نہ ٿيون. دنيا جي نقشي تي وڏا گهڻ ملکي فوجي اتحاد نمودار ٿيا. جيتوڻيڪ اهو پهرين عالمي جنگ ۽ ٻي عالمي جنگ جي پيٽ ۾ پُرامن دور هو. پر ان هوندي به ان عرصي ۾ اٽڪل پنج ڪروڙ انسان انهن ئي جنگي هٿيارين جو ڪاڇ بڻيا.[212] جنهن ۾ الجيريا، ويٽنام، ايٿوپيا، ڪمبوڊيا، لبنان، عراق، ايران، ڪوريا، فلسطين سميت ٻيا ملڪ به شامل هئا.

ان سرد جنگ واري دور ۾ سوويت يونين جي پاليسي هئي ته "اسان پهريائين اڪرائي نہ ڪنداسين." ۽ سوويت يونين طرفان دنيا ۾ امن امان قائم ڪرڻ ۽ کنهن ٽين عالمي جنگ کان بچڻ لاءِ "پرامن باهمي بقا" جو نظريو پيش ڪيو ويو. جنهن تي چيني ڪميونسٽن تمام گهڻي سخت تنقيد ڪندي چيو ته عالمي سامراج جو گهيرو ڪري ان سان ويڙهه ڪرڻ گهرجي ۽ اها "پرامن باهمي بقا" واري پاليسي بنيادي طور تي عالمي پورهيت انقلاب سان غداري آهي.

ان سموري عرصي (سرد جنگ ۽ ان کانپوءِ) دوران عالمي سامراج فقط جنگ جي اوزار کي استعمال نہ ڪري رهيو آهي پر عظيم حڪمت عملي تي پڻ عمل ڪندو رهيو آهي. ان جو وڏو مثال خود سوويت يونين جو ڌهڙ به آهي. آڪٽوبر انقلاب کانپوءِ سمورين سامراجي ڏرين اُن کي شڪست ڏيڻ جون ڪيترين ئي پرتشدد ڪوششون ڪيون، ايتريقدر جو، هٽلر کي تيار ڪري ٻي

عالمي جنگ ۾ ڪرايائون. پر اُن وقت سوويت يونين فاشسٽ حملي آورن کي هارائي ڇڏيو. اُن ڪانپوءِ عالمي سامراجي ڏرين گڏجي سوويت يونين جي چوڌاري هڪڙو ڪڙو چاڙهيو، اُن جي پاڙيسڙي مُلڪن کي پنهنجي جنگي، اقتصادي ۽ سياسي بلاڪن سان ڳنڍيو، اُنهن ملڪن (خاص ڪري افغانستان ۽ پاڪستان ۾ فوجي اڈا ۾ ناهريائون) سوويت يونين کي اڪيلو ڪري ۽ چين ۽ سوويت يونين جي وچ ۾ ڦوٽ وڌائون، اُن جا سمورا رستا ۽ گهٽيون بند ڪري اُن کي ڊير ڪرايائون.

عظيم حڪمت عملي جي حوالي سان ڏسبو ته هي عالمي جنگ ڪانپوءِ، خاص ڪري 70 کان 90ع وارن ڏهاڪن دوران، پوري دنيا ۾ گهرو ويڑهيون ٽيندیون رهيون آهن، پر جيڪڏهن اُنهن جو گهرائي سان جائزو ونبو ته انهن گهرو تڪرارن جي گهٽائي ايشيا، آفريڪا، لاطيني آمريڪا ۾ ٿي آهي. جڏهن ته يورپ ۽ آمريڪا ۾ بنهه گهٽ ٿيا آهن. مطلب ته يورپي آمريڪي سامراج پنهنجي ناجائز ڦرلٽ کي برقرار رکڻ لاءِ ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جي مختلف ملڪن ۾ گهرو تڪرار ڪرائي اُنهن کي اُتي ئي منجهائي، ڦاسائي ۽ فالج زده ڪري رکيو آهي. جنهن کي اٽسڌي حڪمت عملي ۾ چئي سگهجي ٿو. (مثال طور: ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ دهشتگردن طرفان قتل عام ڪيو ويو پر عالمي برادري ۽ ملڪ جي اصل اقتداري ڏرين ۾ انهن جو بچاءُ ڪيو ڇاڪاڻ ته اهو ملڪ ۽ خاص ڪري سنڌ جي نڪ ۾ نوڙي طور سامراجين کي ڪم ايندو رهندو.) اُن ۾ ٽلهي ليکي عالمي سامراج جو مقصد هي آهي ته ٽين دنيا جي ننڍين ۽ وڏن مُلڪن کي اڀتي وڌڻ ناهي ڏيٽو.

ان دور ۾ به سامراج مختلف خطن ۾ جنگيون ڪندو ۽ ڪرائيندو رهيو آهي. مثال طور عرب_اسرائيل جنگ، آمريڪا_ويٽنام جنگ، هندستان- پاڪستان ۾ جنگيون، عراق_ايران جنگ وغيره. هن وقت به سامراج (سوويت يونين جي ٽٽڻ ڪانپوءِ پاڻ کي اڪيلو طاقتور سمجهي) عراق، افغانستان ۽ لبيا ۾ سڌي جنگ ڪري رهيو آهي. (جيتوڻيڪ آمريڪي سامراج عراقي ۽ افغاني عوام جي مزاحمت، عالمي اخلاقي ۽ سفارتي دباءَ ۽ مالي گهوٽالي سبب پوئتي هٽڻ تي مجبور ٿيو آهي پر ساڳئي وقت جنگ سميت ٻيا طريقا (پُرامن ڦرلٽ وارا اقتصادي، سياسي ۽ انتظامي) استعمال ڪري رهيو آهي.)

سامراج جو دنيا جهان، دين، ايمان ۽ خدا به منافعو ۽ پيسو هجي ٿو ۽ ان جو هر عمل (پرامن کان پرتشدد تائين) بنيادي طرح ناجائز منافعي حاصل ڪرڻ لاءِ هجي ٿو، ان جون خير خيراتون ۽ چڱايون پڻ ان ناجائز منافعي کي لڪائڻ ۽ ڍڪڻ (ان کي جائز بنائڻ لاءِ) هجن ٿيون. عالمي سامراج هن دنيا کي هڪ عالمي مارڪيٽ سمجهي ٿو، جنهن ۾ مختلف طريقن سان ڪاروبار ڪري ٿو ۽ ايتري حد تائين جو جنگ کي به ڪاروبار ئي سمجهي ٿو پر هن وقت ڪنهن ملڪ تي ابتدائي طور سڌو حملو ڪرڻ تمام مشڪل ٿي پيو آهي ۽ نتيجي طور ان مارڪيٽ ۾ پهريائين اقتصادي قرلٽ ڪئي وڃي ٿي ۽ ان ڪانپوءِ سياسي بالادستي، ان ڪانپوءِ اخلاقي برتري ۽ اهڙي طرح ٻين طريقن سان منافعي بخش ڏنڊا ڪري ٿو ۽ انهن ڏنڊن ۾ جيڪڏهن ڪا رڪاوٽ آئي يا ٻاڙائي ٿي ته پوءِ جنگي حملا به ڪري ٿو.

پهرين ۽ ٻين عالمي جنگين ڪانپوءِ دنيا جي سامراجي طاقتن دنيا جي مظلوم عوام جي قرلٽ ڪرڻ لاءِ سڌو سنئون جنگ ڪرڻ کي مهانگو سودو سمجهيو ۽ اڻسڌي جنگ (بغير ويڑهه جي) ڪرڻ کي ترجيح ڏني. ان جا بنيادي سبب ڪجهه هن ريت آهن. (1) جنگ جو ڳاڻي ٽوڙ خرچ (2) جنگ جون تباه ڪاريون (3) سڀ کان اهم سبب خرچ جي پيٽ ۾ منافعو گهٽ ملڻ (4) جنگين سبب سامراجي ملڪن وٽ جيڪي ڪالونين جي صورت ۾ ملڪ هئا، سي به ڪسجي ويا (پهرين عالمي جنگ کان اڳ دنيا ڏري گهٽ ڇهن وڏين سلطنتن ۾ ورهايل هئي ۽ ٻين عالمي جنگ کان اڳ پڻ دنيا چند وڏين سلطنتن جي قبضي هيٺ هئي ۽ جنگين ڪانپوءِ دنيا جي نقشي تي ڪيترائي نوان نقشا ظاهر ٿيا. مثال طور برطانيه جهڙي وڏي سلطنت جنهن تان ڪڏهن به سج نٿي لٿو، اها وجي صرف پنهنجي ننڍڙي ايراضي واري ملڪ ۽ ڪجهه علائقن تي وجي بچي) (5) اهم سبب اهو هو ته ڪجهه ملڪن ۾ وري سامراج مخالف ۽ عوام دوست انقلاب (روسي ۽ چيني سوشلسٽ انقلاب وغيره) اچڻ ۽ نتيجي طور دنيا ۾ عوام دوست سوشلسٽ بلاڪ جي موجودگي سامراج لاءِ جنگ ۾ ڪاميابي ماڻڻ کي تمام ڏکيو بڻائي ڇڏيو هو. (6) جيئن ته دنيا ڏينهون ڏينهن وڌيڪ ننڍڙي ٿي رهي آهي، تنهن ڪري ڪنهن به ملڪ يا علائقي ۾ جنگ جي منعڻ ان خطي يا پوري دنيا ۾ جنگ ڪرڻ ٽيندي. (7) هن وقت دنيا ۾ تهذيب ۽ تمدن جي حوالي سان پڻ ترقي ٿي رهي آهي جديد دور جي عالمگير ٽيڪنالوجي ۽

جاڻ اربين انسانن کي منظر ۽ باشعور بڻائي ڇڏيو آهي، جيڪي پنهنجن توڙي ٻاهرين سامراجي ملڪن ۽ حڪمرانن کي مختلف صورتن ۾ للڪارين ٿا. تازو عراق ۽ افغانستان جنگ جي ردعمل ۾ لکين ماڻهن يورپ ۽ آمريڪا ۾ احتجاج ڪيا ۽ هن وقت به جدوجهد جاري آهي.

9. ٻئي طرف نيوڪليئر ٽيڪنالوجي پڻ جنگ کي ڏکيو بڻائي ڇڏيو آهي. هڪ ته دنيا ڏينهون ڏينهن عالمگير بڻجندي پئي وڃي، جنهن ڪري عالمي سامراجي قوتون سمجهن ٿيون ته ڪنهن به وڏي جنگ جي ٻي معنيٰ هڪ نئين عالمگير جنگ ٿيندي. ۽ ٻيو ته نيوڪليئر ٻم صرف سامراجي ملڪن وٽ ناهن پر ٻين ننڍن ۽ ڪمزور ملڪن (پاڪستان، ايران، ڪوريا وغيره) وٽ به موجود آهن جنهن ڪري اهو خطرو موجود رهندو ته ڪوبه ڪمزور ملڪ، بغير ڪنهن وڏي ۽ ڊگهي جنگ جي، جيڪڏهن چاهي ته هڪ طاقتور ملڪ کي ائٽم ٻم ذريعي تمام گهٽو نقصان رسائي سگهي ٿو. موجوده صورتحال ۾ عالمي سامراج لاءِ سڌي جنگ ڪرڻ تمام ڏکيو ڪم ٿي پيو آهي.

مٿين سيني سببن باوجود عالمي سامراج جنگ کي مڪمل طور ترڪ نه ڪيو (نه ئي ڪري سگهيو پئي ڇاڪاڻ ته جنگ (سڌي يا اڻسڌي جنگ) سندس بقا جو لازمي حصو هجي ٿي.)

انهن سيني سببن کي آڏو رکندي عالمي سامراج قومن کي غلام بڻائڻ جي فن جا نوان طريقا دريافت ڪيا آهن، جن کي اڻسڌا طريقا چئجي ٿو. انهن مان ڪجهه هيٺين ريت آهن.

- مختلف ملڪن (خاص ڪري ٽين دنيا) کي پاڻ ۾ ويڑهائڻ ۽ انهن اندر خانه جنگيون (گهرو ويڑهه) ڪرائڻ ۽ موٽ ۾ انهن کي هٿيار ۽ ٻيون شيون وڪرو ڪرڻ ۽ دنيا جي مختلف اهم جڳهين تي سامراجي فوجون مقرر ڪرڻ
- جديد دور جي جنگين ۾ نفسياتي ۽ سياسي جنگ بنيادي ۽ انتهائي اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. جديد دور جا مغربي جاسوسي ادارا الزام تراشين، دماغ خالي ڪرڻ ۽ پلائڻ، پڑڪائڻ، تضادن ۽ اختلافن کي استعمال ڪري هوا ڏيڻ، تضادن کي وڌائي چڑهائي پيش ڪرڻ، مخالفن خلاف بهتان بازي ۽ ڏوهه ڪرائي مخالفن کي ڏوهاري ٺهرائڻ سميت ٻين ڪيترين اٽڪلن کي جديد (نفسياتي ۽ سياسي) جنگ ۾ استعمال ڪن ٿا.

- ٻين ملڪن کي عالمي امن لاءِ خطرو ڄاڻائي انهن تي جنگ مڙهڻ يا مٿن اقتصادي ۽ سياسي پابنديون وجهڻ
- اقتصادي طرح مختلف ملڪن کي ڪنگال بڻائڻ ۽ مستقل قرضي بڻائڻ (آءِ ايم ايف ۽ ورلڊ بئنڪ ذريعي).
- انهن ملڪن کي سياسي (خاص ڪري وڏيرڪين جمهوريتن، بادشاهي ۽ آپيشاهي وغيره) ذريعي ماتحت بڻائڻ يا ڪٿي ڪٿي فوجي آمريتن جي پالنا ڪرڻ
- انتظامي طرح انهن ملڪن جي بيوروڪريٽس جي تربيت (Training) ڪرڻ، پنهنجي مرضي جا ٻاهر وينل ماڻهو انهن ملڪن اندر مقرر ڪرڻ.
- پرنٽ ميڊيا (اخبارن، رسالن، ڪتابن) ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا (فلم، ڊراما، موسيقي، رقص، نيوز چينل، انٽرنيٽ ۽ موبائيل فون وغيره) ۽ اشتهاربازي جي ٻين هزارين طريقن سان ماڻهن کي موجود بدتر حالتن ۾ صبر ۽ تحمل سان گذارو ڪرڻ سان گڏوگڏ انهن ۾ افواهون ڦهلائڻ، خوف ۽ دهشت پيدا ڪرڻ، راءِ عامہ جوڙڻ، مايوسي ڦهلائڻ وغيره شامل آهن.

بهرحال، سوويت يونين ۽ آمريڪا جي وچ ۾ ٽين عالمي جنگ تہ ڪانہ لڳي. تازو آمريڪي سامراج پنهنجي ڪوڙي نيوڪلئير پاليسي جو اعلان ڪيو آهي تہ "انهن هٿيارن جو مقصد ڪنهن نيوڪلئير حملي کي روڪڻ يا جواب ڏيڻ آهي." سرد جنگ جي خاتمي کانپوءِ دنيا ۾ آمريڪي سامراج جي هڪ هٿي آهي جيڪو هن وقت "ڊجيٽل انقلاب" ذريعي انساني زندگين کي گهٽ کان گهٽ هاڃو رسائڻ ۽ ٽُڙ جاين تي حملا ڪرڻ جي نمائشي وکالت ڪري رهيو آهي.

هاڻي انتهائي طاقتور، پيانڪ هٿيارن سان مسلح، ڪٿي بہ ۽ ڪنهن کي بہ نشانو بنائڻ جي ٽيڪنالوجي رکندڙ آمريڪي سامراج سان مقابلو ڪرڻ لاءِ ڪمزور ڏريون وڙهن تہ ڪيئن وڙهن؟ ان صورتحال ۾، آئرش ريپبلڪن آرمي، حزب الله، ڪُرد ۽ القائده افغانستان ۽ عراق ۽ ٻين علائقن جي عوام آمريڪا جي جديد فوجن جون وايون بتال ڪري ڇڏيون آهن. سامراج مخالف فرد ۽ گروهہ لڪي لڪي ۽ ڪٿي ڪٿي انفرادي طور تي حملا ڪن ٿا. موجوده دور جي باغي قوتن کي عام روايتي جنگي انداز سان منهن ڏيڻ ڏکيو ٿي پيو آهي. ڇاڪاڻ تہ هنن وٽ نہ ڪو وڏيون فوجون آهن جن کي دشمن نشانو بڻائي سگهي، نہ ئي کا رسد جي قطار آهي، ۽ نہ ئي کي فوجي ڇاڻيون اٽن جن تي

دشمن بمباري ڪري سگهي، نہ ئي ڪي هيڊڪوارٽر اٽن ۽ نہ ئي ڪي علائقا اٽن جن تي هنن جو قبضو هجي، ۽ نہ ڪا مخصوص ڊريس اٽن جنهن ذريعي انهن کي سڃاڻي سگهجي. ويڙهه جي صورتحال اها آهي تہ دشمن جي ڪا خبر ناهي تہ ڪيڏي مهل ڪٽان ۽ ڪيتري عدد ۾ اچي حملو ڪندو. هي گوريلا عام شهرين جي وچ مان اوچتو نڪرن ٿا دشمن کي نقصان پهچائين ٿا ۽ انتشار ڦهلائين ٿا. پر ان سڃي صورتحال ۾ انتهائي خطرناڪ ٽيڪنالوجي سان مسلح آمريڪي ۽ يورپي فوجي نفسياتي طرح ڏينهن رات ڏهني ڏپاءِ، ڊپ ۽ خوف ۾ ورتل آهن. هي جديد دور جي عجيب ويڙهه آهي تہ دشمن نظر ئي ڪونہ ٿو اچي.

پر ان کان وڌيڪ خطرناڪ خودڪش بمبار آهن. جنهن کي منهن ڏيڻ سامراجي فوج لاءِ وڏو مسئلو ٿي پيو آهي. موجوده عرب دنيا ۾ وڌندڙ انتهاپسند مذهبي ڏريون پڻ خودڪش بمبار حملن جي اٽڪل کان ڪم وٺي رهيون آهن. جنهن جديد دور جي سپ کان وڌيڪ طاقتور ۽ خطرناڪ هٿيار رکندڙ آمريڪي فوج کي پريشان ڪري ڇڏيو آهي. ڇاڪاڻ تہ ان قسم جي اٽڪل هنن جي سمورن هٿيارن (بندوقن، ٽينڪن، جهازن، بمن، گاڏين، ميزائلن) کي، ڇڻ تہ، ناڪارا بڻائي ڇڏيو آهي. آمريڪي فوجي سڃو ڏينهن فقط پنهنجين فوجي ڇانوڻين تائين محدود رهجي ويا آهن. ڪنهن وڏي آپريشن يا ڪنهن وڏي تياري کانسواءِ ٻاهر نڪرڻ هنن لاءِ مسئلو ٿي پيو آهي.

جيتريقدر جنگ جي مستقبل جو تعلق آهي تہ تاريخ ۽ خاص ڪري جنگ جي تاريخ جو مختصر جائزو وٺڻ سان ان ڳالهه جي خاطري ٿي ويندي تہ ڪو وقت هو تہ دنيا ۾ جنگ نالي کا شي کانہ هئي ۽ ڪو وقت اهڙو ايندو جڏهن جنگ مڪمل طور تي ختم ٿي ويندي. پر ان سان گڏ اها پڪ آهي تہ جنگ جو مستقبل اهڙو نہ هوندو جهڙو ماضي ۾ رهيو آهي. ابتدائي دور زميني جنگ جو هو ان ۾ بحري قوت جي حيثيت ثانوي يا پرتي واري ۽ رسد پهچائڻ واري هئي. بعد ۾ بحري جنگ جو دور آيو، اُن ۾ زميني جنگ بہ ٽيندي رهي پر برتر ۽ طاقتور ڏر اها ثابت ٿي جنهن وٽ برتر بحري قوت هئي. پهرين عالمي جنگ تائين، انهن بنهي طريقن جي حاڪميت قائم رهي، پر ان جنگ جي جمود کي ٽوڙڻ لاءِ ٽينڪ ڪتب آندي وئي جنهن جنگ جي سائنس ۾ انقلاب برپا ڪري ڇڏيو. جنهن ڪانپوءِ هوائي جنگ جو دور شروع ٿئي ٿو. جنهن جي باقائده ابتدا بي عالمي جنگ کان ٿي جيڪا اڄ ڏينهن تائين هلندي پئي اچي. اڄ جي دور ۾

سافٽ ٽيڪنالوجي ۽ خلائي طاقت جي اهميت وڌي رهي آهي ايندڙ دور سافٽ ٽيڪنالوجي، موسمي هٿيارن ۽ خلائي جنگ جو دور هوندو. هن وقت ترقي يافته ملڪن طرفان پنهنجن دشمنن ۽ مخالفن کي ڪمزور ڪرڻ ۽ شڪست ڏيڻ لاءِ سڀ کان خطرناڪ ٽيڪنالوجي کي انتهائي رازداريءَ سان ڪتب آندو پيو وڃي. اها آهي موسمي هٿيارن ذريعي بين علائقن ۽ قومن کي تباهه ڪرڻ جي ٽيڪنالوجي. موسمي هٿيارن جي استعمال سان هٿرادو ٻوڏون، ڏُڪار، برساتون، سوڪهڙو، زلزلا، سونامیون، طوفان، برفباري، هوائن جو رخ موڙڻ سميت ڪيترين ئي هٿرادو مصيبتون پيدا ڪيون وڃن ٿيون.

ايندڙ دور جون جنگيون عالمي سطح جون هونديون. جنهن جا تارگيٽ مخصوص هوندا ۽ بنياد خلائي طاقت هوندي، نهايت ئي تيزي سان هڪ علائقي کان دنيا جي ٻئي علائقي ڏانهن سفر ڪندڙ جهاز هوندا، اڪثر سپاهي بندوق بدران ڪمپيوٽر کڻندا، فوج جو تعداد ڏينهون ڏينهن گهٽ ڪري معياري اسپيشلسٽ (Specialists) ۽ ماهر پرتي ڪيا ويندا جيڪي تمام گهٽا ڪم هڪ ئي وقت ڪري سگهن. ويجهي مستقبل ۾ ئي سگهي ٿو ته وڏيون ٽينڪون، ڪيميائي جنگ ۽ سڀ وڏيون موبائل بندوقون ۽ بمبار جهاز ختم ڪيا وڃن. روشني جيتري تيز رفتار ميزائلن ۽ اوزان ذريعي دشمنن جي هٿيارن کي رستي تي ئي ناڪام بڻايو وڃي يعني فوج کي روبوٽائيز ۽ ميڪنائيزڊ ڪيو پيو وڃي.

جديد دور ۾ جنگ فقط جنرلن ۽ فوج جو معاملو ناهي رهي، فقط حڪمرانن جي فيصلن جو به معاملو ناهي، اُن ۾ صنعت، سياست ۽ سفارتڪاري سان گڏ سڀ کان اهم عنصر وسيع تر عوام جي اخلاقي حمايت حاصل ڪرڻ هجي ٿو. اڄُ جي دور ۾ عوام جو وسيع تر حلقو شعور جي ان سطح تي پهچي چڪو آهي جو هروپرو ڪنهن ٻئي ملڪ تي قبضي ڪرڻ کي ڏوهه سمجهي ٿو. مثال طور، آمريڪي فوج هٿان ويٽنام ۾ ٿيل تباهي خلاف ويٽنامي ته وڙهيا ئي وڙهيا پر سياسي طور خود آمريڪي شهرين به پنهنجي حڪومت جي خلاف وڙهڻ شروع ڪيو. جديد دور ۾ آمريڪا جهڙي ملڪ، جنهن جي آبادي اٽڪل 35 يا 40 ڪروڙ ۽ هندستان جهڙو ملڪ جنهن جي آبادي اٽڪل سوا ارب آهي، اهڙي ملڪ طرفان ڪنهن به ٻئي ملڪ سان جنگ ڪرڻ ڪان اڳ انهن ملڪن جي وسيع تر آبادي ۽ کي جنگ جي حمايت ڪرڻ ۽ اخلاقي جواز مهيا ڪرڻ

لازمي هجن ٿا. بي صورت ۾ اُها جنگ گهٽو وقت جڻاءُ نه ڪري سگهندي. ۽ ٻيو ته هن وقت دنيا عالمي ڳوٺ ٿي چڪي آهي تنهنڪري هڪڙي مُلڪ طرفان ڪنهن ٻئي ملڪ سان جنگ اُن (حملي آور ڏر) کي عالمي برادري کان الڳ ڪري سگهي ٿي. تنهنڪري، دنيا جون سڀ کان طاقتور رياستون، خاص ڪري آمريڪا، به پنهنجي عوام جو ساڻ حاصل ڪرڻ ۽ عالمي برادري کي مطمعن ڪرڻ لاءِ کوڙ، نڱي ۽ دوکي کان ڪم وٺڻ تي مجبور هجن ٿيون. مثال طور؛ آمريڪا پهرين عالمي جنگ ۽ ٻي عالمي جنگ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ وڏيون انڪلون ڪيون. ايتريقدر جو (7 ڊسمبر 1941ع تي) پنهنجي بحري اڈي پرل هاربر کي پڻ جاپان هٿان تباهه ڪرايائون.

انساني تاريخ جي اڪثر سامراجي جنگين ثابت ڪيو آهي ته ڪاميابي حاصل ڪرڻ ايڏو وڏو مسئلو ناهي، جيڏو وڏو مسئلو ان فتح کي برقرار رکڻ. مثال طور ويٽنام جتي دنيا جي جديد ٽيڪنالاجي سان هٿياربند فوج هڪ پاسي هئي ته ٻئي پاسي ننڍڙين شين، ڏينهن، ڪاٺين ۽ بندوقن سميت آڳاٽن هٿيارن سان مسلح ڪمزور فوج هئي پر پوءِ به شڪست آمريڪي فوج جو مقدر بڻي. چاڪاڻ ته ويٽنامي ۽ آمريڪي عوام آمريڪي سامراج سان گڏ نه هو. اڄ جو افغانستان، عراق توڙي فلسطين ان جا وڏا ثبوت آهن. چاڪاڻ ته هٿيارن جي زور تي ڪڏهن به ڪو حڪومت ناهي ڪري سگهيو، پوءِ اهو هٽلر هجي يا چنگيز خان يا هلاڪو هجي، فتح وري به سچ جي ٿي آهي. جيڪو سچ اڄ کان هزارين سال پهريائن سقراط چيو، جيڪو اڪيلو هو، مارڪس، جيڪو شروعات ۾ اڪيلو ۽ بي هٿيار هو، پوءِ اها ئي مارڪس جي سوچ ڪروڙن غريب مزدورن ۽ هارين جو هٿيار بڻي. مارڪس وٽ طاقت صرف قلم جي هئي نه ڪي فوج. نيپولين چيو ته دنيا ۾ بن قسمن جون طاقتون رهيون آهن، تلوار ۽ دماغ. پر دڳهي نظر سان ڏسبو ته "تلوار کي هميشه دماغ هٿان مار ملي آهي"

حق ۽ ناحق، ظالم ۽ مظلوم، بدحالي ۽ خوشحالي، آزادي ۽ غلاميءَ سميت مجموعي طور نئين ۽ پراڻي سماجي نظام جي وچ ۾ ٽيندڙ ويڑهه جي ٻين سوين صورتن مان جنگ فقط هڪ صورت آهي. چاڪاڻ ته تاريخ جي سموري سفر ۾ جنگي جنرلن ۽ نظريدانن سميت سائنسدانن، سياستدانن، فلسفين، مفڪرن ۽ فنڪارن تمام وڏا اثر ڇڏيا آهن جن جا هٿيار انهن جون ايجادون، اوزار، تقريرون، لفظ، ڪتاب، آواز ۽ تصويرون پئي رهيا آهن. جن ۾ حضرت

عيسيٰ، گوتم بُڌ، ڪنفيوشس ۽ مهاوير جين جهڙن پيغمبرن ۽ مُبلغن، ٿاليس، سُقراط، افلاطون، ارسطو، هيگل، مارڪس ۽ اينگلس جهڙن فلسفين، ڇاپي خاني جي موجد جوهن گٽن برگ، طبعيات جي ڪشش ثقل واري قانون جي دريافت ڪندڙ نيوٽن ۽ جديد ارتقا جي نظريي جي خالق چارلس ڊارون، آئن اسٽائين، لوئي پاسچر ۽ گليلو جون سائنسي دريافتون، جديد نفسيات جي ابي سگمنڊ فرائڊ، آمريڪا کي ڳولي لهندڙ ڪرسٽوفر ڪولمبس، مارڪوپولو، جديد اقتصاديات جي ماهر ايڈم سمٿ سميت ميڪياولي، روسو، گانڌي، هومر، شيڪسپيئر، مائيڪل اينجلو ۽ ليوناردو ڊاونسي جهڙا سياح، مفڪر، سياستدان، شاعر ۽ مصور شامل آهن. اهڙن فردن لاءِ سن زو جون هي سٽون بلڪل ٺهڪي اچن ٿيون ته بهترين سپه سالار اهو آهي جيڪو بغير ڪنهن ويڙهه، تشدد ۽ ماٺهو مارائڻ جي جنگ کٽي وڃي. جنگين جي خاتمي جي حوالي سان مائوزيتنگ لکيو ته "جڏهن انساني معاشرو ان منزل تي پهچندو جتي طبقا ۽ رياستون ختم ٿي ويندیون، تڏهن ڪي به، جائز ۽ ناجائز، انقلابي ۽ انقلاب دشمن، جنگيون نه رهنديون ۽ اهو انسانذات لاءِ مستقل امن جو دور هوندو."

جنگ جي سائنس ۽ هٿيارن جي ٽيڪنالوجي

جن ايجادن، طريقن ۽ نظرين جنگ جي سائنس ۽ فن ۾ انقلاب برپا ڪري ڇڏيا انهن ۾ ٽيڙي فوجي ترتيب، لڇڪدار منظم لشکر، گهوڙي سوار فوج، ڊگهو نيزو، تيراندازي، قديمي ڳرن هٿيارن سان مسلح فوج، بندوق، بندوقچي، ڊگهي ڪمان، وڏين فوجن جي الڳ الڳ ڊويزنن جي تنظيم ۽ ترتيب، ميزائل، بم، ٽينڪ، جهاز، وڃ جي تيزيءَ وانگر زميني (ٽينڪ فوج) ۽ فضائي فوج طرفان الڳ الڳ تيزيءَ سان دشمن جي علائقن اندر داخل ٿيڻ وغيره شامل آهن


صدين کان ٻن قسمن جون جنگيون ٿيندیون رهيون آهن جن کي ٻن درجا بندين ۾ ورهائي سگهجي ٿو، هڪ گهرو ويڑهه ۽ ٻيو ٻاهرين جنگ. سمورين جنگين جي ڪهڙي به نوعيت هجي پر انهن کي ٻنهي قسمن جي صورتن ۾ ورهائي سگهجي ٿو، باقائده ويڑهه، گشتي ويڑهه ۽ گوريلا ويڑهه. عام جنگيون انتهائي طاقتور ۽ منظم فوجن ۽ گوريلا جنگيون ڪمزور ۽ ڇڙوڇڙ منظم ننڍين جٿن جي صورت ۾ وڙهيون ويندیون آهن. اهي ٻئي هڪ ئي وقت هلي سگهن ٿيون. انهن کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ زميني، بحري ۽ فضائي فوجون هوندیون آهن جيڪي ويڑهه، ٻُک ۽ دهشت ذريعي دشمن تي جسماني، معاشي ۽ اخلاقي طور تي حملا ڪنديون آهن. ائين دشمن جي مزاحمت کي ٽوڙي ان کان پنهنجي مرضي مجرائبي آهي

هڪ هٿياربند هجوم، يا ماڻهن جو ميڙ، پلي انهن وٽ ڪيترا به خطرناڪ هٿيار چو نه هجن، پر اُهو هڪ فوج کان وڌيڪ طاقتور ثابت نه ٿيندو. چاڪاڻ ته هڪ فوج ۾ ضابطو هوندو آهي، اها منظم هوندي آهي ۽ اها ڪنهن اختياري جي ڪنٽرول ۾ هوندي آهي. جنهن جو هيڻان کان مٿي تائين (سپاهي، ڪمپني، بٽالين، رجمنيٽ، ڊويزن ۽ ڪور.) هڪڙو تنظيمي ڍانچو هوندو آهي.

پٽر واري دور ۾، عورتن ۽ ٻارن ڪانسواءِ، سمورن مخالفن کي قتل ڪيو ويندو هو. شڪار واري دور ۾ سمورا قبيلا هڪٻئي سان وڙهندا هئا. پر زراعتي معاشري پوک ڪندڙن ۽ جنگجوئن جي وچ ۾ پورهيي جي ورچ ڪي

جنم ڏنو. بعد ۾ وري وڏي اهم ڳالهه هيءَ ٿي ته اڳ ۾ جن قيدين کي قتل ڪيو ويندو هو، بعد ۾ غلامداري واري دور ۾، انهن هارايل فوجين کي غلام بڻايو ويو يا وري غلامن جي پڙين ۾ کپايو ويندو هو. آڳاٽين شهري رياستن ۾، فقط شهرين کي ئي فوج ۾ پرتي ڪيو ويندو هو. جڏهن ته غلام انهن جا نوڪر هوندا هئا. بعد ۾، جاگيرداري نظام سردارن ۽ انهن جي نوڪرن ۽ خدمتگذارن جي رشتن کي پيدا ڪيو. مطلق العنان بادشاهن جي دور ۾ مذهبي جنگين شدت سان سموري ايشيا ۽ يورپ ۾ تباهي ۽ بربادي آندي يورپ ۾ ان جو نقطه عروج ٽيهه سالا جنگ (1618_1648ع) ۾ ٿيو. قرون وسطيٰ واري دور ۾ فوجي سربراهه ٺيڪيدارن وانگر ڪم ڪندا هئا جن لاءِ جنگ هڪ دنڌو هوندو هو جنهن ۾ پاڙي تي فوجي پرتي ڪيا ويندا هئا ۽ انهن لاءِ جنگ جو جاري رهڻ ضروري هوندو هو. تنهن ڪانپوءِ جديد دور جي پگهاردار مستقل فوج جي ابتدا ٿي.

ڪاب فوج تيسين انتهائي منظم نه سمجهي ويندي جيسين اها دشمن کي ڳولڻ، ان کي ڊڪ هڻڻ ۽ پنهنجو پاڻ کي ڊڪ لڳڻ کان بچائڻ جي قابل نٿي هجي. ڳولڻ، ڊڪ هڻڻ ۽ بچائڻ لاءِ پيادا، ٽينڪون، جهاز ۽ بحري بيڙن جا هٿيار استعمال ڪيا ويندا آهن جيتوڻيڪ، هٿيار بدلجندا رهندا آهن پر پنهنجي ڳر ۽ جوهر ۾ اهي سڀ هزارين سال پراڻن هٿيارن وانگر ئي آهن. مثال طور پيادا، گهوڙي سوار ۽ تيرانداز جي جاءِ تي بندوق، جهاز، ٽينڪون ۽ بکتربند گاڏيون اچي ويون آهن. پر پراڻن هٿيارن جي پيٺ ۾ اچوکي دور جي جديد هٿيارن ۾ حملي، بچاءَ ۽ جاچ ڪرڻ جون ڪٿي خاصيتون هڪ ئي وقت موجود آهن. مثال طور جهاز، حملا به ڪن ٿا، رسد (هٿيار، بارود، فوجي) به پهچائين ٿا، ۽ بين زميني هٿيارن جو بچاءَ به ڪن ٿا. ٽينڪ ۾ هڪ ئي وقت حملي ۽ دفاع جي خاصيت آهي. جنگ جي سموري تاريخ ۾ هٿيارين جي ترقي کڻڙا مرحلا طئي ڪندي رهي آهي ان جو مختصر احوال هيٺ ڏجي ٿو.



تير ڪمان کي سڀ کان آڳاٽو هٿيار سمجهيو وڃي ٿو جيڪو اٽڪل 50 هزار سال قبل مسيح ۾ به ملي ٿو. آڳاٽين قبرن منجهان مليل انساني لاشن سان گڏ جست جا ٽوپلا، جنگي کهاڙيون پڻ هٿ آيون آهن. ڪنجهي ۽ پٽل واري پهرين دور ۾ خنجر ۽ بعد ۾ تلوار جو واڌارو ٿيو. پوءِ اها تلوار صدين تائين ويڙهه لاءِ ڪتب


ايندي.

قديمي ڳرن هٿيارين سان مسلح منظم فوجي دستا

قديمي منظم فوجي دستا phalanx جن کي ڪاڪ جي ٺهيل ڍال (Shield) سان گڏ پتل جو حفاظتي ٽوپلو، زرهه (سينو بند)، ٽنبڻ لاءِ نو فُٽ ڊگهو نيزو، بچت طور رکيل، هڪ ننڍي تلوار، پهريل هوندا هئا جيڪي سپاهين لاءِ حملي جا هٿيار ۽ هئا ته بچاءَ جا ذريعا ۽ هئا.



انهن منظم آڳاٽن جٿن جي اچڻ کان اڳ ۾، جنگ، هڪ طرف اشرافيه جي ويڙهاکن ۽ پئي طرف غيرمنظم هجومن جي وچ ۾ ٿيندي هئي. ان طريقي جي پيٽ ۾، منظم جٿن سان ڪجهه نفسياتي فائدا ۽ ٿيا. جيتوٽيڪ، اهڙن ڳٽيل جٿن جي هلڻ جي رفتار آهستي هوندي هئي پر مخالف غيرمنظم ڏر لاءِ چرڪائيندڙ ۽ هئا. پر ان لڙائيءَ ۾، فقط مهڙ وارين ۽ن قطارن جا سپاهي ئي پنهنجا هٿيار آزاديءَ سان استعمال ڪري سگهندا هئا ۽ انهن کي وري پٺين قطارن وارا سپاهي ڏکي اڳتي ڪندا ويندا هئا. پر اهڙي صورتحال ۾، فردن جي هنر ۽ بهادري جي پيٽ ۾ گروهه جي ضابطي جي وڌيڪ اهميت هئي.



ان منظم فوجي دستي اصل ۾ يوناني شهري رياستن جي جمهوري روايت جي عڪاسي ڪئي پئي. قرون وسطيٰ جي ڊگهي ڪمان واري ٽيڪنالوجي 1480ع ڌاري تيز رفتار تيراندازي جي متعارف ٿيڻ ڪانپوءِ پڄاڻيءَ تي پهتي.

قرون وسطيٰ: ڳري گهوڙي سوار جانباز فوج


يورپ ۽ ايشيا ۾ هزارين سالن تائين پيادا فوج مکيه ڪردار ادا ڪيو. بعد ۾، گهوڙي سوار فوج جي اچڻ سان پيادا فوج جي اهميت گهٽجي وئي. يونان، مصر، ايران، انديا، چين سميت آڳاٽن ملڪن ۾ رٿ (chariot) اهم شي هئي

جيڪا بن گھوڙن ۽ بن ڦيٽن جي مدد سان هلندي هئي ۽ ان تي هڪ گاڏي هلائيندڙ ۽ ٻيو تيرانداز ۽ ٽيون ڍال کڻي ان جو دفاع ڪندڙ سپاهي سوار هوندا هئا



اها رٿ ان دور ۾ طاقت ۽ جنگي هٿيار جي علامت ۽ حملي جي مکيه ڪنجي هئي. 15 صدي ق م دوران ايشيائي جنگجو گھوڙن ۽ رٿن تي سوار ٿي تير ڪمان سان ويڙھ ڪندا هئا. چيو وڃي ٿو تہ ڪازڪستان جي ميدانن ۾ پھريون پيرو گھوڙن کي پالتو جانور طور ڪتب آندو ويو. جنهن آمدرفت ٽرانسپورٽ ۾ انقلاب برپا ڪري ڇڏيو ۽ جنگ جي تاريخ ۾ روڏيون تبديليون آٽي ڇڏيون. فقط 20 صدي ۾ تيز رفتار آتشي هٿيارن (جھڙوڪ، مشين گن) ڪانپوءِ فوجن گھوڙن جو سھارو ونڊ ڇڏي ڏنو.

گھوڙي سوار فوج حملي لاءِ ڪم ايندي هئي ۽ پيادا فوج، وڏي تعداد ۾، ان جي پٺيان هوندي هئي، ان ۾ ڳرن ۽ هلڪن هٿيارن سان مسلح فوج مختلف جٽن ۾ ورهايل هوندي هئي، جن وٽ ميزائل جھڙا آڪاڙا هٿيار، تيرڪمان ۽ ڪاٻاڙي، نيزا ۽ تلوارون هونديون هيون. بهرحال، يورپي ۽ ايشيائي جنگي ميدانن ۾، هزارين سالن تائين، گھوڙن، هاٿين ۽ انن تي لڙائيون ڪيون



ويندیون رهیون ۽ ساڻئي ريت، تيرڪمان، تلوار، نيزا ۽ آتشي هٿيار جي متعارف ٽيڪ تائين، هزارين سالن کان مکيہ هٿيار پئي رهيا آهن.
يورپ ۾ جاگيرداري نظام جنم ورتو، جنهن کانپوءِ، معاشي سرگرمي گهٽجي فقط زمين (هارپي) تائين محدود ٿي وئي، دولت جو ذريعو فقط زمين ٿي هئي. سردار، ڏاتن جي نهيل زرهہ بند پهريل هوندا هئا، آسمان سان ڳالهيون ڪندڙ درجي وار سماجي نظام جي نتيجي ۾ اهڙين ئي جنگي خاصيتن جنم ورتو. جيڪڏهن ڪو ماڻهو قرون وسطيٰ ۾ معتبر ٽيڪ چاهيندو هو تہ ان کي پاڻ وٽ زمين هڻڻ ضروري هوندي هئي، ۽ اهائي زمين ان جي آمدني جو ذريعو هوندي هئي جيڪا هڪ جنگي سردار کي گهربل هٿيار ۽ سامان وٺڻ ۽ نوڪرن کي کارائڻ لاءِ ڪتب ايندي هئي. اهڙن اشرافيائي جنگجوئن يورپي جنگي ميدانن تي، نائين کان چوڏهين صديءَ تائين، راڄ ڪيو. انهن کي ويڙهہ ۾ مکيہ فائدو گهوڙن جي ڪري هو جن تي اهي سواري ڪندا هئا.

آتشي هٿيارءِ قلعي بندیون

ڪهاڙن، پالن، نيزن، تيرن، تلوارن کي آتشي هٿيارن مات ڏئي ڇڏي ۽ ان سان سموري ويڙهہ جو طريقو ئي بدلجي ويو. جنهن کانپوءِ، گهوڙي سوار جتا فقط جاسوسي ڪرڻ ۽ شڪست کاڏل دشمن جو پيڇو ڪرڻ تائين محدود ٿي ويا جيڪي 20 صدي تائين پنهنجو ٽورو گهٽو ڪر ڪندا رهيا. چينن ڪيترين صدين اڳ (انڪل 250 ق م)، تيڏي ڪمان واري تير اڇلائيندڙ ڪاٺ جي بندوق ايجاد ڪري ورتي هئي. انڪل 8 کان 13 صدي عيسوي دوران چين ۾ بارود ايجاد ڪيو ويو. جنهن سان وڏا ڌماڪا ڪرڻ ممڪن ٿي پيا. "باهہ وارو تير" پهريون راڪيٽ هو. انڪل 6 کان 16 صدي دوران مسلمانن آتشي هٿيارن جي حرفت (ٽيڪنالوجي) کي تمام گهٽي ترقي ونرائي ۽ مصر جي سپاهين پهريون پيرو هڻن سان گوليبازي (ڪينن) ۽ ٻين ننڍن هٿيارن جو استعمال ڪيو. چين جي منگ شهنشائيت دوران آتشي هٿيارن جي ٽيڪنالوجي ۾ تمام گهٽي ترقي ٿي. بعد



۾ انڪل 1750 ع 1800ع دوران، انديا ۾ فتح علي ٽيپو برطانوي فوج مٿان ڪاميابيءَ سان راڪيٽ توبخانو جو استعمال ڪيو. جنهن جو انگريزن نقل ڪيو. 1803ع ۾ برطانيہ شيل متعارف ڪرايو جيڪو ان کان اڳ چينن ايجاد ڪيو هو. 1836ع ڏاري آمريڪي سائنسدان ريوالور ايجاد ڪيو جنهن کي ٻين آتشي هٿيارن جي پيٽ ۾ تيزيءَ سان پري (لوڊ) سگهجي پيو ۽ اهو اڄ ڏينهن تائين مشهور آهي. 1851_1861ع دوران پهريون پيرو مشين گن ظاهر ٿي.


يورپ ۾ 13 صدي ڪانپوءِ، پهريون پيرو بندوق متعارف ٿي ۽ ايندڙ چار صدين تائين، آهستي آهستي ڪليل ميدان ۾ جنگ جي طريقي ڪار کي ئي بدلائي ڇڏيائين. ان پيادا فوج جي طاقت ۾ اضافو ڪيو ۽ انهن هٿيارين جي درست استعمال لاءِ تربيت ۽ ضابطي تي وڌيڪ زور ڏنو ويو. ان جي ڪري جنگ جي سائنس ۾ هڪ نئين شعبي، توبخاني، جنم ورتو، جنهن سان وڏن ۽ مضبوط قلعن جي ديوارن کي ٽوڙيو ويندو هو. قرون وسطيٰ وارن قلعن جو پٽيون آتشي هٿيارن آڏو بيهي نہ سگهيون. تنهنڪري، قلعي بندين لاءِ ننڍيون ۽ ٽلهيون ديوارون ناهيون ويون. قلعن جا گهيرا ڪرڻ واري جنگ ۾ ڪامياب ٽيڪ انتهائي ڏکيو ڪم هو. بهرحال، اهستي آهستي قلعي بنديءَ جي اهميت ۾ گهٽجندي وئي.

اينگلس آتشي هٿيارين جي تاريخي اهميت بيان ڪندي لکيو تہ "چوڏهين صديءَ جي شروعات ۾، بندوق جو بارود عربن کان اولهہ يورپ ۾ آيو (۽ جيئن تہ اها ڳالهہ اسڪول ۾ پڙهندڙ هر ٻار ۾ ڄاڻي ٿو) تہ ان سان جنگ جي طريقن ۾ مڪمل طور تي انقلاب اچي ويو. بارود ۽ آتشي هٿيارن کي الڳ قوتون ناهن پر صنعت ۽ معاشي ترقي جو نتيجو آهن. صنعت صنعت ئي رهي ٿي، پلي پوءِ اها شين جي پيداوار ڪري يا انهن کي تباهہ ڪري. آتشي هٿيارن نہ فقط جنگ جي انتظام ۾ پر بالادست ۽ زيردست جي سياسي رشتن ۾ ۽ انقلاب آڻي ڇڏيو."[213]

بحري طاقت جو دور

ٻيڙين جو استعمال تہ آڳاٽي زماني کان ٿيندو پيو اچي. پر جنگ جي معاملي ۾، پهريائين، اُهي فقط رسد لاءِ استعمال ٿيندیون هيون. بعد ۾، انهن ٻيڙن تي لڙائيون ۽ ڪيون ويون پر اهي ڏگهين قطارن جي صورت ۾ وڙهندا هئا.

چاڪاڻ تہ انهن ٻيڙن ۾ ويڙهہ لاءِ گهربل تيزي ۽ آزاديءَ سان چرپر ڪرڻ جي خاصيت نہ هوندي هئي.



اڳتي هلي، توبن کي ٻيڙن ۾ لڳائي بحري جنگيون ڪيون ويون. انهن ئي بحري فوجن ۽ بحري جنگي اوزارن ذريعي يورپ پوري دنيا تي قبضو ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو. ۽ پوءِ انهن ئي ٻيڙن ذريعي يورپي حڪمرانن تجارت ۽ صنعت کي به هٿي وڌائي. 1775ع ڌاري پهريون پيرو آمريڪي ماهرن آبدوز ايجاد ڪئي.

آپريشنل فن

هڪ انفرادي سپاهيءَ کان وٺي پوري فوج تائين، سڀ جو سڀ ميدان تي وڙهن ٿا. عام طور تي فوج جي مهڙ پنهنجين پاسرائين ۽ پُڇڙ کان وڌيڪ مضبوط هوندي آهي. اها فوج حرڪت بدران بيٺل حالت ۾ وڌيڪ سگهاري هوندي آهي. پر ان جو دارومدار وري رسد ۽ رابطي وارين قطارن (لائينز) تي هوندو آهي جيڪي جيترين ڊگهيون ٿينديون ويندیون اوترين وڌيڪ ڪمزور ۽ گهٽ موثر ٿينديون ويندیون آهن. انهن فائدن ۽ نقصانن کي منهن ڏيڻ ۽ انهن جو بندوبست ڪرڻ واري ڪم کي "آپريشنل فن" سڏيو وڃي ٿو. انهن جنگي اڪلن کان ڪم وٺندي، فائديمند علائقي، دشمن جي ڪمزور جاءِ يا ان جاءِ تي حملو ڪرڻ جتي دشمن کي توقع نہ هجي، دشمن جي ڪمزور فوج تي مضبوط ۽ سگهاري فوج سان حملو ڪرڻ لاءِ فوج گڏ ڪرڻ جهڙا ڪم ان جي دائري ۾ اچن ٿا. بهرحال، اهو ڪم ايترو آسان ناهي. چاڪاڻ تہ هر جنگي ميدان ۽ لڙائي ڪيترن ئي رازن ۽ غيريقيني حقيقتن ۾ ويڙهيل هوندا آهن. جنگ کي جرمن جنگي ماهر، ڪلازيوٽز "جنگ جي ڏنڊلائٽ مونجهارو" سڏيو. هن جي خيال موجب جنگ ۾ اتفاق ٿيڻ اٽٽر آهن. لڙائيءَ دوران تمام ننڍڙي غلطي به وڏا نقصان ڏئي سگهي ٿي. ان قسم جي "آپريشنل هنر" کي بهترين انداز سان جيڪڏهن ڪو يورپي ڪمانڊر سرانجام ڏئي سگهيو تہ اهو هو نيپولين بوناپارٽ. پر ان کي به سندس مخالفن 1815ع ۾ واٽرلو جي ميدان تي شڪست

ڏني چاکاڻ ته اُهي پڻ نيپولين جي ويڑھ جو فن سکي چڪا هئا. جنهن جو اصول هي هو "تمام وڏين ۽ آزاد فوجن کي، انڪلن ۽ تيزيءِ سان حرڪت ۾ آڻي، فيصلائتي وقت تي فيصلائتو ڏڪ هڻڻ لاءِ ان فوج کي هڪ هنڌ گڏ ڪرڻ"

جنگ جي صنعتڪاري

جتي صنعتي انقلاب پوري سماجي، سياسي ۽ معاشي ڍانچي ۾ وڏيون اٿلون پٿلون آڻي انقلاب برپا ڪري ڇڏيو. اُتي ئي جنگ جي سائنس ۽ فن ۾ پڻ وڏيون تبديلين کي جنم ڏنو. زراعتي دور پنهنجي پيداواري جوڙجڪ سبب محدود پيماني تي ۽ مخصوص علائقن ۾ جنگ ڪري سگهيو پئي ۽ صنعتي دور جي پيدوار وسيع هجڻ سبب جنگ ۾ وڏي تباهي آڻيندڙ ٿي پئي. جاگيرداري نظام هيٺ فوجن جي وچ ۾ ويڑھ ٿيندي هئي. سرمائيداري نظام رائج ٿيڻ کانپوءِ نہ فقط فوجن پر سموري آبادي کي نشانو بڻايو ويو. جنهن جو وڏي ۾ وڏو مثال هيروشيما ۽ ناگاساڪي تي ڪيرايل ائٽم بم هئا.


جاگيرداري نظام هيٺ انساني آبادين چڙوچڙ ۽ ڏورانهن مفاصلن ۾ آباد هوندين آهن، انهن مان جيڪڏهن هڪ حصي کي نشانو بڻايو وڃي تہ بين حصن تي ڪوبہ اثر نہ پوندو، پر عالمي سامراج جي دور ۾، سموري دنيا ان جي دائري ۾ اچي وڃي ٿي ۽ تباهي پڻ عالمگير ٿي وڃي ٿي. ريلوي رستن جي متعارف ٿيڻ انساني آمدرفت ۽ فوجن کي تيزيءِ سان هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ گڏ ٿيڻ، ڳرو جنگي سامان ۽ هٿيار وغيره کڻي وڃڻ ۾ انقلاب برپا ڪري ڇڏيو. آتشي هٿيارن ۽ بجلي واري ٽيليگراف جنگ جي محاذ ۽ پڇڙ جي رشتن کي ئي بدلائي ڇڏيو. فوجي اڪيڊمين ذريعي سپاهين ۽ آفيسرن جي تربيت ۽ امتحان جو نظام متعارف ڪيو ويو. نون هٿيارن، آبدوزن، ٽينڪن ۽ جهازن جنگ کي مشيني بڻائي ڇڏيو.



صنعت ڊرامائي انداز سان هٿيارين ذريعي قتل عام جي طاقت ۾ اضافو ڪري ڇڏيو ۽ انهن هٿيارين کي لاتعداد مقدار ۾ پيدا ڪرڻ جا ذريعا بہ ميسر ڪري

ڏنا. جهڙي ريت، پيداواري نظام ۾ پورهيتن جا منظم لشکر ڪم ڪندا هئا تہ ساڳئي ريت پوري يورپ ۾ زبردستي فوج ۾ پرتيءَ واري نظام جنگ جي شدت ۽ تباهيءَ ۾ ٻيڻو اضافو ڪري ڇڏيو. ان جو وڏو مثال يورپي ميدان تي ٿيل پهرين عالمي جنگ هو، جتي لکين فوجون، نون ۽ خطرناڪ هٿيارن سان مسلح، خندقن ۾ لڪندي ۽ نڪرندي، چار سالن تائين، چند ميٽرن جي مفاصلي ۾، هڪبئي جو قتل عام ڪنديون رهيون. پهرين عالمي جنگ ۾ سڀ کان وڌيڪ توبخاني جي هٿيار کي استعمال ڪيو ويو ۽ اٽڪل 70 سيڪڙو ٿيل موت جو سبب پڻ اهو هٿيار هو. ان جي موتمار اثر جو سبب ان جي استعمال جي نئون طريقو هو، (ان توبخاني ذريعي اٽڪل اڌ ٽن وزني آتشي گولي کي 10 کان 15 ڪلوميٽر پري تائين اڇلائي سگهبو هو.) جنهن سان خود توبخانو هلائيندڙ سپاهي به پنهنجي هدف کي ڏسي نہ سگهندا هئا، چاڪاڻ تہ ڪنهن جاءِ تي مخالف فوج جي موجودگيءَ بابت ڪجهہ ڪلاڪ يا ڏينهن اڳ ۾ جاسوسن يا هوائي جائزي ذريعي معلومات ورتي ويندي هئي. پر ساڳئي وقت، اهڙا ڳرا هٿيار جتي ڪرندا هئا اُتي وڏا ڪڏا پيدا ڪري ڇڏيندا هئا جنهن سان زمين غيرهموار ٿي ويندي هئي ۽ اڳتي وڌڻ لاءِ مليل موقعي مان فائدو به نہ وٺي سگهبو هو. ان خندقي جنگ ۾نهي ڏرين کي ٽڪائي ٽڪائي ساهہ ڪيي ڇڏيو. نيٽ، زهريلي گئسن وارا هٿيار ڪتب آندا ويا، پر وري ٽوري عرصي کانپوءِ ان قسم جا هٿيار دشمن وٽ بہ هئا. ائين سمورو وقت وڙهہ وڙهان ڪندي بي حال يورپي جنگي سائنس ۾ نئين ايجاد جي ضرورت پيدا ٿي. انهن ۾ ٽينڪ، رابطي جي نيٽ ورڪ، پري کان دشمن بابت ڄاڻ حاصل ڪندڙ اوزار، فائر ڪندڙ جديد متحرڪ ۽ گشتي اوزار ايجاد ڪيا ويا.

ٽينڪ


ٽينڪ جو پهريون نمونو

پهرين عالمي جنگ دوران پهريون پيرو برطانيہ طرفان ٽينڪ متعارف ڪرائي وئي. جيڪا پهرين عالمي جنگ جي خندقي جنگ (Trench Warfare) ۾ ٿيل تعطلي کي ٽوڙڻ جو ذريعو ثابت ٿي. جنهن جنگ جي سائنس

ٻر انقلاب برپا ڪري ڇڏيو ڇاڪاڻ ته ٽينڪ ٻر هڪ ئي وقت دفاع ۽ حملي جون خاصيتون آهن ۽ پٽن تي هلڻ سبب اها غيرهموار زمين تي آسانيءَ سان هلي سگهي ٿي. پر اُن شروعاتي ٽينڪ جي ماڊل ٻر خرابيون گهڻيون هيون. پهرين عالمي جنگ دوران استعمال ٿيل ٽينڪ تمام آهستي هلندي هئي (ان جي پيٽ ٻر هڪ فوجي وڌيڪ تيز ڊوڙي سگهيو پئي)، اها ٽينڪ پنهنجي سائيز سبب توبخاني هٿان آسانيءَ سان نشانو بڻجي وئي، ٽينڪ پاڻ ٻه ڳري هئي ۽ وري ڪوبہ سامان کڻي نہ پئي سگهي، انجڻ جي گرمائش، گوڙ ۽ سوڙهہ سبب ٽينڪ جي اندر حالت صفا ناقابل برداشت هئي، ٽينڪ ڪنهن کي ٿڙ نشانو نہ پئي ٻڌائي سگهي. جيڪڏهن دشمن ان جي پٽن کي ٽوڙي ڇڏي ته سڄي ٽينڪ ناڪارا ٿيو وڃي. ٽينڪ جي متعارف ٿيڻ کانپوءِ "بکتربند جنگ" (Armoured Warfare) جي تصور جنم ورتو جنهن جو اظهار ٻي عالمي جنگ دوران ٿيو. پهرين ماڊل جي پيٽ ٻر ٻي عالمي جنگ دوران استعمال ڪيل ٽينڪ وڌيڪ اثرائتي هئي. سوويت يونين جي ٽينڪ (T-34) سموري جنگ ٻر سڀ کان بهترين ثابت ٿي. جرمنيءَ "وڄ جي تيزيءَ" واري حڪمت عملي تحت پيادا فوج ۽ فضائي فوج جي مدد سان ٽينڪن جي وڏي تعداد کي استعمال ڪري دشمن جي محاذ کي ٽوڙي اندر گهڙي ان کي شڪست ڏيڻ جا مثال قائم ڪيا.

هوا ٻر جنگ



جهاز جي ايجاد ٿيڻ کان گهڻو اڳ ٻه فضائي جنگ جا تصور ۽ خيال موجود هئا. چون ٿا ته ليوناردو ڊاونچي اڏامندڙ جنگي مشينن جو منصوبو ناهيو هو، پر هن ان کي راز ٻر رکيو متان ان قسم جي جاڻ جا خطرناڪ نتيجا نہ نڪرن. 1780ع ڌاري فرانسيسين ڦوڪٽن جي مدد سان اڏامڻ جو تجربو ڪيو. انهن تجربن کي ڏسندي 1908ع ٻر ايڇ جي ويلز دنيا کي هڪ نئون ناول "فضا ٻر جنگ" ڏنو جنهن ٻر هن نيويارڪ شهر کي، هڪڙي ڪنڌ کان ٻئي ڪنڌ تائين مار ڪندڙ هوائي حملن ذريعي تباهہ ٿيندي ڏيکاريو آهي.

پر ساڳئي وقت، جن جنگ جي نظريدانن ۽ جنگي جنرلن کي پهرين عالمي جنگ جو ٽڪائيندڙ، جامد ۽ غيرمتحرڪ ويڑهه جو تجربو ۽ مشاهدو هو انهن کي فضائي جنگ ۾ بهترين حل نظر آيو، جنهن سان دشمن جي رابطي وارين قطارن، لاجسٽڪس، بچت ۾ رکيل فوج ۽ سامان ۽ بين شين تي حملو ڪرڻ آسان ٿي پيو.

ڪجهه جنگي ماهرن وري ان فضائي هٿيار کي الڳ جنگي شعبي جي حيثيت ڏيئي دشمن جي شهري آبادين ۽ اقتصادي ڍانچي (رودِ رستا، ٽنيا، عمارتون وغيره) کي نشانو بنائڻ تي زور ڏنو. بهرحال، ان جنگي سائنسي دريافت جنگ ۾ انقلاب برپا ڪري ڇڏيو. پهرين عالمي جنگ ۾ جهازن جو استعمال ٿيو پر اهو فقط دشمن جي جاچ پڙتال ۽ جاسوسي ڪرڻ تائين محدود هو.

اٽليءَ جي جنرل Giulio Douhet جو خيال هو ته مستقبل جون جنگيون هوا ۾ ڪنيون يا هارائيون ويندیون. فضائي فوج جو ڪردار حملي آور هوندو ۽ زميني فوجون فقط دفاعي قسم جي ويڑهه ڪنديون. جهازن ذريعي دشمن جي شهرن، صنعت ۽ آمدرفت کي تباهه ڪري ۽ پوري جنگ ۾ شڪست ڏئي سگهجي ٿي. ان جو ڪامياب تجربو ٻي عالمي جنگ دوران جرمني ۽ جاپان طرفان ڪيو ويو. خاص ڪري، جرمن جنگي جهازن يورپي ڪنڊ جي ڪيترن ملڪن کي ڏسندي ڏسندي ڪجهه ڏينهن ۾ فتح ڪري ورتو. ان جو وڏو سبب ٽينڪ ۽ جهازن جو درست استعمال هو. جيتوڻيڪ، اهي ٻئي هٿيار جرمنن ايجاد نه ڪيا هئا پر هنن انهن هٿيارن کي جنگ جي عملي تجربي ۾ شاندار ڪمال تائين پهچايو. مثال طور، پولينڊ جي فوج جو وڏو حصو گهوڙي سوار فوج تي مشتمل هو، جيستائين گهوڙي سوار فوج حرڪت ۾ اچي ها تيسين جرمن ٽينڪن ۽ جهازن اڏ پولينڊ تي قبضو ٻه ڪري ورتو هو. جرمني طرفان جهاز، بڪتربند، ٽينڪ جي برتري، هوائي ۽ بڪتربند فوج جي گڏيل استعمال ذريعي گشتي جنگ ڪرڻ جو طريقي ڪار هو. جرمني وٽ ٽينڪ ۽ جهاز، ان دور جي حوالي سان ٻين سيني قوتن کان برتر هئا.

نيوڪليئر بم

1942ع ڌاري آمريڪا پهريون نيوڪليئر ائٽم بم ٺاهيو. نيوڪليئر ٽيڪنالوجي کي پهريون پيرو جنگي ميدان ۾ استعمال ڪرڻ جو تجربو آمريڪا ڪيو.

1945ع جي آگسٽ ۾ آمريڪا جاپان جي بن شهرن هيروشيما ۽ ناگاساڪي تي بم ڪيرائي سڄي مهذب دنيا کي ڏندين آڱريون ڏئي ڇڏيون.



اڄ ۾ جنگ ۽ لڙائين ۾ استعمال ٿيندڙ هٿيار فقط فوجين کي يا ڪجھ عام آبادين کي نشانو بڻائيندا هئا پر ائٽم بم هن قسم جو پهريون هٿيار هو جنهن ايڏي وڏي سطح تي عام شهرين توڙي فوجين کي نشانو بڻايو. هي جنگ جي سائنس ۾ سڀ کان وڌيڪ تباهي ڦهلائيندڙ پهريون وڏو ۽ خطرناڪ هٿيار هو. هن وقت مفاد پرست سامراجين نيوڪليئر توانائيءَ کي ان درجي تائين پهچائي ڇڏيو آهي جو اها پوري دنيا کي باهمي تباهي جو شڪار ڪري سگهي ٿي. بعد ۾، 1952ع ۾، هائڊروجن بم ايجاد ڪيو ويو.

مستقبل جا هٿيار

دنيا ڏينهون ڏينهن عالمگير ڳوٺ بڻجندي پئي وڃي ۽ جديد دور ۾ اڳوٽي زماني وارا ڏڳها ۽ ڏورانها مفاصلا ڪا رڪاوٽ ناهن رهيا. خلائي ٽيڪنالوجي سبب ڪنهن به ڏر جو ٻي ڏر کان لکڻ تمام ڏکيو بڻجي ويو آهي، ليزر ٽيڪنالوجيءِ جي مدد سان انتهائي تيز رفتار ۽ خطرناڪ هٿيار ٺاهيا ويا آهن جيڪي اڄ ڪلاڪ ۾ دنيا جي ڪنهن به ڪنڊ تائين پهچي سگهن ٿا ۽ ايٽريقدر جو، نيورو (دماغي) سائنس جي مدد سان سپاهين جي اهليت کي وڌائڻ لاءِ پڻ تجربا ڪيا پيا وڃن ۽ هن وقت سڀ کان اهم ۽ خطرناڪ ٽيڪنالوجي جا پڻ تجربا ڪيا ويا آهن اها آهي موسمي هٿيارن جي ٽيڪنالوجي. موجوده دور ۾ ۽ مستقبل ۾ پائليٽ کان بغير هلندڙ جهاز ۽ گاڏيون، موٽر، درست ۽ ٽُڙ هدفن کي نشانو بنائيندڙ اوزار ۽ روبوٽ فوج ذريعي ڪميپوٽرائيزڊ جنگ ٿي سگهي ٿي.

ڪمزورن هٿان طاقتورن جي شڪستون

عام طور تي اهو ٻڌندا آهيون ته "فلاڻا (دهشتگرد، فوجي جنرل، جاگيردار، سرمائيدار يا عالمي سامراج) ايڏا طاقتور آهن جيئن چون ٿا تيئن ٿئي ٿو" "انهن سان ڪٽي ٿا وڙهي سگهون!" "اسين ته آهيون ئي ڪمزور!" اهڙا خيال چو ٿا پيدا ٿين؟ پنٽي پيل سماجن، محروم ۽ ڪمزور طبقن ۽ قومن، تنظيمن ۽ فردن ۾ صدين جي غلامي، احساس محرومي ۽ ڪمتريءَ ۽ جهالت سبب سوچڻ جو انداز، لاشعوري طور تي، منفي ٿي ويندو آهي. اهڙن ماڻهن جي عادت ٿي ويندي آهي ته اڪثر ڪري دشمن جي طاقتور پهلوئن ۽ پنهنجن ڪمزور پاسن تي وڌيڪ ڌيان ڏيندا آهن، ويڙهه کان اڳ ۾ ئي شڪست جون اڳڪٿيون ڪندا آهن ۽ ان کي بنياد بڻائي ان مان قطعي ۽ حتمي نتيجا ڪڍي ماڻ ڪري ويهي رهندا آهن. ۽ سوال آهي ته ڇا ڪمزور سدائين ڪمزور هوندا آهن؟ ڇا اهو ازلي ۽ ابدي قانون آهي ته طاقتور هميشه طاقتور رهندو آهي؟ ڇا طاقت ڪمزوريءَ ۾ ۽ ڪمزوري طاقت ۾ نٽي بدلجي سگهي؟ ڇا طاقتور جون ڪمزوريون نه هونديون آهن ۽ ڪمزور جون طاقتون نه ٿيندیون آهن؟ ڇا ڪمزور طاقتورن کي شڪستون ڏئي سوپارا نٿا ٿي سگهن؟

هن سموري مختصر تجزئي مان، ٻين پهلوئن سميت، اهم نقطو هي ثابت ڪرڻو هو ته ڪمزور ڏريون، جن وٽ وسيلن، هٿيارين، ماڻهن ۽ جنگي سائنس ۽ فن وغيره مان هڪ يا ڪجهه عنصرن جي ڪوٽ هجي يا بلڪل اٿهوند هجي ته اهي ڏريون پاڻ کان وڌيڪ طاقتورن ڏرين کي شڪست ڏئي فاتح ڪيئن ٿين؟ نيپولين چيو ته "مون وٽ هڪ لک فوج جي ڪوٽ هئي، مون (جنگي) فن جي رازن مان اهڙي شي ڳولي ورتي جنهن اهڙا اضافي وسيلا مهيا ڪيا جن منهنجي لاءِ هڪ لک سپاهين وارو ڪم ڏنو."

هينري جومني لکيو ته "هڪ فوج جي ڪمتري خالص فوج جي تعداد تي منحصر نٽي ڪري، سندن جنگي معيار، سندن اخلاقي سگهه ۽ سندن ڪمانڊر جي قابليت پڻ انتهائي اهم عنصر آهن."[21] هن جي خيال ۾ هڪ جاءِ تي

وڙهندڙ ۾ فوجون جنهن مان هڪ جو تعداد 20 هزار آهي پر اُن جي اخلاقي سگهه بلند آهي ۽ ٻي فوج جيڪا 40 هزار آهي پر ان جي اخلاقي سگهه بلڪل ڪمزور آهي تہ ان کي 20 هزار فوج ماري ويندي. چين جي جنگي ماهر، وو قي کان بادشاهہ پڇيو تہ "جيڪڏهن دشمن جي تعداد گهڻو هجي ۽ اسان ٽورڙا هجون تہ پوءِ اهڙي صورتحال کي ڪيئن منهن ڏجي؟" وو قي ٻڌايس تہ "اتي اسانکي مضبوط رڪن يا گهوڙن جي ضرورت ناهي پر هڪ سياڻي ماڻهوءَ جي رڪابنديءَ واري قابليت جي ضرورت پوندي." ۽ "دشمن کي منجهائڻ، اچرج ۾ وجهڻ ۽ دوکي ڏيڻ جي ضرورت پوندي."[215]

مطلب تہ حڪمت عملي ۽ جنگ جي فن کان ڪم وٺي ڪمزوريءَ کي، عارضي يا ديرپا طور تي، گهٽائي يا ختم ڪري سگهجي ٿو. جنگ جي سموري تاريخ ۾ اڪثر ڪري باقائده جنگ (Positional/Regular Warfare) واري طريقي تي عمل ڪيو ويو آهي. جديد دور ۾ جيڪا جنگ ٿئي ٿي اُن کي "گشتي جنگ" (Mobile warfare) سڏيو وڃي ٿو. ٽين طريقي کي "گوريلا جنگ" چيو وڃي ٿو. مائوزيتنگ لکيو تہ جنگ جا ٽي مرحلا ٿين ٿا. سموري جنگ انهن ٽن مرحلن (1) حملي (2) توزان ۽ (3) جوابي حملي ۽ ساڳئي وقت، ٻي ڌر طرفان (1) دفاع (2) توازن ۽ (3) جوابي حملي، جي ڦيٽي ۾ ڦري ٿي. جوابي حملو تڏهن ڪيو ويندو آهي جڏهن موضوعي ۽ معروضي حالتون پڇي راس ٿي ويندیون آهن. انهن ٻنهي عنصرن کي پوري ريت نہ سمجهڻ سبب غلط فيصلا ڪيا وڃن ٿا.

جنگ کي آساني‌ءَ سان سمجهائڻ لاءِ اُن کي هڪ گاڏيءَ سان پيٽ ڏئي سگهون ٿا. مثال طور هڪ ڌر جون گهٽيون گاڏيون، وسيع ميدانن (گهٽن رستن) تان گذري ڪنهن مخصوص هدف ڏانهن وڌن ٿيون، انهن گاڏين ۾ پيٽرول ۽ آهي، گاڏين جي انجڻون ۽ سنيون آهن، انهن جا ٽائر ۽ ٽيڪ آهن، ڊرائيور ۽ پلا هجن، سڀ شيون بهتر اٿس. انهن سڀني شين جو واسطو سائنس سان آهي. جيڪي شيون اڳواٽ يقيني ڪري سگهجن انهن معاملن کي سائنس منهن ڏيندي آهي. مثال طور: فوج، تربيت، تنظيم، وسيلا، هٿيار، بارود ۽ صنعت وغيره. پر انهن سڀني شين هجڻ ۽ بهتر ڊرائيور هجڻ باوجود اها پڪ تہ ناهي تہ سامهون ايندڙ گاڏين (دشمن فوج) جا ڊرائيور نشي ۾ ناهن، انهن جو دماغ خراب ناهي، يا اُهي سنا ڊرائيور ناهن. جيتوٽيڪ، عام رودن تي اهڙا حادثا روز ٿين ٿا پر هتي اهو لقاءُ اتفاقي ناهي، پر سامهون گاڏي وارو (دشمن فوج)

اوهانکي لازمي طور تي ڏک هڻي تباهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو. اُهو اوهان سان رعايت نه ڪندو، پلي ڪٽي اوهين کيڏا ۾ سُنا ڊرائيور چونه هجو. جنگ اها آهي. پر رڳو سامهون وارو نه پر پنهيان ايندڙ، ڪابي ۽ ساڄي پاسي کان ايندڙ گاڏيون (دشمن فوجون) ۽ اوهانکي نيست ۽ نابود ڪرڻ ڇاهين ٿيون. يعني هي اُها ڊرائيونگ آهي جنهن ۾ دشمن چوطرف کان، ڪٽان ۽، کيڏي مهل ۽، ڪنهن ۽ طريقي سان اوهانکي مارڻ جي ڪوشش ڪندو ۽ نه صرف دشمن جي حملي کان بچڻو آهي پر اُن کي شڪست ۽ ڏيڻي آهي. ان شڪست ۽ فتح جي باري ۾ اڳواٽ بندوبست ڪرڻ ۽ مستقبل ۾ ٿيندڙ صورتحال کي منهن جنگ جي سائنس ڏئي ٿي، پر اُن کي عمل ۾ آڻڻ جو فن جنگ جو فن سيکاري ٿو جيڪو ان ڊرائيوار ۽ گاڏيءَ کي بچائي ٿو. ان حوالي سان لڊل هارٽ لکيو ته جنگ اهڙي سائنس آهي جيڪا عمل ۾ اچڻ لاءِ فن تي منحصر ڪري ٿي.[216]

جنگ جي سموري علم ۽ تجربي کي ٽن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. هڪ جنگ جا عام اصول، ٻيو جنگ جا اوزار ۽ ٽيون جنگ جون حالتون. پهريائين جنگ جا بنيادي اصول طئي ڪيا ويندا آهن جيڪي سمورين جنگي مهمن مان اخذ ڪيا ويندا آهن، ٻيا آهن اورزار (فوج ۽ هٿيار وغيره) جن کي استعمال ڪيو ويندو آهي، اهي وقت ۽ وقت بدلجندا رهندا آهن، ۽ ٽيون آهن حالتون، جنهن ۾ اسانکي پنهنجا اوزار (فوج ۽ هٿيار) جنگ جي اصولن مطابق استعمال ڪرڻا هوندا آهن پر اهي مخصوص حالتون ساڳيون نه هوندیون آهن. تنهنڪري، جنگ ۾ مخصوص حالتن جو اڳواٽ اندازو لڳائڻ سڀ کان ڏکيو ڪم هوندو آهي. جيتوڻيڪ، اهو ۽ معلوم ڪري سگهجي ٿو ته دشمن ڪهڙي جاءِ تي جنگ ڪندو پر اهو ان جاءِ تي چا ڪندو؟ اها اڳڪٿي ڪرڻ ڏري گهڻ ناممڪن هوندو آهي. بهرحال، جنگ جي سائنس ۽ فن کي سمجهڻ لاءِ سڀ کان پهريائين حڪمت عمليءَ جو جائزو ونڊ ضروري آهي.

حڪمت عملي (Strategy)

سن زو چيو آهي ته "دشمن جي فوج نه پر ان جي حڪمت عمليءَ تي حملو ڪريو." جديد جنگي نظريي جو ابو، ڪلازيوٽز جنگي حڪمت عمليءَ کي "جنگ جي مقصد تائين پهچڻ لاءِ لڙائين جي استعمال" جي وصف طور بيان ڪري ٿو. هينري جومني جي نظر ۾ "حڪمت عملي جنگ جي ميدان يا

آپريشن جي زون جي اهر جاءِ تي هڪ فوج جي سپاهين جو گهڻي ۾ گهڻو حصو آڻڻ جو فن آهي." لڊل هارٽ ان کي "پاليسيءَ جي پورائيءَ لاءِ جنگي ذريعن جي ورچ ڪرڻ ۽ انهن کي عمل ۾ آڻڻ جو فن" سڏي ٿو. جي ايف سي فلر لکيو ته حڪمت عملي، فوجن کي ميدان جنگ ڏانهن اهڙي نموني وٺي وڃڻ جو فن آهي جو جڏهن لڙائي ٿئي ته سڀ کان گهٽو لاڀ (فائدو، موقعو) حاصل ٿئي.[217] يعني حڪمت عملي رٿابندي جو بڻ بنياد آهي جيڪا فوجي جنرل جي مڪيه ذميواري هوندي آهي. حڪمت عمليءَ جي تقاضا آهي ته هڪ فوج کي چڀر ۽ آرام دوران کاڏو ۽ پي رسد سهي نموني مسير ٿئي، تنهنڪري، آمدرفت جو قطارون جيڪي رسد واري اڏي سان ڳنڊيل هونديون آهن، انهن جو بچاءُ ڪرڻ به حڪمت عمليءَ جي دائري ۾ اچي ٿو ساڳئي ريت، دشمن فوج لاءِ به رسد پهچڻ انتهائي ضروري هوندي آهي تنهنڪري دشمن جي انهن رسد وارين قطارن کي ٽوڙڻ يا ان لاءِ خطرو پيدا ڪرڻ پڻ ان جي رٿابنديءَ جو حصو هوندو آهي ڇاڪاڻ ته ڪنهن فوج کي شڪست ڏيڻ جو سڀ کان آسان ترين ۽ سستو ترين طريقو ويڙهه ڪرڻ نه پر ان کي پيٺ ڀرڻ کان روڪڻ آهي. حڪمت عملي جي گهرج آهي ته حڪومت جو به بچاءُ ڪيو وڃي ڇاڪاڻ ته حڪومت ئي قوم جي جنگي دماغ جي نمائندگي ڪندي آهي. وليمسن موري ۽ مارڪ گرمسلي چيو ته "حڪمت عملي، هڪ اهڙي دنيا جتي امڪان، غيريقينت ۽ ابهام جي حاڪميت هجي، اتي بدلجندڙ حالتن ۽ واقعن مطابق مستقل تبديليءَ وارو هڪ عمل آهي."[218]

حڪمت عملي جي جامع وصف مائوزيتنگ هن ريت بيان ڪئي آهي ته "حڪمت عملي هڪ جنگ جي سموري صورتحال جي قانونن جي مطالعو ڪري ٿي." "حڪمت عمليءَ جي سائنس جو ڪم آهي ته انهن قانونن جو مطالعو ڪري جيڪي جنگ جي سموري صورتحال کي هلائين ٿا."[219] "مختصر لفظن ۾ اصول هي آهي ته اسانکي انهن اهم ڪڙين تي ڌيان ڏيڻ گهرجي جيڪي جُملي صورتحال تي اثرانداز ٿين. ۽ اها مجموعي صورتحال اکين سان ڏسي نٿي سگهجي، ان لاءِ سخت سوچ ويچار ڪرڻ جي ضرورت آهي. ان ۾ اسان ۽ دشمن جي وچ ۾، مختلف جنگي مهمن يا آپريشنل مرحلن جي وچ ۾، جُزن ۽ ڪُل جي وچ ۾، ان مجموعي صورتحال جي اهم خصوصيتن جي وچ ۾، محاذ ۽ پڇڙ جي وچ ۾، نقصان ۽ پرتين، ويڙهه ۽ آرام، گڏجڻ ۽ ڇڙوڇڙ

ٽيٽ، حملي ۽ دفاع، اڳتي وڌڻ ۽ پنتي هٽڻ، لڪل ۽ ڪليل، مڪيہ ۽ مددي حملن، ڊگهي جنگ ۽ تکڙي فيصلي واري جنگ، باقائده جنگ ۽ گشتي جنگ، هيٺين سطح ۽ مٿين سطح، فتح ۽ شڪست، فوجي ۽ سياسي ڪر، حال ۽ مستقبل، طئي ٽيل ۽ لچڪدار محاذن، گهرو جنگ ۽ قومي جنگ، هڪ تاريخي مرحلي ۽ ٻئي مرحلي وغيره جي وچ ۾ تعلق تي خاص غورويچار ڪرڻ گهرجي. انهن مان حڪمت عمليءَ جو ڪوبہ مسئلو اڪين سان نہ ٿو ڏسي سگهجي."[220]

حڪمت عملي طئي ڪرڻ لاءِ سڀ کان پهريائين ہن ملڪن (خطن) جي وچ ۾ سياسي، اقتصادي، فوجي، جاگرافيائي عنصرن جي توازن کي ڏنو ويندو آهي. نيپولين بونا پارٽ جو چوڻ هو تہ "حڪمت عملي ۽ رٿابندي ڪرڻ وقت ڪابہ شي اتفاق تي نہ ڇڏي وجي." جيڪڏهن هڪ ڌر جي طاقت جو توازن سندس فائدي ۾ آهي ۽ ٻي ڌر ڪمزور آهي تہ ان صورت ۾ طاقتور ڌر جي جنگي حڪمت عملي حملي آور هوندي ۽ ڪمزور ڌر دفاعي حڪمت عملي تي عمل ڪندي. (ڦر جنگ دوران ٻئي ڌريون مختلف مرحلن ۽ مختلف محاذن تي، سموري جنگ، ڪنهن هڪ يا ہن مهمن يا لڙائين ۾ حملي آور ۽ دفاعي صورت ۾ بہ ويڙهہ ڪن ٿيون.) دنيا ۾ ٽلهي ليکي حڪمت عملي کي ہن قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو هڪ حملي آور ۽ ٻي دفاعي حڪمت عملي. انهن ہنهين ۾ تضاد ۽ اتحاد بہ آهي، ٻئي ويڙهہ جا متضاد پهلو آهن، جيڪي هڪٻئي سان ڳنڍيل آهن هر حملي آور حملي وقت پنهنجو بچاءُ بہ ڪندو آهي ۽ هر دفاع ڪندڙ ويڙهہ ڪندي حملو بہ ڪندو آهي. ٻيون سموريون جنگي حڪمت عمليون بنيادي طور تي انهن ہنهي جون مختلف صورتون هجن ٿيون. مثال طور: پنتي هٽڻ (Withdrawal)، ٽڪائي ٽڪائي مارڻ (Attrition)، مڪمل تباهي (Annihilation)، ڍلي (دير ڏي مائل) (Dilatory)، ۽ ويڙهہ کان ٽنائڻ (Fabian/Evasion)، وچ جي تيزي (Blitzkrieg) وغيره. پر اهو ضروري شرط ناهي تہ اڳرائي ڪندڙ ۽ بچاءُ ڪندڙ ڌريون هميشہ حملي آور ۽ دفاعي حڪمت عملي تي عمل ڪنديون رهنديون. جيئن جيئن طاقت جو توازن بدلجندو تيئن تيئن حڪمت عمليءَ ۾ تبديلي ايندي رهندي. حڪمت عمليءَ مان مراد آهي سموري جنگ کي ڌيان ۾ رکڻ، اُن جي ڪنهن هڪ مهم، لڙائي جيڪي اُن جا جُزُ آهن، سميت سموري جنگ جي مختلف عنصرن، پاسن ۽ حقيقتن کي آڏو رکي جنگي حڪمت عملي طئي ڪبي آهي.

جيڪڏهن ڪا ڏر جنگي حڪمت عمليءَ جي حوالي سان صاف ۽ چٽي نه هوندي تہ اُها ڏر هڪ، بہ يا ڏهہ لڙائيون ۽ مهمون شايد ڪٽي بہ وڃي پر پوري جنگ هارائي ويندي. مثال طور: بي عالمي جنگ ۾ سوويت يونين ابتدائي طور تمام گهٽيون مهمُون ۽ لڙائيون هارايون پئي ۽ نازي فوجن سوپون پئي ماٽيون. اُن وقت تائين، ڪن مهمن ۽ لڙائين کانسواءِ سوويت حڪمت عملي دفاعي صورت ۾ هئي. اُن جنگ ۾ ماسڪو ۽ اسٽالن گراڊ جي لڙائي وڏو ڦيرو آڻي ڇڏيو. اسٽالن گراڊ جي هڪ لڙائي ۾ هٽلري فوجن جي شڪست کين پوري جنگ ۾ ئي شڪست ڏياري ڇڏي. ان ڪانپوءِ سوويت حملي آور حڪمت عملي ۽ نازي دفاعي حڪمت عملي تي عمل ڪرڻ شروع ڪيو. چاڪاڻ تہ اسٽالن سمجهيو پئي تہ هٽلر جيترو گرهہ هنيو آهي اُهو هن کان هضم نہ ٿيندو. اسٽالن گراڊ واري لڙائي ڪانپوءِ جرمن فوجون واپس جو ٿيون تہ ويندي برلن تائين پٺتي هٽڻ وارو عمل روڪي نہ سگهيون. ان حوالي سان نيپولين بونا پارٽ طرفان روس تي ڪيل ڪاهہ بہ ان جو مثال آهي. جيتوٽيڪ، نيپولين جنهن ڪيتريون ئي فتحون حاصل ڪيون اُهو نيپولين واٽرلُو جي جاءِ تي هڪڙي لڙائيءَ ۾ هارائڻ ڪانپوءِ سموري جنگ هارائي ويو. ٽيون مثال ويٽنام جو آهي جتي ڊين بين ڦو جي هڪڙي لڙائي سموري جنگ جي حڪمت عمليءَ ۾ ئي ڦيرو آڻي ڇڏيو ۽ فرانسيسي قابضن کي پوري جنگ ۾ شڪست نصيب ٿي. پر انهن لڙائين کي مقدار جو معيار ۾ تبديل وارو عمل چئجي ٿو.

بهرحال، پنهنجي هدف (مقصد) ۽ پنهنجن ذريعن ۾ مطابقت رکڻ گهرجي. مقصد جو تعين ڪرڻ وقت، چٽي نظر ۽ ٺڏي دماغ سان تخمينو ۽ ڳٽپ ڪرڻ گهرجي. "پنهنجي ڇبائي سگهڻ جي گنجائش کان وڌيڪ گرهہ هٽڻ" بيوقوفي ٽيندي. گاڏيءَ ۾ جيترو تيل هجي اوتري مفاصلي جو تعين ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن هڪ ليٽر ۾ 20 يا 30 ڪلوميٽر گاڏي ڊوڙي سگهي ٿي تہ ان مطابق ئي رٿابندي ڪرڻ گهرجي. جيتوٽيڪ، گاڏيءَ جي تيل ۽ انساني زندگيءَ ۾ بنيادي فرق بہ آهي تہ انسان مقصد جي سچائي، آخري فتح تي ايمان، همت ۽ سمجهداريءَ سان پنهنجي موجوده سگهہ کي عارضي طور تي وڌائي بہ سگهي ٿو. جڏهن تہ تيل ۾ موجوده امڪاني توانائيءَ کي وڌائي نٿو سگهجي. پر انساني امڪاني سگهہ فقط هڪڙو پاسو آهي جيڪڏهن معروضي حقيقتن سان

ٺهڪندڙ نہ هوندي تہ نقصان ڪائيندي. تنهنڪري، حقيقتن کي منهن ڏيڻ سکجي. معروضي ۽ موضوعي حالتن جو جائزو وٺي هدف مقرر ڪرڻ گهرجي. حملي آور دفاعي حڪمت عمليءَ جا فائدا ۽ آهن تہ نقصان بہ آهن. حملي جي صورت ۾ دشمن کي (1) اچرج ۾ وجهڻ جو موقعو ملي ٿو (2) حملي آور جي اخلاقي سگهہ بلند رهي ٿي (3) حملي جو شڪار ٿيندڙ ڏر دهشت زده ٿي سگهي ٿي ۽ (4) حملو ڪندڙ ڏر مڪمل طور تي تياري سان اچي ٿي. جڏهن تہ حملي آور حڪمت تي عمل ڪرڻ جا نقصان هي ٿين ٿا: (1) جيئن جيئن اڳتي وڌندو تيئن تيئن ڪمزور ٿيندو ويندو (2) علائقي کان اٽواقفيت هوندي (3) پنتي هٿڻ ۾ ڏکيائي ٿيندي.

دفاع جو مطلب حملي لاءِ انتظار ۽ موقعي جي تلاش ڪرڻ آهي. دفاعي حڪمت عمليءَ جا فائدا ۽ نقصان هن ريت آهن: (1) فوجي اڏن (قلعن) سان ويجهڙائپ (2) علائقي کان واقفيت (3) جوابي حملي جي تياري ڪري اچرج ۾ وجهڻ ۽ (4) ڪجهہ عرصو ويڙهہ ڪانپوءِ، دشمن (حملي آور) جي حڪمت عملي، تدبيرن، فوج، هٿيار ۽ ويڙهہ جي طريقن بابت آگاهي ملي وڃي ٿي وغيره. پر اُن جا نقصان بہ ٽين ٿا جهڙوڪ (1) ٽڪجي پوڻ ۽ (2) وسيلا گهٽجڻ (3) ڪمزور اخلاقي سگهہ (4) فوج، هٿيار، بارود جو نقصان گهٽو ٿئي ٿو ۽ علائقي تي قبضو (5) اڻ تيار ٽيل حالت.

چالون (رمزون) (Tactics)

جنگي حڪمت عملي ٽلهي ليکي نگراني ۽ رهنمائي ڪندي آهي جڏهن تہ تدبيرون اُن کي هيٺين سطح ۽ نوس صورت ۾ عمل ۾ آڻين ٿيون. چالون (رمزون) لڙائيءَ جي سطح جو فن آهن، جنهن بابت سوچڻ اڳواڻ جو ڪم آهي. ان ۾ ٽلهي ليکي ٽي عنصر بچاءُ، ڇُرپر ۽ حملي آور طاقت، يا ٻين لفظن ۾، تحفظ، حرڪت ۽ ڏڪ هٽڻ، شامل آهن. اهي ٽئي عنصر بن ماڻهن جي وچ ۾ ٿيندڙ ويڙهہ ۾ بہ هوندا آهن ۽ بن فوجن جي لڙائي ۾ بہ هوندا آهن. جهڙي ريت، هڪ نونشي باز (باڪسر) پنهنجو بچاءُ بہ ڪندو آهي، ۽ اهڙي نموني حرڪتون ڪندو آهي تہ پاڻ کي ڏڪ لڳڻ ڪانسواءِ دشمن کي ضرب هٽڻ جو ٻُل حاصل ڪري سگهي. جنهن ۾ هن جو مقصد مقابلي واري ماڻهوءَ جي جسم جي اهڙي نازڪ ۽ اهم جاءِ (جاڙيون، پيٽ، مٿو، اکيون) تي ڏڪ هٽي تہ جيئن اُهو ڪري پئي چاڪاڻ تہ ٻين عضون تي ڏڪ هٽڻ سان ان کي زخمي ڪري سگهجي ٿو پر ان جي ذهني توازن کي ڪجهہ نہ ٿيندو. ساڳئي ريت، هڪ فوج

جو دماغ ان جي ڪمانڊ (جنرل) ۾ هوندو آهي ۽ ان کي ڏڪ هٽڻ يا منجهائڻ سان سمورو منصوبو بيڪار بڻائي سگهجي ٿو. مطلب ته چالن (رمزن) جو ڪم حڪمت عمليءَ جي هيٺين سطح تي ادائگي هوندو آهي. ان حوالي سان مائوزيتنگ لکيو ته "مهمن ۽ لڙائين (چالن، انڪلن) جي سائنس انهن قانونن جو مطالعو ڪري ٿي جيڪي هڪ جنگ جي جزوي صورتحال کي هلائي ٿي."

جنگ جي فن جا اصول

جيتري قدر جنگ جي سائنس جو تعلق آهي ته ان جي دائري ۾ اندروني ۽ بيروني حالتون، ملڪ جي سياسي، سماجي ۽ معاشي صورتحال، اخلاقي سگهه، رڪابندي، فوج، تربيت، تنظيم، وسيلا، هٿيار، بارود ۽ صنعت وغيره اچي وڃن ٿا. پر هڪ طاقتور ڏر جي پيٽ ۾ ڪمزور ڏر جيڪا گهٽ هوند يا اٺهوند جو شڪار هوندي آهي ان لاءِ اهم معاملو جنگ جي فن کان ڪم ونڊ جو آهي. حڪمت عمليءَ جا اصول ٿورا ۽ سادا آهن. جيڪي هڪ هفتي اندر ڪير به سکي سگهي ٿو. جن کي مختلف نقشن جي مدد سان آسانيءَ سان سيکاري سگهجي ٿو. پر اهڙي جاڙ ڪنهن ماڻهوءَ کي نيپولين، هيني بال، سن زو يا چنگيز خان وانگر فوج جي اڳواڻي ڪرڻ نڙي سيکاري سگهي، جيئن گرامر جي جاڙ ڪنهن کي گبن وانگر شاندار لکڻ نڙي سيکاري سگهي. انهن اصولن کي صحيح طرح سمجهڻ، سکڻ ۽ عمل ۾ آڻڻ لاءِ ضروري آهي ته سڪندر، هيني بال، جوليس سيزر، چندرگپت موريا، محمد (صلعم)، حضرت عُمر، طارق بن زيد، اشوڪ ، چنگيز خان، ويلنگٽن، فريڊرڪ، نيپولين، روميل، چرچل ۽ هٽلر، زوڪوف، روڪوسووسڪي، مائوزيتنگ ۽ گياپ جهڙن دنيا جي وڏن جنرلن جي تجربن کي پڙهجي ۽ ڏسجي ته انهن جنگ جي سائنس ۽ فن جي اصولن کي ڪيئن ڪتب آڻي سوپون ماڻيون؟ ڪهڙي نموني ويڙهه ڪئي؟ ۽ انهن ڪهڙن اصولن کان ڪم ورتو؟ ساڳئي وقت، دنيا جي عظيم جنگي ماهرن ۽ نظريدانن، جهڙوڪ: سن زو، ڪوتليا چانڪيه، ابن خلدون، ميڪياولي، مارشل ڊي سيڪس، ڪلازيوٽز، جومني، مولٽڪ، فريڊرڪ اينگلس، ماهن، لينن، مائوزيتنگ، جي ايف سي فلر، ليڈل هارٽ ۽ تاريخ نويسن ٿائيڊس، زينوفون، پوليبس، پلوٽارڪ، بخاري ۽ تبري ۾ قلمبند ٿيل علم کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ ذريعي به سکي سگهجي ٿو جن جنگ جي نظريي ۽ عمل جي تاريخ کي قلمبند ڪيو آهي.

جنگ جا اُصول کي "آسماني لفظ" ناهن هوندا پر انساني تجربي ۽ ذهن جي پيداوار هوندا آهن. هڪ اصول مختلف حقيقتن جي عموميت جي نالو آهي. (عموميت مان مراد آهي مختلف حقيقتن مان عام قانون جو نتيجو ڪڍڻ) ٻي شيون آهن جيڪي هر جنگ کي ڪنٽرول ڪنديون آهن. هڪ، عظيم حڪمت عمليءَ وارو (سياسي) مقصد ۽ دشمن جي ارادي کي تباهه ڪرڻ. مطلب ته ان جي حڪومت کي جنگ ڇڏڻ ڪرڻ لاءِ مجبور ڪرڻ. ٻيو، حڪمت عمليءَ وارو مقصد، جيڪو دشمن جي جنگي منصوبي کي تباهه ڪندو آهي ته جيئن دشمن پنهنجي خيالن ۽ فوج جي ترتيب ۽ تنظيم ۾ ٻيهر ردوبدل ڪري ۽ پنهنجي فوج کي ذهني ۽ جسماني انتشار ۾ اڇلائي ڇڏي. ٽيون، تدبيري سطح جو مقصد جيڪو دشمن جي فوج کي تباهه ڪري حڪمت عمليءَ واري مقصد ۽ ان ذريعي سياسي مقصد کي سرانجام ڏيڻ جو ڪم ڪندو آهي. اهي اصول هڪ مشين جي مختلف پرزن وانگر گڏ ڪم ڪن ٿا. جنگ جي فن جا اهي بنيادي ۽ عام اصول جيڪي جنگين ۾ ڪاميابين ۽ ناڪامين جو سبب بڻجندا رهيا آهن انهن جو مختصر جائزو هيٺ ڏجي ٿو.

دوکو (Deception): جنگ انتهائي ڳڻپيرو، خطرناڪ، مشڪل ۽ جوکم وارو ڪم آهي جنهن ۾ ٿيل ننڍي غلطي به تمام وڏا نقصان ڏئي سگهي ٿي. ان ڪري هر ڏر پاڻ گهٽ ڪان گهٽ نقصان پوڳڻ ۽ دشمن کي وڌ کان وڌ هاڃو رسائڻ لاءِ انتهائي رازداريءَ سان هڪٻئي کي دوکو ڏيڻ جو بندوبست ڪري ٿي. ونسٽن چرچل چيو هو ته جنگ جي وقت، سچائي ايتري قيمتي هوندي آهي جو ان کي هميشه ڪوڙن جي حفاظت ۾ رکيو ويندو آهي. توٽي جو ٻين سرگرمين ۾ دوکي (ٺڳيءَ) کي حقارت جهڙو ڪم سمجهيو ويندو آهي پر جنگ جي انتظام ۾ اهو قابل تعريف ۽ شاندار ڪم آهي. جيڪو ماڻهو دشمن کي طاقت بدران (دوکي) ٺڳيءَ ذريعي شڪست ڏئي ٿو ان جي وڏيڪ ساراهه ڪئي وڃي ٿي. دوکي ڏيڻ مان مراد آهي جاڻي واڻي حقيقت جي غلط تصوير پيش ڪري فائدو حاصل ڪرڻ. دوکي کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ مختلف عنصرن جو هڪڙو جار وڇايو ويندو آهي جنهن ۾ (1) راز ۽ اُن جو ڏکُ (2) راز جي ابتڙ تاثر جوڙڻ (3) حقيقت شامل ڪرڻ (4) دوکو.

سن زوُ چيو آهي ته جنگ جو فن دوکي تي منحصر ڪري ٿو. دشمن ويجهو هُجي ته اُن کي تاثر ڏجي ته اوهين ان کان پري آهيو، جتي ڪمزور هُجو، اُتي

طاقتور هجڻ جو ڏيڪ ڏيو، (عام طور تي ماڻهو چوندو عجيب ڳالهه آ، جيڪڏهن اسين طاقتور آهيون تہ پوءِ دشمن کي اهو ڏيڪ چونہ ڏيون. پر سن زو چوي ٿو تہ) جتي طاقتور هُجو اُتي ڪمزور هُجڻ جو ڏيڪ ڏيو. (چاڪاڻ تہ دشمن اُن جاءِ کي ڪمزور سمجهي حملو ڪندو پر اصل ۾ اها جاءِ مضبوط هوندي آهي، تنهنڪري جيئن ئي دشمن حملو ڪندو تہ اوهانجي جي مضبوط علائقي ۾ ڦاسي پوندو ۽ اُن کي شڪست ڏيڻ آسان ٿي پوندي. مطلب تہ دشمن کي دوکو ڏيڻ کانسواءِ جنگ ۾ ڪاميابي نٿي حاصل ڪري سگهجي.) جتي دشمن توقع ڪري اُتي حملو نہ ڪريو پر اُتي ڪريو جتي هُن جي وهم گمان ۾ به نہ هجي."[221]

دوکي واري اُصول تي عمل ڪرڻ سان اهو فائدو ٿئي ٿو تہ دشمن تياري واري حالت ۾ نہ هوندو ۽ اوهين مڪمل تياريءَ سان حملو ڪري سگهندا. دوکي کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ لازمي آهي تہ دشمن کي اهڙو ڏيڪ ڏجي جو هُو ائين سمجهي تہ اوهين پڪ سان ائين ڪرڻ وارا آهيو جيئن دشمن سمجهي ٿو. تنهنڪري، هر دوکي ۾ 70 کان 80 سيڪڙو سچائي شامل ڪرڻي پوندي آهي. مثال طور: جيڪڏهن اوهين ڪنهن مخصوص جاءِ (الف) تي حملو ڪرڻ وارا هُجو تہ ساڳئي وقت ٻي جاءِ (ب) تي به سچ پچ لڙائي ڪريو يا اهڙا بندوبست ڪريو جو دشمن سمجهي تہ اصل حملو هن جاءِ (ب) تان ٿيڻ وارو آهي. يا وري هڪ ئي وقت گهٽين جاين تان حملا ڪجن ۽ اُنهن مان هڪ تي اصل ۽ گهٽي طاقت استعمال ڪجي ۽ اُن کي لڪائڻ لاءِ ٻين جاين تي به حملا ڪيا وڃن تہ جيئن دشمن پريشان ٿي وڃي. اُن جا ڪيترائي مثال ملن ٿا. مثال طور: سڪندر طرفان پورس سان ڪيل ويڙهه، ٻي عالمي جنگ ۾ جرمني طرفان سوويت يونين تي ڪيل حملو.

حيرت ۾ وجهڻ (Surprise): حيرت ۾ وجهڻ مان مراد آهي ڪنهن غيرمتوقع وقت ۽ جاءِ تي حملو ڪرڻ. حيرت ۾ وجهڻ وارو اصول دوکي، تيزيءَ ۽ حرڪت جي آزاديءَ وارن عنصرن سان گڏيل هوندو آهي. چاڪاڻ تہ دوکي جي عملي صورت حيرت ۾ ئي وجهي ٿي ۽ تيزيءَ متوقع وقت کان اڳ پهچائڻ ۾ مدد ڏئي ٿي. اچرج ۾ وجهڻ واري اُصول تي عمل ڪرڻ سان دشمن جي فوج کي نفسياتي طور تي وائڙو ڪري سگهجي ٿو. اڳ ۾ روايتي تصور هي هو تہ "جيستائين ڪاميابي يقيني ناهي تيسين حملو نہ ڪريو" بعد ۾ نئون اصول

پيش ڪيو ويو تہ "حيرت ۾ وجهڻ ڪانسواءِ حملو نہ ڪريو." حيرت ۾ وجهڻ واري حملي جا مثال هيني بال جون ڪيل لڙائيون آهن.

حيرت ۾ وجهڻ واري اصول جي اهميت بيان ڪندي لدل هارٽ لکيو تہ فطري رڪاوٽون، ڪيتريون ئي پيانڪ چو نہ هجن، پر اهي ويڑهه واري خطري کان گهٽ خطرناڪ هونديون آهن. سمورين حالتن جو حساب ڪتاب لڳائي سگهجي ٿو ۽ سموريون رڪاوٽون قابل عبور آهن سواءِ انساني مزاحمت جي. جنگ ۾ انساني ارادي کي ڪُٽپ ۾ نٽو آڻي سگهجي، جنهن جو اظهار مزاحمت جي صورت ۾ ٿيندو آهي. حڪمت عمليءَ جو مقصد مزاحمت جي امڪان کي گهٽائڻ آهي ۽ اها ان مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ حرڪت ۽ اچرج وارن عنصرن کي استعمال ڪري ٿي.

گڏ ٿيڻ ۽ چڙوچڙ ٿيڻ (Concentration & Dispersion of Forces): دنيا جي وڏي جنرل نيپولين بونا پارٽ جو چوڻ هو تہ جنگ جو فن بنيادي طور تي تيزيءَ سان گڏجڻ ۽ چڙوچڙو ٿيڻ جو اصول آهي. جنهن ڏر ۾ اها خوبي ناهي اُها جنگ نہ ڪٽي سگهندي.[222] ڪلازيوٽز جنگ جي فن جي ٻئي اهم اصول بابت لکيو تہ "وڏ ڪان وڏ طاقت ان مڪيہ جاءِ تي گڏ ڪرڻ گهرجي جتي مڪيہ ڏڪ هٽڻا هجن ۽ ٻين جاين تي ٻلي نقصان ڪٽجن تہ جيئن اسانجي ڪاميابيءَ جا موقعا ان فيصلاڪن جاءِ تي وڏي سگهن." وڏو جنرل اهو آهي جيڪو دشمن جي فوج کي چڙوچڙ ٿيڻ تي مجبور ڪري ۽ پوءِ واري واري سان ان جي هرهڪ حصي تي وڏ ڪان وڏ پنهنجي فوج استعمال ڪري ان کي شڪست ڏئي. اهو اُصول ڪنهن فيصلاڪن نتيجي لاءِ اهم ڪردار ڪري ٿو، ان سان اضافي سگهہ، دوکو ۽ اچرج ۾ وجهڻ کي ممڪن بڻائي سگهجي ٿو. دشمن جي ڪمزور جاءِ کي نيست و نابود ڪري سگهجي ٿو. چاڪاڻ تہ ائين نہ ٿو ٿي سگهي ٿي تہ ڪابہ طاقتور ۽ ڪمزور ڏر هر وقت ۽ هر هنڌ ڪمزور يا طاقتور هجي. ڪن وقتن ۽ جاين تي دشمن وڏيڪ طاقتور هُجي ٿو ۽ ساڳئي طرح ڪن وقتن ۽ جاين تي اوهين ڪمزور هُجو ٿا. تنهنڪري، جڏهن دشمن ڪنهن مخصوص جاءِ ۽ وقت تي طاقتور هُجي تہ اُتي چڙوچڙ ٿي پنهنجي سموري فوج کي بچائڻ ضروري هجي ٿو يا ان فوج جي ڪجهہ حصي جو نقصان برداشت ڪري وڏي حصي کي بچائي سگهجي ٿو ۽ ائين دشمن ڪجهہ عرصو ويڑهہ ڪرڻ سبب يا تہ پنهنجا گهٽا وسيلا کپائي چڪو هوندو يا ٽڪجي چڪو هوندو، ۽ جڏهن ۽ جتي دشمن

ڪمزور هُجي، يا جيڪڏهن اُن جو تعداد گهٽو نہ هجي تڏهن اوهين پنهنجين قوتن کي تيزيءَ سان گڏائي مٿس برتر قوت سان حملو ڪريو.

لچڪداريت (Flexibility): اهو ڪڏهن بہ نہ وسارڻ گهرجي تہ جيڪو بہ منصوبو توهان ناهيو تہ دشمن ان کي ناڪام بڻائي سگهي ٿو يا روڪي سگهي ٿو تہ اهڙي صورتحال ۾ متبادل منصوبي تي عمل ڪري مسئلي کي منهن ڏئي سگهجي ٿو. عام طور تي آزمايل طريقن ۽ روايتن تي جيئن جو تيئن عمل ڪرڻ جو رجحان هوندو آهي. پر سن زو جنگي چالن ۾ پاٽيائ وانگر چرپر ڪرڻ تي زور ڏنو آهي. هن جي خيال ۾ جنگ جي فن جي معاملي ۾ جيئن پاڻي پنهنجو رستو لهوارين جاين تان ڳولي لهي ٿو تيئن هڪڙي فوج کي بہ عمل ڪرڻ گهرجي. خاص ڪري، جنگي انڪلن ۽ تدبيرن جي سطح تي ان اصول تحت عمل ڪرڻ گهرجي. لڊل هارٽ لکيو تہ ڪنهن مقصد کي حاصل ڪرڻ جي پڪ لاءِ متبادل مقصد بہ هجڻ گهرجي. اهو حملو جيڪو ڪنهن هڪ نقطي (جاءِ) تي گڏجي ۽ ساڳئي وقت ٻئي کي نشانو بنائڻ جي بہ اهل هجي. فقط هدف (مقصد) جي لچڪداريءَ سان ئي جنگ جي غيريقيني عمل کي منهن ڏئي سگهجي ٿو. لچڪداريت جو قانون جنگ ۾ فوج جي بچاءَ جو قانون آهي جيئن زندگيءَ ۾. غيرمتوقع عمل ڪاميابيءَ جي ضمانت نٿو ڏئي پر اهو ڪاميابيءَ جو بهترين موقعو ڏئي ٿو.

تيزي (Rapidity): تيزي ڪنهن بہ فوج جي طاقت کي ضرب جي صورت ۾ وڌائي ٿي، اُن جو وقت بچائي ٿي، ۽ اُن اصول تي عمل ڪرڻ سان "گڏجڻ ۽ چڙوچڙ ٽيڻ" واري اُصول کي درست نموني عمل ۾ آڻي سگهجي ٿو. تيزي واري اصول ۾ حيرت ۾ وجهڻ وارو عنصر شامل هُجي ٿو. نيپولين بونا پارٽ چيو تہ منهنجي ڪاميابيءَ جو راز بنيادي طور تي تيزيءَ جي اصول تي عمل ڪرڻ آهي. يعني ان دور ۾ ٻيون فوجون هڪ منٽ ۾ 70 قدم هلنديون هيون تہ نيپولييني فوج 120 قدم هلندي هئي. نيپولين جا سپاهي چوندا هئا تہ "اسانجي جنرل جيڪا جنگ ڪٽي اُها بندرقن سان نہ پر اسانجي جنگهن سان ڪٽي." ڪلازيوٽز لکيو تہ "تيسين وقت ضايع نہ ڪرڻ گهرجي، جيسين سستيءَ مان ڪي اهر فائدا حاصل نہ ٿين. ضروري اهو آهي تہ ترت ڪر شروع ڪيو وڃي. ان تيزيءَ سان، دشمن جا سوين اُپاءَ بيڪار بڻائي سگهجن ٿا ۽ عوامي راءِ کي بہ تيزيءَ سان پنهنجي پاسي ڪري سگهجي ٿو."

آزاد نقل وحرڪت (Mobility): حرڪت جي آزاديءَ جي ڪري ڪنهن به فوج جي هٿيارن جي طاقت ۾ ضرب وانگر ٽيٽو ۽ چوٽو وزن وڌي وڃي ٿو. هلڪن هٿيارن واري فوج ڳرن هٿيارن واري فوج کي ماري سگهي ٿي جيڪڏهن انهن وٽ حرڪت جي آزادي هُجي. حرڪت جي آزادي ڪنهن به هٿيار يا دفاعي بندوبست کان بهتر تحفظ مهيا ڪري ٿي. ڪنهن به لڙائي يا جنگ ۾ جيڪڏهن ڪا فوج يا ڪمانڊ آزاديءَ سان چرپر نه ڪري سگهي ۽ ان جا سمورا گس بند هُجن ته اها صورتحال ان فوج جي موت برابر هوندي. چاڪاڻ ته اُن ڪانپوءِ اوهانجي حڪمت عملي ۽ فيصلا اوهين طئي نه ڪري سگهندا پر دشمن جنهن وقت ۽ جاءِ تي ويڙهه ڪرڻ چاهيندو توهان اُن تي عمل ڪرڻ لاءِ مجبور هوندا. ان جو وڏو مثال پهرين عالمي جنگ ۾ ملي ٿو. چاڪاڻ ته پهرين عالمي جنگ کي "خندقن واري لڙائي" به سڏيو ويندو آهي. جنهن ۾ ٻئي ڏريون مهينن جا مهينا چند ميٽرن جي مفاصلن تي هڪٻئي سامهون خندقن ۾ لکيون ويٺيون هونديون هيون. فقط هڪ يا ٻه ميٽر ايراضي اڳتي وڌڻ ۾ به هزارين انساني جانيون ۽ لاتعداد بارود استعمال ڪرڻو پيو. نيٺ اڳتي هلي، ٽينڪ ايجاد ڪئي وئي جنهن حرڪت جي آزاديءَ کي ممڪن بڻايو ۽ جنگ جي سائنس ۽ فن ۾ انقلاب برپا ڪري ڇڏيو. زينوفون لکيو ته جنگ جو فن بنيادي طور تي آزاد حرڪت ڪرڻ جي صلاحيت تي منحصر ڪري ٿو.[223] نيپولين به ان اصول کي وڏي اهميت ڏني آهي. آزادي سان چرپر ڪرڻ سان فوجن کي هڪ هنڌ مرڪوز ڪرڻ، دشمن جي ڪمزور جاءِ تي تيزيءَ سان گڏجڻ ۽ گوهيون گتون هٽڻ ۾ آساني ٿئي ٿي.

تحفظ (Security): جيڪڏهن ڪنهن ڏر جا فوجي اڈا/قلعا (Base Areas) يا رسد پهچائڻ وارا رستا ۽ جايون محفوظ نه هونديون ته اُها فوج به گهٽو وقت ويڙهه نه ڪري سگهندي. چاڪاڻ ته ان سان انهن کي کاڌ خوراڪ، هٿيارن، بارود، ۽ فوج جي تازي پرتي واري رسد بند ٿي ويندي. رسد جي لائين ڪنهن به فوج جي وجود لاءِ ايتري ئي اهم آهي جيئن انساني زندگيءَ لاءِ رت پهچائيندڙ دل. اهڙي طرح، ڪوبه ڪمانڊر، جنهن جي رابطي جي لائين کي اوچتو خطرو ٿي پوي ته ان فوج لاءِ شڪست معمولي قسم جي نه هوندي سموري فوج جي تباهي طرف وڃي ويندي. جنگ جي تاريخ ۾ ٻي عالمي جنگ دوران اسٽالن گراد ۽ آفريڪا ۾ ال امين جي ميدان تي جرمن فوج کي مليل شڪستون، ڏين

بين ڦو جي لڙائيءَ ۾ فرانسيسن کي مليل شڪست، هيني بال ۽ سپيو آفريڪانس جي وچ ۾ ٿيل لڙائين، سڪندر طرفان ايراني فوج کي رسد پهچائيندڙ ساموندي اڏڻ کان ڪنڊ، نيپولين طرفان روس سان ڪيل جنگ، پهرين ۽ ٻي عالمي جنگ ۾ برطانيہ طرفان جرمنيءَ جي ناڪابندي ڪرڻ وغيره جا مثال ملن ٿا.

رخ (Direction): ويڙهه جي معاملي ۾ هميشہ اهو سوال طئي ڪرڻو پوندو آهي تہ ابتدائي طور تي ۽ مرحليوار حملي جو رُخ يا اڳتي وڌڻ جو گس ڪهڙو هجڻ گهرجي؟ سڌو، اٽسڌو، گول يا وروڪڙن وارو. اڳ ۾ هيئن ٿيندو هو تہ هڪڙي فوج هڪڙي پاسي تہ ٻي فوج ٻئي پاسي آمهون سامهون ويڙهه ڪنديون هيون. جديد دور جون جنگيون گشتي ويڙهه جي طريقي تي عمل ڪن ٿيون. ان ۾ مخصوص محاذ جي جاءِ لچڪدار محاذ والاري آهي. سڌو مهڙ واري محاذ تي حملو ڪرڻ بدران گوهيون گتون هٽي دشمن جي پاسن کان يا پٺيان وڃي ڏڪ رسائڻ تي زور ڏنو وڃي ٿو. جديد دور جي جنگي ماهرن جو گهٽو زور اٽسڌي رسائي تي آهي. اٽسڌي حملي مان مُراد آهي مڪيہ هدف کي سڌو نشانو نہ بنائڻ پر اُن جي اتحادي يا رسد واري قطار تي حملو ڪري اُن کي ٽوڙي ڇڏڻ. اٽسڌو حملو فوج کي نفسياتي طور دوکو ڏيڻ ۽ اُن کي بي ترتيب ۽ اصل رُخ کان ڦرائڻ جو ڪم ڪري ٿو. اٽسڌي حملي ۾ تيزي ۽ اچرج ۾ وجهڻ وارا عمل شامل هجن ٿا. جنگين ۾ گهٽو ڪري سامهون واري ڌر سان وڙهڻ کان پهريائين ان جي رسد واري قطار کي نشانو بڻايو ويندو آهي، تہ جيئن ان جي سامان (بارود، هٿيار، کاڌ خوارڪ، نئين پرتي وغيره) کي روڪي سگهجي يا پوئتي هٽڻ جا گس بند ڪري ڇڏجن. نفسياتي طور تي اهڙي فوج مونجهاري جو شڪار ٿيندي. ائين فوج ان ساڻئي جذبي ۽ روح سان ويڙهه نہ ڪري سگهندي.

ڄاڻ (جاسوسي) (Intelligence): جنگ جهڙي اهم معاملي ۾ مٿيان سمورا عنصر تيستائين ناممڪن آهن جيستائين جاسوسيءَ جو بهتر انتظام نٿو ڪيو وڃي. وڏي ڳالهہ تہ جاسوسيءَ جو تعلق فقط هلندڙ جنگ سان نہ هوندو آهي جنگ کان اڳ ويڙهه جي تياري ۾ وڏي رازداري هيٺ ڪئي ويندي آهي. سن زو جاسوسيءَ جي اهميت بيان ڪندي لکيو تہ "جيڪڏهن اوهين دشمن بابت ڄاڻو ٿا ۽ پنهنجو پاڻ بابت ڄاڻ رکو ٿا، تہ توهانکي سو (100) لڙائين جي نتيجن کان

ڄڃڻ جي ضرورت ناهي. جيڪڏهن اوهين پنهنجو پاڻ کي سڃاڻو تا پر دشمن کي نٿا سڃاڻو، ته پوءِ، هر فتح کانپوءِ اوهانکي هڪ شڪست کي منهن ڏيڻو پوندو." "دشمن جي حالت بابت اڻڄاڻائي سبب جنگ ۾ تمام گهڻا وسيلا ضايع ۽ فوج جو نقصان ٿئي ٿو. تنهنڪري، ان نقصان کان بچڻ لاءِ دشمن بابت اڳواٽ ڄاڻ حاصل ڪرڻ ضروري هجي ٿي اها ڄاڻ ئي هجي ٿي جيڪا هڪ ڪمانڊر کي دشمن کي سنڌائتو ڏڪ هڻڻ ۽ سوپ ماڻڻ جي لائق بڻائي ٿي. تنهنڪري، جنگ ۾ جاسوسن جي حيثيت انتهائي اهم هجي ٿي، ڇاڪاڻ ته هڪ فوج جي مارچ ڪرڻ جي اهليت انهن تي دارومدار رکي ٿي."[224] جاسوسيءَ ذريعي دشمن جي ايندڙ حڪمت عملي، هٿيارن، بارود، فوج جي تعداد ۽ جاءِ، صنعت جي صورتحال وغيره بابت ڄاڻ حاصل ڪئي ويندي آهي ۽ ان قسم جي ڄاڻ ڪانسواءِ جنگ ڪرڻ جي معنيٰ ٿيندي اوندهه ۾ لنيون هڻڻ. جاسوسي ۽ دوکي ذريعي دشمن کي منجهائڻ ۽ شڪست ڏيڻ جو شاندار مثال (بي عالمي جنگ جي مشهور لڙائي) نارمنڊي واري لڙائيءَ ۾ ملي ٿو.

فوجي قيادت (Command): هزارين لکين فوجي چند سربراهن جي پنڌيان هلندا آهن جيڪڏهن ڪمانڊ سمجهدار ۽ قابل هوندي ته نيڪ ۽ جيڪڏهن اُها ئي ڏڏُ، ڪمزور ۽ نااهل هوندي ته سموري فوج به ناڪارا بڻجي ويندي. مٿين سمورن فني ۽ سائنسي عنصرن جي ڪاميابي ۽ ناڪاميءَ جو دارومدار جنگي قيادت تي هجي ٿو جيڪا ايڏي وڏي تعداد جي فوج، هٿيار، بارود، کاڌ خوراڪ ۽ تحفظ جو بندوبست ڪري ٿي، انهن جي ورچ ۽ مقرري ڪري ٿي ۽ جنگي حڪمت عملين، انڪلن ۽ چالن کان ڪم وٺي ٿي. اها فوجي قيادت هوندي آهي جيڪا پنهنجي هدف کي حاصل ڪرڻ لاءِ ان وٽ موجود وسيلن کي استعمال ڪندي آهي. نيپولين چيو ته "گالس (Guals) کي رومي ليجن (فوج) نه پر سيزر (فوجي سربراهه) فتح ڪيو. هيني بال کان اڳ، کارٿيج جا سپاهي روم کي نه ڏڪائي سگهيا هئا. اهي مقدوني منظم فوجي دستا نه هئا پر سڪندر هو جيڪو انڊيا پهتو. اها فرانسيسي فوج نه هئي پر اهو تيوريني (Turenne) هو جيڪو (Weser & Inn) تائين پهتو. يورپ جي ٽن خطرناڪ طاقتن اڳيان ستن سالن تائين جرمني، جرمن فوجين جي ڪري نه پر فريڊرڪ جي ڪري پنهنجو دفاع ڪري سگهي."[225] جيتوڻيڪ، تاريخ ۾ فردن جو ڪردار اهم هوندو آهي پر نيپولين جو اهو خيال هڪ طرفو ۽ اٽپورو آهي. جيڪڏهن مٿين جنگي جنرلن وٽ اهي تاريخي،

پيداواري ۽ سياسي حالتون نہ هجن ها، اهي فوجون نہ هجن ها، تاريخي دشمنيون ۽ دوستيون نہ هجن ها، جيڪڏهن کي معاشي، سياسي ۽ سماجي تضاد نہ هجن ها، جيڪڏهن ان قسر جون مادي حالتون نہ هجن ها تہ اهي (فوجي جنرل) هوندي بہ کجھ نہ کري سگهن ها. اڳ ۾ انفرادي طور تي فقط بادشاھ، شهنشاھ، نواب ۽ سردار جنگي جنرل هوندا هئا پر جديد دور ۾ گڏيل قيادت، جنرل اسٽاف، ذريعي جنگ بابت فيصلي سازي کري ٿي.

لڙائيءَ ۾ سموري فوج، هٿيارين ۽ بارود جو مقابلو کري انهن کي شڪست ڏيڻ ڏکيو ۽ مهانگو ڪر هوندو آهي تنهنکري، سڀ کان سستو ترين طريقو اهو آهي تہ انهيءَ فوج جي دماغ (فوجي قيادت) کي منجهائڻ، مڏو بنائڻ، ڏک رسائڻ ۽ دوکي ڏيڻ جي کوشش کجي. جيڪڏهن فوجي قيادت ئي مونجهاري جو شڪار ٿي ويندي تہ پوءِ لکين فوجي، هٿيار ۽ بارود بہ ناڪارا ٿي ويندا. چين جي جنگي ماهر لي چنگ (571 ق_م) جو خيال هو تہ "حملي جو فقط اهو مطلب ناهي تہ دشمن جي قلعن يا ميدان تي بيٺل فوج تي هلان کجي، پر ان حملي ذريعي دشمن جي دماغي توازن تي هلان ڪرڻ بہ شامل هجي ٿو."

جرمن جنرل هيلمٽ وون مولٽڪ چيو تہ "فوجي ڪمانڊر هڪ قوم جي تقدير هوندو آهي." تنهنکري، کنهن قوم جي تقدير جو بچاءُ ڪندڙ فوجي قيادت کهڙي هجڻ گهرجي ۽ ان ۾ کهڙا گڻ هجڻ گهرجن؟ ان حوالي سان سڪندر چيو هو تہ "آءُ شينهن جي فوج کان نٿو ڊڄان، جيڪڏهن انهن جي اڳواڻي رڍ وڻ آهي. پر آءُ رڍن جي ان فوج کان ڊڄان ٿو، جن جي اڳواڻي هڪ شينهن کري رهيو آهي." حضرت عمر چيو تہ "هيءَ جنگ آهي، ۽ جنگ لاءِ فقط اهڙو پُرسکون ماڻهو معقول آهي، جيکو اهو ڄاڻي ٿو تہ کيڏي مهل موقعي جو فائدو وٺجي ۽ کيڏي مهل پنهنجو پاڻ کي روکي وٺجي. جيستائين هر شي صاف نہ هجي تيستائين جنگ ۾ تکڙ (اُبهرائي) ڪرڻ تباهي ٿيندي."[226] نيپولين جو خيال هو تہ هڪڙي ڪمانڊر کي پنهنجن سپاهين سان ويجهڙائپ رکڻ گهرجي ۽ هُو ٿڏي دماغ وارو هجي. بدترين حالتن ۽ نتيجن بابت سوچڻ گهرجيس. نيپولين چيو تہ مون جنگيون ان کري کٽيون ڇاڪاڻ تہ مان جنگ ۾ ناڪاميءَ کانپوءِ ڇا ٿيندو ان بابت اڳواٽ ئي سوچي ڇڏيندو آهيان." هينري جومني لکيو تہ "هڪ جنرل ۾ پهريائين تہ اخلاقي جرائت هجي، ثابت قدم ۽ پُرعزم هجي، ٻيو تہ جسماني همت هجيس جيڪا کنهن بہ خطري کي کاتي ۾

نہ آٹي، اهي ٻئي انتهائي اهم صفتون آهن. هن جي جاڻ پلي محدود هجي پر اها ڪامل هجي ۽ هن کي جنگ جي فن جي بنيادي اصولن جي زبردست جاڻ هجي. ذاتي طور تي، بانڪو، عادل، محڪم ۽ ٻين جي خوبين کان ساڻ بدران انهن جي احترام ڪرڻ جي صلاحيت هجيس. بدقسمتيءَ سان، روايتي ذهن رکندڙ ماڻهو ساڻوتا ٿيندا آهن ۽ پنهنجي چوڌاري گهڻ اهليت رکندڙ ماڻهن جي گهيري هيٺ رهڻ ڏانهن مائل هوندا آهن."[227] ڪلازيوٽز لکيو ته فوجي سربراهه ۾ ڏاهپ ۽ همت ضروري آهي. اهو ڪڏهن به نه وساريڻ گهرجي ته ڪوبه جنگي رهنما بهادريءَ ڪانسواءِ عظيم نٿو ٿي سگهي. جيڪڏهن هن وٽ وڏي مقصد سان گڏ جرئت ۽ ارادي جي قوت آهي ته سمورين رڪاوٽن باوجود هي پنهنجي منزل تي پهچي ويندو. ان حوالي سان، انتهائي ضروري هجي ٿو ته اسانکي پنهنجي فوجي سربراهن تي اعتماد ۽ پروسو هجي. ان لاءِ اسانکي اهڙي ماڻهوءَ جي چونڊ ڪرڻي پوندي جنهن تي اسين پروسو ڪري سگهون ۽ ٻيون سموريون سوچون پاسي تي رکون."

سن زو چيو ته "فوجي سربراهه ۾ بزدلي، ڪاوڙ، ترس، ذاتي مان مرتبو ۽ اڀرائپ جهڙا اوگڻ نه هجن ۽ ڏاهپ، سچائي، سختي ۽ بهادريءَ جون خوبيون هجن. فوج جو سربراهه عوام جي قسمت جو امين هوندو آهي، هي اهو ماڻهو آهي جنهن تي منحصر ڪري ٿو ته قوم امن ۾ هجي يا خطري ۾." چين جي جنگي ماهر، وو قي چيو ته "جڏهن به هڪ جنرل جي خاصيتن بابت ڳالهه ٿيندي آهي ته همت جو ذڪر ٿيندو آهي. بهرحال، همت به اهم آهي پر اها خاصيت هڪ جنرل جي ڪيترين ٻين خاصيتن مان هڪ آهي. هڪ جنرل جيڪو فقط بهادر آهي اُهو لاپرواهيءَ سان لڙائيءَ ۾ هليو ويندو. گهڻ طرفي تورتڪ ڪانسواءِ لڙائيءَ ۾ پوڻ قابل قبول ناهي."[228] مائوزيتنگ لکيو ته "حقيقي زندگي ۾، اسان "هميشه فاتح ٿيندڙ جنرل" جو مطالبو نه ٿا ڪري سگهون، جيڪي تمام ٿورڙا ۽ تاريخ ۾ ڪڏهن ڪڏهن نظر اچن ٿا. اسين ڏاهي ۽ بهادر جنرل جي توقع ڪري سگهون ٿا. اهي ٻئي خاصيتون، ڏاهپ ۽ بهادري، حاصل ڪرڻ لاءِ اسانکي هڪ طريقي ڪار سکڻو پوندو. اهو طريقو ڇا آهي؟ پاڻ پنهنجي ۽ دشمن جي مجموعي صورتحال جي سمورن پاسن کان واقف هجون، ٻنهي ڌرين جي عملن کي هلائيندڙ قانونن کي دريافت ڪريون ۽ انهن قانونن کي پنهنجن آپريشنس ۾ استعمال ڪرڻ جو طريقو سکون."[229]

جنگ جي سموري تاريخ ۾ ڪمزورن ۽ طاقتورن جي وچ ۾ ٿيل لڙائين جي فتح ۽ شڪست ۾ دوڪي، اچرج، تيزي، لچڪداريت، گڏجڻ ۽ چڙوچڙ ٽيڻ، آزاد چرپر، جاسوسي ۽ قيادت جهڙا عنصر فيصلاڪن ڪردار ادا ڪندا رهيا آهن. مثال طور، جڏهن ايراني فوج يوناني فوجن سان ويڙهه ڪئي تڏهن يوناني فوجون عددي حوالي سان ڪمتر هيون پر عددي طور تي برتر ايراني فوج کين شڪست نه ڏئي سگهي. سڪندر جڏهن ايراني سلطنت خلاف ويڙهه ڪئي تڏهن هن جي فوج ۾ ڪُل 30 هزار سپاهي هئا جڏهن ته ايراني فوج ۾ اٽڪل ٻه لک فوج هئي. پر فاتح سڪندر ٿيو. ڏراڙ چندرگپتا ۽ پنڊت ڪوتليا جهڙن ڪمزور ماڻهن طاقتور نندا بادشاهه ۽ قابض يونانين کي هندستان مان تڙي ڪڍيو. جڏهن هيني بال رومي سلطنت خلاف ويڙهه جي ابتدا ڪئي ته هن جي فوج ۾ ڪل 40 هزار سپاهي هئا پر انهن مان ٽي حصا ته جابلو پٽي مان گڏڻ سان ئي مري ويا. وري بي فوج ناهي هي دشمن سان وڙهيو. محمد (صلعم) جي اڳواڻي ۾ وڙهندڙ مسلمان فوجون (بدر، خندق، خيبر ۽ مڪي وارين لڙائين ۾) عددي حوالي سان ڪمتر هيون. "صليبي جنگين" ۾ سموري يورپ جا بادشاهه، شهنشاهه ۽ پادري گڏجي فقط هڪڙي مُلڪ شام سان اٽڪل ٻه سو سالن تائين ويڙهه ڪندا رهيا پر اُن کي شڪست نه ڏئي سگهيا. منگولن جي فتحن جو سبب عددي برتري نه هئي پر هنن جي حيران ڪندڙ تيز ڪاميابين جي تسلسل جو راز معياري برتري هئي. ڏگها مفاصلا اُڪاري ۽ ڏورانهن علاقن کي شڪست ڏئي سگهڻ جي مڪيه سببن ۾ سخت ۽ لچڪدار تنظيم، جنهن ۾ تيزيءَ سان گڏجڻ جي صلاحيت هئي، ڪُڪن ڪان ڏڪ هٽڻ، تفصيلي طور تي اڳوات رڌابندي ڪرڻ، اچرج ۾ وڌهڻ، تيستائين ڪوڙ ڪري پٺتي هٽڻ جيستائين دشمن ٽڪجي نه پوي، آزاد چرپر ڪرڻ ۽ دشمن کي مڪمل طور تي نيست نابود ڪرڻ جهڙيون جنگي اٽڪلون ۽ فن شامل هئا. 1704ع ۾ جڏهن مارلبرگ يورپ ڏانهن پيش رفت ڪئي ته هن پاڻ کان برتر قوت کي دوڪي ۽ گوهين گٽن سان شڪست ڏئي وڏيون فتحون حاصل ڪيون. طاقتور ۽ فيل مست يورپي بادشاهتون (آسٽريا، پرشيا، ساردينا، نيپلز، اسپين، نندين جرمن رياستن، انگلينڊ، هالينڊ ۽ پورچوگال (First Coalition) گڏجي) هڪڙي ڪمزور ملڪ فرانس سان (7 کان 8 سالن تائين) ويڙهنديون رهيون پر اُن کي هارائي نه سگهيون. وري ڪمزور نيپولين طاقتور برطانيه، آسٽريا، پرشيا، روس ۽

اسپين جي گڏيل وڏين فوجن سان وڙهيو ۽ ابتدائي عرصي ۾ سويون ماٹيائين. وري بعد ۾ ڪمزور اسپيني ۽ روسي گوريلن طاقتور نيپولينني فوج کي شڪستون ڏنيون. 1905ع ۾ عدد ۽ حرفت جي حوالي سان ڪمزور جاپاني "زرد پولڙن" تاريخي طور تي ناقابل شڪست سمجهي ويندڙ طاقتور ۽ فيل مست روسي فوج کي بحري جنگ ۾ هارائي 500 سالا يورپي هڪ هني ۽ تاريخي تسلط کي سنڌائتو ڏڪ هنيو. 1917ع ۾ جڏهن لينن روس ۾ هٿياربند بغاوت ڪري حڪومت تي قبضو ڪيو ۽ بعد ۾ گهرو ويڑهه ۾ طاقتور دشمنن کي شڪست ڏني تڏهن به لينن جي قوت عددي طور تي دشمن کان ڪمزور هئي. 1930 ۽ 1933ع جي وچ ۾ مائوزيتنگ چيانگ ڪائي شيڪ جي چار جنگي مهمن کي ناڪام بٹايو جيڪي سرخ فوج کي ختم ڪرڻ لاءِ وڙهيون ويون. ان ويڑهه ۾ چيانگ ڪائي شيڪ جي قوت مائو کان ڏهوڻ تي وڌيڪ هئي پر مائو درست وقت جي چونڊ ۽ گوهين گتن ذريعي پنهنجو بچاءُ ڪيو ۽ اڳتي هلي فتح ماڻي. هي عالمي جنگ ۾ جرمن فوج 1940ع جي مئي ۾ اردينز وٽان حملو ڪري هالينڊ، بيلجيم، فرانس ۽ برطانيہ جي برتر تعداد کي مسلسل پنتي هٹائي شڪستون ڏنيون. وري 1941ع جي مئي ۾ ڪريٽ جي جزيري تي پيراشوٽ فوجن سان وڏي ۾ وڏو هوائي حملو ڪيو جنهن ۾ جرمني ڪل 17 هزار فوجون لاٹيون جڏهن تہ اتحادين وٽ انڪل 40 هزار فوج هئي پر ان باوجود نازي فوج فقط ڏهن ڏينهن ۾ اهو جزيرو اتحادين کان کسي ورتو. 1941ع جي ڊسمبر ۾ جاپان 60 هزار سپاهين سان ملايا تي ڪاهه ڪئي جتي برطانيہ (انڊيا ۽ آسٹريليا) جي انڪل هڪ لک 39 هزار فوج هئي. 1954ع جي مئي ۾ ويٹنامي فوج فرانسيسين کي ڊين بين ڦو جي لڙائي ۾ شڪست ڏني. توٹي جو تعداد ذري گهٹ برابر هو پر توبن، ٹينڪن، پيراشوٹس، جهازن وغيره ۾ فرانس کي وڏي برتري حاصل هئي. جنگ جي تاريخ ۾ اهي ۽ اهڙا ٻيا ڪيترائي مثال ۽ تجربا موجود آهن جن ۾ ڪمزورن طاقتورن کي شڪستون ڏنيون.

انهن جنگين ۽ لڙائين ۾ ڪمزور ۽ طاقتور هجڻ جو بنياد فقط عدد (تعداد) جي برتري نٹي ٹي سگهي. عدد سان گڏ ٹيڪنيڪل ۽ جنگ جي فن ۾ برتري ۽ اهم هجي ٹي پر اهي ٹئي عنصر خالص جنگ سان واسطو رکن ٹا پر خود جنگ کا الگ ۽ آزاد شي ناهي اها ان ملڪ يا علائقي جي سماجي، معاشي، سياسي،

اخلاقي ۽ تاريخي حالتن سان ڳنڍيل هجي ٿي. انهن عنصرن ۾ عارضي يا ديرپا برتري جي به پيٽ ڪرڻ گهرجي. تڏهن ئي ڪمزوري ۽ طاقت جو صحيح اندازو لڳائي سگهبو.

چيو ويندو آهي ته جيڪي قومون معاشي طور تي خوشحال ۽ طاقتور هونديون آهن اهي ئي دنيا تي حاڪميت ڪنديون آهن ۽ اهي ئي فتحون حاصل ڪنديون آهن. اها ڳالهه بلڪل درست آهي. پر ان سان گڏ اهو به اضافو ڪجي ته معاشي طور تي ڪمزور ۽ بدحال قومون، طبقا يا گروهه پنهنجن وطنن، ماڳن ۽ ماڻهن جي تحفظ ۽ پنهنجين زندگين جي بچاءَ لاءِ انهن آخري حدن تائين وڃڻ لاءِ تيار ٿي ويندا آهن جن لاءِ خوشحال قومن جا فرد تيار نه هوندا آهن ۽ ايتريقدر جو ان قسم جي حالتن جو هُو تصور به نه ڪري سگهندا آهن. جنهنڪري معاشي طور تي بدحال قومون به سوپون ماڻيندیون آهن. ان جو وڏو تاريخي مثال منگولن ۽ عربن جون ڪاهون آهن جيڪي ان دور جي سمورين شاهوڪار سلطنتن ۽ تهذيبن کان پٺتي پيل ۽ بدحال هئا پر جڏهن اهي اٿيا ته دنيا جي وڏي حصي تي سلطنتون قائم ڪيائون. ساڳئي ريت، پهرين عالمي جنگ دوران شاهوڪار ۽ سڌريل ملڪن جي پورهيتن بدران روس جي بي حال پورهيت طبقي بغاوت ڪري دنيا کي ڏنڊين آگريون ڏئي ڇڏيون. وري بي عالمي جنگ دوران پڻ سوويت يونين جي شهرين ۽ سرخ فوج آخري حدون ڪري ڇڏيون. جيڪي برطانيه، فرانس، اٽلي، جرمني ۽ آمريڪا جهڙن شاهوڪار ملڪن جي فوجن جي تصور ۾ نه هيون. بعد ۾ ويٽنامي فوجن ڪائين، ڏينپن، ڪڏن، سرنگهن ۽ سائيڪلن جهڙن آڳاٽن هٿيارن ۽ وسيلن سان جديد هٿيارن سان مسلح هڪ نه پر ٽن طاقتور ملڪن (فرانس، جاپان ۽ آمريڪا) کي شڪستون ڏنيون.

جيتوٽيڪ، اقتصادي حالت بنيادي ڪردار ادا ڪندي آهي، پوءِ اها معاشي حالت بهتر هجي يا بدتر. بنهي صورتن ۾ اها مکيه طاقت هوندي آهي يا محرڪ مهيا ڪندي آهي. پٺتي پيل ۽ ڪمزور سماجن، قومن، طبقن، گروهن، تنظيمن ۽ فردن وٽ مادي وسيلن جي ڪوٽ هجڻ لازمي هوندي آهي. پر اقتصادي طاقت سان گڏوگڏ سياسي، ثقافتي، اخلاقي ۽ نظرياتي طاقتون پڻ، تاريخ جي مخصوص دورن ۽ مرحلن ۾، بنيادي ڪردار ادا ڪنديون آهن.

اينگلس پنهنجي دوست جي بلاڪ (J. Bloch) ڏانهن لکيو ته "تاريخ جي مادي نقطہ نظر مطابق، حقيقي زندگيءَ جي پيداوار ۽ ان جي ٻيهر پيدا ٿيڻ وارو عمل، تاريخ ۾ آخري (Ultimately) طور تي (determining) فيصلاکن (حدون طئي کندڙ) عنصر آهي. نہ مارکس ۽ نہ ئي مون کڏهن بہ ان کان وڌيڪ دعويٰ کئي آهي. هاڻي جيکڏهن کو ماڻهو ان کي ٽوڙي مروڙي اهو چوي ٿو ته فقط اقتصادي عنصر ئي فيصلاکن (حدون طئي کندڙ) آهي ته پوءِ اهو ماڻهو ان اصول کي بي معنيٰ، تجريدي ۽ بي عقلاڻي تصور ۾ بدلائي ٿو. معاشي صورتحال بنياد آهي پر سياست، آئين، عدليہ، فلسفياڻا نظريا، مذهبي خيال پڻ تاريخي جدوجهد تي پنهنجا اثر ڇڏين ٿا، کيترين معاملن ۾ ته انهن جي صورت گيريءَ ۾ بہ (پي کنهن شيءَ کان) وڌيڪ اهميت رکن ٿا."[230]

پنتي پيل ۽ کمزور سماج، قومون، طبقا، گروهہ، تنظيمون ۽ فرد جيکڏهن، عارضي طور تي يا گهڻي عرصي تائين، پنهنجي معاشي حالت کي بهتر نٿا کري سگهن ته اُهي پنهنجي سياست کي ايترو طاقتور بڻائي سگهن ٿا جو اها تاريخ تي اثرانداز ٿي سگهي. (خود مارکس ۽ لينن بہ انقلاب لاءِ پورهيتن کي پهريائين سياسي طاقت حاصل کرڻ جو تصور ڏنو آهي.) جيکڏهن کمزور پنهنجي طاقتور دشمن کي طاقتور هٿيارين سان شکست نٿا ڏئي سگهن ٿا ته اهڙن هٿيارين کان کم وٺي سگهن ٿا جن جو توڙ دشمن وٽ نہ هجي. جيکڏهن عارضي طور تي يا گهڻي عرصي تائين کاميابيون نٿا حاصل کري سگهن ته دشمن کي بہ سوپارو ٿيڻ نہ ڏين ۽ ان کي ڀوڙائي ڀوڙائي ٽکائي ڇڏين. جيکڏهن، عارضي طور تي يا گهڻي عرصي تائين، وسيلا حاصل نٿا کري سگهن ته نون ۽ سادن هٿيارين، شعور ۽ ضابطي واري فوج ۽ طاقتور حڪمت عملين، چالن، دوکي، اچرج، تيزي، لچڪداريت، کمانڊ ۽ جاڻ جهڙن عنصرن سان ان کوٽ کي پورو کري فتح حاصل کري سگهجي ٿي. ان حوالي سان ابن خلدون لکيو ته "جنگ ۾ فتح جي کاٻ پک ناهي، پلي پوءِ کٽي هٿيار ۽ عددي برتري حاصل چو نہ هجي جيکي (عام حالتن هيٺ) سوپ جو سبب بڻجندا آهن. جنگ ۾ فتح ۽ برتري پاڻ ۽ موقعي مان جنم وٺي ٿي. چاکاڻ ته کيترائي عنصر گڏجي برتريءَ کي پيدا کن ٿا مثال طور سپاهين جو تعداد، هٿيارن جو معيار، فوجن جي هنرمنداڻي ترتيب، درست چالون ۽ ٻيا ظاهري عنصر وغيره. تنهن کانپوءِ، ڪجهہ عنصر بہ هجن ٿا جن ۾ انساني

اٽڪلون، دوڪا، افواهون، اچرج ۽ جاسوسي وغيره جيڪي رازداريءَ ۾ ڪم ڪندا آهن. عرب ڪهاوت آهي ته "هڪ چال، پوري قبيلي کان وڌيڪ، قدر ۽ اهميت واري آهي." جنگ ۾ برتري، باهرين عنصرن جي ڪري نه پر اندروني لڪل سببن مان جنم ونندي آهي. لفظ "پاڳ" مان مراد اهڙن موقعن جو ملڻ آهي.[231]

ويڙهه ۽ جنگ جي سموري تاريخ اهڙن مثالن سان ڀري پئي آهي. جنگ جي تاريخ ۾ ڪمزورن جي جنگ اڪثر ڪري گوريلا صورت ۾ ڪئي وئي آهي. گوريلا جنگ اقتصادي طور تي پٺتي پيل ملڪ جي وسيع تر عوام طرفان انتهائي طاقتور هٿيارن سان مسلح ۽ تربيت يافته دشمن فوج خلاف وڙهڻ واري جنگ آهي.

ڪمزورن هٿان هڪ نه ٽن ٽن طاقتورن کي هڪ پيرو نه پر ڪيترائي پيرا شڪستون ڏيڻ جو سموري جنگي تاريخ جو وڏي ۾ وڏو مثال ويٽنام جي آزاديءَ واري ڊگهي جنگ ۾ ملي ٿو. ويٽنام جنگ بابت هينري ڪسنجر معنيٰ سان ڀرپور تجزيو هنن لفظن ۾ ڪيو ته "اسان هڪ فوجي جنگ وڙهياسين، اسانجا مخالف هڪ سياسي جنگ وڙهيا. اسان انهن جي جسماني طاقت کي ختم ڪرڻ جي تلاش ڪئي، هنن اسانکي نفسياتي طور تي ٽڪائڻ جي مقصد جي پوئواري ڪئي. ان عمل ۾، اسان گوريلا جنگ جي هڪ اهم اصول کي وساري ويٺاسين ته "گوريلا جيڪڏهن هارائين نه ٿا ته اهي کٽين ٿا. جڏهن ته عام فوج جيڪڏهن اها کٽي نه ٿي ته اها هارائيندي آهي." مطلب ته گوريلا فوج جا مکيه مقصد ۾ هوندا آهن هڪ ته دشمن کي جنگ ۾ ڪامياب ٿيڻ نه ڏبو ۽ پاڻ کي برقرار رکبو. ان جي ڪري وڏي ۽ طاقتور روايتي فوج وڙهي وڙهي ٽڪجي پوندي ۽ کين جيڪڏهن کا وڏي ڪاميابي نه ملي ته اها فوج ساڻي ٿي پوندي. جڏهن ته گوريلا پلي کا لڙائي يا جنگ نه کٽين پر اهي مڪمل طور تي هارائي نه وڃن اهائي هنن جي وڏي ڪاميابي ٿيندي. گوريلا، عارضي طور تي، کنهن علائقي تي قبضي لاءِ نه ٿا وڙهن پر دشمن کي به قبضو ڪرڻ نٿا ڏين. گوريلا جنگ هٿيارن، فوجن ۽ بارود جي حوالي سان سستي هجي ٿي پر انهن کي منهن ڏيڻ لاءِ هڪ وڏي فوج، تمام گهڻا هٿيار ۽ بي شمار بارود خرچ ٿئي ٿو. گوريلن جو مقصد دشمن کي فوج، هٿيار ۽ رسد جو نقصان ڏيڻ ۽ ان

کي امن سان حڪومت ڪرڻ نہ ڏيڻ ۽ وڏي ڳالھ تہ وقت حاصل ڪرڻ ھجي ٿو جنھن دوران وڏي پيماني جي جنگ لاءِ تياري ڪئي ويندي آھي.
جنگ جي سموري تاريخ مان سبق ملي ٿو تہ مٿي بيان ڪيل انھن مثالن ۽ فتحن جو بنيادي سبب ھي رھيو آھي تہ ڪمزور ڌريون جيڪي اڳتي ھلي فاتح ٿيندڙيون آھن، اھي طاقتور ڌر سان اھڙن طريقن ۽ حالتن ھيٺ وڙھندڙيون آھن جن لاءِ طاقتور ڌر تيار نہ ھوندي آھي، يا منظم نہ ھوندي آھي يا ڪين اھا تربيت مليل نہ ھوندي آھي. جنھنڪري اھڙين حالتن ۾ طاقتورن جا جنگي تصور ۽ اصول بي اثر، ناڪارا ۽ معذور ٿي وڃن ٿا.
بھرحال، تاريخ جا سبق ھضم ڪرڻ ڏکيا ھوندا آھن، ان جي ڪري نہ جو انھن کي سمجھڻ مشڪل ھوندو آھي، پر ڇاڪاڻ تہ اُھي اسانکي پاڻ بابت، پنھنجين قابليتن بابت، اسانجي پرتشدد ۽ قابل شڪست نوعيت بابت، اسانجن وسيلن بابت ۽ حالتن کي سمجھڻ ۽ حاصل ڪرڻ جھڙن مقصدن جو تعين ڪرڻ واري اسانجي قابليت بابت، حقيقت پسند ٿيڻ جو سبق ڏين ٿا. جنگ توڙي زندگيءَ ۾ ڪاميابيءَ ڏانھن ويندڙ رستي بابت آڳاٽي زماني کان ھڪ سادو اصول مڃيو ويندو رھيو آھي جيڪو جنگ جي فن جي ماھر سن زو ٻڌايو ھو "پنھنجو پاڻ ۽ دشمن کي سڃاڻو."

Endnotes

[1] The Art of Warfare in the Age of Napoleon, Gunther E. Rothenberg, p, 9
[2] Conditions and Prospects of a War of the Holy Alliance Against France in 1852, by Engels (MECW Volume 10, p. 542)
[3] The Military Programme of the Proletarian Revolution, by Lenin, Collected Works, Vol 23, p, 80
[4] The Decisive Wars of History, A Study in Strategy, by B. H. Liddell Hart, p, 1 (Reprinted 1954)
[5] Art of War, by Sun Tzu, p, 63
[6] Great Captains Unveiled, by Liddell Hart, p, 44 (Books for Libraries Press, Inc. New York, 1928-67)
[7] The Military Programme of the Proletarian Revolution, p. 78
[8] Ibid, p. 82
[9] Correspondence between Marx-Engles, p, 81(Progress Publishers, Moscow, 1965)
[10] Art of War, by Sun Tzu, p, 6
[11] The Decline & Fall of the Roman Empire, by Edward Gibbon, Vol-1, p, 85
[12] Correspondence, Engels to N. Danielson, 24 Feb, 1893
[13] Das Capital, Karl Marx, Vol I, p, 193-204-532
[14] Selected Writings, by Mao tze Tung, Vol I, p, 183 (Foreign Language Press, Peking, 1965)
[15] Anti-Duhring, by Engels, p, 194-95 (Progress Publishers, Moscow, 1969)
[16] Aristotle Works, Ed by W. D. Rose, p, 2776
[17] Marxism on War, Progress Publishers (1972), p, 19
[18] Anti-Duhring, by Engels, p, 217
[19] The Art of War in the World History, Ed by, Gerard Chaliand, p, 10-12 (University of California Press, 1994)
[20] British Rule in India, by Marx, MECW Volume 12, p. 125
[21] The Art of War in the World History, by Gerard Chaliand, p, 16
[22] The Art of War, Martin van Creveld, p, 20-21-22 (First Published by Cassell & Co, 2000)
[23] The Art of War, by Sun Tzu, p, 4
[24] Ibid, p, 15
[25] The Military 100, by Lt Col (ret) Michael Lee Lanning, p, 92-94
[26] Wu Zi's Art of War, Trns by Ooi Kee Beng, (Chinese Strategists, Beyond Sun Zi's Art of War) p, 19
[27] Ibid, p, 40-41
[28] A New History of India, by Wolpert, p, 59 (penguin book 79)
[29] Marx-Engels Selected Correspondence, p, 80-81
[30] Chandragupta Maurya, by Purushottam Lal Bhargava, p, 30

[31] Mahavanaa Tika, trslt by Turnour in his introduction to Mahavanaa, pp, LXXVI-XI
[32] Invasion of India by Alexander, by McCrindle, p, 311
[33] Chandragupta Maurya, p, 113
[34] Invasion of India by Alexander, by McCrindle, p, 327-8 (Justin)
[35] Ibid, p, 156
[36] Chandragupta Maurya, p, 55
[37] Invasion of India by Alexander, by McCrindle: Megasthenes and Arrian, p, 70: Arthasastra (Book 1, Ch 21)
[38] Akbar the Great Mogul, by Dr. Vincent Smith, p, 896
[39] Kautilya's Arthashastra, Trans by, R. Shamasastry, p, 371
[40] Ibid, 12.2: 462
[41] Ibid, 2.33.9: 180
[42] Ibid, 9.1.1: 406
[43] Arthshastra, p, 285
[44] Ibid, 10.3.1-2: 438
[45] Ibid, 7.11.16: 356
[46] Ibid, 7.14.18-19: 368
[47] Ibid, 8.1.29-30: 387
[48] Kautilya's Arthashastra, Trans by, R. Shamasastry, p, 540
[49] Ibid, p, 525-539
[50] Kautilya's Arthastra on War & Diplomacy in Ancient India, by Boesche, Roger, (Journal of Military History, Vol 67, No1, Jan, 2003, pp, 9-37)
[51] Arthasastra, Book 1, Ch 19
[52] Arthasastra, Book III, Ch 2
[53] Kautilya's Arthashastra, Trans by, R. Shamasastry, p, 224
[54] Ibid, 260
[55] With Arrow, Sword and Spear,.A History of Warfare in the Ancient World, by Alfred S. Bradford, p, 127
[56] Age of the Nandas & Mauryas, by K. A. Nilakanta Sastri, "Asoka & His Successors" in Sastri, p, 202-48
[57] Ibid, p, 235
[58] Asoka & Decline of the Mauryas by Thapar, p, 70-152-180-158
[59] Ancient India, by McCrindle: Megasthenes and Arrian p, 209
[60] Marx-Engels Selected Correspondence, p, 82
[61] Muhammad (pbuh): Islam's First Great General, by Richard A. Gabriel, p, 3-5, Published by the University of Oklahoma Press, Norman, 2007
[62] Selected Correspondence between Marx-Engles, p, 81
[63] Ibid, p, 81
[64] Muhammad (pbuh): Islam's First Great General, by Richard A. Gabriel, p, xviii-xix

[65] The Muqaddimah, by Ibn Khaldun, Trns by Franz Rosenthal, p, 350
[66] Muhammad (pbuh): Islam's First Great General,, p, 43-48
[67] Ibid, p, 49
[68] Ibid, p, xx-xxi
[69] History of Arabs, by Philip K. Hitti, p, 142 (Palgrave Macmillan, 1937-70)
[70] Ibid, p, 149-50
[71] Ibid, p, 173-4
[72] The Military 100, p, 232-34
[73] Great Captains Unveiled, by Liddell Hart, p, 6-7
[74] Ibid, p, 11-15
[75] The Military 100, p, 18-21
[76] Great Captains Unveiled, by Liddell Hart, p, 28-29
[77] 50 Battles That Changed the World, by William Weir, New Page Books, 2001
[78] Alexander the Great, Lessons from History's Undefeated General, by Bill Yenne, p, 6 (Palgrave Macmillan, 2010)
[79] Ibid, p, 10
[80] The Greeks at War, from Athens to Alexander, by Philip de Souza, Waldemar Heckel p, 7-8
[81] Alexander the Great, by Bill Yenne, p, 3-5
[82] The Decisive Wars of History, by B. H. Liddell Hart, p, 25
[83] Roman Warfare, by Adrian Goldsworthy, p, 24-25 (Smithsonian Books, 1999- Cassell & Co 2002)
[84] Ibid, p, 32-33
[85] Ibid, p, 115-16
[86] Hannibal, Ancient World Leaders, by Clifford W. Mills, p, 15-18 (Chelsea House, 2008 by Infobase Publishing)
[87] Decisive Wars of History, by B. H. Liddell Hart, p, 29-30
[88] Ibid, p, 31
[89] Battle BC, Hannibal: The Annihilator, History Channel Documentary
[90] The Military 100, p, 117
[91] Ibid, p, 132-3
[92] The Decisive Wars of History, by B. H. Liddell Hart, p, 34-35
[93] Ibid, p, 37-38-39
[94] Ibid, p, 39
[95] Ibid, p, 41
[96] Ibid, p, 44
[97] The Military 100, p, 23-24
[98] The Decisive Wars of History, by B. H. Liddell Hart, p, 45
[99] The Art of War, War & Military Thought, by Martin van Creveld, p, 17-50
[100] The Decisive Wars of History, by B. H. Liddell Hart, p, 55

[101] Makers of Modern Strategy, p. 15
[102] The Prince, Machiavelli, p. 73
[103] Ibid, p. 43
[104] Makers of Modern Strategy: Military thought from Machiavelli to Hitler, p. 17, Ed by, Edward Mead Earle (Princeton University Press 1952)
[105] The Prince, Machiavelli, p. 87
[106] Discourses on the First Decade of Titus Livius, by Machiavelli, p. 476
[107] Ibid, p. 63
[108] The Art of War, War & Military Thought, by Martin van Creveld, p. 67
[109] The Military 100, p. 25-27
[110] Great Captains Unveiled, by Liddell Hart, p. 40-66
[111] Conditions and Prospects of a War of the Holy Alliance Against France in 1852, by Engels
[112] The Art of Warfare in the Age of Napoleon, Gunther E. Rothenberg, p. 32
[113] Ibid, p. 11
[114] Ibid, p. 34
[115] Ibid, p. 35
[116] Conditions and Prospects of a War of the Holy Alliance Against France in 1852, by Engels
[117] The Decisive Wars of History, by B. H. Liddell Hart, p. 91
[118] The Conduct of War, by J. F. C. Fuller, p. 46 (First Published in 1961 & Reprinted 1979 by Methuen & Co Ltd)
[119] The Conduct of War, p. 42
[120] The Art of Warfare in the Age of Napoleon, Gunther E. Rothenberg, p. 46
[121] Revolutionary Spain, by Karl Marx (MECW Volume 13, p. 389)
[122] Conditions and Prospects of a War of the Holy Alliance Against France in 1852, by Engels
[123] Napoleon's Invasion of Russia, by R. G. Burton, p. 225-31(George Allen & Company, Ltd. New York 1914)
[124] The Military 100, p. 9-13
[125] Conditions and Prospects of a War of the Holy Alliance Against France in 1852, by Engels
[126] The Conduct of War (1789-1961), by J. F. C. Fuller, p. 42-58
[127] Ibid, p. 50
[128] The Conduct of War, p. 47
[129] The Ghost of Napoleon, by B. H. Liddell Hart, p. 102, First published in 1933 by Faber & Faber Limited & Greenwood Press Inc 1980
[130] The Art of War, by Baron Henri de Jomini, p. 5
[131] Ibid, p. 36
[132] Ibid, p. 165
[133] Ibid, p. 183

[134] Ibid, p. 166
[135] Ibid, p. 167
[136] Ibid, p. 167
[137] The Military 100, p. 102-4
[138] On War, by Clausewitz, Vol I, p. 39 (Translated by Colonel J. J. Graham, Barnes & Noble, Inc, New York, 1962)
[139] Ibid, Vol I, p. 13
[140] Ibid (Book 4, Ch II) p. 260
[141] Ibid, Vol-I, p. 245
[142] Ibid, Vol-I, p. 10
[143] Ibid, Vol-II, p. 134-5
[144] The Military 100, p. 85-87
[145] On War, by Clausewitz, Volume I, p. 30
[146] The Conduct of War, by J. F. C. Fuller, p. 75-76
[147] Makers of Modern Strategy, by Edward Mead Earle, p, 83
[148] The Conduct of War, by J. F. C. Fuller, p, 76
[149] The Decisive Wars of History, by B. H. Liddell Hart, p, 91-92
[150] Marx & Engels, Collected Works, Volume 40, p. 241
[151] Correspondence between Marx-Engels, p, 97
[152] Anti-Duhring, by Engels, p. 214
[153] Ibid, p, 216
[154] Ibid, p. 220
[155] Karl Marx, Capital, Vol-I, p, 751 (Eng Ed, Foreign Language Publishing House, Moscow, 1954)
[156] Engels, "Possibilities & Perspectives of the War of the Holy Alliance Against France in 1852" (CW, Vol-7, 1956, p, 509)
[157] Conditions and Prospects of a War of the Holy Alliance Against France in 1852, by Engels
[158] Revolution and Counter-Revolution in Germany, (Ch 17) by Marx & Engels, Selected Works, Volume I, p, 300-88
[159] Correspondence, Engels to August Bebel, 19 Sep, 1891
[160] Marx-Engels, Collected Works, Vol-42, p. 258
[161] Anti-Duhring, by Frederick Engels, p, 212-19
[162] Guerrilla Warfare, by Lenin, CW, Vol 11, p. 213-223
[163] Lenin, CW, Vol. 11, p. 189-93
[164] Guerrilla Warfare, by Lenin, CW, Vol 11, p. 213-223
[165] Ten Days that Shook the World, by John Reed (Ch: 2)
[166] The Crisis Has Matured, by Lenin, CW, Vol 26, pp. 74-85
[167] Makers of Modern Strategy, p, 326
[168] Memoirs of a British Agent, by R. H. Bruce Lockhart, pp, 239-40
[169] Lenin, CW, Vol 31, p. 17-118

[170] Lenin, CW, Vol 26, pp. 22-27
[171] The Decisive Wars of History, by Liddell Hart, p, 146
[172] Lenin, Collected Works, Vol 26, p, 179
[173] Lenin, CW, Vol 23, p. 77-87
[174] Lenin, CW, Vol 31, p, 70
[175] The Art of War in the World History, Ed by Gerard Chaliand, (Vol I-II), p, 921-25
[176] The Military 100, p, 139-40
[177] Lectures on Field Service Regulations II by J. F. C. Fuller, p, 30
[178] History of Second World War, by Liddell Hart, (Published by Cassell & Company Ltd, 1970)
[179] Decisive Wars of History, by Liddell Hart
[180] ibid, p, 150
[181] Ibid, (2nd Ed) p, 298
[182] Ibid, p, 147-57
[183] Strategic Culture & Ways of War, An Historical Case, p, 1
[184] Decisive Wars of History, by Liddell Hart, p, 141-5
[185] Art of War, by Sun Tzu, p, 7-11
[186] Panzer Leader, by Heinz Guderian, p, 39-46 (London, Michael Joseph, New York, Dutton, 1952)
[187] Decisive Wars of History, by Liddell Hart, (2nd Ed) p, 292
[188] Ibid, p, 294
[189] History of Second World War, by Liddell Hart, p, 71-75
[190] Strategic Military Deception, p, 195 Ed by, Donald C. Daniel & Katherine L. Herbig (1981)
[191] Strategic Military Deception, p, 224-30
[192] Revolution in China and In Europe, by Karl Marx in New York Daily Tribune, June 14, 1853 (Collected Works: Vol 12, p, 93)
[193] Selected Works, by Mao Tze Tung , p, 180
[194] Ibid, (Vol I) p, 182
[195] Ibid, (Vol I) p, 188
[196] Ibid, (Vol II) p, 82
[197] Art of War, by Sun Tzu, p, 5
[198] Selected Works, by Mao Tze Tung, (Vol I) p, 196-99
[199] Ibid, (Vol I) p, 204
[200] Ibid, (Vol I) p, 202
[201] Ibid, (Vol I) p, 190
[202] Ibid, (Vol II) p, 78-9
[203] Ibid, (Vol II) p, 82
[204] People's Army, People's War, by Vo Nguyen Giap, p, 45 (Foreign Language Publishing House Hanoi, 1974)

[205] Ibid, p. 30-31
[206] Ibid, p. 56-57
[207] Ibid, p. 142
[208] Ibid, p. 86
[209] Ibid, p. 112-13
[210] Ibid, p. 33
[211] Ibid, p. 37-38
[212] A History of Warfare, by John Keegan, (Hutchinson, Britain, 1993) p. 56
[213] Anti-Duhring, by Frederick Engels, p. 212
[214] The Art of War, by Baron Henri de Jomini, p. 65
[215] Wu Zi's Art of War, Trns by Ooi Kee Beng, (Chinese Strategists, Beyond Sun Zi's Art of War) p. 55
[216] Decisive Wars of History, by Liddell Hart, p. 189
[217] Lectures on F.S.R II by J. F. C. Fuller, p. 1
[218] Clausewitz in the Twenty First Century, Ed by Hew Strachan & Andreas Herberg Rothe, p. 143
[219] Selected Works, by Mao Tze Tung, (Volume I), p. 183
[220] Ibid, p. 186
[221] Art of War By Sun Tzu
[222] Conduct of War Since 1789, by J. F. C. Fuller
[223] The Art of War in World History, by Gerard Chaliand
[224] Art of War, by Sun Tzu
[225] The Military 100, p. xii
[226] The Muqaddimah, by Ibn Khaldun, Trns by Franz Rosenthal, p. 350
[227] The Art of War, by Baron Henri de Jomini, p. 29
[228] Wu Zi's Art of War, Trns by Ooi Kee Beng, (Chinese Strategists, Beyond Sun Zi's Art of War) p. 39
[229] Selected Works, by Mao Tze Tung, (Volume I) p. 187
[230] Selected Correspondence, by Karl Marx & Engels, p. 417
[231] The Muqaddimah, by Ibn Khaldun, Trns by Franz Rosenthal, p. 349-51



پڑھندڙ نَسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ "لُڙھندَڙ نَسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ جڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڑا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙھندَڙ، ڪَڙھندڙ، ڪُڙھندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪائُو، ياڃوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙَھندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگھجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان "**پڑھندڙ**" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيe-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙھندڙ نسل کي وَڌَڻ، ويجھَڻ ۽ ھِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَھڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڑھندڙ نسل (پَـنَ) کا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو کو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن کو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن کو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وٽن جا پَنَ ساوا، گاڙهـا، نيـرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٽي سڳهن ٽا. ہيـن لفظن ۾ پَـنَ کا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سي ڪَـم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪـم اُجرتي بنيـادن تـي بہ ٿِيـن. اهڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ هِڪَـئي جي مدد ڪَـرڻ جـي اُصـولَ هيـٺ ڏي وَڃُ ڪنـدا ۽ غيرتجـارتي non-commercial رهنـدا. پَـنَـن پـاران ڪتـابن کـي ڊِجيٽـائيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائيز ڪرڻ کان پو ہيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن کو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ پلي ڪمائي، رُڳو پَـنَـن سان اُن جو کو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پڑھندڙ نَسُل . پ ن The Reading Generation

پَڻ کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکَڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمتائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڇاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَياز علمَ، ڇاڻ، سمجهَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڇڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ چُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهِ پهاڙ چُپن ٿا؛

... ...

ڪالهَ هُيا جي سُرخ ڪُلن جيئن، اڄ ڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڇڻ گوريلا آهن.....

... ...

هي بيتُ اَڄي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساڻي آ،

جنهن رِڙ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساڻي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڻَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَـنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽنر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ ڪان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهـڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ "منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَـنَ پَـنَ جو پڙلاءُ".

ـ اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)